# نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي لغت

(جديد شاعرن جي لغت واري رٿا جي سلسلي جو جلد ـ 1)


**مؤلف**

ميرمحمد پيرزادو



سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2018ع

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (312)
حق ۽ واسطا محفوظ

# نياز همايونيءَ جي شاعريءَ جي لغت

مؤلف: مير محمد پيرزادو
ڇاپو پھريون: 2018ع
ڪمپوزنگ: حسين احمد ميمڻ
ٽائيٽل: اسد الله ڀٽو
تعداد: 1000
قيمت: 500/- روپيا
ناشر: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان

Printed under Dictionary Board Scheme

**Catalogue Reference**
Pirzado Mir Muhammad
Niaz Hamayooni ji Shaeree ji Lughat
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-089-0

**Niaz Hamayooni ji Shaeree ji Lughat**
By: Mir Muhammad Pirzado
First edition: February. 2018
Quantity: 1000
Price: Rs.500/-
Composing: Hussain Ahmed Memon
Title: Asadullah Bhutto
Published by: Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan.
Tel: 022-9240050-3
Fax: 022-9240051
E-mail: contact@sindhila.edu.pk,sindhila@yahoo.com
Website: www.sindhila.org
Printed by: M/S Ali Hussnain Printers & Process, Hyderabad, Sindh.

# ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران سنڌي ٻوليءَ جي مختلف علمن، اساسي ادب ۽ شاعريءَ کان پوءِ عام استعمال جون لغتون تيار ڪري پڌريون ڪرڻ لاءِ ”سنڌي ڊڪشنري بورڊ“ جي سري هيٺ هڪ الڳ شعبو قائم ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ’مفصل سنڌي لغت‘ کان پوءِ ٻين مختلف لغتن تي ڪم جاري آهي. هڪ ذيلي رٿا هيٺ جديد شاعرن جي ڪلام جون لغتون تيار ڪرائڻ بہ سنڌي ڊڪشنري بورڊ جي رٿائن ۾ شامل آهي.

”نياز همايوني جي شاعريءَ جي لغت“هن سلسلي جي لغتن جو پهريون جلد آهي، جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي. توڙي جو جديد شاعرن جي شاعري ڪا ايتري اساسي نہ آهي، جو سمجھ ۾ نہ اچي، پر هر شاعر پنهنجي خوبصورت شاعري کي، سنڌي ٻوليءَ جي انوکن لفظن ۽ اصطلاحن سان سينگاريو آهي. جنهن کان اڳ جديد شاعرن مان استاد بخاريءَ جي شاعريءَ جي لغت ’اکر اکر آرسيءَ‘ جي نالي سان ڇپرائي وئي آهي.

جديد شاعرن جو لغوي خزانو نہ صرف لغت نويسيءَ جي حوالي سان اهم آهي، پر ان سان گڏوگڏ انهن لفظن ۽ اصطلاحن جو شاعريءَ ۾ استعمال بہ اهم حيثيت رکي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو پنهنجي سر هنن اهم رٿائن جي تڪميل لاءِ پوري ڪوشش ڪري رهيو آهي، اسان هميشہ پڙهندڙن جي همٿ افزائي جا مشڪور رهيا آهيون، اميد تہ هي لغت پسند ايندي، ۽ سنڌي ٻولي ۽ ادب جا شاگرد ۽ عام ادبي ذوق رکندڙ هن مان ڀرپور فائدو وٺندا.

پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ

20 جنوري، 2018
حيدرآباد، سنڌ

# پنهنجي پاران

نياز همايوني اسان جي سنڌي ٻوليءَ جي جديد شاعرن ۾ وڏو ناليوارو شاعر هو. هو ڪلاسيڪل ادب/ شاعريءَ جو ڄاڻو هو. ڪيس عربي ۽ فارسي ٻولين تي مَلِڪو حاصل هوندو هو. پاڻ طب جو ڄاڻو هئڻ ڪري ان جا لفظ بہ شاعريءَ ۾ ڪم آندا اٿس. جيئن ”رتن جوت“ وکر کي ”رتانڻ“ ڪري ڪم آندو اٿس.

لفظن جو ڄڻ تہ وينجھار هو. جيترا لفظ سندس هڪ ڪتاب ۾ آهن، اوترا ٻين جي چئن ڪتابن ۾ بہ نہ آهن. سنڌيءَ جا متروڪ ٺيٺ لفظ پڻ شاعريءَ ۾ ڪم آڻي، انهن کي جياري ويو آهي. لوڪ صنفون نئين زاويئي ۽ جديد پيرائي ۾ چيون اٿس. سندس شاعري فڪري توڙي بحر وزن جي لحاظ کان انتهائي پختي آهي.

هونئن تہ سيئي صنفون قابليت سان لکيون اٿائين، پر غزل ۽ نظم تي سندس ڪيل ڪم ڪڏهن بہ وسارڻ جهڙو ناهي. اسان ايندڙ صنفن ۾ سندس شاعريءَ ۾ ڪم آيل لفظن جي معنيٰ ڏسنداسون.

مير محمد پيرزادو — 20 نومبر، 2017ع

سڪرنڊ، سنڌ

# الف

- **آتي**: تيار، بيتاب، جلديءَ ۾، تيزيءَ سان، چاهيندڙ.

تنهنجا چَپ بہ عنابي ناهن، پنهنجي نگهہ بہ آتي ناهہ،
روح نہ آهي راس تہ ڪنهن کي پيار ڪرڻ جي چاتي ناهہ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 125)

- **آٿت**: ڏڍُ، آسرو.

راڄن جي جنهن ريت نہ چاتي ڪنهن کي پنهنجو چوندي ڇا؟
ناهي پنهنجي پيرن تي جا، ٻئي کي آٿت ڏيندي ڇا؟!

(سِنڌوءَ جي ساکَ: 39)

**آٿ تان لاهڻ**: چڙهي بيٺل ڳالهہ تان ٿارڻ، شوق تان لاهڻ.

گهڙيءَ ۾ تولو گهڙيءَ ۾ ماسو، هرڪا بات بحال بلي!
ڪير جو توکي آٿي تان لاهي، ڪنهن جي ناهہ مجال بلي!

(سِنڌوءَ جي ساکَ: 75)

- **آٿو**: ضد، رايو، ريچَڪُ، پنهنجي خواهش تي بَضِد ٿي بيهڻ.

ٻيرن چاڙهي سُرَها پِيلا گل، ورڪا ڪئي ٿي واٿن تي،
جن کي ڏسندي هِرِڪيو هرڪو گهمڻ ڦرڻ جي آٿن تي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 140)

- **آچار**: لائق شيءِ، حال سارو.

ڪنهن جي ديد ۾ دولت هئي، ڪنهن عهدن جو ٿي آرُ گهُريو،
جنهن جي جهڙي حيثيت هئي، تنهن تهڙو ٿي آچارُ گهُريو.

(سنڌوءَ جي ساک: 46)

- **آڇَ**: پيشڪش، ڏِيڻُ.

تون جي ان تي راضي ٿئين ٻي حجت ڪين هلائِي وجي،
راڄ چَيو مچ آڇَ اسان جي ڇا لاءِ ڳالهہ وڌائي وجي.

(سنڌوءَ جي ساک: 36)

- **آداب:** اخلاق، اُٿڻي وِهڻي، رَوَيا.

تنهنجي ماحول ۽ فطرت کي اسان اصل کان ڄاڻون ۽ سُڃاڻُون،
سنڌ آداب ۽ ارڪان، سنڌ اهل کان ڄاڻون ۽ سڃاڻُون.

(ڌرتيءَ جا گيت: 136)

- **آدرش:** چڱائيءَ جا اصول، جنهن جي آڌار تي ڪاميابيون ماڻجن.

سونهن جي ساک ۽ نيڪيءَ جو ننگ،
هيءَ اسان جي آدرش، اِيقان ارڪان آهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 136)

- **آدر ۾:** آدر ڀاءُ ڪرڻ، آجيان ڪرڻ، مانُ ڏيڻ.

دودي جو ايمان اسين ٿا وڙهون وطن جي واهر ۾،
مرڻ جيئڻ ۾ مان اسان جو رهڻو آهي آدر ۾.

(سنڌوءَ جي ساک: 70)

- **آدمُ بوءِ:** ماڻهو مارينڌڙ جي ماڻهون لاءِ ڳولا.

آدم بوءِ چَئي هرڪو وينو ثابت پنهنجو صلو ڪري،
آهي ڪو جو سچ لئي کان پوءِ اُٿي انهن جو بلو ڪري.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 286)

- **آدم زاد:** انسان جي اولاد، انسان پيٽان ڄاول.

آدم زاد آهين يا بس،
گدڙ بگهڙ ۽ شير آهين!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 134)

- **آڌار:** نمونو طريقو واهر، مددگاري، آسرو هٿ ڏيندڙ.

جيڪي اڄ ويچاريو ويندو رهندو، سو ويچار هميشه،
مستقبل کي وٺڻو پوندو، ماضيءَ جو آڌار هميشه.

(سنڌوءَ جي ساک: 60)

- **آڏيڙن ۾:** ڏکن ڏاڍن ۾، رولاڪن ۾، پريشانين ۾.

آس نراس جي آڏيڙن ۾، ويٺر تي تقدير اٽائي،
تدبيرن ڪئي ڪانه سٽائي اوندھ اُپڙي اوريان پريان،
ڳوڙهن ۾ ڪا ڳالهه ڪريان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 23)

- **آڏا:** ڏکيا، وروڪڙ، تڪليف ڏيندڙ دوبدو.

آڏا ڏونگر ڏاڍ تڏهن پي چاتي تاٽي هلٽو آ،
گولين سان منهن گهوٽ ٿي ڏيندا پُنتِي پير نه هٽو آ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 87)

- **آڊوڪيون:** پُسَڙَ کان پوءِ ايترو سُڪَڙُ جو ان ۾ هلڪي پوسل اجا موجود هجي.

راتيون مون تي گذريون گهٽيئي اٽتيهيون ته چانڊوڪيون پي،
اهنج ۽ هيج ۾ اکڙيون ٽيڙم ڪَڪِڙيُون پي، آڊوڪيون پي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 122)

- **آرُ:** حصول، لالچ، دانُ، گهُرَ، مطالبو انگل.

ڪنهن جي ديد ۾ دولت هئي، ڪنهن عهدن جو تي آرُ ڪيو،
جنهن جي جهڙي حيثيت هئي، تنهن تهڙو تي آچارُ ڪيو.

(سنڌوءَ جي ساک: 46)

- **آرانيپيُون:** هڪڙي برندڙ ڪانيءَ کي ٻڙندڙ باهه مان برندي ڪيڊبو ته اُها اماڙي يا چُوچڙي سڏبي، پر جيڪڏهن اهڙيون چند برندڙ ڪانيون گڏي ڪٽبيون ته اها آراپي سڏبي.

ساوڻ مينگهه ملهار الا پنهنجي اکڙين ۾ آرانيپيون هوءِ،
اُڏِمن جا آڙاهه پلا ڪيئن سيني اندر سانيپيون هوءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 235)

- **آرزُو:** اميد، خواهش، چاهنا.

اسان جي عشق جو جنهن آرزوءَ تي انحصار آهي،
اُها پوري بہ ٿيندي يا نہ، ڪھڙو اعتبار آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 210)

• **آرس هاٽيون:** ٽڪيل، اوجاڳيل.

تنهنجون اکڙيون آرس هاٽيون، جن ۾ ڪيپ جوانيءَ جا،
جيڏيون تولئہ جان گنوائي مُنجَنِ ڇلا مهمانيءَ جا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 113)

• **آرڪري:** انگلُ ڪري، خيال اوري.

اورا ڪورا هيڪاري ڇئي ايندس اکڙيون چار ڪري،
ليڪن هن کي اندر واري، روڪيو پنهنجا آر ڪري.

(سنڌوءَ جي ساک: 57)

• **آريا ڏاريا:** نوان آيل، پاڻ کي پاڻهين اجايو سجايو سُڌِرَيلَ سڏائيندڙ.

اسين نہ ڄاڻون آريا ڏاريا اسين دراوڙ پنهنجن جا،
توڙي پنهنجا پريت پراهان تڏهن بہ سامي سَنهنجن جا.

(سنڌوءَ جي ساک: 76)

• **آرين پارين:** هنن وَصَفُنِ سان، هنن اهڃاڻن سان، انهن نيشانن سان.

ان ڪان علاوه هنن ڪان ٻيا ٻِي اُبتا ڪم بيگاهہ ٿيا،
اهڙي آرين، اهڙي پارين ڏاريا ڏوڏ تي شاهہ ٿيا.

(سنڌوءَ جا ساک: 50)

• **آڙاهہ:** مَڄُ، تمام گهڻا ۽ وڏا ٻرندڙ ٽانڊا.

ساوڻ مينگهہ ملهار الا، پنهنجي اکڙين ۾ آرانيِيون هوءِ،
اڏمن جا آڙاهہ ڀلا ڪيئن سيني اندر سانيِيون هوءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 235)

• **آڙي:** ڍنڍ جو پکي.

منهنجي دادل جي ديهہ ۾ آڙي،
آڙيءَ جو گهُر تڙ ـ ناڙي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 39)

- **آس اورانگهڻ:** جدا ٿي وڃڻ، موڪلائي وڃڻ، جذبن جو خيال نہ رکڻ.

اوسيئڙا ٿا آس اورانگهن، تانگهہ ٿي پوبان پير ڪٽي؛
آءُ ٿي گهاريان چَندَ ٻٽي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 32)

- **آسيس:** بچاءَ جون دوائون، اُلڪا.

پينر پنهنجي پائن لئہ آسيس اِلاهون ڪرڻ لڳيون،
نياڻيون پنهنجا نيڻ ڪٽي ۽ نيرُ وهائي جُهرَڻ لڳيون.

(سنڌوءَ جي ساک: 46)

- **آشتي:** امن، سڪون، آرام، عزتِ نفس جي بحاليءَ واري صورتحال.

هيءَ جنگ آهي عوام جي جنگ پنهنجي حق جي واپسيءَ جي لئہ،
هيءَ جنگ آهي عوام جي جنگ، عالمي امن ۽ آشتيءَ جي لئہ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 482)

- **آشنائي:** واقفيت، ڄاڻ سڃاڻ، رلي مَلي وڃڻ، پنهنجائپ پيدا ڪرڻ.

هتي جي بہ پنهنجا پراوا اچن ٿا سي هڪبئي جا ساٿي ۽ همراز آهن،
گهري آشنائيءَ جا موقعا ٿو هرڪو وفادار ياريءَ جا انداز آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 179)

- **آفت:** مصيبت، بنا توقع جي اوچتو آيل قدرتي عذاب.

ڏارين جو ڪو ڏوڏ نہ هو نہ ڪي ازغيبي ڪا آفت هئي،
هرڪو ماڻهو ساٿيہ جون ساٿي سک جي هرڪا ساعت هئي.

(سنڌوءَ جي ساک: 27)

- **آڪڙ جو آگم ٿي وڃڻ:** آڪڙ جو آسمان تي چڙهي وڃڻ يا چوٽَ تي چڙهي وڃڻ.

چڙهندي انڌ جي گهوڙي تي ۽ آڪڙ ويندي آگم ٿي،
مون کي چا معلوم تہ تون ڪو اصلي اهڙو ظالم ٿي.

(سنڌوءَ جي ساک: 73)

- **آکھ:** ڪٽنب، نسل، پڇاڙ.

هي دهشت گرد ۽ ڏاڙيل سڀ ارغون جي آکھ
وِڏو جن لوڪ کي گهائي، زمانو ڇا نہ ٿو ڄاڻي!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 279)

- **آڳاهون ٿيڻ:** ويجهو وڃي پهچڻ، نزديڪ ٿيڻ.

پنهنجي منزل ڏانهن وري هن واڳ ورائي همت سان،
ساڳئي جوش ۽ جذبي آهر آڳاهون ٿيو جرئت سان،

(سنڌوءَ جي ساک: 58)

- **آڳر ۾:** اڳيان اڳيان، صحن ۾، سامهون.

مرڻ جيئڻ ۾ مان اسان جو رهڻو آهي آدر ۾،
پوءِ نهارڻ پاراتو ٿيو جوڌا! جنگ جي آڳر ۾.

(سنڌوءَ جي ساک: 70)

- **آڳن جو اڳواڻ:** سامهون ٿي وڙهندڙن جو سردار.

ياڳا ٿي پيو ياءُ جي پيد ۽ ويرين جي وَڏَ ساڻ اَبول!
ساٿ سڄي کي ولهو ڪري ويو آڳن جو اڳواڻ، ابول.

(سنڌوءَ جي ساک: 71)

- **آڳن ڏٽي:** سرنديءَ وارا جن جي اڳڻن، آڳنڌن يا اوطاقن تي آين وين لاءِ انتظار ڪرڻ مشهور هو.

تنهنجا هٿ اوسيئڙن جا ٿي ويا واڳن ڏٽي،
تنهنجي در پانڌي هئا سڀ تون هيئن آڳن ڏٽي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 153)

- **آلاپي:** ڏکيءَ ڇڪ واري آواز سان ڳائي، وڏيون تنوارون ڪري.

بئنسريءَ تي بيت آلاپي ٿي جن دل باند ڪئي،
تن حليهن جي حياتي ڏوجهرن ڪيڪاند ڪئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 154)

- **آمر:** ظالم، مطلق العنان، ڏاڍ ڪندڙ، راتاها هڻندڙ.

هي وطن جاگير ناهي ڪنهن بہ آمر فرد جي،
جاءِ هت هرگز نہ هوندي ڪنهن بہ جابر فرد جي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 69)

- **آمريت:** مطلق العناني، ظالماڻو نظام، جمهوريت جو ضد، هٺ ڌرمي.

هيءَ ظلم، ظلم جي خدائي اسان کي مسمار ڪرڻي آهي،
دراز دستي، هي آمريت مات، مُردار ڪرڻي آهي.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 482)

- **آنگاس:** نيزو، جهنبدي ٽنگڻ لاءِ ڪم ايندڙ سگهي لڪڙي.

پريان هئي ڪا وسندي، جنهن ۾ هئو مڪان فقيرن جو،
اڱڻ مٿي آنگاس اڀو، هيءُ ئي هو نشان فقيرن جو.

(سنڌوءَ جي ساک: 48)

- **آهہ:** دل مان نڪرندڙ اُڀڙاڪ، سورن جي اظهار جي آوازي ڪيفيت.

اڇو تہ ان سماج کي جلايون دل جي باهہ سان،
جلي نہ جو آهہ سگهيو ستم رَسَيِن جي آهہ سان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 109)

- **آهر:** مطابق، حال سارو، آڌر آسرو.

پر هيءُ شرط تہ راڄوٽيءَ جي ريت نہ ڪائي ڇڏڻي آهہ،
توکي هرڪا ڳالهہ مون سان پڻ ان جي آهر ڪرڻي آهہ.

(سنڌوءَ جي ساک: 30)

- **آهہ وزاري:** دانهون، ڪوڪون، رڙيون، گهل گهوڙا.

دلين جا رابيل منهن لڪائي ڇو اشڪباريءَ ۾ ٽا گذارين،
فراق وارا وصال آئي ڇو آهہ و زاريءَ ۾ ٽا گذارين.

(ڌرتيءَ جا گيت: 133)

- **آهون:** دانهون.

دٻجي وئي دل آهن ۾ جڻ ڪوهہ اندر شهونگ،

واهون واڳونءَ وات، الا! هيءَ ڪاري ڪاري رات!

(ڏرتيءَ جا گيت: 25)

- **آهون اِلاهون:** داهون، ڪوڪون، رڙيون، سڏ، واڪا.

بولي بہ تون، منهنجي لولي بہ تون،
منهنجون آهون اِلاهون بہ تون!

(ڏرتيءَ جا گيت: 79)

- **آئتي نپتي:** نياڻي، ري- اولاد، ڏائڻ، پتَيلِ.

باهہ جا پڙڪا پڙڪي چوڏاري ٿي چٽنگون چنبي،
ان مان هرڪا آئتي نپتي، پنهنجي پنهنجي جهول پري!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 302)

- **آئي:** مصيبت، ڏچو.

ڪهڙو باوَرُ هي جي پڻ پڳدار ٿئي ها راڄن جو،
ملڪ اڄي ها آئيءَ ۾ بڻ غار ٿئي ها راڄن جو.

(سنڌوءَ جي ساک: 59)

- **آئيءَ ۾ آڻڻ:** ڏچو پيدا ڪرڻ، مصيبت ۾ مبتلا ڪرڻ.

ماڻهون هونئن تہ ماڻهون آهي، پر جي اڄي ٿو پنهنجيءَ تي،
سڀ ڪي آئيءَ ۾ ٿو آڻي نہ ٿو اڄي ڪنهن سنهنجيءَ تي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 138)

- **آيل:** ماءُ.

منهنجي آيل جي وڏندڙ واڙي،
واڙي تہ وائنِ ساڙي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 39)

- **ابابيل:** ننڍڙا پکي جيڪي صبح سانجهيءَ پوکن تي ولر ڪري اُڏامندا آهن ۽ ان مان جيت پڪڙيندا آهن.

ائن جون قطارون ابابيل بنجي ارهہ ڪي ڦنڊائي هليون هير وانگي،
هي گوڏن تي گهنگهرو، هي ڳانا ڳچين ۾ قدم ڇم ڇما ڇم لڏن هير

وانگي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 176)

- **ابتاڪم:** غلط ڪم، قانون ۽ انساني حقن خلاف ٿيندڙ ڪم، اَوَلا ڪم.

هوڏين جو هيءُ پهريون هاڃو جنهن جو ٻَڪُ فقراهه ٿيا،
ان کان علاوه هنن ڪان ٻيا پڻ ابتا ڪم بيگاهه ٿيا.

(ساٽيهه جي ساک: 50)

- **ابتر:** خراب، بڇڙو برتر، نه ڏسڻ جهڙو.

مدتن کان پوءِ تن جو حال ابتڙ تو ٿئي،
شمع جان جلندا ويچارا جيءُ جلائي ٿا چڙن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 136)

- **ابتيون سُبتيون:** هيڏانهن هوڏانهن جون غلط سلط.

ڪوچ ڪيو سلطان ۽ لشڪر مڪڙن جيان روپاهه مٿي،
ابتيون سُبتيون گوهيون ڏيندڙ لغڙن جيان روپاهه مٿي.

(ساٽيهه جي ساک: 46)

- **ابد:** ممڪن ايندڙ وقت تائين.

پاڻ گڏجي جلائي هئي سون جا مشعل،
سا مشعل ابد تائين جلندي رهندي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 146)

- **ابدالي:** احمد شاهه ابدالي، جنهن سن 1754ع ۾ سنڌ مٿان حملو ڪيو هو.

ارڙهين صديءَ جي اپري ڇاتي، سچل سڪ جي ڳاني پاتي،
جنگ اچي ابداليءَ لاتي، ڪير پاپيءَ سان پُڇي،
تاسرڙو تو وڃي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 91)

- **ابرڪ:** اهو چلڪيدار ٻورو جيڪو ڪپڙن کي هٽبو آهي.

جن جو جوڀن آهي اڄ ڪلهه اوج تي اِدرڪ جيان،
تن کي توڪان ئي ملي سو پيائي اچي اجرڪ جيان.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 155)

- **ابرنسان:** تيز وسندڙ مينهن.

هو آدميت جو دردمند ۽ اهل انسان، عظيم لينن،
هو علم جو بحر، عقل، دانش جو ابرِنيشان عظيم لينن.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 481)

- **ابرهه:** عرب نسل جو يمني بادشاهه جيڪو هاٿين جو لشڪر وٺي، ڪعبي کي مسمار ڪرڻ آيو هو ۽ خدا ان تي ابابيل بڇيا، جن ٺهنگا هڻي ۽ هاٿين کي پڇائي ڪڍيو هو.

ماڻهون هر جي چُني آهي ته ماڻهون ڏاند جو ڏيل به آهه،
ماڻهون ڪڏهن ابابيل آهه ته ڪڏهن ابرهه وارو فيل به آهه.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 135)

- **ابليس:** شيطان، خدا کان پري ڪندڙ جناتي مخلوق.

ماڻهون جي انسان ٿئي، ابليس نه پنهنجو داءُ هڻي،
جڳ مان ڏوڙيا دور ٿين سڀ واڇوڙو به نه واءُ هڻي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 133)

- **ابول:** افسوس ڇا ڪجي، بي وسيءَ جو اظهار.

دودو مرد مٿير الاڙي سنڌڙيءَ جو سرواڻ ابول،
ياڳا تي پيو پاءُ جي پيد ۽ ويرين جي وڍ ساڻ ابول.

(ساڻيهه جي ساک: 71)

- **ابوءِ:** افسوس، الوهه رک ڏٽي تي، ڇا ڪجي.

ڪڏهن ته لال ڪنوار هُئينءَ اڄ ته بيوَهه جيان بيحال ابوءِ،
جيجل تنهنجي جهول کي جس پر دل وارن جو ڪال ابوءِ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 82)

- **ابهام:** وڏاءُ، غلط بياني.

اسان اڄ ڪيو چنيسر سان واعدو ۽ انجام اهو،
ظاهر آهه بيانُ سمورو ناهي ڪو ابهام اهو.

(ساٽيھ جي ساک: 44)

- **اُباٽجڻ:** ڦِٽَڻُ، رنگ لھڻ.

رَچي جي هيڪر ريٽائي ويا ڪين اُباٽيا اُوءِ وري،
ڪنپ نہ ڪاري ڪنهن پر تنهن ڪي، هالاريءَ جو هوءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 125)

- **اياڳڻ:** نياڳي، نحس.

آءٌ اياڳڻ مون لئہ چو ٿئي اَوَلي قوم سَياڳيءَ جي،
گھور مون ڪي بس سمجھ ائين جڻ ڇانوَ هجي ڪا سانجھيءَ جي.

(ساٽيھ جي ساک: 156)

- **آيَري:** حال هيٺي، ڏيري، ڪُهَيلَ.

اڙيءَ اڏيءَ اڙٻنگھ سدا، هرحالت ۾ هالار هيو،
مهمن جو مهندار، دلير ۽ ايرن جو آڌار هيو.

(ساٽيھ جي ساک: 157)

- **ايل تي:** پروسي تي، آڌار آسري تي، اعتبار تي، بَل بوتي تي، پنيرائيءَ تي، همت تي.

ڪانئر جڳ جون ڪاٽيون ڪيندي پاڻ کي ماري جيئن ٿا،
مرد سدائين پنهنجي ايل تي پاڻُ جياري جيئن ٿا.

(ساٽيھ جي ساک: 116)

- **اتاهون:** مٿاهون، وڏيڪ، سرس.

هن جي تاريخ جو انسان اتاهون سپ ڪان،
هن جي تهذيب جو منهن مان مٿاهون سپ ڪان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 75)

- **اتاهين سير:** اونهي سير، گَهَري سير.

ان ڪان اڳ جو ڇاتي تاٽي وِيرُ اتاهينءَ سير اڳيان،
مون ڪي موڪل ڏي تہ ٿيان مان پيش وجي بي پير اڳيان.

(ساٽيهہ جي ساک: 64)

- **اترڻ:** قسمت ڦٽڻ، بدحالي شروع ٿيڻ، خوشيون ساٿ ڇڏي ڏيڻ.

ظالم هونئن تہ ڏاڍا آهن، پر جي انهن جي اتري ٿي،
مظلومن جي آهہَ اٽانگهي اوئر ٿي جيئن اپري ٿي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 197)

- **اتساهہ:** دل رکڻ، همت وڌائڻ، چاهہ پيدا ڪرڻ.

اتساهہ وچان آسيس ڏئي پڙ راج ڪٽڪ جي ڪونڌر کي،
توتي آهي ننگ اسان پرتي پارت نينگر کي.

(ساٽيهہ جي ساک: 55)

- **اتهاس:** تاريخ، ماضيءَ جي ڪٿا.

انهي ئي عالم ۾ سرخ سج پنهنجي آب ۽ تاب ساڻ اڀريو،
رهيو ٿي اتهاس منتظر جنهن جو سو مرادن جو ماڻ اڀريو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 480)

- **اٿاهہ:** ماپ ڳڻ کان مٿي، ڀرپور، جنهن جو ڪوبہ ڇيهہ نہ هجي.

شعر سندم اقليم تہ آهيان آءٌ سڪندر دنيا ۾،
سورن پورن جو پيو جهاڳيان اٿاهہ سمندر دنيا ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **اُٿليا:** مٿجي ويا، پاسو بدلايائون.

ياڳ ڪري ويو برمنهن اٿليا وارا ڍئونگ نياڳ سندا،
آس، نراس ۾ متجي ويئي آيا ڏينهن ڏهاڳ سندا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 161)

- **اٿلي پوڻ:** پلتجي پوڻ، مٿان ڦري هيٺ ٿي وڃڻ.

دهشت ڏم درياءَ ۾ تيئن جيئن جوڏن جا جُولانَ ميان!
ڪاريهر ۽ ڪيهر بنجي اٿلي پيا انسان ميان!

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **اٽل:** اڻ ٽر، مڪمل، جنهن ۾ ڪوبہ گهاٽو واڌو ڪرڻ ممڪن نہ هجي.

عهدنامو جو هيو جاري ڪيل هن قوم لاءِ،
تنهن کي سمجهيو ٽي ويو بلڪل اٽل هن قوم لاءِ.

(ساٽيهہ جي ساک: 70)

- **اٽي مان وار ڪڍڻ:** غلطيون درست ڪرڻ، ڪردار صاف ڪرڻ.

ماڻهون پورا مٽي ڪنهڻ ۾، ڪير اٽي مان وار ڪڍي،
سڀ ڪو لانگڙ لاهہ ٽي وڻ جيان ڏار منجهان پيو ڏار ڪڍي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 268)

- **اُپاءُ:** حل، چينارو، سلجهاءُ، بندوبست.

مصيبت سان مقابلي جو بلڪل نہ رهيو لڳاءُ ڪنهن کي،
غضب جو گهمسان هئو گهڻُ پر سُجهيو نہ ٽي ڪو اپاءُ ڪنهن کي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 477)

- **اُپائي:** پيدا ڪري، فائدو ڏئي، اظهار ڪري، ڄٽي، ڦوٽهڙو ڪري.

درد اهو جو حسن جي هات جي هرڪا جوت پسائي ٽو،
جوت اُها جا جوش ٽي خلقي، جوش جو هوش اَپائي ٽو.

(ساٽيهہ جي ساک: 24)

- **اپٽار:** ذڪر ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ، ورجاءُ ڪرڻ، کولي چوڻ.

نيڪ آهي جا دودي ۾ اوهان سين اپٽار ڪئي،
پر هيءَ ريت اُها آهي جا ڪنهن نہ ڪڏهن اختيار ڪئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 34)

- **اپراڌي:** ڀهروپي، آپي مان نڪتل، پاپي، گنهگار، قصوروار.

هٽراڌي ماحول ۾ هرڪو ڪرت ڪري هٽراڌي هو،
ڇُڪڙي چاڙهي، پاڻ پڏائي وينو هر اپراڌي هو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 288)

- **اُپڙي:** وڏندي ايندڙ، سامهون ٽي بيهندڙ.

آس نراس جي آڌيڙن ۾ ويتر ٿي تقدير اٽائي،
تدبيرن ڪئي ڪانه سٺائي اوندهه اُپڙي اوريان پويان.
ڳوڙهن ۾ ٿي ڳالهه ڪريان!

(ڌرتيءَ جا گيت: 23)

- **اُجاڙ:** ختم، ڊاهي نام و نيشان مٽائي.

ڪو ڇا ويو گلن مان جڻ ته بوءِ پر ڪري وئي،
اجاءِ جڻ ڪي ماڙيون چمرجي ڇر ڪري وئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 30)

- **اجاگر ڪرڻ:** ظاهر ڪرڻ، بيان هيٺ آڻڻ، اظهار ڪرڻ.

هيءَ آهي تاريخ جي تختي جنهن تي اجاگر اکرن ۾،
دُرجُ آهي ان دؤر جو حال ته ساجهه هُئي ڇا سيرن ۾.

(ساٽيهه جي ساک: 26)

- **اجتماعي قوتون:** گڏيل طاقت، مڪمل زور.

عوام جي اجتماعي قوت، عوام جي لاءِ وقف آهي،
وسيع تر فن، علم، حڪمت عوام جي لاءِ وقف آهي.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 488)

- **اِجتِنابُ:** بيدادي، هٺ ڌرمي، قبضو پرهيز.

هيءُ وقت آهه اچو، اجتناب مردهه باد،
لڳايو نعرو، چئو انقلاب زندهه باد.

(ڌرتيءَ جا گيت: 67)

- **اُجرتون:** پگهارون، معاوضا، منافعا.

رهي نه جاگيردار، هارين جي قوتن ۾ قسمتن جو مالڪ،
ڪري جو محنت اُهوئي بنجي سماج ۾ اجرتن جو مالڪ.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 484)

- **اُجڪيون:** ڪجهه ڇوڙڻ لاءِ دل چاهي جو ڇئي نه سگهي، ڏاڪارا، اوپارا.

اُنن جون پيڪيون پٽن تي پٽڪيون، منهنجي اندر ڪي آيون اُجڪيون،
سانگين ساريو هليم هڏڪيون، شل ڪا اوٿ پوي اوٺارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **اجگر:** تمام گهڻي وزن وارو جبل جو ٽڪرو خوفناڪ

خالي خولي، باد مخولي منهنجو وِت بس ڪپڙو ڪاٺي،
تڏهن بہ اجگر آهيان آءٌ، اوڙو منهنجو نانءُ!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **اجل:** موت.

ڪارو اکين ۾ ڪجل، اوبالو!،
تنهنجو عشق اجل، اوبالو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 51)

- **اجنبي:** اوپرو، نئون، اڻ واقف.

اجنبي ٿيا ساز ڪان سُرَ، ساليڪاٺي مارئي!
هاءِ، جيجل مارئي، راڄن جي راڻي مارئي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **اجهل:** روڪڻ ڪان زور، جيڪو جهل پل ۾ نہ اچي.

پنهنجي افتاد جو پُلجي بہ نہ ڏنوسين ڪڏهن ڏوهہ خداءِ کي،
نہ وري ظلم جو سمجهيوسون، سبب ان جي اجهل قدرقضا کي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **اُجهن:** وسامن، موت ڪائن، مزو ڇڏڻ لڳن.

هي آڙاهہ اٽاوا جيڪي اجهن نہ ٿا اوڙاهن ڪان،
يار نياز پناهہ گهرون ٿا، يادن جي راتاهن ڪان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 138)

- **اجيڏڻ:** فرق رکندڙ هڪ جيڏي هوندي بہ ايئن نہ سمجهندڙ.

يار! اجيڏڻ جڏهن ٿئي دل هيڪاندي دل وارن سان،
پوءِ جدائي کهڙي آهي، ڪر نہ پچار پيارن سان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 287)

- **اچانڪ:** اوچتو، فورن، تڪڙ ۾.

تنهنجي لوئيءَ تي اندر ڪاڻِ ائين چڪتاڻ ڪئي،

جڻ تہ اچانڪ جُلهہَ گهوڙي سوار تي ڪتياڻ ڪئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 150)

- **اُچائِي:** سرسي، چڙهائي، مٿاهين حيثيت.

توتي مانجهي متارن جو سايو هجي،

توتي ڪنهن جي اُچائي نہ ڪوئي سهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 80)

- **اُچائي جو:** اچائڻ، جهيڙي يا جنگ جون حالتون پيدا ڪرڻ.

ٻئي ڏريون هڪ دين مجيندڙ پوءِ بہ عزم لڙائيءَ جو،

هرڪو امن امان جو طالب پوءِ بہ اکر اچائيءَ جو.

(ساٽيهہ جي ساک: 54)

- **اُچائي ڪرڻ:** اڳرائي ڪرڻ، ڪئونس ڪرڻ، جهيڙو ڪرڻ، تنگ ڪرڻ.

هنن بہ ڏاڍا وس ڪيا پر قسمت ڪانہ سٺائي ڪئي،

نيٺ اهي ئي قيد ٿيا جن ڪنهن سان ڪانہ اُچائي ڪئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 49)

- **اچرج:** عجب ۾ وجهڻ، راز فاش ڪرڻ.

پونگر آيو اچرج ۾ چي راڻي تون هي چا ٿي چوين،

ڳالهہ نہ جيڪا منهنجي ڳڻ جي زور ڪري تون سا ٿي چوين.

(ساٽيهہ جي ساک: 31)

- **اِچائون:** سَڌوُن، اميدون، آسُون، آسِرا.

ڪا لکائي نہ ٿي پئي تہ ڪنهن اهنج هوندي بہ،

تنهنجون اچائون ڪي ارهيون هيون!

(ڏرتيءَ جا گيت: 145)

- **اِحتراز:** پاسو ڪنارو وٺي.

جي يادگار ساعتون پکين جيان مِڙَن پيون،

انهيءَ ڪان روح ڪن پلا چو احتراز ساٿيو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 108)

- **احتساب:** حساب ڪتاب، ليکو چوکو جانچ پڙتال.

غلام قومن لاءِ خوشخبري آهه انقلاب بيشڪ،
جو امن، آزادي آهه ان جو اصول، احتساب بيشڪ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 487)

- **احساس ڪمتري:** گهٽتائيءَ جو احساس، گهٽ هئڻ جو وهم.

غريب انسان بيڪسيءَ کان رهيو ٿي احساسِ ڪمتريءَ ۾،
غلام ۽ خوار آدمي هو مدام پستيءَ ۽ ابتريءَ ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 477)

- **اِختِتام:** خاتمو پڄاڻي، رفع دفع ٿيڻ.

ان جي اختتام سان گڏ خاتمو ٿئي ان جي چاڙتن جو،
رهي نه باقي ڪا بوءِ انهن جي ته ڪو ٿئي ظاهر نشان انهن جو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 482)

- **اختيار:** رائج، عمل ۾ آڻڻ، ان تي هلڻ.

جڏهين ڪو غافل ٿيندو ان کي هي بيدار ڪندو،
ورتي واٽ اوهان اڄ جيڪا پونير سا اختيار ڪندو.

(ساٿيهه جي ساک: 53)

- **اخوت:** برابري، هڪجهڙائي، وڏ ننڍائيءَ کان پاڪ.

هت مساوات ۽ اخوت جي نظامت رهڻي آهه،
جو اصول اسلام جو تنهن جي قيادت رهڻي آهه.

(ڏرتيءَ جا گيت: 169)

- **ادرڪ:** سائي سنڌ (سبزيءَ ۾ پسارڪي وکر طور ڪم ايندڙ)

جن جو جوڀن آهي اڄ ڪلهه اوج تي ادرڪ جيان،
تن کي توکان ئي ملي سوڀيا اڇي ابرڪ جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 155)

- **اڏمن:** اندر مان نڪرندڙ جذبن.

تان ۾ تانَ ملائي هڪدم شرناين کٽي ٻاڦ ڪئي،
اڏمن دل ۾ ڏوڙيا لائي واڇوڙن جيان واد ڪئي.
(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **اڌرم:** لامذهب، مذهبن کان عاري، ناستڪ.

ڌرم جنين جو آهہ ديانت سي هيئن اڌرم ڪيئن ڪندا،
تو جهڙن بگهڙن جي حوالي ڪڏهن بہ ابهم ڪيئن ڪندا.
(ساٽيهہ جي ساک: 55)

- **اُڏيهيءَ کاڌل ڍينگر:** اڏيهي هڪ سنهڙو جيت آهي، جيڪو ڪاٺ ۽ ڍينگرن کي اندران ئي اندران کائي چٽيندو آهي.

ساڃهہ ڏسندين کهڙي سا اڄ پيٽ وِياءَ چنيسر کي،
اڏيهيءَ کاڌل ڍينگر رکندو پُختو ڇا ڪنهن پيهر کي.
(ساٽيهہ جي ساک: 40)

- **ارباب:** خاص ماڻهو، چڱهڙ، ساٿي.

چئينس تہ مون سان هوندا تابع منهنجا سڀ ارباب بہ پڻ،
تخت تہ توکي ڏياريندو پر ڏيندو کي القاب بہ پڻ.
(ساٽيهہ جي ساک: 42)

- **اربعا خطا:** غلطي ٿيڻ، ڀيوٽيءَ ۾ ڪوتاهي ٿيڻ، اڻ سوهندڙ واقعو.

کهڙي اربعا خطا ٿي ڙي ڏاڏيئڙا!
ڇاکئون ويچا وِڌا ٿئي؟ هيلو ڪو وري آءُ!
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 62)

- **اربيلي:** دادلي، ڇاهجندڙ، سڪيلڌي.

تنهنجو نينهن نهال ميان جڻ سُرَهي ڇانوَ چنبيليءَ جي،
سرما پائي، توکي تاڙي اک اک هر اربيليءَ جي.
(ساٽيهہ جي ساک: 113)

- **اُر پرڻ:** کوٽ جو پورائو ڪرڻ.

ماٺون پٽر پوڄي پوڄي پاڻ کي پاهڻ ڪري ڇڏيو،
تڏهن بہ ان جو اُرُ نہ پريو، هن پالن سان گهر پري ڇڏيو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 129)

• **ارتقا:** ترقي، واڌارو، تعين.

هي آڪٽوبر انقلاب جو ارتقا جي تابانين جو مظهر،
مڪمل آزادين ۾ خوشحالين جي نشانين جو مظهر.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 486)

• **اِرچڪِ مِرچڪِ:** هڪ ٻاراڻي راند.

واهہ ڙي ماٺون تنهنجي هستي، تنهنجي حرفت، تنهنجي ڳالهہ،
ارچڪ مرچڪ ڏاٽا ڏرچڪ واري حرڪت تنهنجي ڳالهہ.

(ڌرتيءَ جا گيت: 55)

• **ارچڻ:** رچڻ جو ضد، ڪوتاهي، ڳسائي، اڻ ٽيٽي، اڏوگابرو.

پر ان ۾ هيءَ ارچڻ آهي! ڪهڙي ٻاگهيءَ سوال ڪيو،
پيش پيو نينهن چنيسر جي ڪو راڄن ساڻ جنجال ڪيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 37)

• **اردلي:** نوڪر، پٽيوالو، آڳو پيڇو ڪندڙ.

اردلي تنهنجي تہ ناهي، بزرگي پنهنجي بہ آهہ،
پنهنجي دل وندرائيان يا تنهنجو من وندرائيان؟

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 281)

• **اَرڏو:** هوڏي، مٿي تي چڙهيل، لاغرض، بي پرواهہ، بهادر، اڻ موٽ، پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري ڏيکاريندڙ.

راڄ اندر ڳالهيون هليون چليون پئي سڀ ڪنهن تي اظهار ڏنو،
اڄ جي سوچ سوا اسان ڪنهن ارڏي کي اختيار ڏنو.

(ساٽيهہ جي ساک: 33)

• **ارشاد:** چوڻ، منشا.

آهه اِهو اِرشاد اسان جو حڪم ۽ پڻ احڪام اهو،
اسان چنيسر ساڻ ڪيو اڄ واعدو ۽ انجام اهو.

(ساٽيهه جي ساک: 44)

- **ارغون:** ٻاهريان ڏاريا ايراني بادشاهه جن سنڌ تي ڪاهون ڪيون هيون.

سنڌڙي ڪنهن ارغون جي ناهي، سنڌڙي ڄام نظام جي آهه،
غاصب توکي ڪو حق ناهي، سنڌڙي سنڌ جي عوام جي آهه.

(ساٽيهه جي ساک: 83)

- **ارڪان:** افعال، نالو نيشان، موجودگي، ڳڻ، ذرو پرزو.

جنهن جي سايي ننڍي وڏي جو سکن ڀريو گذران هيو،
هيو نه ڪو انياءُ نه ڪنهن انڌير سندو ارڪان هيو.

(ساٽيهه جي ساک: 27)

- **ارڪو ترڪو:** رهيل سهيل، سيڪجهه، ٻاچي.

جاڳو هاڻ ته ٻونءِ ڏٽين جو گهر به ويو ۽ تر به ويو،
ارڪو ترڪو وِيو ته ويو پر اِجهو سِين جو سِرُ به ويو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 130)

- **ارمان:** عجب، ڏک، ويسُورو.

درياهن جان پائيندو ويو، وڏندو ويو طوفانن جان،
هن ڌرتيءَ جا اوسان خطا ٿيا، اوڳن جي ارمانن جان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 166)

- **اُرهه:** عورت جي ڇاتيءَ تي ٻيري ٻيندڙ ٻُبا.

ٻيريا ارهه ايئن آرس مان ڄڻ ٽڪريون جهڙ جي غبار وچان،
اٿليا بازو جوش مان ائين ڄڻ مڇين ڏنا ٽِپَ ڄار وچان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 166)

- **ارهيون:** بيزاريون، ڏکويل، غمگينيون.

ڪا لڪائي نه ٿي پئي ته ڪنهن هوندي به،
تنهنجون اِڇايون ڪي ارهيون هيون!

(ڏرتيءَ جا گيت: 145)

- **اڙٻنگهه:** ارڏو، دلير، سخي، جرئتمند.

بئي پاسي هو درياخان، جو سنڌڙيءَ جو سالار هيو،
اَڙِيءَ اُڏيءَ اڙٻنگهه سدا هرحالت ۾ هالار هيو.

(ساٽيهه جي ساک: 157)

- **اڙد:** اهڙ جي دال.

اڙد جي دال کي ڇهري ٻوڙ جو روپ ڏياري ڏوڏن سان،
سيِ جي وات ۾ وجهندا ويا ڇي ڪائو مڪئيءَ جي ڍوڍن سان.

(ساٽيهه جي ساک: 191)

- **اڙدڪ ڏنيڪ ڏنب ڏنب ڏنيڪ:** دهل تي خاص انداز ۾ جنگي وڄت.

اڙدڪ ڏنيڪ ڏنب ڏنب ڏنيڪ، دهل تي ٺاهُوءَ ٺاڏ ڪئي،
ٺان کي ٺانَ ملائي هڪدم شرناين ڪٽي ڏاڍ ڪئي.

(ساٽيهه جي ساک: 69)

- **اَڙيءَ اُڏي:** ڪوٽ ٺوٽ ۾، گهرج پوڻ.

بئي طرف هو درياهه خان جو سنڌڙيءَ جو سالار هيو،
اڙيءَ اُڏيءَ اڙٻنگهه سدا، هرحالت ۾ هالار هيو.

(ساٽيهه جي ساک: 157)

- **ازغيبي:** اڻ ڏٺو ڳجهو اچانڪ ظاهر ٿيندڙ.

ڏارين جو ڪو ڏوڏو نہ هوندو ڪي ازغيبي ڪا آفت هئي،
هرڪو ماٺهو ساٽيهه جو ساٿي سک جي هرڪا ساعت هئي.

(ساٽيهه جي ساک: 27)

- **اساس:** سرمايو، ماخذ، بنياد.

تہ وسعت ان جي وسيلو ٿيندي رهي رهائيءَ جي رفعتن جو،
سياست ان جي اساس بنجي چڪي حقيقي قيادتن جو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 489)

- **اُسريا:** وڌيا ويجهيا، پيدا ٿيا، نمودار ٿيا.

حمايت اسان جي جتي بہ پهتي اتي نوان انقلاب اُسريا،
جڏهن نوان انقلاب اسريا تہ قوتن جا اصواب اُسريا.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 490)

- **اسود:** ڪارو رنگ.

حسن نہ ڪي اسود، نہ ڪي اشهب آهي ميان!
حسن جيئن آهي تيئن انسب آهي ميان!
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **اسهيو:** تيار ٿيو، هليو ويو، وڃي چڪو.

آخر آيو وقت اهو جو پونگر پنهنجو پير چڙيو،
هن دنيا مان هُن دنيا ڏي اسهيو خويش ۾ غير چڙيو.
(ساٿيهہ جي ساک: 32)

- **اشتراڪيت:** گڏيل، شراڪت واري، هرڪنهن جي هڪجهڙائيءَ وارو نظام، ڪميونزم.

اجاريائين اشتراڪيت کي اصول جنهن جا غنيمت آهن،
انهن جون خاصيتون نراليون جي پنهنجي هئيت ۾ نعمت آهن.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 481)

- **اشرف:** شرف وارو، شان وارو، امتيازيءَ حيثيت وارو.

ماڻهن ڪان ٿي بچان لڳي ۾ مرن مثال گذاريون ٿا،
اسان تہ سيني ڪان اشرف آهيون اهو بہ پاڻ وساريون ٿا.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 140)

- **اشڪبار:** لڙڪ لاڙڻ، روئڻ.

دلين جا رابيل منهن لڪائي چو اشڪباريءَ ۾ ٿا گذارين،
فراق وارو، وصال آئي چو آهہ و زاريءَ ۾ ٿا گذارين.
(ڏرتيءَ جا گيت: 133)

- **اشعب:** ڏنڏلو اونداهون، غليظ، گهڻو لالچي.

بافتي جي ڪفن تي بہ ڏاڙا هتي،

هرڪو هن دؤر ۾ اشعب آهي ميان!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 173)

- **اشهب:** ڪاراڻ مائل سرخو گهوڙو.

حسن نہ ڪي اسود نہ ڪي اشهب آهي ميان!
حسن جيئن آهي تيئن انسب آهي ميان!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 173)

- **اصوب:** رهنمائي ڪندڙ، گمراهيءَ کان ڌار، صحيح، بلڪل درست.

عشق جي راھ تي ڪونہ گمراھ ٿيو،
عشق جي راھ ئي اصوب آهي ميان!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 173)

- **اصهب:** ڏنڌلو سرخ رنگ.

حسن تنهنجو ٿو پردي پٺيان ايئن لڳي،
سج ڪڪرن ۾ جيئن اصهب آهي ميان!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 173)

- **اصيل:** اصل تي ويندڙ، نج.

ماڻهون هونئن تہ اصيل مگر جي ملڪ جو هاڃيڪار ٿئي،
ان جهڙو ڪو ظالم ناهي سچ کان جنهن کي عار ٿئي.

(ساٿيھ جي ساک: 45)

- **اطراف:** طرفان جو جمع.

تنهنجا جهانگي ائين ئي ڀاسيا ڏيھ جي اطراف ۾،
جڻ تہ اِندُرَ جي سڀا، معصوم جڻ اعراف ۾.

(ڌرتيءَ جا گيت: 152)

- **اطوار:** طور طريقا، طور جو جمع.

اڇي سگهي ٿو صفت سڄيءَ جي سموري اطوار تي جو پورو،
هو مارڪسي فلسفي جو عامل ۽ پنهنجي ڪردار تي جو پورو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 476)

- **اِعانت:** همدردي، عُذُرخواهي.

مشڪل اچي جا سر تي انهيءَ ڪي تہ مرڪي ٽار،
مايوس ٿي، ٻئي جي اِعانت نہ ڪر قبول.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 171)

- **اعتبار:** ڀروسو ڀڪ.

اسان جي عشق سندو جنهن آرزوءَ تي انحصار آهي،
اها پوري بہ ٿيندي يا نہ ڪهڙو اعتبار آهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 210)

- **اعجاز:** ادا، نمونو معجزو عاجزي ڪرڻ، مانُ مرتبو.

منهنجو حسن بہ حسن آهہ پر هن جو ڀي ڪو جمال هيو،
جنهن جي هڪ اعجاز تان صدقي ساري جڳ جو ڪمال هيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 24)

- **اعرابيءَ جو چانگو:** ٻهراڙيءَ جي ماٺهو جو اُٺ. جت جو اُٺ.

پوءِ جڏهن ٽا پير ڪُپائن اعرابيءَ جي چانگي جيان،
تنبو تاڙي چون ٽا هڪدم نڪرو ٻاهرنانگي جيان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 100)

- **اعراف:** پردو، ڍڪ، بهشت ۽ دوزخ جي وچ واري جاءِ.

تنهنجا جهانگي ائين ٽي ڀاسيا ڏيهہ جي اطراف ۾،
جڻ تہ اندر جي سيا، معصوم جڻ اعراف ۾.

(ڌرتيءَ جا گيت: 152)

- **افاديت:** فائدو، چڱائي.

سڄيءَ دنيا ۾ آمريت جو دٻدٻو هو سياستن تي،
عوام کي حق نہ هوڪو حاصل افاديت جو رياستن تي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 478)

- **اُفتاد:** ڪريل، بناوٽ، اتفاق، عاجز.

پنهنجي افتاد جو ڀُلجي بہ ڏنو سي نہ ڪڏهن ڏوهہ خداءِ کي،
نہ وري ظلم جو سمجهيوسي سبب ان جي اجهل قدر قضا کي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **افراد:** فرد جو جمع يعني گهڻا ماڻهو، مجموعو، عوام.

رهي نہ قابض ٿي ڪوبہ غاصب، شريف افراد جي حقن تي،
هجي نہ ڪا ڌاڪ مفت خورن جي، پورهيتن جي محنتن تي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 483)

- **افلي سفلي:** رولڙي ۾، وڪري ويندڙ، ضايع ٿي ويندڙ.

رهي ائين هي راز لڪل جڻ موتين جي مٺ دبليءَ ۾،
جي نہ تہ سارو منصوبو اڇي ويندو افليءَ سفليءَ ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 43)

- **اُقت:** بلڪل، صفا.

اک ڪڪڙي، پلاڙي بالو!
ماريو اُقت، الاڙي بالو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 50)

- **اقرب:** ويجهو، ساڻ، گڏ، قريب.

هر تصوير ۾، هر تصور ۾ تصوير ان جي بَکي،
يارُ جي دُورِ تہ بہ اقرب آهي ميان!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **اقليم:** مملڪت، ملڪ، رياست، ديهہ، بادشاهي.

شعر سندم اقليم تہ آهيان آءٌ سڪندر دنيا ۾،
سورن پورن جو پِيو جهاڳيان اٿاهہ سمندر دنيا ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **اڪ جي ماڪي لاهڻ:** حاصل ڪرڻ ۾ سولي، فتح ڪرڻ ۾ آسان، ممڪن.

انت اسان جي ساري ٿيندي، همت زندهہ باد رهي،
سنڌ نہ آهي اڪ جي ماڪي، هرڪنهن کي هيءُ ياد رهي.

(ساٽيهہ جي ساک: 47)

- **اِڪِري ٻِڪِريءَ ۾:** هيرا ڦيري، ور وڪڙ، هڪ جي ٽين، پورو ٽيڻ، ختم ٽيڻ، الائي ڪيڏانهن گم ٿيڻ.

جڻ تہ جواري هاري سڀ ڪجھہ کُٽو جو اڇي ٽِڪريءَ ۾،
جتن ڪيائين جيڪي سي سڀ آيا اِڪريءَ ڦَڪريءَ ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 89)

- **اُڪِري ويو:** گذري ويو پنهنجي مند پوري ڪري ويو پار پئجي ويو.

هاڻ چوان سڏير ۾ ويندي، اوتارن تان اُڪري ويو،
دل جي ڳالهہ هَندائي دل سان، مونجهارن مان نڪري ويو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 58)

- **اڪسير:** ترت اثر ڪندڙ دوا، هڪ دوا جو نالو جيڪا سورڪي ٿوري وقت دفع ڪري ٿي.

سڀ جي وات ۾ وجهندا ويا چي ڪائو مڪئي جي ڍوڍِن سان،
وائيءَ باديءَ لئہ اڪسير اٿوَ هيءُ پُسِتَ جي ڏوڏن سان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 191)

- **اڪيچار:** اڻ ڳڻ، تمام گهڻو جن جو ڪاٿو بہ نہ ٿو لڳائي سگهجي.

هي گوريون، هي حب سليمان جيڪي مجرب اڪيچار مرضن تي آهن،
ٿئي دم جو بيمار بيدم هنن سان ۽ ماڻين سي جنت، جي هڏڪين ۾ آهن.
(ڏرتيءَ جا گيت: 176)

- **اڪ ٽيٽ:** ترڇي نهار سرسري نهار.

ڏاريو جي اڪ ٽيٽ ڪري ڪا، ان کي دٻائن شدت سان،
ذلت ساڻ جياپو کهڙو، جياپو آهي عزت سان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 65)

- **اڪ چنب ۾:** تمام ٿورڙي وقت ۾، بلڪل جلديءَ ۾.

ڇا هي ڦهر علوال جو هيءُ سجو تماشو هاڻ ڏسو،
اسين ڪريون ٿا اڪ چنب ۾ ڪيئن ختم اِها ڇڪتاڻ ڏسو.
(ساٽيهہ جي ساک: 50)

- **اڪرن تي پاڻي ڦيرڻ:** لکيل قسمت کي ڦيرائي نياڳو ڪرڻ، ٻاهي ڇڏڻ، مڪمل مخالفت ۾ تبديل ڪري ڇڏڻ.

جوڙ ڦيريو، جَرُ ڦِريو، اکرن تي پاڻي مارئي!
هاءِ جيجل مارئي، راڄن جي راڻي مارئي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **اکڙيون چار ڪرڻ:** ملاقات ڪرڻ، آمهون سامهون ٿيڻ.

ائين چئي هو مڙڻ لڳو ڪنهن وندر جو ويچار ڪري،
اورا ڪورا هيڪاري چي ايندس اکڙيون چار ڪري.

(ساٽيهہ جي ساک: 57)

- **اک ڦرڻ:** ڪنهن جي ياد ڪرڻ جو سئوڻ، ڪنهن جي اچڻ جو گمان، چڱائيءَ جي اميد.

درياهن جو هاڻ ٿو ڦاٽي، ڏرتيءَ جي دل ڏڙڪي ٿي،
موت مسافر مهل ڏٺي! اک تنهنجي ڪارڻ ڦڙڪي ٿي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 220)

- **اک ڪرڙي:** ڏنگائي ڀري نظر، اُتامرائي.

پنهنجي اک ۾ ور نہ ڪوئي، دشمن جي اک ڪرڙي ڇو؟
ناحق ڪنهن جي ننگريءَ تي هي توٽي تپايل تڪڙي ڇو؟

(ساٽيهہ جي ساک: 51)

- **اک ڪڪڙي:** چُست، خوش خوش، رعبدار.

اک ڪڪڙي پلا اوبالو!
ماريو اُڦت، الا اوبالو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 50)

- **اک لڳڻ:** ننڊ جي اوجهراٽي اچڻ.

تون نہ آئين هير جا تہ اک لڳي نہ دل لڳي،
پوري جهلي پاند، ڪيم رات پالي ڙي، هيءَ جُوٽرپالي ڙي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 26)

- **اک ۾ ورُ:** تيڏائي، شور، تپش.

پنهنجي اک ۾ ور نہ ڪوئي، دشمن جي اک ڪرڙي ڇو،

ناحق ڪنهن جي ننگريءَ تي هيءَ توڙي تپايل تڪڙي چو.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 51)

- **اکيون وڇائي ويهڻ:** پليڪار جي انتظار ۾ ويهڻ، آجيان ڪرڻ لاءِ آتو.

ملي مسافر جو هلڻ لڳي ڪا اجرڪ پائي ٻاگهي،
واٽ مٿي ڪي راوت ويٺا اکيون وڇائي ٻاگهي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 68)

- **اڳاهون:** اڳتي، اڳي ڪان گهڻو ويجهو.

انڌ، انياءُ اڳاهون ڪري انصاف جو وئين نام ورائي،
جيئن ملزم تون ۽ مجرم تون، هنيئي ٻين تي الزام ورائي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 75)

- **اڳرائي:** پاڻمرادو ڪئونس ڪرڻ، اڳواٽ چڙهائي ڪرڻ، بنا ڪنهن ڪارڻ جي لڙائي ڪرڻ.

تنهنجو نانءُ نہ ٿانءُ وتو ڪنهن، توسان ڪنهن نہ ڦتائي هئي،
توکي ڪاهہ صباح نہ شاهہ! اسان نہ ڪئي اڳرائي هئي.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 58)

- **اڳ ۾ ڪرڻ:** رهبر بنائڻ، راهہ ڏيکاريندڙ بنائڻ، رهنما ڪري مڃڻ.

پنهنجو مَرڪُ نہ آهہ اِهو جو پنهنجي ملڪ جي دشمن کي،
اڳ ۾ ڪري ۽ اجاڙ ڪيون خود پنهنجي ديس جي گلشن کي.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 50)

- **اڳواڻ:** رهبر، رهنمائي، واڳون سنڀاليندڙ چڱو مڙس ٿيڻ لائق.

دودو ئي داناءُ دلير ۽ اڳواڻيءَ جي لائق آهہ،
جنهن جي ساک سچار سوئي سرواڻيءَ جي لائق آهہ.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 33)

- **اڱڻ:** گهريا جاءِ جو آڳو يا آڳنڌ.

پريان هئي ڪا وسندي جنهن ۾ هئو مڪانُ فقيرن جو،
اڱڻ مٿي آنگاس اپو، هيءُ هئو نيشان فقيرن جو.

(ساٽيھہ ساک: 38)

- **اِلاھون:** دانھون، ڪوڪون، رڙيون.

پينر پنھنجي پائن لئہ آسيس اِلاھون ڪرڻ لڳيون،
نياٽيون پنھنجا نيڻ ڪٽي ۾ نير وھائي جُھرَڻ لڳيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 46)

- **التھاب:** باھہ جو ڀڙڪڻ، حسد، ڪانئرائپ، پرمتڙائي.

خوديءَ سان زندھہ رھو التھاب مردھہ باد،
لڳايو نعرو چئو انقلاب زندھہ باد.

(ڏرتيءَ جا گيت: 68)

- **اُلجھي:** منجھي، بتال ٿي.

ويرم بيشڪ ويرم آھي راھہ سڌي سُمجھائي ٿو،
باک جيان ھو آھہ پلارو، الجھيءَ کي سلجھائي ٿو.

(ساٽيھہ جي ساک: 52)

- **السيءَ جا گل:** ربيع جي موسم جو ھڪ تيلي ٻج، جيڪو پسارڪو وکر ٿي پڻ استعمال ٿيندو آھي.

جيئن وسن، جھڙا رھن، السيءَ جا گل ڦل گاھہ ۾،
تيئن مھاندا تنھنجا سانديل ھئا سڀن جي ساھہ ۾.

(ڏرتيءَ جا گل: 152)

- **القاب:** لقب جو جمع معنيٰ اعزاز.

چئينس تہ مون سان گڏ ھوندا تابع منھنجا سڀ ارباب بہ پڻ،
تخت تہ توکي ڏياريندو پر ڏيندو ڪي القاب بہ پڻ.

(ساٽيھہ جي ساک: 42)

- **الڪو:** ڪتڪو، وھم، اُڪير.

ڳاڙھو ڪنھبي چتڪو، او ماھيا!
ماري تنھنجو الڪو، او ماھيا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 50)

- **الم:** غم، ڏک، درد، سور.

بهشت جهڙي زندگي الم نصيب ڇو رهي،
انهيءَ غريب ساڻ اهلِ دل ٿي غمسار ٿيون.
(ڏرتيءَ جا گيت: 104)

- **المست:** صفا آپي کان ٻاهر، موج ۾ پرپور، چريا.

چيخ ڪري ائين نڪرن جيڏيون المست ٿي تنهنجي جهونگر ۾،
جڻ تہ ستارا سونهريءَ تي، جڻ ڪنول قطارون ڪينجهر ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 87)

- **الوپ:** غائب، لڪل، ڇپيل.

جهڙو منهنجو روپ اداڙي! ماٺهونءَ جو ٻهروپ تئين ئي،
جهڙي موسم، تهڙو ماٺهون پڏرو توءِ، الوپ تيئن ئي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 94)

- **الوند:** ڏنگو هنيلو ويڙهو قَڏئي.

مون کي ڪا پرواهہ نہ آهي توڙي اڳيان الوند هجي،
آءٌ بہ ٿيندس تو جهڙو پل توسان ئي پيوند هجي.
(ساٽيهہ جي ساک: 62)

- **امارت:** انتظامي حڪومت هلائيندڙ بادشاهت.

رهي نہ حاوي امارت ۽ سلطنت جي طاقت معاشري ۾،
ڪري سگهي نہ ڪوئي فرد ڪنهن ترغيب سان خباثت معاشري ۾.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 485)

- **اماس:** اونداهي، ڪاراڻ، چنڊ بنا راتيون.

اماس رات، اڪيلائي، اداس گهڙيون،
اي دردا جاڳ جو تنهنجي ٿي ياري گهرجي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 189)

- **اماڻُ:** انومان، معيار، مٿاهينءَ حيثيت وارو.

تيڏي مکڙي جيها اماڻ پرين، ڪِيوين ڪٹسو اسان نون ساڻ پرين!
اسان لڪ پاندي جهاتيان ٿيا صبح اسان ڏي راتيان!

(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **امتياز:** فرق، تفاوت، حيثيت.

حيات و موت ۾ نہ رهندو امتياز ساٿيو!
اٿو تہ انقلاب اچي ٿو چاره ساز ساٿيو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 109)

- **امِٽُ:** نہ مٽيجي سگهندڙ امر.

روح تنهنجي جون ريکائون، جي ٽون،
رهائي وَئين ڪالهہ اسان وٽ امٽ رنگ سان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 146)

- **امر:** لافاني، سدا زندهہ رهندڙ.

آدميت امر آهہ، ان جي ئي قدرن،
۽ سچ جي بقائن تي ايمان آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 146)

- **امرت:** اهو پاڻي جيڪو زهر جي اثر کي زائل ڪندو آهي، بشاش ڪندڙ پاڻي.

هن ڌرتيءَ جي سونهن جي سنجري، ساهن جا سينگار ٿين،
هن ڌرتيءَ جي آب ۾ امرت، لڳي تہ ٻيڙا پار ٿين.

(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **ام شي ام شي:** ناچ جون پَدَيا ماترائون.

ام شي ام شي ل- ل- ل بدامشي،
ام شي ام شي ل- ل- ل بدامشي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 47)

- **امن رهائي:** امن کي مستقل ڪرڻ لاءِ، امن قائم رکڻ لاءِ.

آدميت تي ڪري دل سان جتن امن رهائيءَ ۽ بقا لاءِ،
پنهنجي حياتيءَ سان ٿا ڪيون ازل کان پرهہ جيان پيار زمانا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 231)

- **اُمنگ:** آس، اميد، جذبا، احساس.

تون دل جي سڳند، تون دل جي امنگ،
تون چانڊاڻ کي چال سيکاري آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 140)

- **امين:** امانت ڪندڙ صحيح راءِ ڏيندڙ شاهد، انصاف وارو.

ٽيندي خود تاريخ امين تہ دودي جو ڇا دؤر هيو.
ان سان جنگ ڪيائين جيڪو هرحالت ۾ زور هيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 53)

- **اناالحق:** آءُ حق يعني خدا آهيان، منصور حلاج جو مستيءَ ۾ لڳايل نعرو.

سر تان آهو ڪٽي اظهار اناالحق ڪيم،
نيٺ منصور جيان نروار سرِدار ٿِيُسِ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 180)

- **انار:** ڏاڙهون، ميوو.

جوڀن ائين جڻ جُهڙ ۾ انار بلي!
هيءَ ريڪا ۽ روپ نکار بلي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 47)

- **انت:** پڇاڙي، خاتمو، تمام گهڻا ڳڻڻ کان مٿي.

ناحقيءَ سان حق ٻين جا پاڻ ڪٽڻا ٿا پون،
انت جي بيهودگيءَ سان نٽ ڪرڻا ٿا پون.

(ڌرتيءَ جا گيت: 141)

- **انت ڀلائي:** ڀلائيءَ جو ڇيهہ، تمام گهڻي، ڳڻڻ کان مٿي چڱائي.

اِهائي آهہ ڳالهہ ڳڻڻ جي کولي جا سمجهائي اٿئي،
ان ۾ انت ڀلائي آهي، جيڪا راهہ ونائي اٿئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 33)

- **انتخاب:** چونڊ.

ڪري نہ ڪوئي بہ انتخاب، نيڪيءَ جو بُرائيءَ جي نظر سان،

رکي نہ ڪوئي بہ زير سچ کي ڪڏهن بہ ڪنهن ڏاڍ ۽ ڏمر سان.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 483)

- **انتر:** چيڙو، پچاڻي، ترو، انت.

پتڪي پتڪي ٽڪجي پيسي، ڪيئن آس جو انتر ڳوليان مان،
هاءِ حياتي تنهنجي لاش کي ڪاٽي ڪاٽي روليان مان!

(ڌرتيءَ جا گيت: 236)

- **انتر منتر:** ڏيک ويک، جادوءَ جو اثر رکندڙ.

هن جو نالو چاهي جيڪا، گل ۽ گوهر ڳالهہ تہ ٻُڌُ!
جنهن جي جواني انتر منتر جادو جنتر ڳالهہ تہ ٻُڌُ!

(ساٽيهہ جي ساک: 72)

- **اِنَ پر:** اهڙيءَ طرح، ان حالت ۾، انهيءَ ڪم لاءِ.

ڪن ٽي ساريو ٻاگهيءَ کي چي پُوري اُهائي اِنَ پَر ۾،
هرڪنهن جي هٿي ڳالهہ ائين جيئن چال چلي ڪو چوَسر ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 32)

- **انجيل:** آسماني ڪتاب، جيڪو حضرت عيسيٰ عليہ السلام تي لٿو هو.

تون انجيل بنجي جڏهن دل ۾ آئين،
تہ عيسيٰ جيان روح بيدار ٿي پيو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 139)

- **انحصار:** دارومدار، ڀروسو، ڀاڙڻ.

اسان جي عشق جو جنهن آرزوءَ تي انحصار آهي،
اها پوري بہ ٿيندي يا نہ، ڪهڙو اعتبار آهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 210)

- **اِندُرَجي سڀا:** اندر جي زماني جي تهذيب، فن ۽ ادب.

تنهنجا جهانگي ائين ٿي پاسيا ڏيهہ جي اطرافَ ۾،
جڻ تہ اندر جي سڀا معصوم جڻ اعراف ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **اندر ۾ وير پيري:** دل ۾ بغض رکي.

آءٌ وڪيل ٿي آيو آهيان راڄ جي پاران پير پيري،
منهنجو وڙ هيءُ ناهه ڪريان ڪا ڳالهه اندر ۾ وير پيري.

(ساٽيهه جي ساک: 58)

- **اندر وارو:** هر ماڻهو جي اندر ۾ هڪ ماڻهو رهي ٿو جنهن سان صلاح ڪري پوءِ ڪجهه ڪري ٿو.

اورا ڪورا هيڪاري چي ايندس اڪڙيون چار ڪري،
ليڪن هن ڪي اندر واري روڪيو پنهنجو عار ڪري.

(ساٽيهه جي ساک: 57)

- **اندوهه ڪاري:** انڌير نگري، ناحقي، ناانصافي.

مفلسي، فاقه ڪشي، بي روزگاري سر تي آهه،
بيوسي، بيماري، اندوهڪاري سر تي آهه.

(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **انڌ جي گهوڙي تي چڙهڻ:** هرويرو مڳيءَ ۾ پرجڻ، اجايو سجايو ظلم ڪرڻ لاءِ تيار.

چڙهندي انڌ جي گهوڙي تي ۽ آڪڙ ويندي آگم ٿي،
مون کي چا معلوم ته تون ڪو اصلي اهڙو ظالم ٿي.

(ساٽيهه جي ساک: 73)

- **انڌ ۾:** نشي ۾، مخموريءَ ۾، ظلم ڪرڻ جي شوق ۾.

ظالم کي ٿو سيڪت ڏئي ۽ مظلومن جو حامي آهه،
جن جو حاڪم انڌ ۾ ئي محڪومن جو حامي آهه.

(ساٽيهه جي ساک: 44)

- **انڌو:** سوجهري تي پردو، اونداهي.

صبح جي تڙڪي تي ڪوهيڙي جو انڌوڪار آهه،
شام جي پاڇي ۾ اونداهيءَ جو ڪاروڻيار آهه.

(ڏرتيءَ جا گيت: 137)

- **انڌو اونڌو:** ڪارپت وڃائيندڙ بي شانو بي عزتو.

تيون هو چنيسر چريو ڪريو جو سڏيو ويو ٿي جوڏو راءُ،
آخر ۾ جنهن ڪاڪ لڄائي، بڻجي انڌو اونڌو راءُ.

(ساٽيهہ جي ساک: 28)

- **آنڊ اُٿارڻ:** ڏوڙ ڪري، اٽڪل ڪري، ترڪ ڪري.

ڳالهين جو هو گهير نہ هو سو پُڇي نہ سگهيو هو ننگر سان،
سوچيائين ڪا انڊ اٿاري ڏجي مهاڏو ڪونڊر سان.

(ساٽيهہ جي ساک: 61)

- **انڊس:** سنڌو درياهہ.

نانءُ ’ڪالي باگ‘ انڊس جو ڏئي ڪر سبز باغ،
ڊئيم وارا نيٺ تنهنجو ڍئونگ ڊهڻو آهہ يا نہ!؟

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 326)

- **انڊلٺ:** مينهن وسي بس ڪندو آهي ۽ سج ڪٿان ظاهر ٿيندو آهي تہ آخري ڦڙن مان جڏهن سج جي روشني پار پوندي آهي، مخالف طرف روشنيءَ جا رنگ تلوار جيان آسمان تي لڪير ٺاهي بيهندا آهن. ان کي انڊلٺ چئبو آهي.

تنهنجو روپ سروپ جڏهن ٿو انڊلٺ وارا رنگ ڪيڏي،
منهنجي ريت پريت تڏهن ٿي رمز پريا کي رنگ ڪيڏي.

(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **انسان زاده:** ماڻهوءَ جي اولاد، انساني آبادي، انسان مان پيدا ٿيل.

تون معصوم، مظلوم، مجبور آهين،
تون انسان زادن کان متجي وئيئن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 140)

- **انسان ۾ آنُ:** ماڻهوءَ ۾ جيت جٽيان، پڪي پڪڙ مطلب تہ هر ساهہ واري

شيءِ.

ڦريو هٿ بتڻ تي تہ نلڪي مان زوُن ڪري پؤنر وانگي ڦوهارو شروع ٿيو.
ننڍين ۽ وڏن، آن ۽ انسان هر جنس جي خصم جيتن تي مارو شروع ٿيو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **اَنسَبُ:** بنا ڪنهن بڻ بنياد جي، پنهنجو پاڻ، مناسب.

حسن نہ ڪي اسود نہ ڪي اشهب آهي ميان!
حسن جيئن آهہ تيئن انسب آهي ميان!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **اَنگُ:** هڪ، ٻہ، ٽي وغيره، هتي جسم جي نمونن، چرپر ۽ وصفن لاءِ استعمال ٿيل آهي.

تنهنجو روپ سروپ جڏهن ٿو اندلٺ وارا انگ ڪيڏي،
منهنجي ريت پريت تڏهن ٿي رمز پريا ڪي رنگ ڪيڏي.
(ساٿيہ جي ساک: 23)

- **انگ سان:** طور طريقي سان، اُتساهہ سان.

جوت تن جيءُ کي جرڪاٽو آهي، جڳ مڳ،
انهيءَ اون، اهڃاڻ، انهيءَ انگ سان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 146)

- **انگ لتاڙڻ:** ڪاهي اچڻ، قبضو ڪرڻ، گهر ۾ بي گهر بنائڻ.

اولهہ تنهنجا انگ لتاڙيا، اوپر توکي لوبو هوءِ،
لهندي چڙهندي سج ڏجها ڏٺي رڻ ۾ توکي روليو هوءِ.
(ڏرتيءَ جا گيت: 167)

- **انگ نہ هئڻ:** ڏانءُ نہ هئڻ، مزو نہ هئڻ، پرپوريت نہ هئڻ.

سونهن ائين جڻ ڪاغذ جو گل، ٺاهہ نڳيءَ جا جلون ۾،
خصلت جي چا خوبي ڳڻجي انگ نہ آهي عشون ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 233)

- **انمول:** جنهن جو ڪوبہ مُلهہ ڪٿي نہ سگهجي، اڻ لپ، ڳولا ڪرڻ جهڙو.

پئي وات واڳونءَ جي ڪن ٿا واڇن، ڇو هت پيو آهه لڪ ڪڪ جي هيئان،
جوانيءَ ۾ طاقت جو انمول پندار، سانڍي رکيو آهه اسان رک جي هيئان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 175)

- **آنياءُ:** ظلم، ڏاڍ، ناانصافي، استحصال.

جنهن جي سايي ننڍي وڏي جو سکن پريو گذران هيو،
هيو نه ڪو انياءُ نه ڪنهن انڌير سندو ارڪان هيو.
(ساٽيهه جي ساک: 27)

- **اٽائو:** ڏکيو، مصيبت پريو، ڏچو.

ننگر پاڻ به وار ڪيو پر پنيان جو وار اٽائو هو،
هي منهن ڏيئي ڪين سگهيو هڪدم، جو سگهه ۾ ڪين سٽائو هو.
(ساٽيهه جي ساک: 54)

- **اُڻ تڻ:** پريشاني، تجسس، ڳڻتي، مونجهارو، هرکر.

راڄ سڄو هو اڻ تڻ ۾ هي رڳڙو ڪيئن روانو ٿئي،
ڏسون ته پونگر ڇاين مان ٿو ڪنهن جو بخت بهانو ٿئي.
(ساٽيهه جي ساک: 37)

- **اوباهيو:** اڳتي وڌايو، سرخرو ڪيو.

تون ته پهاڙن کان به اتاهون سڀ تي تنهنجو سايو،
آئت ڏئي ٿي هرڪنهن ۾ تو هاريل هانءُ اوباهيو.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 306)

- **اُوباڪيون:** غوطا، ساهه ساهه ۾ نه ماپڻ واري حالت، نه نڪرڻ جي بجاءِ دانهن ڪرڻ جي ڪوشش.

سنڌڙي آهه اوباڪين ۾ پاٽيءَ بَدّل پکيءَ جيان،
آخر ابتي سبتي ٿي تڙ وننڊي ٽڪيل دکيءَ جيان.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 325)

- **اوٿارن کي:** هِيئن ۾ پوَندڙ هولن کي، يادن کي.

انن جون پيڪيون، پٽن ۾ پٽڪيون، منهنجي اندر کي آيون اُجڪيون،
سانگين ساريو، هليم هڏڪيون، شل ڪا اوٿ پوي اوٿارن کي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **اوت پوڻ:** بددعا لڳڻ، پِٽَ لڳڻ، بدلو ٿيڻ، مظلوم جي آهہ اگهامڻ.

ڪارنهن ڪئي چنڊال چنيسر، پيلي ياڳ نپاڳ ويو،
اوٽ پوي شل توتي علاول، سوري ساٿ سپاڳ ويو.

(ساٽيهہ جي ساک: 71)

- **اوتر:** هوا جو اهڙو تيز جهوتو جنهن سان جڏا سڏا گهر ڏهي پون ۽ شيون اڏامي وڃن.

دل درياهہ ڪري جيئن اٿل پياسي اوتر جيان،
سارا ڏوڪا ڏوڙ ٿي ويندا، ڏونگر ڏرندا محشر جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **اوتِڙو:** بي همت، ڪم ظرف.

ايل ڏئي ٿو ڪجي اوڙي اندر جنهن اوتڙي کي پي،
اُهوئي ٿو ويل ۾ آٽي، زمانو ڇا نہ ٿو ڄاڻي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 280)

- **اوتار:** ذهن تي آيل ياد، ڪو واقعو ڪنهن جي سارَ

اوڏيءَ مهل لوڏو آيو، لڙهي ويا ويچار وري،
اکين اڳيان اوتار آيا، نئين سر جڳ جنسار وري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 155)

- **اوتي:** ڪنهن قاتل ڪپڙي جا منڍ ملائي سبڻ کي اوتي چئبو آهي.

ڪٿي پٽ پٽيهر نازڪ هٿن سان پريل برٿ سهرن جي جهونگار سانگي،
ڪٿي سُٿَ جي باريڪ اوتي ڏنل آهہ نگاهن جي پرپور جنسار سانگي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 169)

- **اونيئڙا:** جت، اٺن وارا، اٺن کي ڪاهيندڙ اوٺار.

اونيئڙا ڙي، اونيئڙا هو منهنجي وندر وئي وٽڪارن ۾،
جهل واڳ تہ ڪي واڪان ڪريان من ڪا کهل پوي پَر وارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 15)

• **اوجون:** مَستيُون، بود، مگِي.

دشمن سينو ساهيو انڌ اچي وئي اوجن ۾،
سمنڊ جي ڇولين وانگ هيڪاندي هلچل ايري فوجن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 161)

• **اوجهل:** پري، ڏور، وٿيرڪو.

جيڪو منهنڙو ڏيکاريان هان من جي موسل ڪوبل کي،
عمر سڄي ان ڪونہ ڪيو هو اکين کان اوجهل ڪوبل کي.

(ساٽيهہ جي ساک: 50)

• **اوچاين ۾ پستين کي:** هيناهين کي، سڀ کي.

رعب ۾ ريب علاول رکندي هيسائي ويو هستين کي،
ويرانيءَ جي ولين ڏنا ورها ۾ اوچاين پستين کي.

(ساٽيهہ جي ساک: 80)

• **اوَر:** يادگيري، مدد، سلڻ، ڳالهيون ڪرڻ يا اورڻ.

منهنجي اونداهين جي اور منهنجي اڳڻ اچجانءِ،
تلي ٽاندباٽي جي ٽور، منهنجي اڳڻ اچجانءِ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 67)

• **اورا ڪورا:** آنڌهانڌ، اڻ تڻ، بتنگائي.

ائين ڇئي هو مڙڻ لڳو ڪنهن وندر جو ويچار ڪري،
اورا ڪورا هيڪاري ڇئي ايندس اکڙيون چار ڪري.

(ساٽيهہ جي ساک: 157)

• **اوري اچي:** ويجهو ٿئي، گڏجي.

چانڊوڪيءَ ۾ وير جئين لهي چڙهي ٿي ڇُورو ٿئي،
دل ٿي چاهي تئين ڪوئي ويجهو ٿي ۾ ڏور ٿئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 27)

• **اوڙاهہ:** تمام اونهو ۾ گهَرو پاٽي.

آس نراس جي اوڙاهن ۾ آهن جا انبار ڪٽي،

ڏاڍو پاڻُ پتوڙيوسين پر تانگهي مان وئي تار ڪٽي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 230)

- **اوڙڪ:** پلئون پل، خوش.

تون سا مهدي جنهن جي موھ ۾ ڪيئي گهوڙا زين ٿيا.
تنهنجي ڪڪ ۾ ڪانَ هنيان جنهن اوڙڪ سي پي ڪين ٿيا.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **اوڙڪ ڏڻ:** جيڪي جتي آهن، انهن مال جي ڏڻن جو اتي واهي يا واهر الله رهيو تہ خوش ئي هوندا.

بگهڙ جو وياءُ بگهڙ ئي ٿيندو، سعدي ايئن فرمائي ٿو،
اوڙڪ ڏڻ جو واهي الله، وتايو پڻ ورجائي ٿو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **اوڙو:** جهار هڪلڻ لاءِ ڪانين جو نهيل ماڻهوءَ جو مجسمو.

اوڙو منهنجو ناءُ، ڏيرو ڏيل تہ ڏاڍو هانءُ،
اوڙو منهنجو نانءُ!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 92)

- **اوڙي اندر:** مڙس ماڻهائپ ۾ داخل ڪرڻ، چڱن جي دائري ۾ آڻڻ.

ايل ڏئي ٿو ڪجي اوڙي اندر جنهن اوتڙي ڪي پي،
اهوئي ويل ۾ آڻي، زمانو ڇا نہ ٿو جاڻي!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 280)

- **اَوَسِ:** ڪيئن بہ ڪري، ضروري، پابنديءَ سان.

اهڙا ساٿي اوس ملن جي ساٿيهين تي ساھ ڏين،
منهنجي دل جا دوها مون کي ور ورئا ويساھ ڏين.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **اوساريو:** روج راڙو ڪيو پٽيو ڪوهيو.

ڪن ٿي پٽن جا پار ڪڍيا، ڪن اوساريوئي پائن تي،
ڪن کي غم هو گهوٽن جو جن موڙ ٻڌا هئا لائن تي.

(ساٿيهہ جي ساک: 87)

- **اوسان خطا ٿيڻ:** وائڙو ٿي وڃڻ، بتال ٿي وڃڻ، اوائي توائي ٿي وڃڻ.

دریاهن جان پائيندو ويو، وڏندو ويو طوفان جيان،
هن ڌرتيءَ جا اوسان خطا ٿيا، اوڳن جي ارڪان جيان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 166)

- **اوسر:** واڌ ويجهہ، ارتقا.

منهنجي لڙائي قوم جي ڪارڻ پنهنجي پياري پونگر لاءِ،
جنهن جي ڪاڻ ثبوت ڪپي ٿو، سچ جي ساک اوسر لاءِ.

(ساٿيهہ جي ساک: 55)

- **اوسيئڙا:** انتظار، اميدون، آسرا.

اوسيئڙا ٿا آس اورانگهن، تانگهہ ٿي پوپان پير ڪٽي،
آءُ ٿي گهاريان چنڊ ڳٽي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 32)

- **اوصاف:** وصفون، پرڪار، عمل، خاصيتون، افسوس، ڏک.

تنهنجون ساهيڙيون پٽن تي هون ائين اوصاف ۾،
جڻ تہ گوپيون مندرن ۾، جڻ پَرِيُون ڪوهہ ڪاف ۾.

(ڌرتيءَ جا گيت: 150)

- **اوقات:** مختلف وقت، ماضي.

مدت ڪان چڏيم هيج جي بارات هلي آءُ!
خشڪ آهہ سندم عمر جي اوقات هلي آءُ!

(ڌرتيءَ جا گيت: 130)

- **اوقات تنگ:** روزگار جي تنگي، وقت ۽ حالتن جي ناسازگي.

هجي نہ اوقات تنگ ڪنهن جي نہ زار حالت معاشري ۾،
رهي نہ حاوي امارت ۽ سلطنت جي طاقت معاشري ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 485)

- **اوڪائي:** خاليپڻو، گهٽتائي، غربت.

اوڻاين کان صاف ۽ سڌريل آدم دوست سماج کپي،
انسانن جي اوکاين جو آخر کو تہ علاج کپي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 323)

- **اوکي:** ڏکيائي، سهڻ کان ڳري، مشڪل، معمول کان مٿي.

ڊوهہ ڪيو جنهن هن سان تنهن تي نيٺ تہ نازل هچائيندي،
هن جو مجرم، قوم جو مجرم، اوکي ان جي سزا ٿيندي.

(ساٽيهہ جي ساک: 40)

- **اوڳائي:** اڻ ڄاڻائي، اڻجهائي، بي سمجهي، معصوميت.

آءُ انڌيرو، تون سُجَهَندو، مان اوڳائي، تون ڄاڻ پرين!
مون کي سوچ ۽ سرت ڏئين ٿو مهر ڪري تون پاڻ پرين!

(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **اوڳر:** من اندر جي ڳالهہ ڪنهن وقت ڪڏي ٻاهر ڪرڻ کي اوڳر چئبو آهي.

سوچيائين ڪا اندر اٿاري ڏجي مهاڏو ڪونڌر سان،
پنهنجو مطلب ٿيري گيري ڳالهہ ڪييائين اوڳر سان.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 441)

- **اوڳي:** واٽڙي، بي عقل، ٻتال، چسي.

پوءِ ڀلا هو ڪيئن ڪندو ۽ ڪير جهلندو اوڳيءَ کي،
سنوت ڏيڻ ڪا ناهہ سياڻپ ڪنهن ڀي اوليءَ سوليءَ کي.

(ساٽيهہ جي ساک: 38)

- **اولار ڪرڻ:** ڏک هٽڻ جي تياري ڪرڻ.

اڳيان علاول ساٿ سجي سان آيو ٿي اولار ڪري،
ڪاريهر تي پير پويس کو ڪڏهن ڪارونيار ڪري..

(ساٽيهہ جي ساک: 80)

- **آوَليءَ سَوَلِيءَ:** ڏکي سکي، اڻ آزمايل، جيڪو تيڪو ٻاهران ڏسڻ ۾ چڱو ڏکيائي سکيائي.

پوءِ پيلا ڪو ڪيئن ڪندو ۽ ڪير جهليندو اوڳيءَ کي،
سنوت ڏيڻ ڪا ناهه سياٽپ ڪنهن پيي اوليءَ سوليءَ کي.

(ساٽيهه جي ساک: 38)

- **اوناڪيو:** اوناڙ ڪندو، آواز ڪندو، رڙيون ڪندو.

بگهڙن ويٺي اونا ڪيو، او هرڻ ته کهڙو ڪال ڪيو،
اهڙو ڪونه ڪندو ڪو ڪنهن سان جهڙو تواج وبال ڪيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 376)

- **اونداهين جي اور:** ڏکين وقتن جو حال پائي.

تلي تانڊاٽي تور، منهنجي اڳڻ اڇجانءِ!
منهنجي اونداهين جي اور، منهنجي اڱڻ اڇجانءِ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 42)

- **اونداهيون ڦهلائڻ:** سچ ڪرڻ، ماحول خراب ڪرڻ، انسانن لاءِ ڏکيائون پيدا ڪرڻ.

سانجهيءَ وانگي ساٽائي، ڪي چانڊوڪيون چمڪائي ويا،
ڪن جي هوڏ نه هيناهين ٽي، اونداهيون ڦهلائي ويا.

(ساٽيهه جي ساک: 70)

- **اوندهه جو اهڃاڻ:** غلاميءَ جو نيشان، خراب دؤر جي علامت.

آخرڪار نه انڌ رهيو نه ڪو اوندهه جو اهڃاڻ رهيو،
سنڌ چٽي پئي بگهڙن کان ته ڏنار ٽي پونگر پاڻ رهيو.

(ساٽيهه جي ساک: 91)

- **اون رکڻ:** خيال رکڻ، نظرداري ڪرڻ، سماءُ ڪرڻ.

نيڪيءَ مان نقصان رسي ته به ڪين ڪڏهن ارمان ڪري،
دوست ته چا پر دشمن جي ٿي اونَ رکي احسان ڪري.

(ساٽيهه جي ساک: 25)

• **اوڻائي:** گهٽتائي، ڪمي پيشي، وِڏَ.

يار نياز ۾ عيب الاهي پر يارو!
هڪ اڌ پنهنجي اوڻائي بہ تہ ياد ڪريو!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 172)

• **اوهين واهين:** ايندن ويندن.

ننڍين ۾ وڏن، آنَ ۾ انسان هر جنس جي خصم جيتن تي مارو شروع ٿيو. پکين پر ڪنيان، پل ۾ اوهين واهين ڪي ڪک پن ٿيڻ جو اشارو شروع ٿيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 173)

• **اوير:** دير، بي وقتو ڪُمَهلو وچڻ کان پوءِ.

اٿو جو سج لهڻ تي آ، متان اوير ٿي وڃي، متان اوير ٿي وڃي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 30)

• **اهڃاڻ:** نيشان، انديو.

جنهن جي دليري دانائي هئي چوٽ، اهو اڱواڻ مليو،
راج ڪئي دلجاءِ ان کي پاڳ سپاڳ سندو اهڃاڻ مليو.

(ساٽيهہ جي ساک: 40)

• **اهرمن:** شيطان، خداءِ جي راهہ کان پلائيندڙ چڱا ڪم نہ ڪرڻ ڏيندڙ.

مِٽي بہ ماٺ مُٺي بہ ماٺ اڄ ڪيڇڻ ۾ آهي ڪسڻ جو پاڳو،
هيءَ داوري اهرمن جي چو آهي ان کي مسمار ٿا ڪريون اڄ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 133)

• **اهل:** لائق، ، سُوهندر، معيار مطابق، نسلي بنياد.

تنهنجي ماحول ۾ فطرت کي اسان اصل کان ڄاڻون ۾ سڃاڻون،
سنڌءِ آداب ۾ ارڪان سنڌءِ اهل کان ڄاڻو ۾ سڃاڻون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 54)

• **اهل دل:** دلين جي ماجرا ڄاڻندڙ درد دل رکندڙ پارکو.

بهشت جهڙي زندگي الم نصيب چو رهي،
انهيءَ غريب ساڻ اهل دل ٿي غمگسار ٿيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 104)

- **اهلڻ:** گهڙي ڪن سمهڻ، ٿوري وقت لاءِ پاسو ڪوڙڻ.

سانگ سائي ڪين ٿئين، وندر لئہ وقلي رهيس،
گود ۾ گوندر نپائي، تانگهہ ۾ اهلي رهيس.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 59)

- **اهنج:** ايزاءُ ڏکيائي، مرض، بيزاري، زخم سوداءُ.

ڪا لڪا ئي نہ ٿي پيئي تہ ڪنهن اهنج هوندي بہ،
تنهنجون اِڇايون ڪي ارهيون هُيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 145)

- **اهنجاءُ:** ڏک جو اظهار، ڪتڪو وهم.

ڪهڙي شڪ ۾ اڙچي اچ تو آڌو هيءُ اهنجاءُ ڪيو،
مون تہ ڪڏهن بہ نہ توڪان پيارو ڪوئي سک ۽ ساءُ ڪيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 28)

- **ائيلي ائيلي:** گهوڙا گهوڙا، دانهون، ٻتڪو.

شاهہ شجاع شڪارپور پيلي!
ڪرڙيءَ ۾ ٿي ائيلي ائيلي!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 91)

- **ايام:** گهٽي وقت گذرڻ ڪان پوءِ، جهوني زماني ڪان.

سنڌ! اي سنڌ! منهنجي ايامن جي سنڌ!
مون ڪي آسيس ڏي منهنجي خوابن جي سنڌ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **اياڻي:** اڻوجهہ، بي سمجهہ، معصوم.

انگ اٿايا، رنگ بدليا پر اياڻي مارئي!
تون رسين ٿي پوءِ بہ بنجي دل جي ڏجاڻي مارئي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 149)

- **ايجاد:** تيئن سر جڙيل شيءِ، اها جڙيل شيءِ جيڪا اڳ ۾ ڪڏهن بہ جڙي

نہ هجي.

پنهنجي ڳالهہ تہ ڇڏبي پل کهڙو بہ ستم ايجاد رهي،
انت اسان جي ساري ٿيندي، همت زندهہ باد رهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 47)

- **ايڇپو:** ٿورو، مهرباني، راضپو وَڙُ.

رکون ٿا آس اسان ان جي ايڇپي جي سدا،
ورائي مهر جي پلجي بہ جنهن نظر نہ مدا.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 177)

- **ايقان:** يقين يا پَڪَ.

سونهن جي ساک، نيڪيءَ جو ننگُ،
هيءُ پنهنجو آدرش، ايقان، ارڪان آهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 146)

- **ايڪو:** ٻڌي ايقان: يقين يا پَڪَ.

قوم جي هر فرد کي ايڪي ۾ آٽي عزم ۽ ايمان سان،
سامراجين جو جنازو جلد ڪيڍٿو آهہ پنهنجي ملڪ مان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 65)

- **اينگلس:** ڪميونزم جي فلسفي ڏيڻ ۾ مارڪس جو ٻانهن ٻيلي ۽ ”هارين جي بغاوت“ نالي ڪتاب جو مصنف.

رهي نہ مشڪل ٿي ڪابہ مشڪل جو حل تدبير ۾ اچي ويو،
جو خواب هو مارڪس جو ۽ اينگلس جو سو تعبير ۾ اچي ويو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 486)

- **اينگهہ:** ڊيگهہ، وڏائُ، پياس، اڃ.

گگهيون پيون تہ بہ اينگهہ اهائي، سور ڄراٽيون ڄار ٿيا،
پٽ پاراتا ڌارين تي جي، هِرکِي هاجيڪار ٿيا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 87)

- **ايوان:** ادارا، مجلس.

**تنهنجي مجلس مَچَندي رهي ۽ مئخانن جو خير هجي،**

**جن ۾ تنهنجا ٻول ٻُجهنِ، تن ايوانن جو خير هجي.**

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 92)

# ب

• **باب ٽيڻ:** قسمت جو ڦِٽَڻُ.

ڪنهن لئہ تو وٽ جيءَ ۾ جايون، ڪنهن لئہ ڪوٽيل ڪاهيون،
چاهہ اهو ڪتراڳ تہ سڀ ڪجهہ باب ٽڻ ڙي ڏوليا!

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 48)

• **باني جو ڏپ:** مار جو ڏپ، لٺين لڳڻ ڪان ڊَپُ.

يا تہ اٿس باني جو ڏپ يا پيٽ جي پوپان مَري پيو،
ڦرٽيءَ وانگي واءَ جي رخ تي جيڏانهن ڪيڏانهن ڦِري پيو.

(**دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت:** 371)

• **بادمخولي:** هرويرو رعب، اجائي سجائي مغروري، وِڦُلَڻُ.

پوڪ پَڪِيءَ تي پهرو ڏيان مان، پري ڪان پڏري منهنجي هاٿي،
خالي خولي بادمخولي، منهنجو وِٽُ بس ڪپڙو ڪاتِي.

(**دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت:** 49)

• **بارات:** خوشيءَ جو مجموعو خوشيءَ جو ڇهڇٽو.

مدت ڪان چڏيم هيج جي بارات هلي، آءُ!
خشڪ آهہ سندم عمر جي اوقات، هلي آءُ!

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 120)

• **باز:** شڪاري پکي جيڪو ٻين پکين کي شڪار ڪري کائيندو آهي.

مُنهنُ ڏئي اڳتي وڏٽو آهي، هاڻ نہ ڪو ويچارو ٽئي،
باز پَوَنِ جيئن جهرڪين ۾، تيئن مهراٽين تي مارو ٽئي.

(**ساٽيهہ جي ساک:** 70)

• **باز نہ اچڻ:** نہ مڙڻ، سڌو نہ ٿيڻ، سمجهہ نہ وٺڻ.

هن جي اهڙي ڪار ڪئي، مان هن کي جهليندس دامن ڪان،
باز نہ آيو بچڙو ٽيندو گڏجي ويندو راڄن سان.

(**ساٽيهہ جي ساک:** 38)

- **بازُو:** هڪ عضو، آڏر.

اپريل ارهه ائين آرس مان، جڻ ٽڪريون جهڙ جي غبار وچان،
اٿليا بازو جوش مان ائين جڻ، مَڇيُن ڏنا ٽپ چار وچان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 160)

- **بازو ٽٽڻ:** سهارو نه رهڻ، ساٿيءَ جو جدا ٿي وڃڻ.

ارغونن جو زور وڌي ويو، چام جو بازو ٽٽي پيو،
ڏارين ڏاڪ چمائي هن جو هرهڪ حيلو ڪٽي پيو.

(ساٽيهه جي ساک: 163)

- **باطل:** ناحق، فسق، ڪفر.

حق جي راهه ڪان هرحال ۾ بي راهه ٿيڻ جرم ٿا ڀانيون،
صلح باطل سان ڪري زعم رکي زندهه رهڻ شرم ٿا ڀانيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 128)

- **باعث:** سبب، بنياد، جنهن جي ڪري.

پنهنجي قسمت جا اسين آهيون ڏٺي خود چو ٻين جي ڳڏَ لڳون،
جو اسان جي لاءِ بربادي جو باعث ان تي ڇا باور ڪريون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 65)

- **باک پيلن:** سهانو صبح ضايع ڪري وڃڻ، باک مهل راتاهو.

رڙيون متيون، روپاهه رنو اوءِ سنڌڙي تو سهاڳ ويو،
ڪارنهن ڪئي چنڊال چنيسر، پيلي باک نياڳ ويو.

(ساٽيهه جي ساک: 71)

- **بالغ نظري:** صحيح اندازو لڳائيندڙ پَڪي پُختي سوچ، آسانيءَ سان سمجهي وڃڻ.

اهو آواز آهه اچو ته هر مڪر ۽ جبر کي بي اثر بنايون،
اهو اعجاز اچو ته انسانيت کي بالغ نظر بڻايون.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 482)

- **بالم:** رهاڪو، عوام.

منهنجي وطن جو ڪوئي بالم ڪنهن جو غلام نہ رهڻو آهہ،
جيسين غيرت باقي آهي، تيسين غيرن سان لڙڻو آهہ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 96)

- **بالي:** خيرپور واري مير علي نواز ’ناز‘ جي محبوبا ۽ زال.

تون پکي ۾ پدمڻي ۽ لوڪ ۾ لالي هُئينءَ،
تنهنجا ڳڻ ڳايان مان ڳوٺن بود ۾ بالي هُئينءَ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **باند:** قيد.

جشن ملهايو بي ڏوهيءَ کي باند رکي،
يا ڏوهي بند منجهان آزاد ڪريو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 172)

- **بان ڪرڻ:** توبهہ ڪرڻ، بس ڪرڻ، پري ٿي وڃڻ.

ٿي رهي حسن مٿان ڌاڪ ڏن جي ڪير ڪچي،
سين جڻ تہ آهِ ڪٿي محبت ڪان بان اڄ!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 186)

- **بانڪن:** جنگ جُو، ويڙهاڪ، بهادر.

هوڏانهن نرت نغارن تي پڻ نعرن جي پرمار هئي،
بانڪن جي بيگار هئي جڻ واندن جي وانگار هئي.

(ساڻيهہ جي ساک: 69)

- **بانور ڪرڻ:** وڏيڪ سهڻائي، وڏيڪ خوبصورت بنائڻ.

مُرڪَ تنهنجي من ڏٺي، بهارَ بانورا ڪيا،
پيچ قرب جي ڪٽي، جهول آهہ خالي ڙي، جُهڙيالي ڙي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 26)

- **بانوري:** سهڻي، پياري، سينگاريل، مست.

مُرڪ تنهنجيءَ تي باک هئي بانوري،
چپ تي چانڊوڪيون چُورِ، ڇهريون هيون.
(ڏرتيءَ جا گيت: 145)

- **باور ڪرڻ:** دارومدار، فخر، اعتماد، ڀروسو.

مجلس ڪئي تجويز تہ ننگر، دانشمند، دلاور آهہ،
دودي پاران ڪري وڪالت، ان تي سڀ باور آهہ.
(ساٽيهہ جي ساک: 55)

- **باهڻ:** ٻيلي ۾ ٽيندڙ ٻيد مشڪ جهڙو وڻ.

ٽانڊاٽي جان آس الا تمڪي دل جي واهڻ ۾،
اڏمن اڻ تڻ لائي هوءِ، باهہ لڳي جڻ باهڻ ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 29)

- **باهي:** چغليون هٽي جُوٽيون وجهي، سڇيون ڪري.

لاتيون لنونڊي، سڀ ڪجهہ باهي،
وينو گيت لڪان!
(ڏرتيءَ جا گيت: 31)

- **باهين جو بک:** مصيبتن جو ڪاڄ.

وري مصيبت آئي آهي ٻارڻ ڪو ٻيهار ڪجي،
يا تہ ٿجي بک باهين جو يا سوريءَ جو سينگار ٿجي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 195)

- **بتڪده:** بتن رکڻ جي جاءِ، مندر.

بتڪده کي ٿو ڪريان ياد، چڙٿي ڏي مون کي،
بتڪدي جي بت کي هٿ لاتو ديدار ٿيس.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 180)

- **ٻپا:** ٽاهڻ، ڳولي لهڻ، تيار ڪرڻ، موجود ڪري وجهڻ.

اسان جي عزم کي اي آسمان متان نہ مڃين،

ڪرڻ گهرون ٽا نئون جهان ٻپا، متان نہ مڃين.
(ڏرتيءَ جا گيت: 222)

- **ٻڄڪيون:** ڳوٺريون، ٽيلهيون.

انڌا اونڌا ويڄ اچي ويا ڏنگيُون ڏاري ٻُڄڪِيُن ۾،
جنهن کي پيي ٽي سُتي ڏنائون، اچي ويو ٽي هِڏِڪين ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 191)

- **بد ارشي:** ناچ جا ماڻ، ماپا ۽ ماترڪ ترتيب.

ام شي ام شي ل- ل- ل بد ارشي،
ام شي ام شي ل- ل- ل بد ارشي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 47)

- **بدحالي:** خراب حالت، تنگي، فتنو فساد.

ملڪ جو واهي پٽ ۾ پورو، پيڙا منجهہ عوام نہ هو،
مست هو پنهنجي حال ۾ هرڪو بدحاليءَ جو نظام نہ هو.
(ساٿيهہ جي ساک: 27)

- **بدل ٿيڻ:** مَٽُ ٿيڻ، تبديل ٿيڻ، متبادل بنجڻ.

هئي جا ڇڪتاڻ اوچ ۽ نيچ جي، بدل ٿي برابريءَ ۾،
فساد غيريت جو جيڪو سو نيست ٿي ويو برادريءَ ۾.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 491)

- **بدولت:** معرفت، ان جي ڪري.

ظلم ٿيو بيداد ٿيو انڌير ٿيو سڀ ڪجهہ ئي ٿيو،
سڀ توهان جي ئي بدولت ٿي چڪو هن قوم سان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 70)

- **بَدُوَنِ:** بيڪارن، واهيتن، دشمنن.

سوچي سمجهي ڪٽجانءِ پير ۽ بچجانءِ هرهڪ ڪاهيءَ کان،
توکي هوشيار آهي رهڻو بگهڙ بَدُوَن جي تباهيءَ کان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 189)

- **بد ۽ بهتر:** چڱي ۽ مٺي جي، خراب ۽ ڀلي جي.

ٻاگهي وڏور ڏيءُ اسان جي اصلي حاڪم ڀونگر جي،
جنهن وٽ آهي چاڻ سموري بيشڪ بد ۽ بهتر جي.

(ساٽيهہ جي ساک: 36)

- **برادري:** راڄ ڀيڻ، پرچي وڃڻ.

هيءَ جا چڪتاڻ اوچ ۽ نيچ ۾ بدل ٿي برابريءَ ۾،
فساد غيريت جو جيڪو سو نيست ٿي ويو برادريءَ ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 491)

- **بربريت:** ڏيڍيو جنگي جنون، غاصبي، چڙهائي، ظلم.

هوس ملڪ گِيريءَ جو آزاد بندن جي بي غم حياتيءَ کي برهم ڪندو هو،
تڏهن ڪو دلاور بغاوت ڪري بربَرِيت جي هلچل کي بيدم ڪندو هو.

(ساٽيهہ جي ساک: 174)

- **بربلا:** ننڍڙا پکي، جيڪي صبح سوير ۽ شام وقت ولر ڪري اُڏامندا آهن.

گهلي ٿي هير تہ مکڙين جا ڇهہ ڇڄن ٿا اڄ،
اڇي ٿي بوءِ تہ بربلن جا ڳچ ڳرن ٿا اڄ.

(ڌرتيءَ گيت: 107)

- **برتر:** مٿاهون، معياري، اوچو مٿيرو بهتر.

ٻاگهي جو ڪجهہ سوچيندي سو سڀ جي ڀاڱي بهتر آهہ،
منهنجو مانُ نہ گهٽ ٿيندو جي ڀاءُ جي عزت برتر آهہ.

(ساٽيهہ جي ساک: 37)

- **برسر:** سمورا، قبول، مڃيل، سِرَ تي، ذمي.

دودي کي دلجاءِ هئي جيڪي ٿيندو برسر آهہ،
ٻاگهي جو ڪجهہ سوچيندي سو سڀ جي ڀاڱي بهتر آهہ.

(ساٽيهہ جي ساک: 37)

- **برصواب:** ڪامياب، منزل رسيد، منطقي، نتيجي تي پهتل.

ٻڌائي ويو هرلحاظ کان انت محنتون برصواب بلڪل،

هو زار شاهيءَ جي ذلتن جو ڪري ويو صدِباب بلڪل.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 481)

- **برق:** بجلي، شعلو، چمڪو.

ماتمين جان هرڪو هتڙي پنهنجي غم ۾ غرق آهه،
ڪنهن کي چوريندين تہ سُجهندءِ چڻ تہ ڪرندڙ برق آهه.

(ڏرتيءَ جا گيت: 135)

- **برق رفتاري:** اليڪٽرڪ جي رفتار کان تيز.

هي آهن مشينون جي ماڻهو جي هرڪم ۾ ماڻهن جيان ئي مددگار آهن،
جتي سست رفتار وهڻن جا هڏ گم اتي هي سدا برق رفتار آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 172)

- **برڪ:** مشهور، هوشيار، ناماچار وارو.

هو علم جو بحر، عقل، دانش جو ابرِنيشان عظيم لينن،
هو فلسفي، هو مدبر ۽ برڪ سائنسدان عظيم لينن.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 481)

- **بَرَ منهن ڪري وڃڻ:** بنا ڪنهن منزل جي تعين جي نڪري پوڻ.

سنڌ جي قسمت ڪين ٿي پيئي، آيا ڏينهن ڏهاڳ سندا،
ڀاڳ ڪري ويو بر منهن اٿليا ڀارا ڀڙئونگ نياڳ سندا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 161)

- **برمو:** اها مشين جيڪا نوڪيارين چوٽين سان زور ڏيئي زمين ۾ لاهي ۽ ان جي بنايل سوراخ ۾ پائيپ لاهي ۽ ٽيوب ويل تيار ڪبي آهي.

مشين آئي چرپر ۾ ۽ نوڪ برمي جي ڏُو ساڻ جر کان وجي پار نڪتي،
بنيا ڏيئي ائين اک ڇنڀ ۾ ان مان پاري جي بل وانگي پاٽيءَ جي ڏار نڪتي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 172)

- **برهم:** زخمي، ڏکارو، ڪاوڙيل، غمگين، پائمال.

هوس ملڪ گيريءَ جو آزاد بندن جي بي غم حياتيءَ کي برهم ڪندو هو.

تذهن ڪو دلاور بغاوت ڪري بربريت جي هلچل ڪي بيدم ڪندو هو.
(ساٿيهہ جي ساک: 171)

- **بزگري:** مجبوري، باز اچي وڃڻ.

اردلي تنهنجي تہ ناهي، بزگري پنهنجي بہ آهہ،
پنهنجي دل وندرايان يا تنهنجو من وندرائيان.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 281)

- **بسر:** گُذَرُ پوري، لنگهي.

چنڊ اڱڻ تي اُڀري نہ اُڀري پٽبو ڪونہ پچارن ۾،
پنهنجي ياد بسر ٿي ويندي يادن جي جنسارن ۾.
(ڌرتيءَ جا گيت: 232)

- **بسيار:** ڏاڍيان، وڏي وڏي آواز سان.

هيڏانهن هيءُ ويچار تہ هوڏانهن ڌارين جي دربار هئي،
بحث هئا بِيسارُ ائين جڻ گهوڙن جي هڻڪار هئي.
(ساٿيهہ جي ساک: 68)

- **بِشنِي:** ڦورو، گيدا ڪتيندڙ ڏوڪيباز رولو بي عزتا.

هي بشني هي پُوتن جا پائر، هي ڪيسن جا رهزن، هي هوشيار ڪانگ ۽ گدڙ
ڏسن جنهن جي ڇهري تي چمڪو چِوَنِ آهہ سٽيو لڳي ڪڍ هٽن جهٽ بگهڙ جان.
(ڌرتيءَ جا گيت: 175)

- **بفضل:** حصن ۾، ڇيپٽرن ۾، ترتيب سان.

اونداهي عالم ۾ سج جيان بي نقاب ٿي انقلاب آيو،
جديد منشور جو بفضل ڪِتاب ٿي انقلاب آيو.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 485)

- **بک:** نشانو قرباني، عمل، ڪاج.

هوڏين جو هيءُ پهريون هاجو جنهن جو بک فقراهہ ٿيا،
انهن کان علاوه هنن کان بيا پِي ابتا ڪم بيگاهہ ٿيا.

(ساٽيهہ جي ساک: 50)

- **بَکَڻُ:** ظاهر ٿيڻ، نروار ٿيڻ، ڏسڻ ۾ اچڻ.

ديوانا هيئن ٽانداٽي جيان رکي رکي چو بکين پيو!
دل درياهہ ڪري هي دوها ڪنهن جي در جا لکين پيو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 135)

- **بُلُ:** ٽينگ ٽپا، خوشي، بود ۾ برجڻ، وارو ڏيڻ.

روح راتاهن ۾ آيا، رونقن جا هُلَ ويا،
ڇيهہ پيا ڇاتين اندر دلڙيءَ کان وسري بُل ويا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 151)

- **بلاغت:** خوش الهاني، وڻندڙ گفتگو سنو اندازِ بيان.

درٻارين تائيد ڪئي سلطان سلامت زندهہ رهي،
ان جو هر ارشاد اکين تي، ان جي بلاغت زندهہ رهي.

(ساٽيهہ جي ساک: 45)

- **بلاول:** مخدوم بلاول جنهن کي فتوائون ڏئي گهاڻي ۾ پيڙايو هو.

ڪير ڪٽيءَ جو مجنون آهي، ڪير بلاول گهاڻي جو،
سڏ پوندي ان مهل جڏهين ٽيو ليکو داڻي داڻي جو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 126)

- **بل بل ڪرڻ:** اجايون صلاحون ڏيڻ، گهڻو ڳالهائڻ، ڏاڪو يا رعب ڄمائڻ وڏائي جَتائڻ.

پاڻ ئي منصف ٿيو هن ڳالهہ کي فيصل ڪريو،
خود سندا لائق، اوهان چو ٿا پيا بل بل ڪريو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 70)

- **بلندو پست:** ترقي ۽ تنزل، ناماچار ۽ بدنامي.

هي ميڻ جا مسيح ۽ سنگِ خشت جا خدا،
نصيب جا نقيب ۽ بلند و پست جا خدا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 105)

- **بلو ڪرڻ:** بندوبست ڪرڻ، حل ڪرڻ، سهارو بنجڻ.

اڇو تہ ڪو بلو ڪريون، بلند حوصلو ڪريون،
جيئون جيئڻ جهان ۾ تي سرفراز ساٿيو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 109)

- **بلو نہ ٿيڻ:** تدارڪ نہ ٿيڻ، سهوليت نہ ملڻ، ازالو نہ ٿيڻ.

سارو پڙُ ويو پالهو ٿي، تو اهڙي برپا هچا ڪئي،
هاڻ تہ ان جو بلو نہ ٿيندو، تو مون جا خطا ڪئي.

(ساٿيهہ جي ساک: 166)

- **بَلي:** واهہ واهہ، چا ڳالهہ ڪجي، ٺهندڙ.

گهگري گهير تي گها گهرڪ بَلي،
چوري! تنهنجا ننڊ ۾ چرڪ بلي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 47)

- **بَمُ ڏَئي:** ڌڪ ڏئي، پورائو ڪري، ڊوهہ ڪري، ڏوڪو ڏئي.

جڳ تہ ماڙي ناهي مومل جي جو توکي بم ڏئي،
تنهنجي جهٽ جهٽ جي ڪروڙن ڪي رهان مان جم ڏئي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 282)

- **بني نوع انسان:** دنيا جي تختي تي جيڪي بہ انسان موجود آهن.

اُجاري چڙي جن زماني جي سيني تي همت ڪري فتح نصرت جي،
مري جي مٽائي بني نوع اِنسان جي هٿ تان غلاميءَ جي ذلت جي ريکا رکي.

(ساٿيهہ جي ساک: 171)

- **بڻ:** نسل يا بنياد.

ڪاهي آئين انهن جي ڪڙ تي، جن جي بڻ ۾ ڦير هو،
حرام حلال جي ڪاتي هرڪو نہ ڏنئي تہ ڪوئي ڪير هو.

(ساٿيهہ جي ساک: 77)

- **بڻ غار ٿيڻ:** بڻ بنياد يا نسل ختم ٿيڻ.

کهڙو باور هي جي پيلا پڳدار ٿئي ها راڄن جو

ملڪ اڇي ها آئيءَ ۾، برڻ غار ٿئي ها راڄن جو.

(ساٽيهہ جي ساک: 59)

- **بودلي:** اڀوجھہ، معصوم، بود ۾ پريل، خوشيءَ ۾ مَهُوڳُ.

سرس تنهنجي سونهن هئي، جيڏين اندر جرقل جيان،

ٿهڪندي، ٽلندي وتين ٿي بودلي بَرِبَلَ جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 182)

- **بود ۾:** خوشيءَ ۾، ٽڏڻ ۾، مستيءَ ۾، مخموريءَ ۾.

تون پکي ۾ پدمڻي ۽ لوڪ ۾ لالي هُئينءَ،

تنهنجا ڳڻ ڳايا ٿي ڳوٺن، بود ۾ بالي هُئينءُ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **بولو:** نڪ ۾ پائڻ جو ڳهڻ.

بولو پائي جو نو ورني ٻنيءَ تي آئي ٻاگهي!

اکڙين جرڪي تارن وانگي ننڍَ ڦتائي ٻاگهي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **بهانو:** سبب، ڪارڻ.

راڄ سڄو هو اڻ تڻ ۾، هيءُ رڳڙو ڪيئن روانو ٿئي،

ڏسون تہ پونگر ڇاين مان ٿو ڪنهن جو بخت بهانو ٿئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 37)

- **بهبود:** ڀلائي.

وسيع تر علم، فن، حڪمت عوام جي لاءِ وقف آهي،

تمام بهبودي ۽ مسرت عوام جي لاءِ وقف آهي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 488)

- **بي اعتداليون:** اُڀهرايون، جذباتي پڻو.

مزاج ۾ ۽ معاشري ۾ هجي نہ هرگز تضاد باقي،

ڪٿي بہ بي اعتدالين جو رهي نہ بلڪل نواد باقي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 485)

- **بي پاڙي:** وڻ ويڙهي ول، جيڪا جنهن وڻ تي پکڙجي، ان جو ڪاڏو پاڻ ڪائي ان کي سُڪائي ۽ ساڙي ڇڏيندي آهي.

آدم زاد ائين نہ جُڳائي جو ڪا اهڙي آس ڪجي،
بي پاڙيءَ جيان پاڻُ پکيڙي ٻئي جي ستياناس ڪجي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 142)

- **بي پَهُچُ:** جنهن جي ڄاڻ سڃاڻ نہ هجي، بيوس.

زمين تي جو خلل اُپائي رهيو ٿي دائم زماني اندر،
هئي نہ بي پهچ خلق جي ڪابہ سُرتِ سالم زماني اندر.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 42)

- **بي پيرو:** جنهن ۾ ڪائي ساڃهہ، مانُ ۽ مرجات نہ هجي.

ان ڪان اڳ جو ڇاتي تاڻي وير اُتاهينءَ سيرِ اڳيان،
مون کي ڏي موڪل تہ ٿيان مان پيش وڃي بي پير اڳيان.

(ساٿيهہ جي ساک: 64)

- **بيجائي:** خام خيالي، بي وقتي، بناڪنهن جواز جي، اجايو سجايو.

چانڊاڻ ۾ بيجائيءَ جو احساس نہ آهي،
جيئڻ ۾ نراسائيءَ جو احساس نہ آهي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 248)

- **بي حال:** خراب ڇال ۾، ڪسمپرسيءَ واريءَ صورتحال ۾.

ڪڏهن تہ لال ڪنوار هئينءَ اڄ بيواهن جيان بي حال ابوءِ!
جيجل تنهنجي جهول کي جَسُ، پر دل وارن جو ڪال، ابوءِ!

(ڌرتيءَ جا گيت: 82)

- **بي حس:** ڪُندُ، اُهو جنهن جي احساسن تي ڪوبہ اثر ظاهر نہ ٿئي.

هاڻ تہ ڪاغذ جو گل آهيان بي حس، تہ بہ سڀ سُرتِ رهي ٿي،
هِيرَ نہ مون کي پاڻءِ پوي ٿي، ماڪ نہ مون کي راس اَچي ٿي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 133)

- **بي حسي:** بي اثري، هر احساس کان خالي.

اوهان وٽ بي حسي ۽ بي وفائيءَ جي ڪمي ڪانهي،
اسان تہ بہ عشق جي راهن ۾ اوسيئڙا اُڀاريون ٿا!
(ڏرتيءَ جا گيت: 1215)

- **بيداد:** ناانصافي، ناحق، حق تلفي، ڪوبہ داد فرياد نہ ٿيڻ.

ظلم ٿيو بيداد ٿيو انڌير ٿيو آ سڀ ڪجھ ٿيو،
سڀ توهان جي ئي بدولت ٿي چڪو هن قوم سان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 70)

- **بيدار:** سجاڳ، باشعور، سوچ سمجھ وارو.

ساڳي هيءَ تاريخ هُئي، جنهن قوم سڄي بيدار ڪئي،
غير جو احساس ڏياري، هرڪا دل هوشيار ڪئي.
(ساٽيھ جي ساک: 26)

- **بيدر:** جنهن کي گھر گھاٽ نہ هجي، لُنبُ.

سنڌڙيءَ جا مخدوم بلاول، سن جي سائينءَ حيدر جي،
تنهن سنڌڙيءَ تي ڏاڪ نہ رهندي ڪنهن بيگاني بيدر جي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 83)

- **بي ديار:** جنهن وٽ ڪو گھر گھاٽ نہ هجي، شهر بدر.

اڃي تہ ڪيئن اڃي راس زندگيءَ جي فضا،
وطن ۾ شهر مسافر ۽ بي ديار آهيون.
(ڏرتيءَ جا گيت: 220)

- **بيدول:** اڻ ڍنگي، هيٺ مٿاهين، دڙيون ڊِڪا.

هليو هر تہ بيدول ڌرتي دڙن مان بدلجي سنوت ساڻ هموار ٿي وئي،
ويا لاهہ لاهن جا نڪري ۽ کوہن کڏن جي يڪي سِرِ مَڏي گار ٿي وئي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 172)

- **بيڪسي:** بيوس هئڻ واري حالت، جنهن جي ڪوبہ ٻڌندڙ نہ هجي.

غريب انسان بيڪسيءَ کان رهي ٿو احساس ڪهڙيءَ ۾،
غلاميءَ ۾ خوار آهي، رهي ٿو سدائين پَسِتيءَ ۽ ابتريءَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 122)

- **بيڪل:** نيڀال، ڏَئي وتِي بيٺل، بيوس.

موت جو سايو پلا جنهن جي مٿان پليل هجي،
ياس کان ٿين نيڻ آلا، غم کان دل بيڪل هجي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 138)

- **بي ڪيف:** ڪنهن بہ اثر کان خالي، بي اثر.

ڪنهن شهر محبت جي مضافات ۾ آهن،
بي ڪيف خيالن جي طلسمات ۾ آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 120)

- **بيگانو:** ننڌڻڪو اُڙيون ٽُڙيو پکوڙو ناحق هيٺ.

سنڌڙيءَ جا مخدوم بلاول، سن جي سائين حيدر جي،
تنهن سنڌڙي تي ڏاک نہ رهندي ڪنهن بيگاني بيدر جي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 83)

- **بيگاهہ:** بي وقتو اجايو سجايو اوچتو آزاد طور.

پائن هوندي پيڻ ٻڏي پڳ، گڻ نہ اِهو بيگاهہ ڪجي،
راج کي سئين دڳ لائڻ گهرجي، هوشياري همراهہ ڪجي.

(ساٽيهہ جي ساک: 37)

- **بيگر:** بنا معاوضي مزوري، هاريءَ مٿان مفت ۾ زميندار ي ڪم.

پورهيو نہ ٿيو چڙ بيگر تي جا لنگهڻ ڪٽي ۽ وهي چُڪا،
پٽسن ڪرڻِ پنهنجو رت ست ڳاڙي ڳاڙي ڳهي چڪا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 115)

- **بيمانو:** بي عزتو بي ايمانو انسانيت جي معيار کان ڪريل.

ڇيو سپاهين اجا اسان کان ڏوهہ پڇو ٿا بيمانو!
ساري ديهہ کي ڏاڙا هڻندي لٽيو ڦريو ٿا بيمانو!

(ساٽيهہ جي ساک: 48)

- **بي وسي:** ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهڻ، وس نہ هلي سگهڻ، تمام پوئتي پيل حالت.

مفلسي، فاقہ ڪشي، بي روزگاري سِرَ تي آهہ،
بي وسي، بيماري، اندوهڪاري سِرَ تي آهہ.

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 147)

- **بيوَهہَ:** جنهن عورت جو مڙس مري ويو هجي، بي سهارو، جنهن کي ڪا واهہ نہ هجي.

ڪڏهن تہ لال ڪنوار هُئينءَ اڄ بيوهہ جيان بي حال، ابوءِ!
جيجل تنهنجي جهول کي جس، پر دل وارن جو پيو ڪال، ابوءِ!

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 82)

- **بيهودگي:** مان مرجات وڃائڻ، بي شرمائي ڪرڻ، ڪريل حرڪتون ڪرڻ.

ناحقيءَ سان حق ٻين جا پاڙ ٽا ڪٽڻا پون،
انت جي بيهودگيءَ سان نٽ ڪرڻا ٽا پون.

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 141)

# ٻ

- **ٻاٻل:** بابل يا بابو پيءُ.

منهنجي ٻاٻل جي ٻولي ٻاڙي،
ٻاڙيءَ تہ اک ٻہ نہ لاڙي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 24)

- **ٻاٻور:** ناز نخرو، سهٽائي، وٽندڙ انداز.

ٻاگهيءَ کي ٻاٻور تہ هاٽي منهنجي صلاح اِهائي آهي،
تخت جو وارث ٿئي چنيسر، ٻي ڪا رٿ نہ ٻجا آهي.

(ساٽيهہ جي ساک: 37)

- **ٻارِيُنِ ڪي:** ٻنيءَ جي ننڍين ننڍين ٽڪرن کي.

وطن نہ آهہ شڪار، ٻڌائي چڙيو هاڻ شڪارين کي،
رت جو ريج رسائيندا سي رِيتِ ۾ ٻول جي ٻارين کي.

(ساٽيهہ جي ساک: 47)

- **ٻاڙي:** ٻي سوادي، زمين جيڪا ماپ کان ٻہ گهٽ هجي، جنهن جي ماپ ڪرڻ ممڪن نہ هجي.

منهنجي ٻاٻل جي ٻولي ٻاڙي،
ٻاڙيءَ تہ اک ٻہ نہ لاڙيءَ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 24)

- **ٻاڪڻ:** ڪِينجَهڻُ، ڦَٿِڪڻُ، روج راڙو ڪرڻ.

عاشق پاڻ پهاڙ ڪري ٿو، دنيا کان منهن مٿي چڙي،
پر محب جي ڪانئس منهنڙو مٽيو هيءَ ٻارن وانگي ٻلڪڻ لڳندو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 316)

- **ٻاڪيو:** دانهون ڪيائين، پِٽيائين ڪوڪِيائين.

ٻارن جيان ٿي ٻاڪيو هو ۽ ٻوڙ جيان ٿي ٻَڙڪي هوءَ،

چوزي تي جڻ حملو ٿيو ۽ ڪڪڙ جيان پئي ڦڙڪي هوءَ.
(ساٽيهہ جي ساک: 72)

- **ٻال اوستا:** ٻالڪپڻو ننڍپڻ.

ٻال اوستا لاءِ ٿي ٻارن جيان روئندي رهين،
چنڊ ۽ تارن جي آڏڻ لاءِ ٿي ڏوَندي رهين.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 281)

- **ٻانهن:** عضوو، عورت، ڪنڌي، ڪوٽ.

لالچ هئي تہ ٻاگهي منهنجي ٻانهن تي ويندي موج ڪندس،
حرم سراءِ ۾ بيگم هڪڙي ٻي ٻيي وڏندي موج ڪندس.
(ساٽيهہ جي ساک: 45)

- **ٻانهيءَ واري:** عاج جون اڇيون چوڙيون، جيڪي ڪلهي تائين ٻانهن ۾ پائيبيون آهن.

ڪڏهن تہ تنهنجو روپ ايئن جيئن جلوو ٻانهيءَ واريءَ جو،
هئي حياتي هيج ۾ ايئن جڻ ڇيج ۾ ڇيڏڪ ڪنواريءَ جو.
(ڌرتيءَ جا گيت: 42)

- **ٻانهيءَ واري ٻانهن ورائڻ:** چوڙين سان ٻريل ٻانهن جي لوڏ يا آرس ڀجڻ.

دلو ڪٽي جو ٻانهن ورائي ٻانهيءَ واري ٻاگهي،
دل وٺي ڪنهن ڪوهہ تي وهنجي، ڦٽي وساري،
ٻاگهي، هُوءَ ٻاگهل ٻاگهي!
(ڌرتيءَ جا گيت: 43)

- **ٻاوا:** هندو مت جا درويش، مندر جي سيوا ڪندڙ مندر جا پوڄاري.

ڳيروُ جن جي ڳالهہ ائين جڻ مندر ۾ جاڳيا ٻاوا هو،
ڳيروُ جن جي ڳالهہ ايئن جڻ گج تي ٽانڪيل ڪاوا هو.
(ڌرتيءَ جا گيت: 158)

- **ٻائيتال:** مصيبت، بي چيني، ڏک وارو ماحول، روج راڙو مارڌاڙ.

مور چيو مون سمجهيو ڪونہ تہ تون ڪهڙو ٿو جنجال ڪرين،
ان ڪان اڳ جو متيون منجهائي تڪڙ ۾ ٻائيتال ڪرين.
(ڏرتيءَ جا گيت: 86)

- **ٻَڏَتَرَ:** گائون مائون، ٻہ ٽِچنائي، مونجهارو سوچ.

ٻاگهي پئي ات ٻڏتر ۾ تہ قصو ڪيئن ڪوتاهہ ڪجي،
پائن هوندي پيرڻ ٻَڏي پڳ گڙ نہ اهو بيگاهہ ڪجي.
(ساٽيهہ جي ساک: 37)

- **ٻُرڙي ڪئي جيئن ٻارن سان:** شير محمد ٻرڙو ڏوڪريءَ هاءِ اسڪول ۾ ماستر هوندو هو. اهو شاگردن سان ڪم نہ ڪرڻ ڪري يا اسڪول مان گسائڻ جي ڪري اهڙيون تہ جنيون ڪندو هو جو اهو محاورو جڙي ويو.

سائينءَ جو سنهن تعدي اهڙي ٿيندي هيل ڏڪارين سان،
عام چواڻي تعدي جهڙي ٻرڙي ڪَئي ٻارن سان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 162)

- **ٻِڙِڪَ:** ٿوري ڳالهہ، سُس پُس، ذري ماتر ڪول.

سنڏڙي آهي سڏڪن ۾ پر چوڏاري مانڊاڻ پيلا،
ڪير ٻڌي ڪا ٻڙڪ اچي، هن ڏکيءَ کي ڏئي ڪو ڏاڻ پيلا.
(ساٽيهہ جي ساک: 35)

- **ٻڙڪي:** ڪڙهي.

ٻارن جان ئي ٻاڪيو هُو ۽ ٻوڙ جيان ٿي ٻَڙڪي هُوءَ،
چوزي تي جڻ حملو ٿيو ۽ ڪڪڙ جيان پئي ڦڙڪي هُوءَ.
(ساٽيهہ جي ساک: 72)

- **ٻُڪن:** جهنگلي ٻوٽو. جنهن ۾ پيلا پيلا گل ٿيندا آهن. ڏک ڪان ڪوسو ڪري ٻڌبو آهي.

تنهنجي ڪيرولين جي منڙي لست پستن کان پلي،
غير جي گينڊي ڪان وڌ، تنهنجو ٻُڪَنُ، تون لک لهين!
(ڏرتيءَ جا گيت: 77)

- **ٻَنڊِ ٻَڌَڻُ:** ڪاهي پوڻ، وارو وارو ڪري اچڻ.

پاڻ ڪي جيڪا آهہ لڳي، سا گهر مان آهہ لڳي سائين!
تڏهن تہ ڏارين ڏوڏ ڀرين جي آهي ٻنڊ ٻڌي سائين!

(ساڻيهہ ج ساک: 51)

- **ٻنڊ هڻڻ:** حق ڦٻائي وجهڻ، ڀاڱي چورائي وجهڻ.

آئي ٽانڊي ڪاڻ هٿي جا بورچياڻي پنڊ هڻي،
وَئي اُهائِي ڏيهہ جي ڏائڻ آهہ اسان جي ٻنڊ هڻي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **ٻوٽو ٻارڻ:** ڪو ڪارنامو ڪري ڏيکارڻ، ڪا مهم سَرِ ڪرڻ.

ڀيج ڀنيءَ جو سور سنواري سکن جي ڪارڻ هاءِ الا،
ڇپر ڇڏي ڪي ڇورا نڪتا ٻوٽو ٻارڻ لاءِ، الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 114)

- **ٻوٽو ٻرڻ:** ڪڙ تيل نڪرڻ، مقصد ڪي پڄڻ، واڏارو ٿيڻ، چڱائي ٿيڻ.

اتي ڇيو ڪن شور مچائي هيئن نبيرو ٿيڻو ناهہ،
ٻاگهيءَ ساڻ صلاح ڪريون ها جي نہ تہ ٻوٽو ٻرڻو ناهہ.

(ساڻيهہ جي ساک: 35)

- **ٻوٽو گار ٿيڻ:** تباهي ڪرڻ، ٻيڙا ٻوڙڻ.

اڄ جي چنيسر راڄ نہ ماڻيون، راڄ سڄي انڪار ڪيو،
منهنجي سينڌ ٻہ نہ مون جو ساري، راڄ جو ٻوٽو گار ڪيو.

(ساڻيهہ جي ساک: 28)

- **ٻول:** واعدو، وچن، عهد، وفاداري.

وطن نہ آهہ شڪار ٻڏائي ڇڏيو هاڻ شڪارين ڪي،
رت جو ريج رسائيندا سي ريت ۾ ٻول جي ٻارن ڪي.

(ساڻيهہ جي ساک: 47)

- **ٻهروپ:** شڪل جو ڏوڪو ٻئي رنگ ۾ ۽ ٻئي روپ ۾ سامهون اچڻ.

تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول،

مون وٽ روپ نہ ڪو ٻهروپ الا!

(ڌرتيءَ جا گيت: 24)

- **ٻهڙي جي:** ڪُتي جي، ڪُتي جيان.

توتي ڦتڪار ڪري، تو ورتي وَٽِ ڪيئن مهڙي جي،
ڪنهن جا عضوا چٽي وڌا، جيئن تو ۾ عادت ٻهڙي جي.

(ساٽيهہ جي ساک: 50)

- **ٻهڪي:** ٽڙي، ڪلي خوش ٿئي.

ٻهگڻ جو ٻاٻور تي ٻهڪي، محفل ڇا مان ڇا ٿي وئي،
غنچي جهڙي غزل جي صورت، ڪنهن جي مرڪ جيان وا ٿي وئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 74)

- **ٻهگڻ:** ڳِٽَنِ وارو، ٿورا ڪندڙ سخي، سهڻو سُريلو مهڪندڙ.

ٻهگڻ جو ٻاٻور تي ٻهڪي، محفل ڇا مان ڇا ٿي وئي،
غنچي جهڙي غزل جي صورت، ڪنهن جي مرڪ جيان وا ٿي وئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 74)

- **ٻيڙا ٻوڙڻ:** تباهي ٿيڻ.

هرڻ بہ تن کي اهڙي هيئن، جو ٻيڙي انهن جي ٻوڙي وئي،
آهہ جا نڪتي جڙ تہ هئي ڪا اوٽ جا ٽوڙها ٽوڙي وئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 194)

- **ٻيڙا پار ٿيڻ:** فتح ٿيڻ، مشڪل آسان ٿيڻ، ڇوٽڪارو.

هن ڌرتيءَ جي سونهن جي سنجري، ساهن جا سينگار ٿين،
هن ڌرتيءَ جي آب ۾ امرت لڳي تہ ٻيڙا پار ٿين.

(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **ٻيل:** گڏجي پوڻ، مدد ڪرڻ، هڪجهڙو ٿيڻ، هَم سر ٿيڻ.

تو وٽ، ڪجهہ مون وٽ ڪي بہ نہ، ڪين ۾ ڪهڙي هام هئان،
توسان ٻيل ٿيڻ جي ڪيئن مان هاڙهي واري هام هٽان.

(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **ٻيلاٽي:** جهاڙي، گهاٽو ٻوڙو، گهاٽي ٻيلي جو حصو.

ٻيلاٽيءَ مان ٻوٽ ڪڍي هن هرڙ ڪي ها هاڪار ڪئي،
تو چو ايندي اُجري ڍيري ميري او مردار ڪئي.

(**دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت:** 284)

# پ

- **پاتي:** گهر جا فرد، مائٽ، مڙس، محبوبُ.

متي ۾ ڦيري، من ۾ اُماڙيون،
جڻ تہ سراڻ تي ڪاتي، منهنجا پاتي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 32)

- **پاري:** ڳرو، وڏو، زور، وزندار.

توڙي پيينگيو تڏهن بہ پنهنجي رعب ۾ پنج هزاري هو،
ڳوهہ جيان هئي سِيٽ سندس ۾ ۽ پير انهيءَ جو پاري هو.

(ساٽيهہ جي ساک: 65)

- **پاڙيتا:** پڳهار تي وڙهندڙ، معاوضو وٺي وڙهندڙ.

اسين ملازم ٽيٽا ناهيون، ڇيو فقيرن ٽندڪر سان،
پاڙيتا ٿي جنگ ڪنداسي ڪين وطن جي ڌهيسر سان.

(ساٽيهہ جي ساک: 50)

- **پاڳ پڙائڻ:** پاڳ جو وارو، قسمت ڪُلي پوڻ.

پاڳ پڙائي ڪيئن جو نرڙ تي،
ابتيون ريکان اُپري آيُون.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 98)

- **پاڳيا:** مالوند ماڻهو اُهي جن جي چوري ٿيل هجي.

جيئن وِسائي خانقاهن جي ڏئي ڪي واءُ اچي،
جيئن وڃائن ڪاتڪو پاڳين جو سَنجهي ساءُ اچي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 153)

- **پاڳين:** حصي طور، ورهاست ۾.

دودي ڪي دلجاءِ هئي، ڇِي جيڪي ٽيندو برسر آهہ،
ٻاگهي جيڪو سوچيندي سو سَڀ جي پاڳي بهتر آهہ.

(ساٽيهہ جي ساک: 51)

- **ٻال ٻلايا:** قرب ڪيا، ٿورا ڪيا، چڱايون ڪيون، ڀير وهي ويا.

تو جي ڏارين ساڻ ملي ۾ ٻال ٻلايا پنهنجن سان،
تن جا ڪِيتا لوڙين وينو جُٺِ، ڦِٽَ، طعنن، تنڪن سان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 87)

- **ٻانتين:** ٻري ٻري جون، هنڌ هنڌ جون، مختلف.

سيڙهہ جو ڪندو گهر ۾ سانڍي ٻول نہ ٻوليون سانتين جون،
ذات ڪپي هڪ، ڪپي نہ يار نياز ڪُذاتيون ٻانتين جون.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **ٻانءِ پوڻ:** راس اچڻ، قبول پوڻ، طبيعت کي ٺيڪ لڳڻ.

آڏيءَ رات ۾ چنڊ اداس ۽ منهنجو روح نراس الا،
هُن کي ٻانءِ نہ تنهائي، نہ ڪي مون کي جدائي راس الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 32)

- **ٻائُنِ ٻيري:** ٻائرن جي واهر، ٻائن جو ٻيٽي، ٻر جهلو.

ٻر جيڪو ٻٽ کي مارائي سو ڪنهن جو خيري ٿيٽو ناهہ،
ٻيءَ جي ٻُٽِ لجائي جنهن، سو ٻائن ٻيري ٿيٽو ناهہ.

(ساٽيهہ جي ساک: 63)

- **ٻيڪِيُون:** رڙيون، هلندي هلندي لڳندڙ هانبارا، دڙڪا داب.

ائن جون ٻيڪيون، ٻٽن ۾ ٻٽڪيون، منهنجي اندر کي آيون اُجڪيون،
سانگين ساريو هليم هڏڪيون، شل ڪا اوٺ پئي اوٺارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **ٻت ٻُنيادن تي ويندي آهي:** نسل ماڻهوءَ کي ضرور ڇڪ ڪندو ٻڻ ٻڻياد جا اهڃاڻ ضرور ايندا.

اوهان جي آڏو شوڪارا ڇڻ،
ٻتِ ٻنيادن تي ويئي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 287)

- **ٻتَر:** جهنگلي ٻوٽو ٻوسلي تي سياري ۾ ٿيندو آهي، ٻيلا گل هوندا اٿس.

ڪرڙ جون مڪڙيون ڪوماڻيون ۽ پتر جا گل ويا،
چيٽ جا چاندول اڏامي ويا، اڪن جا ڦل ويا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **پتر - وَلِ:** ول جو قسم جيڪا واهن جي ڪپن تي پوسلي ۾ ٿيندي آهي.

وَهي پتر- ول جيئن ڦلاري، پوپٽ وانگي نينهن آيو،
پوپٽ وانگي نينهن آيو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **پتڪيون:** رُليون، هيڏي هوڏي پکڙجي وڃون.

ائن جون پيڪيون، پتن ۾ پتڪيون، منهنجي اندر ڪي آيون اُجڪيون،
سانگين ساريو هليم هڏڪيون، شل ڪا اوٿ پوي اوٺارن ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **پَر:** پاسو طرف، ٽيڪ.

هڪڙيءَ پر غدار ڪيم ته ٻئي پاسي سچار ڙئي،
خير ۽ شر جي ساک ۽ سانگي لاءِ ڪٽيل ڪردار ڙئي.
(ساٽيهه جي ساک: 68)

- **پرمار:** وٺ وٺان، هڻ هٽان.

هوڏانهن نرت نغارن تي پڙ نعرن جي پرمار هئي،
ٻانڪن جي بيگار ائين جڙ واندن جي وانگار هئي.
(ساٽيهه جي ساک: 69)

- **پرم رکڻ:** عزت بچائڻ.

درياخان هي چا ٿو چئين ڪجهه سوچ اسان جو مرم ته رک،
ملڪ اهو جو ماءُ برابر، ان جو ڪوئي پرم ته رک.
(ڏرتيءَ جا گيت: 165)

- **پرون:** اڪين مٿان، نرڙ ۽ اکين جي سنڌي تي قُتَلَ وار.

منهنجي سانول جي پرُونءَ ته جاڙي،
جاڙيءَ نه ڪا پتِ پاڙي!
(ڏرتيءَ جا گيت: 39)

- **پِرُون جاڙا:** ڳُتِيلَ ءِ پاڻ ۾ ڳنڍيل گهاتا پرون، سونهن جي نيشاني.

منهنجي سانول جي پِرُونءَ تہ جاڙي،
جاڙيءَ نہ پَتِ پاڙي! الا مان مٿي اگهاڙي!

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 64)

- **پڙ پانگ:** سڄ، ويراني، ڊاهہ ڊوهہ.

تو بن پنهنجي پيار جي وستي سجي پڙ پانگ پرين!
آڏيءَ مانجهيءَ چپن تي آهن، آهُنِ جا ڪيڏارا هوءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 209)

- **پڙڪايو هجي:** مچرايو هجي، چيڙايو هجي، جنگ لاءِ تيار ڪيو هجي.

ممڪن آهہ تہ هن کي ڪنهن شيطان وجي پڙڪايو هجي،
جنهن تي لڳي هن اک ڇنپ ۾ هي سارو ممڻ مچايو هجي.

(ساٽيهہ جي ساک: 54)

- **پِڪَ:** تودو، گڏيل وزني مٽيءَ جو ڳنڍ.

ماٺهو ڪيئن تو ڪليتون ڪائي اک ۾ قاتل ڇيت جيان،
ڪڏهن بلڪل پَنجُهوءَ جي پِڪَ، ڪڏهن اُڏامي ريت جيان.

(ساٽيهہ جي ساک: 75)

- **پَڳِڙَنِ مُٺِ تي:** قدر نہ ڪرڻ، ضايع ڪرڻ، ماند ڪرڻ، سستو وڪامڻ.

سِين کي پڳڙن مٺ مٿي نيلام ڪرٽو تو پوي،
زندگي تنهنجي ڪري ڇا ڇا نہ تو ڪرٽُو پوي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **پُلَ:** ڇڪَ، غلطي، سَهَوَ.

سائي سَرهَن تہ پيلا گل، بالُو!
دل ڪانہ ڪئي، ڪئي اڪڙين پُلَ، بالو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 53)

- **پلارو:** پلائيءَ وارو، پاڳ وارو، پلو.

ويرمُ آخر ويرمُ آهي، راهہ سڏي سمجهائي تو،

باک جيان هو آهہ پلارو اُلجهيءَ کي سُلجهائي ٿو.

(ساٽيهہ جي ساک: 52)

- **پلاوٽو:** دلال، وِچون ماڻهو اڳوات ٻول ڪندڙ.

پٽر پرائو پور اوهان جا، گيت نياز نماڻي جا،

جڙ تہ بيابان، جڙ تہ بهاران، جڙ تہ خيال پلاوٽي جا.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 285)

- **پُلي پُلي پاڻ اچڻ:** جيڪا بتال تي وري ساڳيءَ صحيح جاءِ تي موٽي اچي.

ٿئي چنيسرُ چڱو تي اڳ ۾، ڊِنگُ نہ ڊاهي ڪنهن ليکي،

پلي پلي جا پاڻ اچي سا پليل نہ آهي ڪنهن ليکي.

(ساٽيهہ جي ساک: 61)

- **پنيت:** وڏيءَ جيپيءَ سان باهہ جو مچ.

آيو چنيسر چيلهہَ ٻڌي ۽ ٿيو ڀهو ڀهہ ممٽ سان،

ممٽ آڏو ايئن لڳو ٿي جڙ تہ ڏياتي پنيت سان.

(ساٽيهہ جي ساک: 81)

- **پنيلائڻ:** ريجهائڻ، وندرائڻ.

صبح کان توکي ٿو اربيلي پيو پنيلائيان،

هانوَ تي پاهڻ رکي ٿو، تنهنجو سر سرچائيان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 281)

- **پَنيِي ڏاڙهي:** ڳُوڙهي ڏاڙهي، گهاٽي ڏاڙهي، ڳُتيلَ ڏاڙهي.

چهرو آيو ميڙ کٽي چي هرڻ هنيلا بابو ٿيءُ،

منهنجيءَ پنيِيءَ ڏاڙهيءَ ڏي ڏس خدا ڪري ڪجهہَ ڏاهو ٿيءُ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 138)

- **پنجهُو:** ڪنهن ٻِڙي يا واهہ جي ڪناري جي گڏيل مٽي.

ماڻهو ڪيئن ٿو ڪلٽيون ڪائي اک ۾ قاتل چيت جيان،

ڪڏهن تہ بلڪل پنجهوءَ جي پِڪَ، ڪڏهن اُڏامي ريت جيان.

(ساٽيهہ جي ساک: 75)

• **ٻَنبار:** ڍِڳُ، مجموعو، گهڻي تعداد ۾.

ٻئي واتِ واڳونءَ جي ڪن ٿا واڇڻ اَڇو هٿ ٻيو آهه لڪُ ڪَڪَ جي هيٺان

جوانيءَ ۾ طاقت جو انمول ٻنبار سانڍي رکيو آ اسان ڪک جي هيٺان

(ڏرتيءَ جا گيت: 175)

• **ٻندڻ مچڻ:** فساد شروع ٿيڻ، ڦَڏا پيدا ٿيڻ، بارڻ ۾ بائيتال پيدا ٿيڻ.

انهيءَ ڪري هو ماٺ ٿي ويٺا، متان وري ڪو ممڻ مچي،

هرڻ کي ڪا پرواهه نه هئي، چئي ٻلي ٻُرَنِ تي ٻندڻ مچي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 195)

• **ٻَنوَرجيان:** ڪُن وانگي، تيز وهڪري جي ورن وڪڙن منجهان جڙندڙ ڪن.

ڦِريو هٿ بٺڻ تان ته نلڪي مان زوڪو ڪري ٻنور وانگي ڦوهارو شروع ٿيو

ننڍين ۾ وڏن، آنَ ۾ انسان هر جنس جي خصم جيتن تي مارو شروع ٿيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 173)

• **ٻُوتن جا ٻائر:** جنن جهڙا، جهٽ پٽ غائب ٿيندڙ اوچتو راتاها ڏيندڙ.

هي ٻِشنِي ۾ ٻُوتن جا ٻائر،

هي کيسن جا رهزن هي هوشيار ڪانگ ۾ گدڙ جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 173)

• **ٻور:** ٽڪرا ٽڪرا، ذرا ذرا.

پٿر پوي ٿو پاڻيءَ ۾، لهر ٻري ٿي زور،

تنهنجون ڳالهيون ٻُڏي ٻُڏي بنجي ٻياسون ٻور.

(ڏرتيءَ جا گيت: 38)

• **ٻونگر:** سومرن جو اهو بادشاهه جيڪو دودي، چنيسر ۾ ٻاگهيءَ جو ٻيءُ هو.

ٻونگر راج ۾ ٻاڳ جو مالڪ، سنڌڙيءَ جو سلطان هيو،

جنهن جي سايي ننڍڙي وڏڙي جو سکن ٻريو گذران هيو.

(ساٽيهه جي ساک: 27)

- **پون ۽ ڏٽي:** ملڪ جا اصلي مالڪ، ڌرتيءَ جا صحيح پهي وارث.

جاڳ هاڻ تہ پونءِ ڌٽي جو گهر بہ ويو ۽ تر بہ ويو،
ارڪو ترڪو وِيو تہ وِيو پر اِجهو سين جو سِرُ بہ ويو.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 130)

- **پئونر پرڻ:** پئونر پاران پيرا ڏيڻ يا ڦيرا پائڻ.

ڪڪريون جن جا ڪرهہ ايئن جڻ پرهہ وهيءَ جا انگ ڪٽي،
ڪنوار جيان پئي پئونر پريا، رم جهم رم جهم رنگ ڪٽي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 185)

- **پئونر جيان پيرا:** هر هر اچڻ، قربان ٿيڻ.

اسان چڙياسي پئونرن جا پيرا، ڪوريئڙن جان تانيون،
مٽيون مٽيون ڪري چني چڙيون سين ڳٽتين جون سپ ڳانيون.

(ڌرتيءَ جا گيت: 48)

- **پيج پني:** صبح جي، سِجَ ايرڻ کان اڳ واري مهل.

پيج پني ڪنهن نہ لڌي راتين جي پرگهور،
چنگ بنجي چاهہ ڪيو، چاتين منجهان شور.

(ڌرتيءَ جا گيت: 38)

- **پيچي:** هڪجهڙا گڏيل، هڪڙي هاڙهيءَ جي ٽيم جا ميمبر.

هڪڙيءَ جنگ ۾ مور ۾ هرڻ رهيا ٿي پاڻ ۾ يارن جيان،
گڏجي سڏجي راند ڪندا ها پيچي بنجي ٻارن سان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 83)

- **پيد:** دشمنيون، فرق، تفاوت، ٻہ- اڪيائي.

اسان تہ ڪنهن جا ڏوهي ناهيون چاجي لئہ ٿا قيد ڪريو،
ڪولي ڳالهہ ٻڌايو ٻيلي! ڪهڙو ٿا هيءُ پيد ڪريو.

(ساٽيهہ جي ساک: 49)

- **پير:** رهائش، وَڙُ دبدبو.

آخر آيو وقت اهو جو پونگر پنهنجو پير چڙهي،
هن دنيا مان هُن دنيا ڏي اسهيو خيش ۾ غير چڙهي.
(ساڻيھ جي ساک: 32)

- **پيرِ:** پٽڪو ڪلنگي، وَڙُوَجَهُ.

توڙي پينگيو تڏهن بہ پنهنجي رعب ۾ پنج هزاري هو،
ڳوهہ جيان هئي سِيٽَ سنديس ۾ پير انهيءَ جو پاري هو.
(ساڻيھ جي ساک: 65)

- **پيرا پرڻ:** نباهڻ، توڙرسائڻ، ڳولا ڪرڻ، پيرو ڪڻڻ.

ائن جا پيرا، ڪيرا ويرا، آءُ پريان ڪيئن تن سان پيرا؟!
دردن جا جن وٽ دنگ نہ ديرا، ڪيئن پير ڪڄن تن پارن ۾.
(ڌرتيءَ جا گيت: 44)

- **پير تي ڏَئُونڪو:** اهو دهل جنهن کي فقط هڪ پاسي تي ڪَلَ چڙهيل هوندي آهي، خطري وقت وڄائي ماڻهن کي آگاهہ ڪبو آهي.

پير تي ڏئونڪو هڻو جو جُنبي جنگ ڪنداسي ڏارين سان،
سائينءَ جو سُهُن، تعدي اهڙي ٿيندي چيهہ ڌُڪارين سان.
(ڌرتيءَ جا گيت: 162)

- **پيرويون:** راڳ جو قسم جنهن ۾ اڪثر مائرن جون لوليون هونديون آهن.

تنهنجي ندين ۾ محبت ڦيريون پائي پئي،
تنهنجي پوکن ۾ حياتي پيريون ڳائي پئي.
(ڌرتيءَ جا گيت: 76)

- **پينگ ڪرڻ:** ستيا ناس ڪرڻ، تباهي ڪرڻ، بربادي ڪرڻ.

بئي جي گهر ۾ گهڙندي ان جو ڪاڏو پيتو زهر ڪريو،
ناحق سان حق ماري ڪنهن جا پينگ وسونءَ ۾ شهر ڪريو.
(ساڻيھ جي ساک: 49)

- **پينگيو:** سڃيون.

توڙي پينگيو تڏهن بہ پنهنجي رعب ۾ پنج هزاري هو،
ڳوهہ جيان هئي سِيٽَ سنديس ۾ پير انهيءَ جو پاري هو.

(ساٽيهہ جي ساک: 65)

- **پيٽي:** مجال، وَسُ، طاقت، سَگهہَ، تياري.

جنهن وٽ آهي ڄاڻ سموري بيشڪ بَدِ ۾ بهتر جي،
ناهي ان جي دانائيءَ سان پيٽي ڪنهن بہ ڳوِيسَر جي.

(ساٽيهہ جي ساک: 36)

- **پيٽِي نہ ڪا پَئِي:** ڪابہ واهہ نہ، نہ پُڄي سگهڻ، وس کان ٻاهر.

هلو تہ پاڻ ئي مقتل ۾ ڳيُون ٿا ميڙو
سُجهي بَچڻَ جي نہ ڪائي پيٽي ٿي نہ ڪا پَئي اڄ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

# ت

- **تابانيون:** رونما ٿيڻ، جوهر، پڙڪاءُ.

هي آڪٽوبر انقلاب هو ارتقا جي تابانين جو مظهر،
مڪمل آزادين ۽ خوشحالين جي نشانين جو مظهر.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 486)

- **تابع:** مطيع، مڃيندڙ، رضا ۾ راضي رهندڙ.

چئينس تہ مون سان گڏ هوندا تابع منهنجا سڀ ارباب بہ پڻ،
تخت تہ توکي ڏياريندو پر ڏيندو ڪي القاب بہ پڻ.

(ساٿيهہ جي ساک: 42)

- **تابعداري:** مڃتا، حڪم مڃڻ، ادب ڪرڻ، عقيدت رکڻ.

جنهن جي طفيل پروڙي آهيم مام وطن جي محبت جي،
هاڻ تہ مون وٽ تابعداري آهي. ان جي طريقت جي.

(ساٿيهہ جي ساک: 24)

- **تابناڪ:** پڙڪيدار، چٽيون، چانڊاڻ ڪندڙ، چمڪندڙ.

زمين تي زندگيءَ جو تابنده جيستائين جمال رهندو،
عظيم لينن طفيل ان جو نظام ٿي بي مثال رهندو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 491)

- **تابوت:** مجسمو، ڪنهن هڪ شيءِ جو بي طرح نقل.

ذهن مندر جي اجڙيل ڪنڊر جيان ويران ٿو رهي،
جسم تابوتن جي اهڃاڻن جيان بيجان ٿو رهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 137)

- **تاثير:** اثر، متاثر ڪرڻ جي خاصيت.

قيادتون سڀ قديم، جن ۾ هو تاثير مدتن کان،
اٿي ۽ ايري وڏيا ٿي جڳ ۾ فتور هر وقت شدتن کان.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 477)

- **تارِ:** پريل ندي، اونهون پاڻي.

آس نراس جي اوڙاهن ۾ آھُن جا انبار ڪٽي،
ڏاڍو پاڻ پتوڙيوسون پر تانگهي مان وَئي تار ڪٽي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 230)

- **تارا:** اکين جا تارا، آسمان ۾ ڪڙندڙ تارا.

تارن جيان ٿي منهنجي تمنا تنهنجي واٽ نهاري هو،
اوندھ ۾ جيئن واٽ پليل، ڪو ڏئي جي لاٽ نهاري هو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 80)

- **تاراج:** پريشان، بيزار، دربدر.

پنهنجي عرض ۾ گمراهيءَ سان راڄن کي تاراج ڪندو،
ملڪ جي ٻيڙي سير تي چاڙهي ماڻهن کي محتاج ڪندو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 35)

- **تارُوئڙا:** چلڪڻا جيت.

تاروئڙا تلاءَ تي پنيان لال ڪتياڻيون،
تو بن وسُونءَ وٽن ۾، نہ ڪي روح رهاڻيون.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 97)

- **تاري:** ڀروسو، آڌار، آسرو، واهر.

ٻاگهي بہ تون، منهنجي تاري بہ تون، منهنجي ننگر جي ڪويل بہ تون!

(ساڻيھ جي ساک: 80)

- **تاريخ:** قومن جي فتحن ۾ شڪستن جو ڪليل دستاويز.

ٿيندي خود تاريخ امين تہ دودي جو ڇا دؤر رهيو،
ان سان جنگ ڪيائين جيڪو هرجائِن ۾ اورَ هيو.

(ساڻيھ جي ساک: 53)

- **تاريڪ تر:** بنهہ ڪارو، اونداهو عوام دشمن.

خيال هو خود پرست ۾ خود غرض جو هر دؤر ختم ٿي ويو،
جو دؤر تاريڪ تر هو، تاريخ ۾ اهو دؤر، ختم ٿي ويو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 490)

- **"تاڙ ۾:** ڳولا ۾، نهارڻ، واجهائڻ، تاڙڻ.

لشڪر مان ڪن گهوڙيسوارن ٻاهر تي ۽ ووڙ ڪئي،
متان هجي ڪو تاڙ ۾ پنهنجي جوکن تي جاکوڙ ڪئي.

(ساٿيهه جي ساک: 48)

- **تاڙڻ:** جُوهہ وجهي ڏسڻ، شدت سان ڳولا ڪرڻ.

هميشه مرڪ هڪڙيءَ ڪاڻ تا لڙڪ ڪيئي لاڙجن،
هميشه هڪڙي پُورَ لئہ تا سور ڪيئي تاڙجن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 107)

- **تاڙيون:** در جا ٻہ تاڪ، ٻن هٿن کي زور سان هڪٻئي تي هڻي خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ.

منهنجي بابل جي سوني ماڙي،
ماڙيءَ جي در تي تاڙي، الا مان مٿي اگهاڙي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 39)

- **تاس:** اڃ، اُڪير، سڪ، ياد.

اوسيئڙي جي آڙاهن ۾ اسان کي تنهنجي تاس رهي،
پنهنجو ميل محال تڏهن پيي وري ملڻ جي آس رهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 229)

- **تال:** ريجهاءُ، مزا، ٻاڻُ وٺائڻ.

آزاديءَ جي موقعي تي پڻ تقريرن جا تال ٿيا،
بگهڙ، گدڙ ٿي آيا مقرر ڇي اڄ ڏاڍا ڀال ٿيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 191)

- **تانگهہ:** گهُرَ، ياد، اڇڻ چاهڻ، سڪ لڳڻ.

اوسيئڙا تا آس اورانگهن، تانگهن پويان پيرِ ڪٽي،
آءُ تي گهاريان چنڊ ڳٽي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 32)

- **تانگهو:** پنيءَ ٻوڙ پاٽي، جنهن ۾ ٻيرين پيادو وڃي سگهجي.

آس نراس جي اوڙاهن ۾ آهُن جا انبار ڪٽي،
ڏاڍو پاڻُ پتوڙيوسي پر تانگهي مان وئي تارِ ڪٽي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 232)

- **تانگهي:** ننڍي پاٽيءَ مان پنڌ ڪري پار پهچي وڃڻ.

آليون ٽينديون اکيون هيڪر تہ ڏس تانگهي تڙن،
ڪيئن تانڊاٽا ٽا چانڊوڪيءَ جي سايي ۾ سڙن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 135)

- **تانَ ۾ تانَ ملائڻ:** سُرَ ۾ سُرُ ملائڻ، پورو پوڻ.

تان ۾ تان ملائي هڪدم شرنايں ڪٽي ڍاڍ ڪئي،
اڏمن دل ۾ ڏوڙيا لائي واڇوڙي جيان واڏ ڪئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **تاڻُ:** تياري، اولاڙ، واڙ، ڏڪ، سنبت، اڪير، نيشانو.

چڱو تہ پوءِ تيار ٿيو سڀ تلوارن جي تاڻ ڏسو،
ڇا هي قهر علاول جو هي سڄو تماشو هاڻ ڏسو.

(ساٽيهہ جي ساک: 50)

- **تاوڻ:** تپايل، تنگ ڪيل، گهٽي سڪ يا اُڪير وارا.

پوي ٿي هاڪ جي تہ تائلن جيان گل سڙن ٿا اڄ،
اچي نہ راس ٿو ڪوئي پيي سوز و ساز ساٿيو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 107)

- **تائل:** تپايل، تَتُہ آيل، بيزار بنايل.

پوي ٿي هاڪ جي تہ تائلن جيان گل سڙن ٿا اڄ،
اچي نہ راس ٿو ڪوئي پيي سوز و ساز ساٿيو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 107)

- **تائيد ڪئي:** پٺڀرائي ڪئي، توثيق ڪئي، راءِ ۾ راءِ ملائي.

دربارين تائيد ڪئي سلطان سلامت زنده رهي،
ان جو هر ارشاد اڪين تي، ان جي بلاغت زنده رهي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **تبر تراريون:** تکيون تلوارون.

ڪاريهر ۾ ڪيهر بنجي اٿلي پيا ارمان ميان!
وڄڙين ۾ واسينگن وانگيان تَبر، تراريون، ڪانَ ميان!
(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **تحسين:** شاباس، واهہ واهہ، ساراهہ.

جنهن جو ملزم تون ۽ مجرم تون هنيئي ٻين تي الزام ورائي،
پوءِ بہ پاڻ کي تحسين جو سمجهين ٿو سزاوار زمانا!
(ڏرتيءَ جا گيت: 129)

- **تحصيل:** مڪمل ڪرڻ، خاتمو پُڄاڻي، برابري جيئن جو تيئن.

حق جي تائيد ۾ يا خير جي تحصيل خاطر،
دشمني ڪرڻي پوي ٿي دوستداريءَ کان علاوه!
(ڏرتيءَ جا گيت: 128)

- **تحقير:** حقارت، ٻچان، ڪسر نفسي، گهٽتائي، توهين.

نہ ڪوئي آهي پيد رنگ نسل جو نہ ڪا بوءِ عصبيت جي،
نہ ڪا تفريق ذات جي، ۽ نہ ڪا تحقير شخصيت جي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 488)

- **تختا ڪڍڻ:** پاڙئون پٽڻ، نيست و نابود ڪرڻ.

سامراجين جو جنازو جلد ڪڍڻو آهہ پنهنجي ملڪ مان،
هر فساديءَ غير جا تختا ڪڍو، پاڙئون پٽيو، بيدار ٿيو!
(ڏرتيءَ جا گيت: 65)

- **تخت طائوس:** نادر بادشاهہ جو تخت.

اڇي ٿو راس نہ ائين ڪنهن کي تخت طائوسي،
انهيءَ جي لاءِ ڪوئي حڪم نادري گهرجي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 133)

- **تخريب:** ڊاهه ڊوهه، تعمير جو ضد، منفي سوچ.

چون هنر سان ان جا خالق ٿا هن کي هي سائنس جي اعجاز ايجاد آهه،
حسين ڪائنات آهه تخريب لائق اهوئي منجهس مقصد آهه.
(ڏرتيءَ جا گيت: 174)

- **تخم ڪاري:** جنس جو جنس سان ميلاپ، پيوندڪاري.

اي زماني جا تونگر تنهنجي ڪا اوقات آهي،
ايتريءَ ۾ مصلحت جي تخم ڪاريءَ کان علاوه.
(ڏرتيءَ جا گيت: 205)

- **تدبير:** سعيو بندوبست، پنهنجي طرفان ڪجهه ڪرڻ.

ڏسون ته پونگر ڇاپن مان ٿو ڪنهن جو بخت بهانو ٿئي،
تِر ڇڏيو تدبير جو تاڻي تنهن جو ڪوڙ نشانو ٿئي.
(ساٿيهه جي ساک: 37)

- **تَرُ:** پس گردائي، جُوءِ.

ويو هڪ وينجهار وڏو روپا جي تر ۾ رهندو هو،
ساميڙن جيان ساٿيهين کي ڇاڻ سڄاڻ ڏيندو هو.
(ساٿيهه جي ساک: 52)

- **ترشنا:** رڄ، اُڪير، اُڪنڊ.

منهنجي دنيا مرگهه ترشنا، تنهنجي دنيا رمندا بادل،
مون وٽ روپ نه ڪو بهروپ الا!
(ڏرتيءَ جا گيت: 24)

- **تُرشيون:** سخت، ڏکيون، نه سهڻ جهڙيون، ڪڙيون، ناموافق.

اچو ته مِهرَ محبت سان سڀ تلخيون، تُرشيُون دور ڪريون،
اهڙيءَ ريت مروت سان پڻ ڪُپتيون ڇڪتا چور ڪريون.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 324)

- **ترغيب:** لڳ لاڳاپي سان، ڏانوَ سان، طور طريقي سان، چالاڪيءَ سان، ڏاهپ سان.

رهي نہ حاوي امارت ۾ سلطنت جي طاقت معاشري ۾ ،
ڪري نہ ڪوبہ شخص ڪنهن بہ ترغيب سان خباثت معاشري ۾.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 485)

• **ترقي پسند:** روشن خيال، باشعور، ترقيءَ جا حامي، اصلاحي.

انهن جون خاصيتون نراليون جي پنهنجي هئيت ۾ نعمت آهن،
سيئي ترقي پسند قومون انهن جون ئي مرهون منت آهن.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 481)

• **تَرُ وَنَڻُ:** ٻُڏي وڃڻ، تنزل پذير ٿي وڃڻ.

سنڌڙي آهي اوٻاڪين ۾ پاڻيءَ ٻُڏلَ پَڪيءَ جان،
آخر ابتي سبتي ٿي تَرُ ونندي ٽُڪيل دکيءَ جان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 325)

• **ترياق:** زهر جو اثر زائل ڪندڙ فائديمند شيءِ.

اوهان جو زهر بہ ترياق، اوهان جي محفل ۾،
اسان جي پاڻُ پليو تہ عيبدار آهيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 220)

• **تڙ تي ڪونڌر ڪُنو:** ميهر جڏهن تڙ تي پهتو تہ سهڻيءَ کي ٻڏل ڏسي جڙ تہ پاڻ بہ ڪسجي ويو.

توتي واڳون وريا، تنهنجا ميهر مُنا،
راءِ گرنار ۾، تڙ تي ڪونڌر ڪُنا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 80)

• **تڙ پڻ:** لڇڻ، ڦٽڪڻ، گهوڙا گهوڙا ڪرڻ.

رت سان ڏرتي رڱجي ويئي، تڙ پيا جسم عذابن ۾،
ڪڪڙن ۾ جيئن پيُون تڪبيرون پٽڪيا روح سرابن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 162)

• **تڙڪو:** سچ نڪرڻ سان ان جو جيڪو شعاع ٿيندو آهي، ان کي تڙڪو

چئبو آهي.

صبح جي تڙڪي تي ڪوهيري جو انڌوڪار آهه،
شام جي پاڇي ۾ اونداهيءَ جو ڪارونڀار آهه.

(ڏرتيءَ جا گيت: 137)

- **تڙ ناڙي:** پاڻيءَ واريون جايون، ڍنڍون چشما.

منهنجي دادل جي ديهه ۾ آڙي،
آڙيءَ جو گهر تڙ ـ ناڙي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 39)

- **تسلط:** قبضو والار، مڪمل ضابطو.

ٿئي نہ هڪ قوم جو تسلط ڪنهن بہ ٻي قوم ۽ وطن تي،
رهي نہ قابض ٿي ڪوبہ غاصب شريف افراد جي حقن تي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 482)

- **تشدد:** ظلم، ڏاڍ، راتاهو سزا.

جتي ٿي نروار بربريت تشدد اپريو شقاوتن سان،
اتي جو مظلوم انقلابي پيو اڳتي آيو بغاوتن سان.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 489)

- **تشنہ روح:** اڃايل دل، سڪايل ماڻهو.

هي بي اصول بي وقار بندگيءَ جي زندگي،
هي تشنہ روح، خَستہ جسم زندگيءَ جي زندگي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 105)

- **تضاد:** اختلاف، ضد، اڻ برابري، فرق.

عمل ۽ قول جو تضاد مقصدن جو موت آهه،
صراطِ مستقيم لاءِ صاف مسئلا ڪپن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 224)

- **تعبير:** اظهار حل، ظاهري صورت.

رهي نہ مشڪل ٿي ڪابہ مشڪل جو حل تدبير ۾ اچي ويو،
جو خواب هو مارڪس جو ۽ اينگلس جو سو تعبير ۾ اچي ويو.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 486)

- **تعدي:** ڃُٽِ، رسوائي، مٿي پليت ٿيڻ.

پير تي ڏئونڪو هڻو جو جُنبي جنگ ڪنداسون ڏارين سان،
ساٿينءَ جو سُنهُن تعدي اهڙي ٿيندي هيل ڏُڪارين سان.
(ڌرتيءَ جا گيت: 162)

- **تعظيم:** عزت، آبرو، وقار، احترام.

تفڪر ۽ فلسفو ڪري عام فهم تفهيم جي وسيلي،
ڪري ويو ذهن سڀ جو تبديل پنهنجي تعظيم جي وسيلي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 481)

- **تعمير:** جوڙجڪ، چڱائيءَ واري سوچ، عمارت سازي، بناوٽ، اڏاوت.

ملي حسن يوسف ٿو انسانيت کي حياتيءَ جو ايوان گلشن ٿئي ٿو،
خيالن کي خوراڪ ملندي رهي ٿي ۽ تعمير جو شوق پُرفن ٿئي ٿو.
(ڌرتيءَ جا گيت: 171)

- **تعميل:** پورائو عمل درآمد، رَسَدَ.

حڪم جو منهنجي حاڪم جو تعميل انهيءَ جي ٿي رهندي،
مهم جا برسر آهي، اچ تڪميل انهيءَ جي ٿي رهندي.
(ساٿيهہ جي ساک: 55)

- **تفريق:** فرق، نفرت، حصن ۾ ورهائجڻ، عزت ۽ اهميت ۾ گهٽ وڌائي.

نہ ڪوئي پيد آهي رنگ نسل جو نہ ڪا بُوءِ عصبيت جي،
نہ ڪا تفريق ذات جي ۽ نہ ڪا تحقير شخصيت جي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 488)

- **تفهيم:** ناهہُ، راضپو عقل رستي، فهم سان.

هو قوتن کي ڪري اجاگر عوامي تنظيم جي وسيلي،
تفڪر ۽ فلسفو ڪريون عام فهم تفهيم جي وسيلي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 481)

- **تقاضا:** گهرج، ضرورت.

هي اهڙيءَ تنظيم سان آيو جو ان جي تعظيم جا بجا ٿي،
هيءَ تقاضا جا وقت جي عين موقعي تي ان جي ابتدا ٿي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 2301)

- **تقديرون:** لکئي جا ليک، انساني بيوسي، قسمت.

انسانن جو عزم سلامت، انسانيت زندهہ باد،
تقديرن تي غالب تدبيرن جي طاقت زندهہ باد.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 291)

- **تقسيم زر:** پئسي جي ورهاست، ڏيتي ليتي.

هجن زماني جون نعمتون ۾ مسرتون پڻ سڀن کي حاصل،
ٿئي نہ تقسيم زر جي بي جاءِ رعايتن سان ڪن کي حاصل.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 485)

- **تقويت:** طاقت، مددگاري، مضبوطي، ڪردار.

طويل تاريخ جي صفحن تي مثالي آهي، شخصيت انهيءَ جي،
نظام نئين، نسل نئين جي آهي حصول جي تقويت انهيءَ جي.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 482)

- **تڪبيرون:** سيريون، ڪهڻ وارو عمل.

رت سان ڌرتي رڱجي ويئي تڙپيا جسم عذابن ۾،
ڪڪڙن ۾ جيئن پيون تڪبيرون پتڪيا روح سرابن ۾.

(ڌرتيءَ جا گيت: 162)

- **تڪميل:** پورائو مڪمل پڻو.

حڪم جو منهنجي حاڪم جو تعميل انهيءَ جي ئي رهندي،
مهم جا برسر آهي اڄ تڪميل انهيءَ جي ٿي رهندي.

(ساٽيهہ جي ساک: 55)

- **تڪڻ:** نهارڻ، واجهائڻ، جاچڻ، گهورڻ.

هٿ تي هٿڙا رکندي تنهنجي واٽ تڪيندي ورهہ ٿيام،
هانوَ کي آتڻ ڏيندي ٽڏڙا ساهہ پريندي ورهہ ٿيام.

(ڏرتيءَ جا گيت: 32)

- **تڪيا:** رهائش جون جايون، دعا خواهيءَ واريون جڳهون.

تيرٿ بہ تون، منهنجا تڪيا بہ تون،
منهنجي مُڪتي بہ ماتا بہ تون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 80)

- **تک:** تيزي، وهڪرو، جهٽ گذرندڙ.

هئي هئي حياتي ڪک پن جڻ، پل پل پاٽيءَ تِکَ،
رهنديءَ کي نہ رهاءِ، مون کي پار پُڄاءِ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 28)

- **ٽپاٽي:** گذارو ڪرڻ، وقت ڪٽڻ، وقت گذارڻ.

هيءَ نہ آدرياءُ بن ڪنهن جي ٽپاٽي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي، راڄن جي راٽي مارئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **ٽپاءُ:** عارضي طرح ريجهائڻ، ڳالهين ڳالهين ۾ راضي ڪرڻ.

پونگر هڪ تي راٽي ٻئي تي، چي تون هيئن نہ ٽپاءِ مون کي،
سڀ سمجهان ٿو ٻار نہ آهيان ڳالهين ۾ نہ رهاءِ مون کي.

(ساٿيهہ جي ساک: 29)

- **تلاطم:** وڳوڙ، شور، اٿل پٿل، بي آرامي.

نہ حوصلو حال جو نہ ماضيءَ جو غم فراهم نظر ٿي آيو،
هئو نہ آئيندي جو آسرو، ڪو ٻيا تلاطم نظر ٿي آيو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 476)

- **تلخيون:** چڙ ڏياريندڙ ڳالهيون، سخت لهجي ۾ ڪيل ڳالهيون.

اچو تہ مهر محبت سان سڀ تلخيون تُرشيون دور ڪريون،
اهڙيءَ ريت مروت سان پڻ ڪُپتَيون چڪنا چور ڪريون.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 324)

- **تُلسي:** ٻوٽي جو هڪ قسم، جيڪو پوترتا ۽ عقيدتن سبب مندرن ۾ پوکيو ويندو آهي.

تو ۾ تلسين جون سڳنديون هيون سنهاڻي مارئي!
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 152)

- **تلفي:** ضايع ٿيڻ، ڦُريا وڃڻ.

وطن جي حق تلفي نہ ٿيندي، دين جي دولاب سان،
حق پلئہ پوندو سيٖن کي پنهنجي عزت آب سان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 69)

- **تمثيل:** مثال ڏئي پيش ڪرڻ، مثالن سان سمجھائڻ.

غيرت جو احساس ڏياري، هرڪا دل هوشيار ڪئي،
ماضيءَ جي تمثيل وسيلي نئين ٿهي خوددار ڪئي.

(ساٿيہ جي ساک: 26)

- **تمدن:** سڌريل معاشرو، سڌريل رهڻي ڪهڻي.

هي سيتا جون سکيون هي مارئيءَ جون ڀينر ڀيون رت ولوڙن رڳو پيٽ خاطر،
تمدن جي دامن تي ٿيون داغ بنجن، شرم کي نهوڙن رڳو پيٽ خاطر.

(ڌرتيءَ جا گيت: 175)

- **تمنا:** آس، منشا، مرضي، گھُرَ، غرض.

تارن جيان تي منهنجيءَ تمنا واٽ نهاري،
اوندھہ ۾ جيئن واٽ ڀليل کو ڏئي جي لاٽ نهاري.

(ڌرتيءَ جا گيت: 29)

- **تنازئن ۾:** مخالفتن ۾، جهيڙن جهٽن ۾، ڏمر ۾.

انهن جو دستور هو تہ شخصي حڪومتون پيون هلن سدائين،
نديون وڏيون بيشمار قوتون تنازئن ۾ رهن سدائين.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 478)

- **تنتار:** ساز جو سر، ساز جي آواز جو ردم.

وڏي شامياني اندر ناچ گاني جي تنتار جهنڪار اندر سيا جيان،
اٿيون پوپريون بربلين جان ۾ نچنديون رهيون مست الست بنجي صبا جيان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 177)

- **تند اهي ڪيئن تاڻن هو:** اُهي خوشيءَ سان ساز ڪيئن وڄائن؟

ڇاتيون جن جون ڇيهه ڇلي ويا، تند اُهي ڪيئن تاڻن هوءِ،
سورن جن جو ساهه سُڪايو، هيج ڪتان سي آڻن هوءِ.
(ساڻيهه جي ساک: 71)

- **تند تڻڻ:** ياد تازي ڪرڻ.

هانوَ کي آٿت ڏيندي تڏڙا ساهه پريندي ورهه ٿيام،
اڏما ٿا ڪهرام مچائن، اڻ تڻ پئي ٿي تند تٽي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 32)

- **تنظيم:** پارٽي ضابطن ۾ اصولن هيٺ هلندڙ ماڻهن جي نفري، جنهن جي اڳيان ڪو مقصد ۾ نصب العين هوندو آهي.

هيءَ اهڙيءَ تنظيم سان آيو جو ان جي تعظيم جابجا ٿي،
هئي تقاضا جا وقت جي عين موقعي تي ان جي ابتدا ٿي.
(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 489)

- **تنزل:** ترقيءَ جو ضد، تباهي، پني موٽ، شڪست خوردگي.

هو پنهنجي صديءَ جو پاڻ هيرو، عوام جي رهبريءَ جو ضامن،
هئا تنزل ۾ پَسِتِ جيڪي انهن جي هئي برتريءَ جو ضامن.
(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 481)

- **تنگ دستي:** غربت، مسڪيني، هٿين خالي هئڻ، سڃائي.

غريب لاءِ غريبي ۾ تنگدستي ڇو؟
امير لاءِ اميري ۾ خودپرستي ڇو؟
(ڌرتيءَ جا گيت: 67)

- **تنهائي:** يڪتائي، اڪيلائي، وحديت.

مون مظهر، منظر، ميلا، تون تنهائيءَ ۾ محدود.

(ڏرتيءَ جا گيت: 242)

- **توڙ نباهڻ:** وفاداري ڪرڻ، آخر تائين نباهڻ.

ڳاڙهو پير حضوريءَ تي پڙُ ماهيا!
لائي توڙ نباهڻ اصلئون پنهنجو وڙ ماهيا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 56)

- **توقع:** اُميد، آس، آسرو.

پائيندڙ جيان پائي آيا ڏاريا، آڏر ڪانہ رَهي،
آزاديءَ جي ڪابہ توقع ترقيءَ ماتر ڪا نہ رهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 96)

- **توقير:** جيارڻ، عزت ڪرڻ، مانُ وڌائڻ.

اوهان اُهي جن قومن جي توقير جو آهي حساب ڪيو،
منهنجي مبارڪ قبول پوي جو اوهان عظيم ثواب ڪيو.

(ساٿيهہ جي ساک: 53)

- **تونگر:** وڏيرو، وڏي شان وارو، بي پرواهو، مڳيءَ وارو.

تنهنجي عشق فقير بنائي، ڪيو تونگر دنيا ۾،
شعر سندم اقليم تہ آهيان آءٌ سڪندر دنيا ۾.

(ساٿيهہ جي ساک: 23)

- **تَوَنُ تپائڻ:** ڏمر ڪرڻ، ڏچو برپا ڪرڻ، ويڏن ڪرڻ.

پنهنجي اک ۾ ور بہ نہ ڪوئي، دشمن جي اک ڪرڙي چو؟
ناحق ڪنهن جي ننگريءَ تي توڻ تپايل تڪڙي چو؟

(ساٿيهہ جي ساک: 51)

- **تُهمت:** گلا ڪرڻ، ڏوهہ مڙهڻ.

فقراهن تي تهمت هڻندي شرم اوهان کي اچڻ کپي،
اِها اسان جي ڪار نہ ڪڏهين، سوچ نہ اهڙي ڪرڻ کپي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 49)

- **تئونر:** مانيءَ پچائڻ لاءِ نهيل ڪڏٽو جيڪو هميشہ ٽانڊن سان پريل هوندو آهي، جنهن جي تتل ڪنارن تي مانيون پچايون وينديون آهن.

تئونر وانگر جنهن جو پيٽ پريل ٽانڊن سان،
اهي بهشت وڃڻ جو پٽو ٻڌائن ٿا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 211)

- **تياڳ:** وڇوڙو، وسارڻ، فراريت.

هوشو مرندي مري ويو تہ بہ قبول ڪيائين نہ غلاميءَ کي،
وري ڪوئي منصور هليو ويو ڏيئي تياڳ جوانيءَ کي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 97)

- **تيرٿ:** پوڄڻ جون جايون.

تيرٿ بہ تون، منهنجا تڪيا بہ تون، منهنجي مڪتي بہ ماتا بہ تون!
(ڏرتيءَ جا گيت: 80)

- **تيرنهن تاليون:** منافقيون، ترڪسازيون.

هن جي شوداين ۾ شامل شينهن جا تيرنهن ئي تال هئا،
شينهن بگهڙ جو فرق نہ ڪوئي، ساڳيا ڪڪرم ڪال هئا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 195)

- **تيز ۽ تند:** تکي، زوردار.

هيءَ وسامڻ جي ناهي، جيتوڻي هوندي،
تيز ۽ تُندُ هر وقت هلندي رهندي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 146)

# ٺ

- **ٺاڪ:** جايون، ويهڪون، ساراهڻ جهڙيون اوطاقون.

ڪالهہ جن ٺاڪن تي سارنگ جي وسڻ جا ويس هئا،
اڄ انهن ۾ ڪانگ ٿا رڙندا وتن، تون لک لهين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 28)

- **ٺڏا ساهہ:** ڏک جو اظهار، جدائيءَ جي ڪيفيت.

هانوَ کي آٿت ڏيندي، ٺڏڙا ساهہ ڀريندي ورهہ ٺيام،
اڏما ٿا کهرام مچائن، اڻ ترڻ پئي ٿي تند ٽٽي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 32)

- **ٺميا:** گهرن ۾ قابو ٿيا، گهرن يا جڳهن ۾ سوگها ڪيا ويا، لڪايا ويا.

جيڪي چميان، جيڪي ٺميان هڪيا ٽڪيا سپ،
سيئي پالي، سي ئي تاتي، اجيان بکيا سپ.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 313)

- **ٺَنڊِ ڪرسان:** ٺڏائيءَ سان، ڌيرج سان، ادب ۽ اخلاق سان.

اسين ملازم ٽيٽا ناهيون ڇيو فقيرن ٺنڊ ڪر سان،
ياڙيتا ٿي جنگ ڪنداسي ڪين وطن جي ڏهيسر سان.

(ساٽيهہ جي ساک: 50)

# ٺ

- **ٺاڏ ڪئي:** ماهيو مال جڏهن ڍءُ ڪري نينگ ڏئي ڊڪندو آهي تہ ان کي ٺاڏ چئبو آهي.

اڙڏڪ ڊنبڪ ڊنب ڊنب ڊنبڪ دهل تي ٺاهوءَ ٺاڏ ڪئي،
تانَ ۾ تانَ ملائي هڪدم شرناين ڪٽي ڍانيد ڪئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **ٺاڪوڙا:** حملا، وٺ وٺان، جنگ شروع.

سڏا ڪيا جڻ ٻيڙين سڙهہ، جڻ اندلٺ آئي اوجن ۾،
اُڏمن ڪاڏي اٿل ائين جڻ ٺاڪوڙا پيا فوجن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **ٺانڊاٽي جي ٺور:** ڪڙ ڪبيتي واري انداز سان هلندڙ.

منهنجي اونداهين جي اور، منهنجي اڱڻ اڇجانءِ،
ٺانڊاٽي جي ٺور، منهنجي اڱڻ اڇجانءِ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 66)

- **ٺاٽو:** وقت، اهم گهڙي.

نياز اڄ ڪلهہ انهيءَ اڻ تڻ ۾ هرڪو ٺو هٽي هاڃا،
تہ ملندو مهت ڪنهن ٺاٽي، زمانو ڇا نہ ٺو ڄاٽي!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 280)

- **ٺاهُو:** دهل جي جنگي وڄت.

اڙڏڪ ڊنبڪ ڊنب ڊنب ڊنبڪ دهل تي ٺاهُوءَ ٺاڏ ڪئي،
تانَ ۾ تانَ ملائي هڪدم شرناين بہ ڪٽي ڍانيد ڪئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **ٺٻرَ:** جوانيءَ تي رسڻ وارا، زُوڪا صحتمند وهيءَ تي چڙهيل جوان.

ڏينهُن بہ اهڙي عيش ۾ گهاري اٿيو علاول ٺٻر وني،

باگهي ڪهڙي ديس تي آهي رهجي ڪائي خبر وٺي.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 75)

- **ٽِيو:** ٽانءُ، لوٽو چئونري.

ڦٽي ٽي باڪ تہ ڪر ڪٽن ٽا سپ سپ جان،
لهي ٽو سج تہ اونڌو ٽيو ٻڌائين ٽا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 211)

- **ٽَڏَڻُ:** هام هڻڻ، ڀروسو ڏيکارڻ.

پنهنجي خنڪيءَ کي چڏي ٻئي جي نشي تي ٽڏڻ ٻٽاڪ هڻڻ،
آهي مستن واسطي هيءَ ميار دوستو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 207)

- **ٽڙڪو:** مينهن ۾ ڳڙي جو زوردار نموني سان وسڻ.

تيرن جو وسڪار ائين جڻ ڳڙي جو ٽڙڪو ڌرتيءَ تي،
تبرن جو تڪرار ائين جڻ وِڄُ ڪِري ڪنهن وستيءَ تي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 450)

- **ٽِڪو:** داغ، ملامت، ڪوجهائي.

توکي جيڪي ٽِڪو لڳائن، تن مارَنِ جي مَتِ ٻيڄڙي،
تن جي ريتِ پِريت بہ ٻيڄڙي، جن جي نيت پت ٻيڄڙي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 41)

- **ٽَلَ:** اٽڪل، ڏانءُ، حرفت، فن.

پنهنجي پڙن جي وچ ۾ پاڻ ئي ثابت ٿي ديکاءِ هلي،
يار نياز اها ٽل سولي، تون ڀي مشق پچاءِ هلي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 281)

- **ٽِلَڻُ:** خوبصورت انداز سان گهمڻ.

ڪڪر موڙيا ڪر، الاڙي ڪڪر موڙيا ڪر،
پور پکيئڙا پر، الاڙي پور پکيئڙا پر ــ مور ٿو ٽلي راٽا مور ٿو ٽلي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 40)

- **ٿِمِجَهڻُ:** فساد، نقصان،

آزاديءَ کان پوءِ اسان وٽ ڪوئي ٿهجڻ مچڻو ناهه،
بگهڙ بہ پنهنجو پاءُ ٿي آهي، ان کان ڇيهو رسڻو ناهه.

(ڏرتيءَ جا گيت: 189)

- **ٿمڪڻ:** ٻرڻ، شعاع ڪرڻ، رکي رکي سوجهرو ڪرڻ.

ٽانڊاڻي جيان آس الائي ٿمڪي دل جي واهڻ ۾،
اڏمن اڻ تڻ لائي ايئن جڻ باهہ لڳي ڪا باهڻ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **ٿنڊري پوڻ:** گهڻو ميوو جهلڻ، گهڻي ميوي جي وزن کان وڻ جو نِوڙي پوڻ.

پڪين وڻن پيي جهرمر لاٿي، ٽاريون ٿنڊري جُهڪڻ لڳيون،
هيج ڏسي هيڪاندي هئہ هئہ پنهنجون اکڙيون پٽڻ لڳيون.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 40)

- **ٿُڪيل:** ڏار پيل، سنها سنها سوراخ ٿيل، اڻ لکي سير پيل.

سنڌڙي آهي اوٻاڪين ۾، پاٽيءَ ٻڏل پڪيءَ جان،
آخر ابتي سبتي ٿي ترُ وَنندي ٿڪيل دکيءَ جان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 325)

- **ٿور:** هلڻي، هلڻ جو سهڻو انداز.

تنهنجي ٿور تان بادل گهور پرين!
تنهنجا نيڻ نشانبر، ڪارا چور پرين!

(ڏرتيءَ جا گيت: 156)

- **ٿوڙها ٿوڙي وڃڻ:** بندشون هٽائي وڃڻ، رنڊڪن مان پار پئجي وڃڻ.

هرڻ بہ تن کي اهڙي هئين جو ٻيڙي انهن جي ٻوڙي ويئي،
آهہ ڇا نڪتي، جڻ تہ هئي ڪا اوٽ جا ٿوڙها ٿوڙي ويئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 191)

# ث

- **ثمر:** ڪاڏي پيتي جو سامان، اساسو پونجي، ميوو.

ويرانين ۾ واٽ اسان جي، گلزارن ۾ گذر نہ ڪوءِ،
عشق پڄاڻان پنهنجي پاڳ ۾ آيو سک جو ثمر نہ ڪوءِ.

(**دل ءِ ڌرتيءَ جا گيت:** 235)

# پ

- **پاٿاريون سي پڌر ڪري:** ڊاهه ڊوهه ڪري، تباهي ڪري، سڄ بنائي.

ننگري ساري ناس ٿي ويئي واڳون آيا ولر ڪري،
هليا نہ حيلا حملن آڏو پاٿاريون سپ پڌر ڪري.

(ساٽيهہ جي ساک: 87)

- **پارُ:** طرف، اهڃاڻ، نيشان، وصف، اوچنگارون، ڏر.

قوم جو مجرم، ملڪ جو دشمن نيٺ اچي نروار ٿيو،
خطرو جنهن جو هئو اڳيئي پڌرو سوئي پار ٿيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 41)

- **پاراتو:** پٽ، اوٽ، بددعا.

اوري آءُ تہ اوريون گڏجي ڏک سک عشق پراٽي جا ڪي،
پاراتو آ پريت نيئن چڙ، ڪنهن کي آٿت وٿڻ نہ ڏيندي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 300)

- **پارس:** اهو پٿر جيڪو لوهہ کي لڳندو آهي تہ ان کي سون ڪري ڇڏيندو آهي. (هڪ ڏند ڪٿا)

سال ٿيا جو سک نہ ڏٺوسي، ساهہ نہ سنهري ساءُ وري،
پاهڻ ٿي پئي آهي دل، تون پارس بنجي آءُ وري.

(ڌرتيءَ جا گيت: 229)

- **پارو:** هڪ پسارڪو وکر، جيڪو بنا ڪنهن ٻاهرين مداخلت جي پاڻهين جاڙهين بل ڏيندو رهندو آهي.

مشين آهہ چرپر ۾ ۽ نوڪ برمي جي ڏُوسان جرڪان وچي پار نڪتي،
ٽپا ڏيئي ايئن رڳو ڇينپ سان پاري جي ٻُلَ وانگ پاٽيءَ جي ڏار نڪتي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 172)

- **پاڙي:** نباهي، گهر سان گڏ گهر، پوري ڪري.

منهنجي سانول جي پرون ته جاڙي،
جاڙيءَ پت پاڙي، پينر مورو ويني ڏيان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 39)

- **پاسخاطري:** سفارش، پنيرائي، رعايت، آقربا پروري، رياءُ.

سدا خطا جي ٻه مقتل تي حاضري گهرجي،
خيالِ يار جي ڪا پاسخاطري گهرجي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 182)

- **پال وجهڻ:** ڪچو رسيل انب دوا ملائي بند ڪري رکبو ته چند ڏينهن ۾ پڪو مٺو انب ٿي پوندو آهي. انهيءَ عمل کي پال چئبو آهي.

انبن جيان ٿا پال وجهون دل دردن جي ڪينگ منجهه جڏهن،
تڏهن پچڻ کان پوءِ ٿيون ٿا ڪنهن جي اڳيان موچارا هوءِ.
(ڏرتيءَ جا گيت: 209)

- **پالهي:** پوري، ختم، خالي.

پورَ جهلي پانڌ ۾ ڪيم رات پالهي ڙي!
جُهڙيالي ڙي!
(ڏرتيءَ جا گيت: 26)

- **پاٺون واٺون:** خودبخود، پنهنجي رُوءِ سُوءِ، بنا ڪنهن ٻه جواز جي.

دشمن سمجهي نڪر پتر کي وِڇونءَ وانگ ڏنگيندو جو،
سوئي ڪک پن جي ڪڙڪي تي پاٺون واٺون ڇرڪي پوندو.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 220)

- **پاٽئون واٽئون:** نمبر وار هرهڪ جا، گهٽن جٽن جا واري واري سان، خودبخود.

چمر جيان ٿو چپر ڪٽي جيئن پنهنجي اڪڙين ڳوڙين جا،
پيرن ۾ پازيب ٿا چمن، پاٽئون واٽئون چورين جا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 113)

- **پاٽيءَ جو پئونرو:** سانپو پاٽيءَ ۾ رهندڙ ڪيئون، جيڪو مڇين جو

ڪاڄ هوندو آهي.

ماڻهو هن ماحول ۾ ائين جڻ پاٽيءَ ۾ پئونرا سپ،
هرهڪ، ٻئي کي ٿو ڏجها ڏئي ڪمند وانگي ڪٽئونرا سپ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 129)

• **پائمال:** زير ٿيل، ڏڪويل، فتح ٿيل، نراس ٿيل، دٻايل.

نہ هن کي حاصل قرار ڪوئي، نہ هن جي حصي ڪمال ڪوئي،
رهي ٿو هو پائمال ڇو ۽ ڇو ناهہ ان ۾ جلال ڪوئي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 484)

• **پائي وجڻ:** حاصل ڪري وجڻ، ٻهري وجڻ، ٻوڙي وجڻ.

تون سان اوپراڙيو توسان اولهہ اڙيو ڪين پائي ويو توسان جوئي لڙيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 79)

• **پايل:** ڇير.

منهنجي دنيا سج ۾ سڏڪا، تنهنجي دنيا ڇم ڇم پايل؛
مون وٽ روپ نہ ڪو ٻهروپ الا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 24)

• **پت:** عزت، وقار، خوشحالي سان.

سپ ڪو هو آزاد وطن ۾، ڪنهن جو ڪوبہ غلام نہ هو،
ملڪ جو واهي پت ۾ پورو، پيڙا منجهہ عوام نہ هو.

(ساٽيهہ جي ساک: 27)

• **پٽر پرائو:** ٻين جي مري وجڻ جي ڏکي ۾ شامل ٿيڻ.

پٽر پراٽو، سور اوهان جا گيت نياز نماٽي جا،
جڻ تہ بيابان، جڻ تہ بهاران جڻ تہ خيال پلائيءَ جا.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 285)

• **پت ست:** اوڏر ونڻ، سوال ڪرڻ، ايلاز ڪرڻ.

پاسيرا ٿيا پاچا ليڪن وريا نہ واهي رڻ پت جا،
پوين جون ٿيون وليون ولڙيون، سانباها ٿيا پت ست جا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 114)

- **پُٽَنِ جا پار ڪڍڻ:** پٽن جي موت تي روج ۾ راڙو ڪرڻ.

ڪن تي پٽن جا پار ڪيا، ڪن اوساريو تي پائن لاءِ،
ڪن کي غم هو عهدن جو، جن موڙ ٻڌا هئا لائن تي.

(ساٽيهہ جي ساک: 87)

- **پپل وارا پور:** پپل جي ٽڙ ۾ ٽينڊڙ پور، پکين جي رهڻ جون جايون.

جهاڙ رکي جوڳيءَ لاتي هئين اندر هور،
جهور ڪيا جيءَ اندر پپل وارا پور.

(ڏرتيءَ جا گيت: 38)

- **پچري:** سڙي، حسد ڪري، ڪامي، جڪائي.

راڻي سپ جا ٻول ٻڌي پَئي پچري پنهنجي ٻاهين ڪان،
چي هيءَ کهڙي ڳالهہ تہ ٻاگهي رهي شاهن راڻين ڪان.

(ساٽيهہ جي ساک: 36)

- **پچڻ پيٽي:** مقابلي ڪرڻ جي سگهہ، معيار تي اترڻ.

جن سان پيٽي ناهہ پچڻ جي تن کي پور پلاند ڪري،
عشق ٿو اوکي راند ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 241)

- **پُجَ:** سنا ڪم، وڙ قرب، پلايون، پاپ جو ضد.

جي پٽن ۾ پُج ڪيئي، تن جون وليون ويران ٿيون،
جن جُهڳين ۾ جواني آندئي، سي ڍهي ميدان ٿيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **پدمڻي:** نفيس، نازڪ، خوبصورت عورت.

تون پکي ۾ پدمڻي ۽ لوءِ ۾ لالي هُئينءَ
تنهنجا ڳڻ ڳايائي ڳولن، بود ۾ بالي هُئينءَ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **پڏاڻو پوي:** ڊاڙ ٻتاڪ هڻڻ، پنهنجي پذيرائي ڪرڻ.

ڏس تہ ڪيڏين ذلتن سان هن کي پڏاڻو ٿو پوي،

زندگي تنهنجي ڪري ڇا ڇا نہ ٿو ڪرڻو پوي؟!

(ڏرتيءَ جا گيت: 141)

- **پراهان:** پري وارا، وڇوڙڪا، پري پري، ڏور، بديشي.

ڪٿي سِڪايل ٿي سِري تولاءِ سوچيندا ويا،
هي پراهان ٿي ۽ پنهنجو جيءُ جهوريندا رهيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 150)

- **پراهون:** ڏور، پرپرو، گهڻي پنڌ تي، وڇوڙُڪو.

هونئن تہ پراهون آهين ليڪن پورن پيدي پاسي پيڙو،
روح سجڻ جي رم جهم تي ڪيئن نہ سدائين مرڪڻ لڳندو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 315)

- **پربت:** وڏو جبل، ڳرو وزن.

پيار جو پربت، سچ جو ساگر دل ۾ قائم هستيءَ تي،
جن تي جهاڳيو تن تي جاليو سدا حيات تي ڌرتيءَ تي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 234)

- **پرتو:** راضي ٿيو پر هتي تڙڪي ۽ اولڙي جي معنيٰ ۾ ڪم آيل آهي.

اڇو تہ ڳوليون حسن اهو جو حسنِ ازل جو پرتو آهہ،
ليڪن ان لئہ عشق کپي جو صدق صفا سربستو آهہ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 132)

- **پرتي:** بلي تي، پروسي تي، نگاهہ هيٺ تي، ريجهي.

اتساهہ وچان آسيس ڏني پڻ راج ڪٽڪ جي ڪونڌر کي،
توتي آهي ننگ اسان جو پرتي پارت ننگر کي.

(ساٽيهہ جي ساک: 55)

- **پُرفن:** فن سان ڀرپور.

ملي حسن يوسف ٿو انسانيت کي، حياتيءَ جو ايوان گلشن رهي ٿو،
خيالن کي خوراڪ ملندي رهي ٿي ۽ تعمير جو شوق پُرفن رهي ٿو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 171)

- **پرڪار:** افعال، لڇڻ، هلت چلت، اوصاف، ارڪانَ.

هي جي پنهنجي پرڪارن ڪان راڄن ۾ مشهور ٿيو،
فرض ڪريو جي اڳتي هلي ۽ عادت ڪان مجبور ٿيو.
(ساٽيهه جي ساک: 38)

- **پَرَ ڪڍيا هِن پُورَ:** خيال اُڏامي آيا آهن، خيال اُپريا آهن.

ڪڪر موڙيا ڪر، الا ڪڪر موڙيا ڪر،
پور پکيئڙا پور، الا پُورَ ڪڍيا هِن پر!
(ڏرتيءَ جا گيت: 40)

- **پَرَ ڪري:** اڏامي وڃڻ، گذري وڃڻ، هليو وڃڻ.

هو ڇا ويو جڻ تہ گلن مان بوءِ بہ پر ڪري وئي،
اجاڙ ٿيون جڻ ڪي ماڙيون چمر جي چر ڪري وئي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 30)

- **پُرڪيف:** خماريل، نشي ۾، موج ۾، سڪون ۾.

سڄاڳ ٿي من! لهڻ اسان جون مرادون پرگهور آيون آهن،
لطيف، پر ڪيف لمحا آيا بسنت گونجار ٿا ڪريون اڄ.
(ڏرتيءَ جا گيت: 134)

- **پرڪا:** آزمائش، جانچ جونچ، تڪ تور.

خير ۽ شر جي باک ۽ سانگي لاءِ ڪتيل ڪردار مڙوئي،
پنهنجي پنهنجي پَرِ ۾ ٿيا ٿي پرڪا جي لئہ تيار مڙوئي.
(ساٽيهه جي ساک: 68)

- **پرڪي:** تڪي توري، ڏيسڻ، پُرجهي، اُٿلائي پٿلائي ڏسڻ.

هيءَ آهي ان ديس جي ڏرتي، ان جي ڏُلارن جي تاريخ،
جنهن مان پوپان سبق سکن پيا، پرڪي پيارن جي تاريخ.
(ساٽيهه جي ساک: 26)

- **پرگهور لهڻ:** سنڀال ڪرڻ، حال احوال معلوم ڪرڻ، واهر ڪرڻ.

پيچ پنيءَ ۾ ڪنهن نہ لڌي راتين جي پرگهور،
چنگ پنهنجي چاهہ ڪيا ڇاتيءَ منجهان شور.
(ڏرتيءَ جا گيت: 38)

- **پَرِ ۾:** پنهنجي ليکي، خيال ۾، طرفداريءَ ۾.

خير ۽ شر جي ساک ۽ سانگي لاءِ ڪٿيل ڪردار مڙئي،
پنهنجي پنهنجي پر ۾ ٿيا ٿي پرکا جي لئہ تيار مڙئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 68)

- **پر منتڙيو:** ٻئي جي چئي تي هلندڙ پنهنجي راءِ جو مالڪ نہ هئڻ، ڳَنَنِ جو ڪچو.

هي نہ رهيو نہ ڪو رهڻو آهي ڪڏهن بہ سَوَليءَ نيت ۾،
غرض غلام ۽ پرمنتڙيو سو ڦند رکي جو فطرت ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 35)

- **پروارا:** ڏاريا، پري رهندڙ مفاصلي تي رهندڙ.

اوسيئڙا ڙي اوسيئڙا هو او منهنجي وندر وئي وٽڪارن ۾،
جهل واڳ تہ ڪي واڪا ڪريان من ڪا کهل پئي پروارن ۾.

(ڌرتيءَ جا گيت: 44)

- **پَرِوَسِ:** پرائي وس، ٻئي جي آڌار تي، ٻئي جي خيال تي، بيوس، پاڻ وهٽيائي ختم ڪرڻ.

پنهنجي ماحول کان بي خبر، بي خطر،
پُورَ کهڙي ۾ پروس آن پئجي ويو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 144)

- **پرهہ پکيڙ:** صبح واري وقت جو ڦهلاءُ يا وسعت.

اکيون پرهہ پکيڙ سندس نگهہ نگهہ جڻ ڪرٽا هئي،
ڳالهيون ايئن جڻ ڪوهياريءَ پُورَ ۾ وچتر ويٺا هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 64)

- **پِرهہَ ڦُٽي پرِياتِ:** صبح جو اهو وقت جنهن مهل سج نڪرڻ وارو هجي.

پرهہ ڦٽي پريات، الا،
هيءَ ڪاري ڪاري رات!

(ڌرتيءَ جا گيت: 25)

- **پريان لوءِ:** پرين جي رهڻ جي جڳهه. هتي ’پريالو‘ شهر لاءِ ڪتب آيل آهي.

ڳوٺ تہ تنهنجو پريان لوءِ،
وِلهيءَ واڪا، ووءِ ڙي ووءِ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **پريت:** عشق، پيار، محبت، گهڻ پلائي، چڪ.

تُنهنجو روپ سروپ جڏهن ٿو اندلٺ وارا انگ ڪڍي،
منهنجي ريت پريت تڏهن ئي رمز پريا ڪي رنگ ڪڍي.

(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **پَڙُ:** اهو ڪپڙو جيڪو باس طور پيرن جي مزارن تي وجهبو آهي.

ڳاڙهو پيير هندوري تي پَڙُ ماهيا،
لائي توڙ نباهڻ اصلئون اسان جو وڙ ماهيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 56)

- **پِڙُ پالهو:** ميدان خالي، شڪست قبولڻ.

بهتر آهہ تہ اي ليڊرو! قوم کان پاسو ڪريو،
قوم چاهي ٿي جلد از جلد پڙ پالهو ڪريو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 70)

- **پست جا ڏوڏا:** پست جي پوک ٿيندي آهي، ان جي ٻج کي ڪڻ چئبو آهي ۽ سڪي ويل ميووي کي ڏوڏي چئبو آهي.

سڀ جي وات ۾ وجهندا ويا چي ڪائو مڪئيءَ جي ڀوڍڻ سان،
وائِيءَ باديءَ لاءِ اڪسير اٿو هي ڪائو پست جي ڏوڏن سان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 191)

- **پَسِتِ ڪرڻ:** هيناهون ڪرڻ، دلشڪستو ۽ مجبور ڪرڻ، ڪيرائڻ.

تو هو پست ڪيو جنهن عظيم انسان جو،
بلند ان جو ڪيوسون شان، متان نہ مڃين!

(ڏرتيءَ جا گيت: 222)

- **پَسِتِي:** تنزل، ڪريل صورتحال، نيچَپڻو.

غريب لاءِ غريبي ۾ تنگدستي ڇو؟
برابريءَ جي عيوض هي اوچائي ۾ پستي ڇو؟

(ڏرتيءَ جا گيت: 67)

- **پُکراجُ:** پٿر جو قسم.

ٻاگهي جنهن جي مرڪ مليح تہ پيشاني پکراج هئي،
ڪنهن جيءَ هيج همير جي آڏو قسمت ڀي محتاج هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **پگهرَڻُ:** ڳرڻ، هارجڻ، وِڪِرِي وڃڻ.

جڏهن بہ تنهنجي ياد اچي ٿي ڏاڍي اوکي نبري ٿي،
ماڪ جيان ٿا ڳوڙها ڳاڙيون ميڻ جيان دل پگهري ٿي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 229)

- **پڳدار:** اهو جيڪو وڏي جي پڳ ٻڌي وارث بنجي.

آءُ نہ مجيينديس راڄ ڪيو جي راڄن جو منهندار ٻيو،
ڏسنديس تہ ڪيئن روپا ۾ ٿئي ٿو پڳڙي ٻڌي پڳدار ٻيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 32)

- **پَڳڙِي ٻَڌَڻُ:** ڪنهن رئيس يا چڱي مڙس جي گذاري وڃڻ تي سندس پٽ کي جاءِ نشين جي پڳ ٻڌرائبي آهي.

آءُ نہ مجيينديس راڄ ڪيو جي راڄن جو منهندار ٻيو،
ڏسنديس تہ ڪيئن روپا ۾ ٿئي ٿو پڳڙي ٻڌي پڳدار ٻيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 32)

- **پڳن جو پير:** پٽڪن جو وَرُ وَڙُ شيوو.

غرض جو غلام بنجي، نئين سج جي ڪري سلامي،
چڱن پلن جي پڳن جو اڄ هيءُ ئي پير آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 204)

- **پلاند ۾ سور:** ٻهراڙيءَ جا مرد پٽڪي جي ڪنڊ ۾ ۽ عورتون پوتي جي ڪنڊ ۾ پئسا ٻڌي رکنديون هيون، جيڪا انهن جي زندگيءَ جي مڪمل پونجي هوندي هئي. ان جاءِ تي سور ٻڌل آهن.

اتان ڦري جو ڳوٺ ۾ آيس تہ ڳوناٺا هئا ڄُهوري غم،
سڀ جي منهن تي سانجهيءَ پاڇا سڀ ڪي سُورَ پلاندِ، الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 110)

- **پل پل:** گهڙي گهڙي.

هاءِ حياتي ڪک پن جڻ پل پل پاٽيءَ تِڪَ،
رهندي ڪي نہ رهاءِ، مون ڪي پار پڄاءِ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 28)

- **پنارو:** پرجهلائو صحيح چوڻ وارو.

نانءُ چنيسر جو جيئن آيو مجلس ڪي مونجهارو ٿيو،
راس نہ آئي راءِ اها تہ ڪي ان جو ڪوبہ پنارو ٿيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 34)

- **پناهي:** پناهہ وٺندڙ تحفظ جو طالبو پناهہ جي جڳهہ.

ڪاٿي ٿئون پنارو ڪاٿي ٿئون پناهي،
انسان سِرُ الاهي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 244)

- **پندُ پهڻ:** پٿر جيان سُنُ تي وڃڻ، خاموش تي وڃڻ، شانت ٿي وڃڻ، احساسن کان عاري.

ساهہ ڪي وِيا ائين سور وڪوڙي، جڻ چنڊ گرهڻ ڙي ڊوليا،
هاءِ اسان جي جندڙي تي وئي پنڊ پهڻ ڙي ڊوليا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 48)

- **پنڊيءَ ۾ پلڃڻ:** تيلين جي نهيل ٽبٽي، جنهن ۾ جوڳي نانگ رکندا آهن، جتان هو مرلي تي ڪر ڪٽي نچندو آهي.

عشق جي آهي نانگ تہ جڳ ۾ جوڳي بنجي هلي پيو،
هاڻ تہ پنڌيءَ ۾ ٿو پلجي مرليءَ وڄندي ولي پيو.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 132)

- **پنڙا:** ڪنن جو ڳهڻ.

اڪ جون ڦلڙيون، جڻ چانديءَ جا پنڙا،
ائيلي گهوڙا منيس، توسان پيچ جو پيڙا!
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 97)

- **پنِڪي:** ننڊ جي اوجهراٽي، جهوٽو.

گهُلي هير تہ آئي گِهلَ بالو!
اسان پنڪين پڙهيا نينهن نفل بالو!
(ڏرتيءَ جا گيت: 52)

- **پنهنجيءَ تي اچڻ:** هوڏ ٻڌڻ، خيال پيدا ٿيڻ، ڪاوڙ جو ردعمل.

هن ڪي راڄ سڄاڻي ۾ هي جڏهن بہ آيو پنهنجيءَ تي،
سڏڙيو بنجي ڪندو مصيبت نيٺ تہ ساريءَ سنڌڙيءَ تي.
(ساٽيهہ جي ساک: 35)

- **پواڙيءَ جو گل:** ربيع جي موسم جو تيلي ٻج، ٿاڌل ۾ بہ ڪم ايندو آهي.

تون پواڙيءَ گل جيان پئي ٿي لڳين وٽراهہ ۾،
چمڪٽيءَ گل جي چِڳن جيان پئي ٿهين هر تاهہ ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **پوپريون:** ننڍڙا پلڙا جيئن سج جي شعاع تي چمڪن اهڙيون چوڪريون.

وڏي شاماني اندر ناچ گاني جي تنتار جهنڪار اندر سيا جان،
اٿيون پوپريون بربلين جان ۾ نچنديون رهيون مست الست بنجي صبا جان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 177)

- **پور:** سودا، وسوسا، وهم، يادون، ساروٽيون.

تون نہ آئين هيو جيان تہ اڳ لڳي نہ دل لڳي،

پور جهلي پاند ۾ ڪيم رات پالهي ڙي، جهڙيالي ڙي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 25)

- **پُورَ پلاند:** پوتيءَ جي ڪنڊ ۾ پاڇي ٽيل پور پونجيءَ طور ٻڌَل.

رِيت نہ جن وٽ پِريت ڪرڻ جي، تن ڪي پور پلاند ڪري؛

عشق ٿو اوڪي راند ڪري!

(ڏرتيءَ جا گيت: 241)

- **پُور ۾:** پوريءَ اوج تي، تار ۾، يادگيريءَ ۾، اڪير سان.

اکڙيون پرهہ پکيڙ سندس، نگهہ نگهہ ڇڻ ڪرٽا هئي،

ڳالهيون ائين ڇڻ ڪوهياريءَ پور ۾ وچتر وٽيا هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 64)

- **پورن پيدي:** ڏک جو ڄاڻو سورن کان واقف، سور سمجهندڙ.

هونئن تہ پراهون آهي. ليڪن پورن پيدي پاسي پيڙو،

روح سڄڻ جي رم جهم تي ڪيئن نہ سدائين مرڪندڙ لڳندو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 315)

- **پورن جو پاتال:** ڳڻتين جي گهرائي، سوچن جي تري تائين، عميق يادون.

پورن جي پاتال مان نڪري مور اچي ويو مستيءَ ۾،

ڪوهياري ڪوڪار تي هرکي هيج وڏا هُلَ هستيءَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

- **پورن جو پيڪان:** يادن جو تير، سارونڻين جي سزا.

يار پاسي ۾ تہ پيار پرتي بہ هو،

تہ بہ جدائي تہ پورن جو پيڪان هئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 145)

- **پونير:** توهان کان پوءِ وارو نسل، توهان جا پويان.

جيڪڏهن ڪوئي غافل ٿيندو، هي ان کي بيدار ڪندو،

ورتي واٽ اوهان اڄ جيڪا، پونير سا اختيار ڪندو.

(ساٽيهہ جي ساک: 53)

- **پوءِ پڇت تو پاري جي:** تو جهڙي جو وارو مون کان پوءِ ايندو.

لیکن ترس، توکي مان آڳ نہ ڏيندس پنهنجي واري جي،
اول آ منهنجو وارو لئدا! پوءِ پڇت تو پاري جي.
(ساٽيهہ جي ساک: 79)

- **پوءِ ڏاوا:** جن سڪي سڪي پئسو يا شهرت ڏني هجي، هينان کان مٿي چڙهڻ وارا.

سو ٿي ٿئي ساٽيهہ جو ساٽي جنهن وٽ فهم ۽ فڪر هجي،
پوءِ ڏاوا ڇا پورا پوندا، جن وٽ مير ۽ مڪر هجي.
(ساٽيهہ جي ساک: 39)

- **پوءِ نهارڻ:** پنهنجي ماضيءَ کي ڏسڻ، اوقات جو خيال آڻڻ، پنتي موٽ، پوين جي اوڻ.

مرڻ جيئڻ ۾ مانُ اسان جو آهي رهڻو آدر ۾،
پوءِ نهارڻ پاراتو ٿيو جوڌا جنگ جي آڳر ۾.
(ساٽيهہ جي ساک: 70)

- **پوئواري:** سارسنڀال لهڻ، مدد ڪرڻ.

ڇيو ڇنيسر نوڪر آهيان بس تعبيداري تنهنجي ڪندس،
پورو هوندين مون سان تون ۽ مان پوئواري تنهنجي ڪندس.
(ساٽيهہ جي ساک: 49)

- **پويان پير ڪرڻ:** پڇتائڻ، واپسي اختيار ڪرڻ، آسرو لاهي ڇڏڻ.

اوسيئڙا ٿا آس اورانگهن، تانگهہ ٿي پويان پير ڪٽي؛
آءُ ٿي گهاريان چَندِ ڳٽي!
(ڏرتيءَ جا گيت: 32)

- **پويون داءُ:** پڇاڙڪو ڏڪ، آخري وار.

اسان کي تنهنجي همت گهرجي، اسان کي پويون داءُ کپي،
موت اڇي آ ماڳ تي ڪڙڪيو مئلن کي ڪو ساءُ کپي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 169)

- **ڦهڄڻ:** سماج کان ڪٽجي وڃڻ، گم ٿي وڃڻ، ڦهر ڪري ويهڻ.

پنهنجي ماحُول کان بي خبر، بي خطر،
پُورَ ڪهڙي ۾ پَروس تون ڦهجي وئين!

(ڏرتيءَ جا گيت: 144)

- **ڦٽُن ڀارنهن:** جاوا، مزا، موج، فتح، مقصد جو پورائو ٿيڻ، ڀاڳ کلڻ.

اکڙيون توهان جون جن جو آتڻ، تن جا آهن ڦٽُن ڀارنهن،
جن تي ديد نہ ڏري ڪوئي، سي ڪيئن ڪندا ويچارا هوءِ،

(ڏرتيءَ جا گيت: 209)

- **پيار ڪرڻ جي ڄاتي ناهہ:** حيثيت، طاقت يا سگهہ نہ آهي.

تنهنجا چپ بہ عنابي ناهن، پنهنجي نگاهہ بہ آتي ناهہ،
روح نہ آهي رس تہ ڪنهن کي پيار ڪرڻ جي ڄاتي ناهہ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 25)

- **پير پري اچڻ:** ميڙ منٿ ڪرڻ، تڏي لنگهي اچڻ، معافي وٺڻ.

آءُ ويڪل تي آيو آهيان راڄن پاران پير پَري،
پنهنجو هي وڙ ناهي ڪرٽي ڳالهہ اندر ۾ وير پري.

(ساٿيهہ جي ساک: 58)

- **پيرَ سوئڻ:** پيرن کي نمبر وار ياد ڪرڻ ۾ دعائون گهرڻ، خطري يا تڪليف جي حالت ۾.

سنڌڙي آهي پوڙهت ۾، شل رهي سلامت ذات سنديس،
دشمن وٽيا سوئن پيرَ تہ سولي ٿئي سڪرات سنديس.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 324)

- **پَير ڪٽڻ:** پيرن جي نيشانن تي ڳولڻ، پتو ڪورو لڳائڻ.

سڀ ڪنهن کي ڏيڻ ڪپي اڄ پنهنجي مقابل ويريءَ سان،
ليڪن هڪڙي ڳالهہ ضروري ڪٽجي پير سُڌيريءَ سان.

(ساٿيهہ جي ساک: 53)

- **پيش پَرينءَ:** ڪڏهن بہ، ڪنهن وقت بہ اڳتي هلي.

پر ان ۾ ارچڻ آهي! ڪهڙي؟ ٻاگهيءَ هيءَ هو سوال ڪيو.

پيش پَرينءَ چنيسر جي ڪو راڄن سان جنجال ڪيو.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 37)

- **پيڪار:** تياري، هلچل، تحرڪ.

هي قيد، هي اجل تہ بہ آهي ضمير زندهہ،
جاري اسان جي رهندي پيڪار ياد رکجانءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 203)

- **پيڪر:** سبب، ذريعو، ڪارڻ، نمونو.

هي اُهي ميزائيل جنهن جي ڏسڻ سان ڏڪي ٿي وڃي آدميت جي ڇاتي
خدائيءَ جو دشمن، تباهيءَ جو پيڪر، مماتيءَ جي شڪل ۾ مصيبت جي ڇاتي

(ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **پيوندڪاري:** جوڙ ڪرڻ، ڳانڍاپو ڪرڻ، ملائڻ.

مون کي ڪا پرواهہ نہ آهي توڙي اڳيان الوند هجي،
آءُ بہ ٿيندس تو جهڙو پل توسان ئي پيوند هجي.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 62)

- **پيهر:** ڇن، ڇپر، لوڙهو، پناهہ، پيهي تي بيهي جهار هڪليندڙ.

ساڃهہ کهڙي ڏيندي سا اڄ پيٽ جي وياءُ چنيسر کي،
اُڏيهيءَ ڪاڏل ڍينگهہ رکندو پختو ڇا ڪنهن پيهر کي.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 39)

- **پيهرڪيرايو:** راڄ ڏٽي، گهر جو وڏو ڇن، ڇپر، گهر.

ممڪ ڇيو پر اڄ تہ تو پنهنجي گهر جو پيهر ڪيرايو،
ڪڏهن تہ توکي چوڙيون آڇي زال سندءِ ڪُرُ ڪيڏايو.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 82)

- **پيشنگوئي:** اڳڪٿي، آئيندي جو احوال اڳ ۾ ٻڌائڻ.

هڪ طرف پيشنگويون، ٻئي طرف ڄنڊن ۾ هٿ،
مسئلن پاسي بہ ڪنهن کي ڌيان ڏيٺو آهہ يا نہ؟!

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 326)

# ج

**جابر:** ڏاڍ ڪندڙ آمر.

هيءُ وطن جاگير نہ آهي ڪنهن بہ آمر فرد جي،
جاءِ هت هرگز نہ هوندي ڪنهن بہ جابر فرد جي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 69)

- **جار ڪرڻ:** سعيو ڪرڻ، هاسيڪاري، شوق سان، پاڻهين جاڻهين.

هن ڌرتيءَ تان گهور وڃان، هيءَ ڌرتي سرجڻهار الا،
جاڳايا جنهن جنم جنم ۾ جارُ ڪري جهونجهار الا.

(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **جاڙ:** جُٺ، ظلم.

وريو چنيسر راڻيءَ ڏي چي جيجل ڏاڍي جاڙ تي وئي،
ديهہ جو ڏٽي ٽيو دودو، هاڻ تہ پنهنجي ننگري ناڙ تي وئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 42)

- **جاڙي:** گڏ چاول ٻار، ڳتيل، گهاٽا، جيڏي سوتي.

منهنجي سانول جي پرونءَ تہ جاڙي،
جاڙيءَ نہ ڪا پت پاڙي، آءٌ مٽي اگهاڙي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 39)

- **جاکوڙ:** محنت، جا نفشاني.

لشڪر مان ڪن گهوڙي سوارن ٻاهر نڪري ووڙ ڪئي،
متان هجي ڪوتاڙ ۾ پنهنجي جوکن اهڙي جاکوڙ ڪئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 48)

- **جالي:** گذاري، سر ڪئي.

زندگيءَ جي ديس ۾ چپر نہ ڪوئي چانورو،
مري تري مسافرن اس ۾ ڪا جهڙيالي ڪئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 26)

- **جا مئہِ زُهد:** عبادت ڪرڻ وارو لباس.

جامئہِ زهد ويا پنهنجي بدن تان لاهي،
گودڙي رندن جي اوڍيم تہ خبردار ٿيس.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 150)

- **جانباز:** سر ڏيڻ وارو، قرباني ڏيڻ وارو.

قوم ۾ آٽيون سجاڳي پاڻ ۾ غفلت ڇڏي بيدار ٿيو.
جانبازو! جنگِ آزاديءَ جي لئہ تياري ڪريو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 52)

- **جانفزا:** سڪون بخشيندڙ، خوش ڪندڙ.

ڇو خوشگوار حالتون درد درد ٿي وڃن،
جو جانفزا ٿئي ٿي جانگداز ساٿيو!

(ڌرتيءَ جا گيت: 108)

- **جانگداز:** بي آرامي ڏيندڙ.

ڇو خوشگوار حالتون درد درد ٿي وڃن،
ڇو جانفزا ٿئي ٿي جانگداز ساٿيو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 108)

- **جاوا:** جهلڪا، لهرون، مزا ماڻڻ، بي پرواهي.

ڳيرو جن جي جوت ائين جيئن گج تي ٽانڪيل ڪاوا هو
ڳيرو جن جا ڪيج ائين جيئن جهانجهہ مٿان ڪي جاوا هو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 159)

- **جاودان:** سدائين رهندڙ، امر.

ڪو تخت ۾ هو، ڪو تخت تي هو اهائي تفريق جاودان هئي،
خوا ص جنت جي موج ۾ هو مباح هر نعمت انهيءَ مٿان هئي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 479)

- **جبر:** ڏاڍ، ظلم.

فنا ڪيائين جهالت ۽ جبر ظلم ذات جي ظلمتن کي،
بقا ۾ آندائين امنِ عالم ڪري معاون محبتن کي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 490)

- **جبل جو ٻوڪ:** جبل جو ٻهڪڻ، ٻوڏ ۾ ٻيرجڻ، خوشيءَ ۾ نه ماپڻ.

جنهن ۾ تي ڦيڪاري منڊ ۾، سهڻ صاحب لوڪ ٿيو
هيرو ٻنجي باندر آيو، ولين جبل جو ٻوڪ ٿيو.
(ڌرتيءَ جا گيت: 191)

- **جبين:** نرڙ پيشاني.

هي هٿيار پنوهار جن جي جبين تي جانباز جوڌن جي قسمت جي ريکا،
اجاري ڇڏيو جن زماني جي سيني تي همت ڪري فتح نصرت جي ريکا.
(ڌرتيءَ جا گيت: 176)

- **جَتَنَ ڪرڻ:** وس ڪرڻ، جهد پٽڻ، زور لڳائڻ.

توکي طاقت تي يقين آهي ته يلغار تي ايمان اسان جو
تو ڏٺو ناهه اجا تائين جگر ڦاڙ ڪو جولان اسان جو.
(ڌرتيءَ جا گيت: 1431)

- **جراح:** وَڍَ ٽُڪ رستي علاج ڪندڙ تبديلي آڻيندڙ ماهر.

جنم مليو ان جرح کي جو جهان جي درد جي دوا هو،
جنم مليو ان جهيل کي جو مَوَدَتَ ۽ قرب جي بنا هو.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 480)

- **جر جِلا:** وڏا جنگاهه، خون خرابو مقابلا، شهيدن جا ڌڙ وار.

جو خَبِيس غير اسان جي راهن ۾ رڪاوٽون وجهي،
انهيءَ جي جواب واسطي ٻه جرجلا کپن.
(ڌرتيءَ جا گيت: 224)

- **جَرُ ڦِريو:** ڀاڳ ڦِٽو نياڳ جو پاٽي هاريو لکيل قسمت جو ليک مٽجي ويو.

جوڻ ڦريو، جر ڦريو اکرن تي پاڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي، راڄن جي راڻي مارئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **جرقل:** پسارڪو وَکر، ول.

سرس تنهنجي سونهن هئي جيڏين اندر جرقل جيان،
ٺهڪندي، ٺِلندي وتين ٽي بودلي بربل جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **جُرمُ:** گناهہ، ڏوهہ.

بي گناهي قوم جي ڇو جرم ٺهرائي وئي،
قوميت ڪنهن وئشيا جيان ڇو ٺڪرائي وئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 71)

- **جُرِئت:** بهادري، همت، مردانگي، بي خوفي.

ڇو جو سيني راڄن ۾ مشهور انهيءَ جي جرئت آهہ،
ان جي همت، ان جي حميت، ان وٽ غور ۽ غيرت آهہ.

(ساڻيهہ جي ساک: 33)

- **جزم:** حوصلو، سُچيتائي، چاڻ.

جُهڪيو ٽي جو سچ ڪوڙ آڏو، انهيءَ ۾ جرئت جو جزم جاڳيو،
بديءَ اڳيان هيچ هُئي جا نيڪي، ظهور جو تنهن ۾ زعم جاڳيو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 491)

- **جزيرا:** گهر، ماخذ، اڻ کٽ موجودات.

يادن جا جزيرا جي خرابات ۾ آهن،
ڪنهن شهرِ محبت جي مضافات ۾ آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 120)

- **جسيم:** ٿلهو ٿنڀرو، بَرجُستو.

جنم مليو ان جهيل کي جو مُوَدَتَ ۽ قرب جي بنا هو،
جسم مليو ان جسيم کي جو عداوتن کي ڪندڙ فنا هو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 480)

- **جگر ڦاڙ:** دل ڏاريندڙ، ماري وجهڻ جهڙو.

توکي طاقت تي يقين آهه تہ يلغار تي ايمان اسان جو
تو ڏٺو ناهہ اجا تائين جگر ڦاڙ کو جولان اسان جو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 131)

- **جلاد:** بادشاهن جي حڪم تي يا ڪورٽ جي ڏنل اهڙيءَ سزا تي، موت ڏيڻ واري ڊيوٽي ڏيندڙ.

جلادن کي حڪم ٿيو ۽ حڪم ٿيڻ سان هڪ لحظي ۾،
فقراهن جون ٿي ڏار ويون سِسِيون ڌڙن کان لحظي ۾.

(ساٿيهہ جي ساک: 52)

- **جلال:** روشني، آب تاب، جوش جذبو.

نہ هن کي حاصل قرار ڪوئي، نہ هن جي حصي ڪمال ڪوئي،
رهي ٿو هو پائمال ڇو ۽ ڇو نہ ان ۾ آ جلال ڪوئي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 484)

- **جلالي جوت:** گرمي، باهہ واري روشني.

منهنجي رعب سان ساري وستي ظلم ستم کان خالي آهي،
هرڻ ڇيو ها مون ڀي جاچيو تنهنجي جوت جلالي آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 189)

- **جلوت:** ماڻهن جي ميڙ ۾ رهڻ، ماڻهن سان ڪچهريون ڪرڻ، جلوه نمائي.

ڄام فيروز جي جلوت خلوت ڀريل هئي بدڪارن سان،
هن جو هرهڪ راز رهيو ئي بيگانن ۽ غدارن سان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 110)

- **جلوو:** ديدار، نظارو، ڏيک، جهلڪ.

ڪڏهن تہ تنهنجو روپ هئو ائين جڻ جلوو ٻانهن واريءَ جو
هيءَ حياتي هيج ۾ ائين جڻ ڇيج آ ڇيڏڪ ۾ ڪنواريءَ جو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 82)

- **جلويدار جاما:** متاثر ڪندڙ پوشاڪ، زرڪ برڪ وارا ڪپڙا.

جوڀن ويڙو جاڙ ڪري ڪيئن جاما جلويدار ڪجن،
ڪونهي ڪو چمڪاٽ چِلي جو ڪنهن سان اکڙيون چار ڪجن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 233)

- **جُلهہَ:** چوٽ، چڙهائي، اچانڪ حملو.

تنهنجي لوئيءَ تي اندرڪارن ائين چِڪتاڻ ڪئي،
جڻ اچانڪ جلهہ گهوڙيسوار تي ڪتياڻ ڪئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 150)

- **جلوه گر:** جلوا ڏيکاريندڙ چِٽي، ظاهر، عيان، موجود، ڏسي سگهڻ جهڙو.

ڪتابن جو سينو سبق سان ڀريل جلوَهَ گر جن ۾ هردم هدايت رهي ٿي،
قلم جي ڪيا ڪارناما انهن ۾ محبت جي مخفي صداقت رهي ٿي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 171)

- **جمال:** سونهن، حُليو، حُسُن.

تنهنجو حسن بہ حسن آهي پر هن جو ڀي ڪو جمال هيو،
جنهن جي هڪ اعجاز تان صدقي ساري جڳ جو ڪمال هيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 24)

- **جم ڏيڻ:** دابي هيٺ يا ضابطي هيٺ رکڻ.

جڳ تہ ماڙي ناهي مومل جي جو توکي بم ڏِئي،
تنهنجي جهٽ جهٽ جي ڪروڌن کي رهان مان جم ڏئي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 282)

- **جمود:** سڪِتو سُنُ تي وڃڻ، خاموشي، ڊرائي.

تنهنجي جذبن سان جيان ۾ تنهنجي مستيءَ منجهہ مران،
تنهنجي هستيءَ سان هجي هرڪا جُنبش هرڪو جمود.

(ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **جميعت:** گڏيل، يڪجاءِ، سک سانت، يڪسوئي.

چاهہ چنيسر جي لئہ آهي حاجت ناهي حجت جي،
سڀ ڪي آهہ اوهان جي وس ۾ مرضي جا بہ جميعت

جي.

(ساٽيھہ جي ساک: 36)

- **جميل:** سھڻو چِٽو روشن.

ڪندي جا محبوب جي جبين جان جميل جڳ ڪي،
انھيءَ پرپات جي ڦٽڻ ۾ نہ دير آھي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **جناور:** حيوان، جانور.

ماڻھو آءُ تہ ماڻھو بنجون ڪيسين جيئڻ جناور جيان؟!
ٻڪريءَ جي دل ڏاريندي ڪيئن ھام ھڻي ٿو دلدار جيان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 133)

- **جنبش:** تحرڪ، چرپر.

تنھنجي جذبي ساڻ جيان تنھنجيءَ مستيءَ منجھہ مران،
تنھنجي ھستيءَ ساڻ ھجي ھرڪا جنبش ھرڪو جمود.

(ڏرتيءَ جا گيت: 73)

- **جنبي جنگ ڪرڻ:** مَيَدُوُ تي وڙھڻ، سر جو سانگو لاھي وڙھڻ، فيصلي واري ويڙھہ ڪرڻ.

ڀير تي ڏئونڪو ھڻو جو جنبي جنگ ڪنداسون ڏارين سان،
سائينءَ جو سُنھن تعدي اھڙي ٿيندي ھيل ڏُڪارين سان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 162)

- **جُنبي وڃڻ:** ڪم ۾ لڳي وڃڻ، عمل ڪرڻ.

ھيج ڪئي آ ھلم ھلا مستي وئي آ غالب ٿي،
اڇو تہ جنبي جشن ملھايون غاصب ويا سپ غائب ٿي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **جنت ثمر:** بھشتي ميوو، ناياب شيءِ.

اِھوئي اعجاز اڇو تہ انسانيت کي بالغ نظر بڻايون،

اهوئي انداز اچو تہ سارو نظام جنت ثمر بڻايون.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 482)

- **جنجل:** مصيبت.

او الا اچ تنهنجي قسمت اي وطن! ڪنگال آهہ،
تنهنجي دامن ۾ جياپو تي پيو جنجال آهہ.

(ڌرتيءَ جا گيت: 78)

- **جِنسار:** هار سينگار، تياري، رنگ روپ، ڏيک ويک.

ڪوئل جڙ ڪي ڪنول جو گل هئي، ڪوئل جيان گفتار سنديس،
ڦوهہ جواني جڻ تہ جهڙالي جهڙڦڙ جيان جنسار سنديس.

(ساٽيهہ جي ساک: 56)

- **جنم جنم ۾:** دؤر دؤر ۾، وَهيءَ وَهيءَ ۾، هروقت، هر جُونِ ۾.

هن ڌرتيءَ تان گهور وڃان هيءَ ڌرتي سرجڻهار الا،
جاڳايا جنهن جنم جنم ۾ جار ڪري جهُونجهار الا.

(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **جوالا مکي:** ٻرندڙ جبل. ڪنهن جبل ۾ خال هوا سان ڀريل هوندو آهي، جيڪو گرمي سرديءَ جي ڪري ٻاهر ڦاٽ ڪائي نڪرندو آهي.

اي اٿو جوالا مکي تي، موج تي گجگوڙ ۾ گهمسان سان،
سامراجين سان وڙهو غيور تي بنجي جوش ۾ جولان سان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 66)

- **جوڀن جُڙيو هئڻ:** جواني هميشه نيبهہ هئڻ.

جوڀن تنهنجو جڙيو سدائين، آءُ تہ ڪريون ڪا روح رهاڻ،
آءُ تہ ڪريون ڪا روح رهاڻ!

(ڌرتيءَ جا گيت: 29)

- **جوت:** روشني، شعاءُ، طاقت، صحتمندي.

درد اهو جو حسن جي هات جي هرڪا جوت پسائي ٿو،

جوت اُها جا جوش تي خلقي، جوش جو هوش اپائي ٿو.
(ساٽيھہ جي ساک: 24)

- **جوت جلالي:** جذبي سان ڀرپور قوت.

سنڌڙي جيسين تو ۾ تنهنجي جوت جلالي رهڻي آهہ،
توسان تنهنجي سرويچن جي ساک سنوالي رهڻي آهہ.
(ساٽيھہ جي ساک: 92)

- **جوڌا:** جوان، بانڪا، بهادر.

ٽيون هو چنيسر چريو ڪريو جو سڏيو ويو ٿي جوڌو راءُ،
آخر ۾ جنهن ڪاڪ لڄائي بنجي انڌو اونڌو راءُ.
(ساٽيھہ جي ساک: 28)

- **جوڌن جا جولان:** بهادرن جا ويڙهہ ۾ ڏيکاريل ڪرتب.

دهشت ڏم درياهہ ۾ جيئن تيئن جوڌن جا جولان ميان!
ڪاريهر ۽ ڪيهر بنجي اٿلي پيا انسان ميان.
(ساٽيھہ جي ساک: 69)

- **جورو جفا:** تڪليف، سزائون، عتاب.

پنهنجي اعمال جي شامت جي سڏيو تنهنجي سڄي جورو جفا ڪي،
تہ اها ڳالهہ بہ اهڙي نہ جنهن جو ڪجي اقرار زمانا!
(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **جوڙ:** جڙي تيار ٿيڻ، ملائي ڳنڍڻ، صحيح سالم ڪرڻ، سنوت ۾ آڻڻ.

ويا لاهہ لاهن جا نڪري ۽ ڪوبن ڪڏن جي يڪئي سر مڏي گار ٿي وئي،
بني ٿي ائين جوڙ جڙ سنڌ عورت ٿي سائي ۽ ٻارن جي پرمار ٿي وئي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 172)

- **جَوَ ڦڪي آڙڻ ڪرڻ:** سانهن ستيءَ ڪان پوءِ ٻُيڙايون ڪرڻ.

هاڻ تہ هي جَوَ ڦڪي آڙڻ ڪري ٿو ڪوٽ ۽ ڪونا دوزخ جا،
جڻ تہ اتان هي آيو آهي سڀ ڪٽي سوٽا دوزخ جا.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 143)

- **جوکن:** نقصانن، ڪاهيو ايندڙن.

لشڪر مان ڪن گهوڙيسوارن ٻاهر نڪري ووڙ ڪئي،
متان هجي ڪوتاڙ ۾ پنهنجي جوکن اهڙي جاکوڙ ڪئي.

(ساڻيهہ جي ساک: 48)

- **جوڳي:** اُهي سامي جيڪي جهاڙ يا ڦيٽو رکندا آهن.

جهاڙ رکي جوڳيءَ لاتي هيئن اندر هور،
جهور ڪيا جي جيءَ اندر پپل وارا پور-
گهور وجان او گهور!

(ڌرتيءَ جا گيت: 38)

- **جُولان:** جذبو، همت، اوتارو، جُنبش.

اي اٿو جوالا مکي ٿي، موج ٿي گجگوڙ ۾ گهمسان سان،
سامراجين سان وڙهو غيور بنجي جوش ۾ جولان سان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 66)

- **جُوڻ:** نئون جنم، نئون دؤر، نئون روپ.

جوڻ ڦيريو، جرڦريو اکرن تي پاٽي مارئي!
هاءِ جيجل مارئي! راڄن جي راڻي مارئي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 154)

- **جوءِ:** رياست، تخت، ملڪ، وسندڙ علائقا.

توسان تنهنجي سرويچن جي ساک سئالي رهڻي آهہ،
هڪڙا ويندا ۾ ٻيا ايندا جوءِ نہ خالي رهڻي آهہ.

(ساڻيهہ جي ساک: 92)

- **جهالت:** بي علمي، ڄٽپائي، اونداهي، بي شعوري.

فنا ڪيائين جهالت ۾ جبر ظلم ذات جي ظلمتن کي،
بقا ۾ آندائين امنِ عالم ڪري معاون محبتن کي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 490)

- **جهڙي چالي تهڙي ڀِني:** ياڙئي مان اُميد اجائي آهي، انهن ۾ هڪجهڙائي آهي.

جهڙي چالي تهڙي ڀِني، گدڙ جو ٻوٽو گار ٿيو،
ڪوڙ وواءُ تہ ڪوڙي وڏائي خانبهادر خوار ٿيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 193)

- **جُهَد:** ڪوشش، سعيو محنت، جفاڪشي.

توکي آهہ وصيعت منهنجي مون کان پوءِ خيال ڪجانءِ،
پنهنجي فرض جي لاءِ ڪڏهن بہ نہ جهد ڪري جنجال ڪجانءِ.

(ساٽيهہ جي ساک: 31)

- **جهل:** اونداهي، بي شعوري، انسانيت کان ڪريل.

جهل جي هوندي چئو ٿا علم وارا آهيون،
فاسق ۽ فاجر تہ ٻيي جڻ زهد وارا آهيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **جهول سان جنگ جوٽڻ:** مسئلي جي حل لاءِ پاڻُ پتوڙڻ، ڏچي جو مقابلو ڪرڻ.

موت جو آهي سِرَ تي سايو جنهن کان جياپو دنگ آهي،
ڪڪ ٿي هن ڪيڪاند کان، جوٽي پاڻ جهول سان جنگ آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 186)

- **جيجل:** ماءُ.

هن جي محبت جنگ جي ساکي سپ ڪنهن کي ميناج ڏئي،
هن جي جهولي جيجل وانگي جانب! ٿي نيپاج ڏئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **جيءَ ۾ جايون:** پيارو رکڻ، پنهنجو سمجهڻ، پائڻ.

ڪنهن لئہ تو وٽ جيءَ ۾ جايون، ڪنهن لئہ کوٽيل کاهيون،

چاھہ اھو ڪتراڳ تہ سپ ڪجھہ باب ٻٽڻ ڙي ڏوليا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 48)

- **جيءَ ۾ جنھور جڙائڻ:** عياشي ڪرڻ، چاهت جو حصول.

ڪنھن جو روح رباب تہ ڪنھن ٻي نرت ۾ نيڻ اڙايا پئي،

ڪن تي ڪچ تي ڪر موڙيا ڪن جنھور جيءَ ۾ جڙايا پئي.

(ساٽيھہ جي ساک: 74)

# ڄ

- **ڄار:** پريون، ديگ، گهٽا، بي انت.

پِٽ پاراتا ڏارين تي جي هرکي هاجيڪار ٿيا،
گهنگهيون پِئيون تہ بہ اينگهہ اهائي سور ڄراٿيون ڄار ٿيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 87)

- **ڄراٿيون:** باهيون، اُماڙيون.

پٽ پاراتا ڏارين تي جي هرکي هاجيڪار ٿيا،
گهنگهيون پئيون تہ بہ اينگهہ اهائي سور ڄراٿيون ڄار
ٿيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 87)

- **ڄماران (ڄمارون):** صديون، وهيون، حياتيون.

ڪرڳل نبرڻ وارا ڪونهن،
ڏس تہ ڄماران نبري وِيُون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **ڄُنبا:** وار.

ڪُليا وات ڪِلَ کان بنا ڄڻ تہ پردن تي فلمن جون ماڙيون لڳي ويُون،
هنيائون ائين جهم ڄڻ تہ ڄاين جي ڄنبن ما ڪيڻ ليڪيون ڪراڙيون لڳي ويون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 187)

- **ڄُنڊن ۾ هٿ:** جهيڙي ۾ پئجي وڃڻ، چنبُوٽجي وڃڻ.

هڪ طرف پيشنگويون ٻئي طرف ڄُنڊَن ۾ هٿ،
مسئلن پاسي بہ ڪنهن کي ڏيان ڏيٺو آهہ يا نہ؟!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 326)

# جهہ

- **جهاڙ:** ڦيٽو دعا.

جهاڙ رکي جوڳيءَ لائي هئين اندر هور،
جهور ڪيا جيءَ اندر پپل وارا پور، گهور وڃان او گهورا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 28)

- **جهاڙ رکڻ:** ڦيٽو پڙهڻ، ورد ڪرڻ، ڪجهہ پڙهي ۾ شوڪارڻ.

جهاڙ رکي جوڳيءَ لائي هئين اندر ۾ هور،
جهور ڪيان جيءَ اندر پپل وارا پور، گهور وڃان او گهورا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 28)

- **جهانجهہ:** ساز جو قسم، سهٽي آواز جي گونج.

ڳيرو جن جي جوت ائين جڻ گج تي ٽانڪيل ڪاوا هوءِ،
ڳيرو جن جا ڪيج ائين جڻ جهانجهہ مٿي ڪي جاوا هوءِ

(ڏرتيءَ جا گيت: 159)

- **جُهٻو:** ڪهڪاءُ، صدمو اوچتو ڌڪ.

هميشه هڪ عيش لئہ ٿا هانوَ ڪيئي ساڙجن،
جهٻو اچي ٿو جيءَ کي ٽٽن ٿا ساز ساٿيوا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 107)

- **جِهٻيون:** احساس، رحم، پراڻيون يادون، پنهنجائپ، ٿورو هينئون ڳرڻ.

درياخان کي آئي جِهٻي ۽ جوان جِهٻُين ۾ ڳري پيو،
آهہَ ڪيڍيائين اندر مان چئي ڄام سَوڌريل مري پيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 165)

- **جهڄي پوڻ:** ڳري پوڻ، جُهري پوڻ، احساس ٿيڻ.

جند جهوريءَ ۾ ٿي جِهڄي،
تاسرڙو پيو وَڄي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 92)

- **جهرڻا:** چشما.

هن جي آهُن مان اميد ڪرڻا ڪِرِيا،
اوچتو جوت جذبن مان جهرڻا ڪِرِيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 99)

- **جُهڙيالي:** بادل ڇانيل ماحول، جُهڙ واري موسم.

دل جهڙيالي، اک جهڙيالي، ڪاجهڙيالي ڙَيُ!
هُو جهڙيالي، هي جهڙيالي، ڪا جهڙيالي ڙَيُ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 26)

- **جهڄو مسيت ٽيڻ:** سجائي گهر ڪري وجهڻ، پينگ ٽي وجهڻ.

هجر ۾ منهنجي ڪانچ ٽي ڦاٽي ٽانگي ڪي جهل گهوڙا ڙَيُ،
جهاڪن ۾ ويو جهڄو مسيت ٽي ٽاٽي تي هل گهوڙا ڙَيُ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 291)

- **جهنجهٽ:** مونجهارو، مصيبت، ڪروڌ.

ڇنڇل ۾ جهنجهٽ ۾ تنهنجي شام آئي زندگي،
ڇڏ هي تيرنهن تال سِڪُ ڪا سيبتائي زندگي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 282)

- **جهنڪار:** ڇير جو آواز.

وڏي شامياني اندر ناچ گاني جي ٽمٽار جهنڪار اندر سيا مان،
اٿيون پوپريون بربلن جان ۾ نچنديون رهيون مست الست صبا جان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 177)

- **جهوٽيا:** اوجهراٽيون ڪاڏائون، ننڊ تنگ ڪين.

جي هندورن منجهه جهوٽيا لال لاڪيٽا ڪڏهن،
جن آڳنڏن ۾ هئا موجون ۾ مانداٽا ڪڏهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 156)

- **جهورَ:** ڳٽتي، ڏک، اوير، پوڙهائپ.

جهاڙ رکي جوڳيءَ لائي هئين اندر هور،
جهور کيا جيءَ اندر پيل وارا پور.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 28)

- **جُهوري جڏي:** بيحد اگهي، جڏي، صفا ڪُرا ڙي، انتهائي جهونڙي.

جهور جڏي تاريخ اچي وئي ويس مٿائي هستيءَ ۾،
جهوريءَ وانگي منظر جهاڳي مند اچي وئي مستيءَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **جهوريءَ ۾:** مونجهاري ۾، ڳٽتيءَ ۾، سورن ۾.

اتان ڦري جو ڳوٺ ۾ آيس ڳوناٽا هئا جهوريءَ ۾،
سڀ جي منهن تي سانجهيءَ پاڇا سڀ کي سور پلاند الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 110)

- **جهوڪار جهوڪون:** ويهڪ، ٽڪ پيڄڻ جي جاءِ.

انن جون جهوڪان سرءُ جون سوڪان آءٌ تي سوڪهڙي ۾ سڏ ڪريان،
لڳڙيون جنهن کي نينهن جون نوڪان، تن گهمڻ ڇڏيو گلزارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **جهول کي جس:** سخا کي شاباس، پاڻ ڏانهن ڇڪڻ کي شاباس، چاهت کي شاباس.

ڪڏهن تہ لال ڪنوار هئين اج بيوهہ جيان بي حال ابوا،
جيجل تنهنجي جهول کي جس پر دل وارن جو ڪال ابوا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 82)

- **جهولي جهير ٽيڻ:** ڦاٽل لٽن ڪپڙن سان، خستہ حال.

جوڳيئڙا ڪيئن جڳ ۾ جالن جهير جنين جي جهولي،
لولي ڏيان او لولي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **جھونگر:** آهستي آلاپ ڪڍڻ، ساراھ ڪرڻ.

هيج ڪري ائين نڪرن جيڏيون المست ٿي تنهنجيءَ جھونگر ۾،
جڻ تہ ستايل سونهريءَ تي، جڻ ڪنول قطارون ڪينجھر ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

# چ

- **چارڻ:** پاڻُ، منگتو مڱڻهار سازيندڙ.

تنهنجي گيتن کي سنگيت ڏيندو رهان،
تنهنجو چارڻ ٿي هيءَ سين هٽندو رهان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **چاره ساز:** حڪمت عملي جوڙيندڙ، صحيح طور طريقي وارو.

حيات، موت ۾ نہ رهيو امتياز ساٿيو،
اٿو تہ انقلاب اچي، ٿي چاره ساز ساٿيو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 109)

- **چاره گر:** حڪيم، طبيب، تدارڪ ڪندڙ هڪ طرف ڪندڙ.

محبت ۾ مليا جي زخم سي ناسور بنجي ويا،
خبر ناهي اجا چو چاره گر غفلت شعار آهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 210)

- **چاڪي:** جيڪو تيل پيڙڻ جو گهاڻو هلائيندو آهي.

عشق تہ چا ڪيوسي، چڙ تہ ڪئي سين چوري چاڪيءَ جي گهر مان،
گهر گهر ۾ پچار اسان جي، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ راراهو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 209)

- **چال چلائڻ:** موقف ظاهر ڪرڻ، اٽڪل ڪرڻ، ڏوڪو ڪرڻ.

ڪن ٿي ساريو باگهيءَ کي جي پوري اُهائي ان پر ۾،
هرڪنهن جي هئي ڳالهہ ائين جيئن چال چلي ڪو چوسر ۾.

(ساٿيهہ جي ساک: 33)

- **چانڊول:** اهو پکي جيڪو چيٽ جي مند ۾ چهڪي، ماحول کي مزيدار ڪندو آهي.

ڪرڙ جون مڪڙيون ڪوماڻيون ۽ پتر جا گل ويا،
چيٽ جا چانڊوڪي اڏامي ويا، اکن جا ڦل ويا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 149)

- **چانگا:** اٺ.

تنهنجي چانگن جون چڙيون ائين ٿيون پيون آواز ڏين،
جيئن وِهُوڙيل ڪي خلائن مان ٿيون يادون ساز ڏين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 156)

- **چاهت:** سڪ، خيال، سوچ، رايو.

ليڪن راج نہ راضي ٿيو جي ناهہ چنيسر چاهت ۾،
هيءُ نہ رهيو نہ ڪو رهڻو آهي ڪڏهن بہ سوَليءَ نيت ۾.

(ساڻيهہ جي ساک: 35)

- **چِبرو:** هڪ پکي، جيڪو ڏينهن ۾ ڏسي نہ سگهندو آهي، فقط رات جو ڏسندو آهي.

بادشاه بنجي ڪڏهن چبرن جا چيٽا ٿا چڙيون،
يا گداگر ٿي ڪري گدڙن مان تاڙيون ٿا دڙيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 121)

- **چتايو:** پڌايو معلوم ڪرايو آگاهہ ڪيو باور ڪرايو.

جام فيروز چپر ڏٺي، مون اڳ ئي توکي چتايو هو،
تنهنجي انڌ، آڙا گوڙين کان، ملڪ جڏهن تنگ آيو هو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 164)

- **چت چور:** دل کسيندڙ موهت ڪندڙ پاڻ ڏي ڏيان ڇڪائيندڙ.

امنگ شعر ۾ خيال اُپاريا، گهٽائون گهنگهور آيون آهن،
اميد جوش ۾ جلال اُپاريا، فضائون چت چور آيون آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 134)

- **چپ تي سوڻي:** چپ سبجي وڃڻ، ماٺ ڇانئجي وڃڻ، ڪجهہ پڇڻ کان

بس ٿي وڃڻ.

پڇيو علاول لشڪر ڪان هيءَ ناپر ناهي ڇا جي لاءِ،
سڀ ڪنهن کي هيئن چپ ٿي سوڻي هڪدم آهي ڇا جي لاءِ.

(ساٽيهہ جي ساک: 81)

- **چپروني:** ڪُنڊ وٺي، پاسائتو بنا اهميت.

باگهي ڪهڙيءَ وسن تي آهي رهجي ڪائي خبر وٺي،
لشڪر سان گڏ هليو چنيسر چيلن وانگي چپر وٺي.

(ساٽيهہ جي ساک: 75)

- **چرڙاٽ:** چيري جو آواز.

چيرو پنهنجي ڇهنب ڪٽي ۽ چلتو ٿيو چرڙاٽ ڪري،
هرڻ اڳي ڪان اڳرو ٿي ۽ وڙهندو رهيو ڏوڏاٽ ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 198)

- **چرهو:** بشاش، سرهو، تيار.

هاڻ ويو ميدان صفا ٿي چيو علاول چرهو ٿي،
ڪل تہ چنيسر ماٺي ڇو آهين ڪنڌ مٿي ڪٽي ڪرهو ٿي.

(ساٽيهہ جي ساک: 72)

- **چڙهائي:** حملو ڪاهہ هوڏ، جنگ جو اعلان.

سڀ ڪان اڳ هيءَ جانچ ڪجي ڇا مقصد آهہ چڙهائيءَ جو،
بئي ڏريون هڪ دين مجيندڙ پوءِ بہ عزم لڙائيءَ جو.

(ساٽيهہ جي ساک: 54)

- **چڙهي:** مٿي ٿي.

چاندوڪيءَ تي وِيرَ جيئن لهي چڙهي ٿي چُورُ ٿئي،
دل ٿي چاهي تئين ڪوئي اوري اچي ۽ ڏُورِ ٿئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **چُڪڙي:** ٿورو ڍڪ.

اٿئي ڪڪ جي هيٺان لڪ ماهيا!
منهنجا نيڻ شرابي اڇي ڇُڪڙي تہ چڪ ماهيا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 52)

- **چَڪِنا چُورُ:** ختم ڪرڻ، بس ڪرڻ، مٿائي ڇڏڻ.

اڄ تہ مهر محبت سان تلخيون، ترشيون سڀ دور ڪريون،
اهڙيءَ ريت مروت سان پڻ ڪُپتيون چڪنا چورُ ڪريون.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 224)

- **چَڪُ:** ذائقو وٺ.

اٿئي ڪڪ جي هيٺان لڪ ماهيا!
منهنجا نيڻ شرابي، اڇي ڇُڪڙي تہ چڪ ماهيا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 52)

- **چلتر:** چالبازي، ڏلالپ، اڏنگو ڪيل، غليظ حرڪت.

هڪ جي حرص ۾ ٻئي جي هو سوٽي ملڪ تي آندو محشر ڪي،
داد ڏنو ابليس ٿي مرڪي ماڻهوءَ جي ان چلتر ڪي.

(ساڻيهہ جي ساک: 75)

- **چلتو:** ڪم، وهنوار ورتاءُ.

تو ۾ همت نہ حمييت نہ چڱائيءَ جو ڪو چلتو رهيو آهہ،
تنهنجو غارت تي گذارو توکي سوکم ٿي اهو سودو رهيو آهہ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **چِلولائي:** چرچا ڀِيا، ٻاراڻو ورتاءُ، ناز نخرا.

راز رمزون ۾ اشارا ويا گذاري ڏينهن ٿيا،
چنچلن جي چلولائيءَ ڪي سَڏارئي ڏينهن ٿيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 155)

- **چمڪ:** ڏيک ويک، خوشيءَ جو اظهار.

چنڊ اڳيان ائين چمڪ نہ جاني رات ۾ رونشو ٿي پوندو،
ڪير الا جي مات ٿئي هي سڀ ڪي سؤنسو ٿي پوندو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 125)

- **چنار جون مکڙيون:** ڏاڙهونءَ جو مکڙيون.

قوهہ جواني ڄڻ تہ جهڙيالي جهڙ ڦڙ جيان جنسار سنديس،
چپڙا ڄڻ تہ چنار جون مکڙيون اکڙيون نينهن نکار سنديس.

(ساٽيهہ جي ساک: 56)

- **چنچل:** نوجوان، قوهہ جوانيءَ وارو، خوبصورت.

راز رمزون ۾ اشارا ويا گذاري ڏينهن ٿيا،
چنچلن جي چلولائيءَ کي سَڌارئي ڏينهن ٿيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 655)

- **چنڊال:** نياڳو، چنڊو، منحوس.

رڙيون متيون روپاهہ رنو او سنڌڙي توءِ سُهاڳ ويو،
ڪارنهن ڪئي چنڊال چنيسر پيلي باک نياڳ ويو.

(ساٽيهہ جي ساک: 71)

- **چنڊ گرهڻ:** چنڊ جي چوڌاري اچو پٽو گهيرو ڪري بيهندو آهي.

ساهہ کي ويا ائين سور وٺي ڄڻ چنڊ گرهڻ ڙي ڊوليا!
هاءِ اسان جي جندڙي ٿي وئي، پنڊ پهڻ ڙي ڊوليا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 48)

- **چنڊ ڳٽي گهارڻ:** مهينا ڳٽي ۾ انتظار جو مدو پورو ڪرڻ.

اوسيئڙا ٿا آس اورانگهن، تانگهہ ٿي پوبان پير کٽي،
آءُ ٿي گهاريان چنڊ ڳٽي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 32)

- **چنگيزخان:** ڏاريو بادشاهہ، جنهن سنڌ تي حملو ڪري ماڻهن سان ايڏا تہ ظلم ڪيا جو هواج ڏينهن تائين ظلم جي علامت طور پيش ٿيندو رهي ٿو.

تون ئي منصور جو جلاد ۾ سقراط جو قاتل اي زمانا،
تون ئي چنگيز جو حامي، توئي هلاڪوءَ کي هاتار بنايو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **چوٽِ:** مٿاهون، اوچو.

تنهنجي غم جي گهرائيءَ کان گهرو ڪيف ڪمال سندوم،
تنهنجي هيج مهابي آهي چوڏس چوٽ خيال سندوم.

(ساٿيهه جي ساک: 23)

- **چوٽ چڙهي:** تمام وڏي تياري ڪرڻ، تمام مٿاهين حيثيت حاصل ڪرڻ.

بانڪن جي بيگار ائين چڻ واندن جي وانگار هئي،
لاهي پاهي چوٽ چڙهي اڄ دهليءَ جي سرڪار هئي.

(ساٿيهه جي ساک: 63)

- **چوٽ ڏئي:** ڌوڪو ڏئي، شڪست ڏئي، هاري.

سچ ۾ سونهن جي ساک رکي تو هنيو نه هاريئي موٽ ڏئي،
آخر آئين سوپارو ٿي، چوٽيارن کي چوٽ ڏئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 124)

- **چوٽيارين:** مٿاهينءَ وارن کي، اوچائيءَ وارن کي.

سچ ۾ سونهن جي ساک رکي تو هنيو نه هاريئي موٽ ڏئي،
آخر آئين سوپارو ٿي چوٽيارن کي چوٽ ڏئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 124)

- **چُوچِيُون:** اُهاڙيون، باهه ٻرندڙ ڪاٺيون.

چوڏهينءَ جو چنڊ چڻ ته ڏئي ٿو چوچيون چاهه کي،
گل هٽن تا ڏنگ جنن کان ڏڌُ ملي ٿو آهه کي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 136)

- **چوڏس:** چئني ڏِسائن ۾، چوطرف، چوڌاري، مڪمل.

تنهنجي غم جي گهرائيءَ کان گهرو ڪيف ڪمال سندوم،
تنهنجي هيج مهابي آهي چوڏس چوٽ خيال سندوم.

(ساٿيهه جي ساک: 23)

- **چوڏهن طبق روشن:** هيءَ ۽ هُوءَ دنيا ٿهي پوڻ، روحاني پرواز ڪرڻ.

پنهنجا چوڏهن ئي طبق ٿيا روشن،
تو مٿان جيئن نگاهه پئجي وئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 221)

- **چوراٽي مڏي:** چورن جو ٽاڪ.

ڪٿ چوراٽيءَ مڏيءَ جيان، تنهنجو وڙ وندبيو ويو،
ڪٿ وري توکي ايئن ڦاڪون ڪري ڦندبيو ويو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 149)

- **چُورُ ٿيڻ:** ٽڪَ ۾ پاهه ٿيڻ.

چاندوڪيءَ تي وير جيئن تي لهي چڙهي ۽ چور ٿئي،
دل تي چاهي تيئن ڪوئي اوري اچي ۽ دُور ٿئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **چوسر:** چگن جي ڪچهريءَ ۾ فيصلي واري جڳهه تي، چگهڙ ۾.

ڪن تي ساريو باگهيءَ کي چي پوري اِهائي ان پر ۾،
هرڪنهن جي هئي ڳالهه ائين جيئن چال چلي ڪو چوسر ۾.

(ساٽيهه جي ساک: 32)

- **چُون پَچُونءَ:** هلڪا آواز آوازن جي چرپر، سرباٽ، انديو.

راتڙين تي رنگ لاتا، ڏينهن هئا مانداڻ ۾،
چُونءَ پَچُونءَ ۽ چهچٽا هئا قرب جي چڪتاڻ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 151)

- **چوياري:** سات، سنگت، ڪچهري، محبت جو ميڙاڪو.

ٽتي پيو جڻ اپ مان تارو، چٽي پيو گل تاريءَ مان،
هلي وئي جڻ راند مان رونق، مزو ويو چوياريءَ مان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 166)

- **چهچها:** لاتيون، آواز، خوشين جا اظهار، جهمريون.

راتڙين تي رنگ لاتا، ڏينهن هئا مانداڻ جا،
چوڻ پچوڻ ۾ ڇهچا هئا، قرب جي چڪتاڻ ۾.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 434)

- **چيتو:** خيال، هوش، عقل، سمجهہ.

آزادي ۽ امن محبت ڇڻ تہ اسان جيءَ جاڻ ۾ ناهہ،
اهڙا سک ڪيئن وسرڻ رکجن، اهڙو چيتو پاڻ ۾ ناهہ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 141)

- **چيٽ:** بهار، ڦوٽهڙي جي موسم، سياري جي پڇاڙيءَ ۽ اونهاري جي آخر جي وچ وارو عرصو.

ڪرڙ جون مکڙيون ڪوماڻيون، پتر جا گل ويا،
چيٽ جا چاندول اڏامي وِيا، اڪن جا ڦل ويا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 151)

- **چيٺان (چيٺون):** علاج معالج، ملم پٽي.

نانگ نپايا جن تن جو چيٺان اِڪِري ڦِڪِري وِيُون.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 49)

- **چيلن وانگيان:** پچ لتڪائڻ بي عزتي پوڻ لڳ، پاڙيو تي پنيان لڳندڙ.

ٻاگهي ڪهڙي وس تي آهي رهجي ڪائي خبر وٺي،
لشڪر سان گڏ هليو چنيسر چيلن وانگي ڇپر وٺي.

(ساٽيهہ جي ساک: 75)

- **چيٽا چڙڻ:** جُهڏَ پٽڻُ، خفا ڪرڻ، تڪليفون ڪاٽڻ.

تنهنجيءَ لوڏ ۾ لهرا بينن جا،
اسان مستيءَ ۾ چڙيا چيٽا سپنن جا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 56)

# چ

- **چاتي تاٽي هلڻ:** سينا سپر ٿي هلڻ، بي پرواهه ٿي هلڻ.

آڏا ڏونگر ڏاڍ، تڏهي ٻيي چاتي تاٽي هلڻو آهه،
گولين سان منهن گهوٽ ٿي ڏيندا، پنتي پير نه هٽڻو آهه.

(ڌرتيءَ جا گيت: 87)

- **چاڙتا:** پڇ لٽڪائو اکيون ٻوٽي پٺيان هلندڙ مفادن ۾ سلهاڙيل.

انهيءَ جي اختتام سان گڏ ٿئي خاتمو ان جي چاڙتن جو،
رهي نه باقي ڪا بوءِ انهن جي، نه ڪو ٿئي ظاهر نيشانُ ان جو.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 136)

- **چال:** ٺينگ، ٺپا، ٻُلُ پاڻ کي مٿي اڇلڻ.

ارهه ڪيڏي جيئن ڪڪر اچي تيئن چاتي تاٽي چال ڏيان،
اندلٺ وانگي اوج تي پهچي چنڊ کي دل جا حال ڏيان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 187)

- **چالي تهڙي ٻني:** سني ڪنيءَ ۾ ڪوبه فرق نه هجي.

آس رکيم ٿي جنهن مان سک جي سيبي تي سوڙها ٻنجي ويا،
جهڙي چالي تهڙي ٻِني، ماڻ سمورا مٿجي ويا.

(ساٽيهه جي ساک: 188)

- **چانگ ڪرڻ:** وڻ جي ٽارين کي ڪٽڻ.

عشق اسان جي اڱڻ تي آيو سوريءَ وارا سانگ ڪري،
اسان انهيءَ تي پنهنجا پور ۾ سور چڏياسي چانگ ڪري.

(ڌرتيءَ جا گيت: 228)

- **چِٻي:** ڪهڪاءُ، احساس، رحم.

دريا خان کي آئي چِبي ۾ جوان جِهبين ۾ ٻَري ويو،
آهه ڪيڏيائين اندر مان چي چام سو دَريل مري ويو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 165)

- **چپر:** چنو، لانڊي، جبل.

چپر مٿي نچي، پڏر مٿي مور،
جنهن ٻہ ڏنو توکي ٻٽيون چانڊوڪيءَ جو چور.
گهور وڃان او گهور!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 63)

- **ڇڇي پوڻ:** ٻهي پوڻ، جُهري پوڻ، شدت وارو ڏک جيڪو ظاهر ٿيڻ لاءِ انوکو هجي.

ماميءَ ڏي ويس تہ مامي پاڪر پائي ڇڇي پئي،
ميري منهن تي ڪٽي وڏائين ڦاٽل رئي جو پلاند الا!

(ڌرتيءَ جا گيت: 110)

- **چرڪ ڪان چرڪڻ:** ڇرڀ جو خوف، تنبيهہ جو ڊپ، چالاڪ ڪان ڦؤ ڪائڻ.

توجا ڪوڪ ڪئي تہ انهيءَ ڪان ڪنڌ ۾ ڪنبندڙ سَپُ ڏٺم،
ڪانگ، ڪبر جيان چرڪ ڪان چرڪي اهڙوان تي ڊپ ڏٺم.

(ڌرتيءَ جا گيت: 173)

- **ڇڙو ڇاند:** بغير شاديءَ هيڪو.

اڪيلائي آهہ ۽ ٽيليوزن آهہ تہ ڳٽتي ڪرڻ جي ضرورت ناهي،
سڄيون سڪٽو توڙي ڇڙو ڇاند هوندو تہ بہ خوش ٿي چوندو وقت ناهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 173)

- **چڪتاڻ:** ڪشيدگي، مهاڏو، ويڙهہ، غصي ۾ ڏي وٺ.

ڇا هي ڦهر ڪلال جو هي سڄو تماشو هاڻ ڏسو،
اسين ڪريون ٿا اک ڇنڀ ۾ ڪيئن ختم سڄي چڪتاڻ ڏسو.

(ساٽيهہ جي ساک: 50)

- **چڪن:** قربان، گهور، چاهت جو اظهار.

تنهنجا گفتا جڻ تہ چاندنين ۾ مانداٽا الا،
تنهنجي مجلس تي ملائڪ پيي چڪن، تون لک لهين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 77)

- **چليءَ جو چمڪاٽ:** زيورن سان سينگاريل عورت جي موجودگي.

جوڀن ويڙهو جاءِ ڪري، ڪيئن جاما جلويدار ڪجن،
ڪونهي ڪو چمڪاٽ چلي جو ڪنهن سان اکڙيون چار ڪجن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 233)

- **چمر:** جهڙ، مينهن.

چپر مٿي چمر نچي، پڌر مٿي مور،
جنهن بہ ڏنو توکي ٻٽيو چانڊوڪيءَ جو چور، گهور وڃان او گهور!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت:63)

- **چمر جي چر:** مينهن جو پاڻي.

ڪو چا ويو گلن مان جڻ تہ پوءِ پر ڪري وئي،
اجاڙ جڻ ڪي ماڙيون چمر جي چر ڪري وئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 30)

- **چمڪٽيءَ جا گل:** هيءُ هڪڙي ول جو گل آهي، جيڪو پسارڪو وڪر پڻ آهي.

تون پواڙيءَ گل جيان پئي ٽي لڳين وڻ راهہ ۾،
چمڪٽيءَ گل جي چڳن جيان ٽي نهين هر ناهہ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **چند ڪرڻ:** مڪر، بهانو، ڍئونگ، نمونو ڪرڻ.

ائين وري ات هرڻ اچي ويو چو هي جهڙا چند ڪري،
مور ڪي ڏسندي مانيٽو ٽي بينو رَندَ تي رَندَ ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

- **چند ڪرڻ:** بهانا بنائڻ، ڍئونگ ڪرڻ، ڏک رچائڻ، مڪر ڪرڻ، نموني بازي ڪرڻ.

ائين وري ات هرڻ اچي ويو چو هي جهڙا چند ڪري،
مور ڪي ڏسندي مانيٽو ٽي بينو رند تي رند ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

- **چوڙ:** پڇاڙي، ڏک جا اهڃاڻ.

ماڻهو جا سَوَ پيڊ هيءُ پڳ جو ور تہ متي جو موڙ بہ آهہ،
ماڻهو منهن تي مرڪ بہ آهہ تہ ماڻهو منهن تي چوڙ بہ آهہ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 135)

- **چُوز ٿيڻ:** ٽَڪَ ۾ پاهہ ٿيڻ.

چانڊوڪيءَ تي وير جنين تي لهي چڙهي ٿئي چوز،
دل تي چاهي تئين ڪوئي اوري اچي ڏور ٿئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **چوهہ چنڊڻ:** ڪاوڙ ظاهر ڪرڻ، باهہ ڪيڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

بي غيرت ڪي غيرت آئي تڏهن تہ ان هيءُ وار ڪيو،
جڏهن چنيسر چوهہ چنڊي ۾ هلڪو دل جو بار ڪيو.

(ساڻيهہ جي ساک: 23)

- **چوهي:** ڊوڙ مڳي، اُلَرَ.

ائين وري ات هرڻ اچي ويو چو هي جهڙا چند ڪري،
مور ڪي ڏسندي مانيڻو ٿي بينو رَندَ تي رَنَدَ ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

- **ڇهہ:** ميڄ، سڪل ٻور، سَج ڏڄ، قوت، سونهن سوڀيا.

ٻگهڙ هٺا جڻ ڪين جا ڪنا پڌرا ٿيا پرڪارن مان،
ائين پئي ڪَتِبا ڪِرَندا ويا جيئن ڇٽي پوي ڇهہ تارن مان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 197)

- **ڇَهہَ ڇِجَڻُ:** دل لاهي ويهڻ، قوت جواب ڏئي ڇڏڻ، نسُتو ٿي پوڻ، مايوس ٿيڻ.

سَڌِڙين تنهنجو ساٿ لڻايو هاڙهين جا هَڏَ ٽٽي پيا،
چنڊ جيان تو گهاءَ پرايا، تارن جا ڇَهہَ ڇجي پيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 166)

- **ڇيت:** ڪنهن ڪک يا ڪانيءَ جو سنهڙو حصو اٽڪي پوڻ، مشڪل صورتحال ۾ مبتلا ٿيڻ.

ماڻهو ڪيئن ٿو ڪلتيون ڪائي اڪ ۾ قاتل ڇيت جيان،
ڪڏهن تہ بلڪل پنجهوءَ جي پِڳَ، ڪڏهن اڏامي ريت جيان.

(ساٿيهہ جي ساک: 75)

- **ڇيج:** خوشي، باور، بود ۾ پرجڻ، مئي، مڳي، رنگارنگي.

ڪڏهن تہ تنهنجو روپ ائين جڻ جلوو ٻانهينءَ واريءَ جو،
هيءَ حياتي هيج ۾ ائين جڻ ڇيج ۾ ڇيڏڪ ڪنواريءَ جو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 82)

- **ڇيج ڪيڏڻ:** جهمريون هڻڻ، ٺينگ ٽپا ڏيڻ، بودلايون ڪرڻ، خوشيون ملهائڻ.

جن ڦڙين ۾ ڇيج ڪيڏيئي، سي ڦري طوفان ٿيون،
سينڌ سرمن جون وسيون سيج جو وڃي سامان ٿيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 159)

- **ڇيد ڪرڻ:** ياڱا ياڱا ڪرڻ، تفصيلي طور تي جاچي ڏسڻ، تند تند جدا ڪرڻ، کول ڪرڻ.

ڇيو فقيرن ٻجو خداءِ پَٽِ ڇو ٿا ڇپر ۾ ڇيد ڪريو،
اسان تہ ڪنهن جا ڏوهي ناهيون ڇاجي لئہ ٿا قيد ڪريو.

(ساٿيهہ جي ساک: 89)

- **ڇيڏڪ:** ناز، ادا، نخرو، سونهن، ٺاهہ ٺوهہ جو اظهار.

ڪڏهن تہ تنهنجو روپ ائين جڻ جلوو ٻانهيءَ واري جو،
هيءُ حياتي هيج ۾ ائين جڻ ڇيج ۾ ڇيڏڪ ڪنواريءَ جو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 82)

- **ڇيڪ:** بنا ڪنهن جهل پل، آزاد، خودمختيار.

هر صدي تنهنجي گناهن جي گواهي تي ڏئي گام ورائي،
چيڪ باطل کي چڏيئي حق تي هٽي حرف وِڏئِي دام ورائي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 129)

- **چيٽا پورڻ:** جهڙو وڏائڻ، ويڙهہ جو مال تيار ڪرڻ، ”پُرُ پُرُ چيٽا جنگ مچاءِ“.

چٽيل هو بج جنهن جو اڳ ۾ انهيءَ سلي اج سنگ ڪيا،
اندران اندران چيٽا پوري، راڻيءَ ويئي رنگ ڪيا.

(ساٽيهہ جي ساک: 32)

- **چيهہ:** حد، بس پڄاڻي، دنگ، خاتمو زخم، سور.

روح راتاهن ۾ آيا رونقن جا هل ويا،
چيهہ پيا چاتين اندر دلڙين کان وِسرِي بل ويا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 151)

- **چيهو:** نقصان، صدمو ڌڇو.

آزاديءَ کان پوءِ اسان وٽ ڪوئي ٿمجهڻ مچٽو ناهہ،
بگهڙ بہ پنهنجو پاءُ ئي آهي، ان کان چيهو رسٽو ناهہ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 189)

# ح

- **حاجت:** ضرورت، مجبوري، غرض.

چاهه چنيسر لاءِ جي آهي، حاجت ناهي حجت جي،
سپ ڪي آهه اوهان جي وس ۾ مرضي جا ٻه جميعت جي.
(ساٽيهه جي ساک: 40)

- **حاجتمند:** گهرجائو ضرورتمند.

هڪدم ٻيڙا پار ٿين ٿا حاجتمند جا حجت سان،
هرڪا طاقت، ڪمزور آهي پڇندي ڪا نه حميت سان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 197)

- **حامي:** سهڪاري، پنيرائي ڪندڙ پاس خاطري ڪندڙ پاسو ڪٽندڙ.

تون ئي منصور جو جلاد، سقراط جو قاتل اي زمانا،
تون ئي چنگيز جو حامي ۽ هلاڪوءَ کي تو هاتار بنايو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **حاوي:** ضابطي هيٺ رکندڙ مرضيءَ سان هلائيندڙ.

نه رهي حاوي امارت ۽ سلطنت جي طاقت معاشري تي،
ڪري نه ڪوبه فرق ڪنهن به ترغيب سان خباثت معاشري تي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 485)

- **حائل:** رنڊڪ وجهڻ، رُڪاوٽ بنجڻ، وچ ۾ دخل ڏيڻ، آڏو بند ٻڌڻ.

وقت حائل نه ٿئي تنهنجي ويچار تي،
سون جان نج رهين سچ جي وهنوار تي.
(ڌرتيءَ جا گيت: 119)

- **حب سليماني:** اُهي گوريون جيڪي سليمان نالي حڪيم جون ٺهيل آهن.

هي گوربون، هي حب سليماني، جيڪي مجرب اڪيچار مرضن تي آهن،
ٿئي دم جو بيمار بيدم هنن سان ۽ ماٺين جنت سي جي هڏڪين تي آهن.
(ڏرتيءَ جا گيت: 175)

- **حُجت:** پنهنجائپ، اميد آسرو پروسو.

هڪدم بيڙا پار ٿين ٿا، حاجتمند جا حجت سان،
هرڪا طاقت ڪمزور آهي، پجندي ڪانہ حمييت سان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 187)

- **حُدود:** حدون سرحدون، نيشان.

سنڌڙي ماءُ تہ سنڌڙي پيءُ قوت ڪري تہ بہ چوندس جيءُ،
ان ڪي بخشڻ آهہ خطا جو بہ لتاڙي سندس حدود.
(ڏرتيءَ جا گيت: 72)

- **حديرو:** ڪنهن پير جي روضن يا ڪنهن پاڪ جڳهہ جو ورانڊو.

روپ اوهان جو رنگ اسان جو طعنا مَسَهُو ماٺهن جا،
چڻ تہ مجاور، چڻ تہ حديرو چڻ تہ سڪل گل ڏاڙهن جا.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 285)

- **حديرو گل ٿيڻ:** گهر وڪامڻ، تباهي ٿيڻ، بس پڄاڻي ٿيڻ.

ڪٿي تاس تي هٿ پيا صاف ٿين ۽ ڪٿي آهہ چَڪي تي هونگار آئي،
هزارن جو هٿ ٿيو حديرو آ گل سَوَن تي هتي آهہ ڦرمار آئي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 175)

- **حربو:** اٽڪل، ٽڪ، منصوبو، چال، ڏوڪو.

ڏيانُ ڏاريو، سندس ڪو حيلو، سندس ڪو حربو هلڻ نہ گهرجي،
قدم وڏايو جو هاڻ ضايع ڪوئي بہ حملو ٿيڻ نہ گهرجي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 182)

- **حرص:** لالچ.

هڪ جو حرص، ٻئي جي هوس ئي ملڪ تي آندو محشر ڪي،

داد ڏنو ابليس تي مرڪي ماڻهو جي هن چلتر ڪي.
(ساڻيهہ جي ساک: 75)

- **حرف:** هوئڻ ”اکر“ پر هتي سوال جي معنيٰ ۾ ڪم آندل آهي.

جيڪڏهن نہ تہ قوم وٺ هر حرف جو آهي جواب،
جو اوهان جو طرف، تهڙي طرف جو آهي جواب.
(ڏرتيءَ جا گيت: 70)

- **حِرفتي:** هنر وارو، ڏانءُ وارو، چالاڪ، ڳالهين جو ڳهير.

هئي نہ محنت جي ڪابہ قيمت، نہ قدر هو ڪنهن بہ محنتيءَ جو،
هليو ئي هرجاءِ، هر طرح سان حڪم عيار حرفتيءَ جو.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 477)

- **حرڪت:** چرپر، بيجاءِ رُلڻ، تحرڪ.

سُڄو سڪلو توڙي ڇڙو ڇانڊ هوندو تہ پيي خوش ٿي چوندو تہ وقت ناهي،
نہ دولت جي گهرج نہ شاديءَ جي حاجت جي ٽيليويزن آهي تہ حرڪت ناهي
(ڌرتيءَ جا گيت: 173)

- **حرمت:** عزت، عاقبت، عقيدت، شان.

هيءَ اسان جي ماءُ برابر، هن جي اهڙي حرمت آهہ،
والد وانگي آءٌ انهيءَ جو اُهائي منهنجي عزت آهہ.
(ساڻيهہ جي ساک: 44)

- **حرم سِرا:** زالن جي رهڻ جي جڳهہ، گهر، حويلي.

لالچ هئي تہ ٻاگهي منهنجي ٻانهن تي ويندي موج ڪندس،
حرم سراءِ ۾ بيگم هڪڙي ٻي پيي وڏندي موج ڪندس.
(ساڻيهہ جي ساک: 44)

- **حرمل:** وڪر جنهن ڪي ساڙي واس ڏبو آهي، طِبَ جو وڪر.

هيج تنهنجي هرهڪ ڪي پانءِ پئي درمل جيان،
هاڻ تنهنجا حال هيٺا ٿيا سڙيل حرمل جيان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **حريف:** مخالف، مدِمقابل، ضد.

پنهنجي منزل ڏانهن ورائي واڳ وري هن همت سان،
پنهنجي حريف کي ڏيکاري جيئن پنهنجو مُنهُن ڪنهن هشمت سان.
(ساٽيھ جي ساک: 58)

- **حزن:** صدمو، ڏکوئجڻ، افسوس، حق تلفي.

ٿئي ته تقسيم زر جي بيجاءِ رعايتن ساڻ ڪن کي حاصل،
هجي ته ڪو حزن و ملال ۾ ڪوئي گهاٽو گهٽن کي حاصل.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 485)

- **حسرت شعاري:** اڻ پوريءَ گهرج جو احساس، بي حسي، گهرجن جي اڻ پورائيءَ جو ستايل.

ظلم، ذلت، جبر، نفرت، خوف، خواري سِرَ تي آھ،
درد، غم، فڪرات ۾ حسرت شعاري سِرَ تي آھ.
(ڌرتيءَ جا گيت: 142)

- **حسرتون:** سڌون، گهرجون، تمنائون چاهتون.

جي زندگيءَ جون حسرتون نياٽيون هيون هتي،
اهي ائين سمجهي ٿو وياٽيون هيون هتي.
(ڌرتيءَ جا گيت: 30)

- **حسن ادا:** ناز نخرو، سونهن ۾ ان جو اظهار.

تنهنجو ايمان سچائيءَ تي نه نيڪيءَ تي نه ڪنهن حسن ادا تي،
ڀروسو توکي رهيو آھ بغض ۾ برائيءَ جو بِنا تي.
(ڌرتيءَ جا گيت: 129)

- **حسن يوسف:** تمام سهڻائي، حد کان وڌيڪ حسين.

ڪتابن جي دل ۾ اهو نور آهي جتان علم جو صحن روشن ٿئي ٿو،
ملي حسن يوسف ٿو انسانيت کي، حياتيءَ جو ايوان گلشن ٿئي ٿو.
(ڌرتيءَ جا گيت: 171)

- **حِشمت:** ڪڙڪائي، جرئت، بهادري.

جيئن هو آيو مور اڳيان تيئن ان کي چيائين حسرت سان،
تنهنجي حياتي ڪيئن ٿي گذري آزاديءَ ۾ حشمت سان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 188)

- **حصول:** اجورو، حاصلات، ڳولي لڌل، ملڻ، استعمال.

زمين جي يا مشين جي اپت نہ لٽجي حڪام خاطر،
هجي ان جو حصول ساريءَ قوم ان جي نظام خاطر.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 484)

- **حطر:** حجاب، پاسو ڪرڻ، لنوائڻ، پري رهڻ، بچا ڪرڻ، بيزاري ڪرڻ.

ڏني سين ڏاهہ اسان جنهن کي ڪنهن بہ آئيءَ جي،
انهيءَ لکايو ٿي انهيءَ جو ڪٿي حطر نہ سواءِ دل.
(ڏرتيءَ جا گيت: 177)

- **حقير:** حيثيت کان ڪريل، گهٽ شان ۽ مان وارو، نيچ.

حقير آهہ سماج اندر هميشه عورت جي ذات چا لئہ،
ڪيو وجي ٿو منافرت سان انهيءَ جي حقن کي مات چا لئہ.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 485)

- **حقيقت آشنا:** واقف، رازدان، صحيح شيءِ جو ڄاڻو.

اتي ڪيئن ٿو ڪري سگهجي حقيقت آشنا ڪنهن کي،
جتي هر عقل وارو خود فريبيءَ جو شڪار آهي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 210)

- **حڪام:** آفيسر شاهي، انتظاميا.

زمين جي يا مشين جي، اپت نہ لٽجي حڪام خاطر،
هجي ان جو حصول ساريءَ قوم ۽ ان جي نظام خاطر.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 484)

- **حڪايت:** احوال، پوري حقيقت، خبرچار، سربستو احوال.

قلم جي ڪيا ڪارناما انهن ۾ محبت جي مخفي صداقت نہ رهي ٿي،

خلوص آهه منجهن گل جي خوشبوءِ وانگي وفا جي هنن ۾ حڪايت نہ رهي ٿي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 171)

- **حڪمت:** مصلحت، ڏاهپ، طلب، ڳُوڙهائي، گهرائي، راز.

محافظ هي تاريخ، تهذيب جا، جي وڏائي رهن ٿا وجاهت وطن جي،
ادب، علم، حڪمت جا روشن صحيفا هنن کان ئي آهي شهامت وطن جي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 172)

- **حليم:** حلمت وارو، نماڻو سنجيدو.

ٻاگهي جنهن بہ حسن حليم تہ هاتي سنڌوءَ جهرڻا هئي،
اکڙيون پرهہ پکيڙ سندس ۾ نگهہ نگهہ چڻ ڪرڻا هئي.
(ساڻيهہ جي ساک: 64)

- **حمايت:** پنيرائي، ساٿ، طرفداري، مدد.

دهليءَ جي سلطان وراڻيو تنهنجي عزت رکٽي آهہ،
تخت ٿي ويندو تنهنجو توسان هلي حمايت ڪرٽي آهہ.
(ساڻيهہ جي ساک: 43)

- **حمييت:** نهنائي، ملنساري، راڄ پروري، غيرت.

ڇو جو سيني راڄن ۾ مشهور انهيءَ جي جرئت آهہ،
ان ۾ همت، ان ۾ حمييت، ان وٽ غور ۽ غيرت آ.
(ڏرتيءَ جا گيت: 33)

- **حوصلو:** سمجهہ، سامت، علم.

انهيءَ کان اڳ نہ هوڪو سُجهندو اونداهو عالم نظر ئي آيو،
نہ هو حوصلو حال جو نہ ماضيءَ جو غم فراهم نظر ئي آيو.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 476)

- **حياتي تنگ ڪرڻ:** جيئڻ جنجال ڪرڻ، پريشان ڪرڻ.

جن حياتي اسان تي ڪئي تنگ آ،
سنڌ ساريءَ جي تن ساڻ اڄ جنگ آ.
(ڏرتيءَ جا گيت: 99)

- **حياداري:** مان مرجات واري، احساس واري، شرمائيندڙ شان واري.

غيرت، عزت، عصمت ۽ حياداري مِڙئي،
جسم، ذهن، عقل ۽ ايمان خودداري مڙئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **حيلو:** سعيو، دوا درمل، طريقو ڪوشش.

ارغونن جو زور وڏي ويو، چام جو بازو ٽٽي پيو،
ڏارين ڏاڪ چمائي هن جو هرڪ حيلو ڪٽي پيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 163)

# خ

- **خام:** غلط، بيهوده، اجايو سجايو.

آءٌ بهادر، چيو چنيسر، مون کي تو هيءُ عتاب ڏئين؟!
پاڻ سنڀال تون مون جهڙي کي ڪيئن تو خام خطاب ڏئين.

(ساڃيهہ جي ساک: 82)

- **خانقاهون:** عبادت لاءِ ٺهرايل درويشن جون ڪوٺيون.

جيئن وسائي خانقاهن جي ڏئي کي واءُ اچي،
جيئن وڃائي ڪاتڪو پاڇين جو سنجهي ۾ ساءُ اچي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 150)

- **خباثت:** نياڳ، جنهن مان ڪابہ چڱائي ٿيڻي نہ هجي.

ماڻهو هونئن تہ شريف مگر جي ڪري جي خباثت خوار ٿئي،
ان جهڙو ڪو مجرم ناهي، جنهن جو اهو ڪردار ٿئي.

(ساڃيهہ جي ساک: 41)

- **خرابات:** ويجهڙائي.

يادن جا جزيرا جي خرابات ۾ آهن،
ڪنهن شهرِ محبت جي مضافات ۾ آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 120)

- **خراج تحسين:** عقيدتن ۽ چاهتن جو اظهار.

تون ان جي پيغام ۽ هدايتن ۾ پنهنجو مانُ وڌايو آهي،
خراج تحسين ان جي خدمتن ۾، جنهن جو لايو سجايو آهي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 476)

- **خرگوش:** سهڙ.

هي گورين جي خرگوش جي ڦينگڙيُن جان اوهان پائرن کي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون،
پهاڙن جي درويشن جو تحفو آهن جي ڪائڻ سان يڪدم اهو ڪم ڪرن ٿيون.

(ڌرتيءَ جا گيت: 115)

- **خرمستي:** اجايو اڳرائي، سواءِ ڪنهن سبب جي تنگ ڪرڻ.

هن جي سچ تي مچ لڳو ٿي هوڙ هيالن جي هستيءَ ڪي،
نيٺ تہ هو بيزار هليو ويو ڇڏي سندن خرمستيءَ ڪي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 182)

- **خزان نصيب زندگي:** اجڙيل يا بيقرار زندگي.

جو دردمند دل جي لئہ قرار ٿو ڪپي،
خزان نصيب زندگيءَ جي لئہ بهار ٿو ڪپي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **خستہ جسم:** لُڏِي وَيلُ، ٿڪل، دئونس ڪاڏل.

هي بي اصول، بي وَقار، بندگيءَ جي زندگي،
هي تشنہ روح، خستہ جسم زندگيءَ جي زندگي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 105)

- **خستگي:** بدحالي، غربت، لاچاري.

اهو جو اونداهين ۾ ڏئي ڏيب روشنيءَ جو،
اهو جو هر عيش پنهنجو واري ڪري ٻِلو ٻئي جي خستگيءَ جو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 475)

- **خستن:** بدحالين، غربتن، لاچارين

اتي ۾ اُپري وڏيا تي فتور هر وقت شدتن ڪان،
زمين توڙي زمانو پئي ناس ٿيا خرابين ۾ خستن ڪان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 477)

- **خصلت:** افعال، عادت، خاصيت.

هي هو پنهنجي عيش ۾ گم سر اِهائي هن جي علت هئي،
خوبي هڪ بہ نہ، خاميون جام، خرابي هن جي خصلت هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 59)

- **خصم جيت:** دشمن جيت، مخالف جيت، ويري بنيل جيوڙا.

ڦريو هٿ بٺڙ تي تہ زوڪو ڪري پنور وانگي ڦوهارو شروع

ٿيو،

نندين ۽ وڏن، آنَ ۽ انسان جي خصم جيتن تي مارو شروع ٿيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **خطاب:** تقرير، رهنمائي، ڳالهائڻ جو انداز.

آءٌ اوهان کي سلام ڪريان ٿو، ويرم خوش ٿي خطاب ڪيو،

اوهان اُهي جن قومن جي توقير جو آهہ حساب ڪيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 52)

- **خِطاب:** لقب، اعزاز، عقيدت جو اظهار.

آءٌ بهادر، چيو چنيسر مون کي تو هيءُ عتاب ڏئين!

پاڻ سنڀال تون مون جهڙي کي ڪيئن ٿو خام خطاب ڏئين!

(ساٽيهہ جي ساک: 82)

- **خَفِتُ:** شوق، تياري.

سخت جو رهيو پاڻ تہ ان جي لاءِ رويو سخت آهي،

اسان کي گهرجي ڪين غلامي، آزاديءَ جو خفت آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 156)

- **خلائون:** زمين ۽ آسمان جي وچ وارو ماحول، پولار.

تنهنجي چانگن جون چڙيون ايئن ٿيون پيون آواز ڏين،

جڻ وِسُوڙل کي خلائن مان ڪي يادون ساز ڏين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 156)

- **خُلقُ:** اخلاق، تعاون، مانُ مرجات.

قول ۽ آداب ۽ خلق ۽ رواداري مِڙَئي،

دين، دنيا ۽ شرافت ۽ وفاداري مڙئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **خلل:** مسئلا، جهڳڙا، گڙٻڙ.

آرسي هٿ ۾ کڻي پنهنجا عمل جاچيو اوهان،

خود اوهان پيدا ڪيا ڪهڙا خلل جاچيو اوهان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 70)

- **خِلوَت:** اڪيلائي، محدوديت، ڦورن ساڻ گڏ.

چام فيروز جي جلوت خلوت پريل هئي بدڪارين سان،
هن جو هرهڪ راز رهيو ٿي بيگانن ۾ غدارين سان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 160)

- **خليفو:** مددگار، معاون، صلاحڪار، معتقد.

سونهن اوهان جي نينهن اسان جو ساڳ ندوريءَ دنيا جا،
ڇڻ تہ صحيفو ڇڻ تہ خليفو ڇڻ تہ نظارا فقراءَ جا.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 285)

- **خُنِڪي:** آلي، عزيدار، خمار، سرور، بشاشت.

پنهنجي خنڪيءَ کي ڇڏي ٻئي جي نشي تي تڏڻ،
آهہ مستن واسطي هيءَ ميار دوستو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 207)

- **خواري:** بدنامي، واءِ واءِ، پول پڌرا ٿيڻ.

ظلم، ذلت، جبر، نفرت، خوف، خواري سر تي آهہ،
درد، غم، فڪرات ۾ حسرت شعاري سر تي آهہ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **خواستگار:** چاهيندڙ ڳوليندڙ طالبو.

اونداهي رات، اڪيليون گهڙيون، اُداس خيال،
او صبح! جو تنهنجا ئي خواستگار آهيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 220)

- **خواص:** مٿيون طبقو چَڱهَڙ.

عوام جي اهميت رهي ٿي، خواص جو ڪو حمايتي ناهہ،
سلامتي آهہ سڀ جي ليڪن، ستمگرن جي سلامتي ناهہ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 489)

- **خوبي:** وصف جو ظهور، اظهاري شدت، ڏانءُ.

سونهن ائين جڻ ڪاغذ جا گل تاهه تڳيءَ جا جلون ۾،
خصلت جي ڇا خوبي ڳڙجي انگ نه آهي عشون ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 233)

- **خود اختياري:** آزاد، پنهنجي وس، پاڻ وهيڻو.

هرڻ مڙوئي هئو هيڪاندو هرحالت ۾ چوياريءَ سان،
اهڙيءَ ريت گذاريو پئي هرهڪ خود اختياريءَ سان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 183)

- **خودپرست:** وڏائيءَ وارو، پاڻ جهڙو ڪنهن کي نه سمجهندڙ.

نظام هو خودپرست ۽ خودغرض جو قائم زماني اندر،
زمين تي جو خلل اُپائي رهيو تي دائم زماني اندر.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 477)

- **خود پرستي:** وڏائي، پاڻ پڻو.

غريب لاءِ غريبي ۽ تنگ دستي ڇو؟
امير لاءِ اميري ۽ خودپرستي ڇو؟

(ڌرتيءَ جا گيت: 67)

- **خودداري:** پاڻ تي اعتماد هئڻ، پنهنجي ڏاهپ جو ادراڪ هئڻ.

غيرت جو احساس ڏياري، هرڪا دل هوشيار ڪئي،
ماضيءَ جي تمثيل وسيلي، نئين تهي خوددار ڪئي.

(ساٿيهه جي ساک: 26)

- **خود سر:** پنهنجو پاڻ، ظالم، پرائو ڪائيندڙ.

مشين پورهيت جو رت چوسي پريندي هئي پيٽ مالڪن جو،
زمين ڪڙميءَ جي هر ڪمائي ڪندي هئي نذر خود سرن جو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 478)

- **خود غرض:** مفادپرست، فقط پاڻ لاءِ سوچيندڙ.

نظام هو خود پرست ۽ خودغرض جو قائم زماني اندر،
زمين تي جو خلل اپائي رهيو ٿي دائم زماني اندر.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 477)

- **خود فريبي:** پاڻ سان ڌوڪو سمجهي سوچي ابتڙ ڪرڻ.

اتي ڪيئن ٺوڪري سگهجي حقيقت آشنا ڪنهن کي،
جتي هر عقل وارو خود فريبيءَ جو شڪار آهي.
(ڌرتيءَ جا گيت: 210)

- **خوش گوار:** پاڻ ۽ پوندڙ، موزون، طبيعت آهر.

دل نہ جي غم سان رهي سازگار اي دوستو!
ڪيئن بنجي زندگي خوشگوار اي دوستو!
(ڌرتيءَ جا گيت: 207)

- **خوشنام ڪرڻ:** نالو وڌائڻ، اعزاز ڏيڻ، باور ڪرائڻ، اعتماد ڪرائڻ.

ننگر پنهنجو ڪنڌ جهڪائي دودي ساڻ ڪلام ڪيو
سدا وسي شل سنڌ الا! جنهن مون کي اڄ خوشنام ڪيو.
(ساٿيھ جي ساک: 55)

- **خونخوار:** قاتل، رت چوسيندڙ.

ان جهڙو ڪو مجرم ناهي جنهن جو اهو ڪردار ٿئي،
ڌارين جو ٿي دوست وڃي ۽ پنهنجو خونخوار ٿئي.
(ساٿيھ جي ساک: 41)

- **خُوءِ:** رونق، طبيعت، بشاشت.

هيڪڙائيءَ کان نہ ٻاهر هو ڪو ها ۽ هوءِ ۾،
سيبتائي هئي سلامت شڪل ۾ ۽ خوءِ ۾.
(ڌرتيءَ جا گيت: 153)

- **خويش:** دوست، ساٿي، حال ڀائي.

آخر آيو وقت اهو جو ڀونگر پنهنجو ڀير ڇڏيو
هِن دنيا کان هُن دنيا ڏانهن اسهيو خويش ۽ غير ڇڏيو.

(ساٽيھہ جي ساک: 32)

- **خويش پرور:** گھٽگھرو، چاهيندڙ، پنهنجو سمجهندڙ.

هو خويش پرور چئي ٿو پنھنجو جي آھہ دشمن،
انھيءَ کي دوست چئو نہ سمجھو تہ غير آھي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 204)

## د

- **دادل:** ياءُ.

منهنجي دادل جي دِهہ ۾ آڙي،
آڙيءَ جو گهر تڙ_ ناڙي!

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 39)

- **دارون:** شراب، دوا درمل.

دؤر هليو ۽ دنگ ڪليا، ائين دارون جي سرهاڻ ڪُلي،
شرم وچان جڻ لال ڪنوار جي چهري تي لالاڻ ڪلي.

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 159)

- **دال ڳرڻ:** پڄي سگهڻ، پيٽي پر تيڻ، پيٽ ۾ اچڻ.

ڏاريا تنهنجي دال نہ ڳرندي، ڇو ٿو خلق ڪلائي وڃي،
سنڌ ڪو حلوو ناهي، جو تون ڳيت ڏئي ڳڙڪائي وڃي.

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 87)

- **دال نہ ڳرڻ:** مقابلي کان ٻاهر، پُڄي نہ سگهڻ.

آزادي ٿا طلبن جيڪي تن جي هوڏ نہ هٽڻي آهہ،
بهتر آهہ تہ هلجي هاڻي، پنهنجي دال نہ ڳرڻي آهي.

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 190)

- **دام وجهڻ:** ڦاسائڻ، قيد ڪرڻ.

اک ڇنڀ جا اهڃاڻ ائين جڻ پوپٽ ڦاڙهہ جي ڦلڙين تي،
هن جي هڪ هڪ ديد اها جنهن دام وڌا تي ڏرڙين تي.

(**ساڻيهہ جي ساک:** 56)

- **داناءُ:** عقلمند، ڄاڻو اڳ پوءِ سوچيندڙ.

دودو ئي داناءُ دلير ۽ اڳواڻيءَ جي لائق آهہ،
جنهن جي ساک سچاري سوئي سرواڻيءَ جي لائق آهہ.

(**ساڻيهہ جي ساک:** 33)

- **دانائي:** عقل، سمجهہ، ڏاهپ، شعور.

جنهن وٽ آهي جاڻ سموري، بيشڪ بد ۽ بهتر جي،
ناهي هن جي دانائيءَ سان، پيٽي ڪنهن بہ ڳويسر جي.

(ساٽيهہ جي ساک: 136)

- **دانشمند:** عقل ۽ فهم وارو، سَمُجهُو.

مجلس ڪئي تدبير تہ ننگر دانشمند دلاور آهہ،
دودي پاران ڪري وڪالت، ان تي سڀ جو باور آهہ.

(ساٽيهہ جي ساک: 55)

- **دانگو:** ختم ٿيڻ وارو دنگو يا پڙُ.

پنهنجي لڄ لعين وڃائي پاڻ تہ ڪيس ڪو سانگو ٿيو،
جهڙي ماءُ تہ تهڙو پٽ، پنهين جو دنگ ۽ دانگو ٿيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 43)

- **داوري:** دڳ لڳائڻ، رهنمائي ڪرڻ، ڏک سک ۾ پهچ رکڻ.

مِٺي بہ ماٺ تہ مُٺي بہ ماٺ، اڄ ڪڇڻ ۾ آهي ڪسڻ جو پاڳو
هيءَ داوري اهرهن جي ڇو آهہ ان ڪي مسمار ٿا ڪريون اڄ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 133)

- **داءُ:** جواري جيڪو پنهنجو وارو کيڏندا آهن.

جيئن ڏين ننڍايلن ٻارن ڪي ٻاءُ اڇي،
جيئن ڪٽن دلبو ڪري ڪنهن جو جواري داءُ اڇي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 150)

- **دائرو:** اِحاطو پهچ جي حد.

رهي نہ ڪوئي عياش، عيار دين دنيا جي دائري ۾،
هجي نہ ڪائي شيطنت ۽ محذت دخيل ڪنهن جي بہ مامري ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 484)

- **دائم:** گهڻو وقت رهندڙ امر، سدا جيئرو.

نظام هو خود پرست ۽ خود غرض جو قائم زماني اندر،
زمين تي جو خلل اپائي رهيو ٿي دائم زماني اندر.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 427)

- **دجال جو درجو:** اسلام دشمن، چڱائي خلاف.

توئي دجال جي درجي کي ڪيو هيج مان حاصل او زمانا!
مصلحت تنهنجي مداين جي آهه مددگار او زمانا!!

(ڌرتيءَ جا گيت: 130)

- **دخيل:** داخل ٿي سگهندڙ عمل تي اثرانداز ٿيندڙ.

رهي نہ ڪوئي عياش، عيار دين دنيا جي دائري ۾،
هجي نہ ڪائي شيطنت ۽ محذت دخيل ڪنهن جي بہ مامري ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 484)

- **دراز دستي:** گهڻي دست اندازي، گهڻو عمل دخل.

دراز دستي هي آمريت جي مات مردار ڪرڻي آهي،
هَوَس پَرَستَنِ جي هر برائي ۽ غرض گم غار ڪرڻي آهي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 482)

- **دراوڙ:** برصغير جا پراڻا نسل.

اسان نہ ڄاڻو آريا ڏاريا، اسين دراوڙ پنهنجن جا،
توڙي پنهنجا پريت پراهان، تڏهن بہ سامي سهنجن جا.

(ساڻيهہ جي ساک: 76)

- **درٻارين:** درٻار ۾ هميشه موجود عملدار.

درٻارين تائيد ڪئي سلطان سلامت زندهہ رهي،
ان جو هر ارشاد اکين تي، ان جي بلاغت زندهہ رهي.

(ساڻيهہ جي ساک: 45)

- **درخت:** وڻ.

ڇو ٿو دل درياهہ ڪري ڪنهن مانگر مڇ کي جنم ڏئين،
دل ڪر درخت جي دستور تہ ڪنهن کي ڪوئي پرم ڏئين.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 126)

- **ڏُرڙيون:** سياندا، هلڪا چرڪ، جان ۾ معمولي ڏڪڻي، اُڪِيرَ جي شدت.

اٿن جون اکڙيون اجرڪ ڦلڙيون منهنجي اندر ۾ اُڀرنِ ڏُرڙيون،
هيڪل منهنجون وايون ولڙيون، او مان ڪيئن ڪنديس مونجهارن ۾.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 69)

- **درشن:** ديدار، ڏيک، جلوو.

هن جو درشن اهڙي دولت، جنهن کي ڪونہ کٽائي سگهي،
هن جو جوڀن اهڙو گلشن جنهن کي خزان نہ ڦٽائي سگهي.

(ساٽيهہ جي ساک: 56)

- **درڪ:** ضرورت، گهرج، چاهنا.

جاڳ تون هن جي اندر وارا، هن کي تنهنجو درڪ کپي،
هن کي جنجل مان ڪر آجو هن کي سڀ کان ترڪ کپي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 311)

- **درگت:** ڪارگذاري، ڪئي ڪمائي، ظلم، عيوض.

ظالم ٿي جي اوهان بہ پيدا ڪئي ڪا هيبت ياد ڪجو
حشر اوهان جو بہ اهڙو ٿيندو، هنن جي درگت ياد ڪجو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 199)

- **درمان:** دارون، دوا، حل.

ڪجهہ بہ رهڻو نہ آ، تون بہ رهڻو نہ هُئين،
پوءِ پِي هيانءُ لاهي هنجون هارجن پيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 145)

- **درمل:** دوا، علاج، دارون، ڳگُ.

هيج تنهنجي پانءِ سڀ ڪنهن کي پوي درمل جيان،
هاڻ تنهنجا حال هيڻا ٿيا سڙيل حرمل جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **درود:** قرآن شريف مان کنيل آيت جيڪا حضور صہ پاڪ جن جي تعظيم ۾ ورجائي ويندي آهي.

آءٌ نہ چاڻا ٻولي ٻي آءٌ نہ چاڻا ورد ورود،
ذڪر ڪريان ٿو سنڌڙيءَ جو پڙهان ٿو ان تي لک درود.
(ڏرتيءَ جا گيت: 72)

- **دروغ:** هٿراڌو، ڪوڙو، من گهڙت، منافقانہ.

فسادِ زر جو شقاوت جو شانُ بدلايو،
دغا، دروغ جو هر داستانُ بدلايو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 68)

- **درهم:** هڪ سِڪو، ڊاهہ ڊوهہ، مٽ سٽ، تباهي، نيست نابود.

جڏهن ظلم جي ديوَ معصوميت کي سزاوار ٺهرائي درهم ڪندو هو،
هوس ملڪ گيريءَ جو آزاد بدن جي بي غم حياتيءَ کي برهم ڪندو هو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 171)

- **درياخان:** ڄام نظام الدين سمي جي بادشاهت ۾ هڪ مجيل فوجي سربراهہ جنهن سنڌ جي بچاءَ جي جنگ وڙهندي شهادت ماڻي.

وري وري ڪو واءُ سٽائو مٽيءَ کي جيئن مانُ ملي،
سنڌڙي آهہ اوسيئڙي ۾ من ڪو درياخان ملي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 82)

- **دريل:** درياخان جي نالي جو مخفف.

ڪاڏيءَ تي هٿ رکندي ان کي آکيائين هيئن آدر ۾،
ميٽ مدايون دريل ائين جيئن منجي ٿي مَرُ ساگر ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 165)

- **دَڙدَ:** آنڌ مانڌ، ڪن، چوليون، گهوماٽو.

جهڙي دڙد درياهہ جي تهڙي منهنجي من،
موج سان موج ملاءِ، مون کي ياد پڄاءِ.
(ڏرتيءَ جا گيت: 28)

- **دس:** تمام پري هنڌ، ڳولڻ کان پري جڳهہ.

ڏينهن ٻہ اهڙي عيش ۾ گهاري اٿيو علاول ٿہر وٺي،
کهڙيءَ دس تي ٻاگهي آهي رهجي ڪائي خبر وٺي.
(ساٿيهہ جي ساک: 75)

- **دفع ٿيڻ:** ٽري وڃڻ، غائب ٿيڻ، نظر کان غائب ٿيڻ.

هرڻ ڪي ڏاڍا وس ڪيا ويا پر نہ لٿو هو پنهنجيءَ تان،
هڪل اهائي دفع ٿين سڀ ڏاريا ڌرتيءَ منهنجي تان.
(ڌرتيءَ جا گيت: 198)

- **دِقّتِ:** ڏکيائي، تڪليف، بيزاري.

اڪيلائي آهي ۽ ٽيليويزن آهي تہ ڳڻتيءَ ڪرڻ جي ضرورت ناهي،
سڄو سڪٺو توڙي چڙو چانڊ هوندو تہ پيي خوش ٿي چوندو تہ وقت ناهي.
(ڌرتيءَ جا گيت: 173)

- **دڪي:** ٽڪر جو ٿانءُ يا چٿُونري.

سنڌڙي آهہ او ٻاڪين ۾ پاڻيءَ ٻڏل پڪيءَ جيان،
آخر اُبتي سبتي ٿي ٽرَ وٺندي ٺڪيل دڪيءَ جيان.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 325)

- **دُلارا:** دل وارا، پيارا، سنڀاليندڙ وارث.

هيءَ آهي ان ديس جي ڌرتي، ان جي دُلارن جي تاريخ،
جنهن مان پريان سبق سکن پيا پرکي پيارن جي تاريخ.
(ساٿيهہ جي ساک: 26)

- **دلاور:** دل ۾ گهر ڪري ويندڙ.

مجلس ڪئي تدبير تہ ننگر دانشمند دلاور آهہ،
دودي پاران ڪري وڪالت ان تي سڀ جو باور آهہ.
(ساٿيهہ جي ساک: 55)

- **دُلاور:** دلير، شينهن، متاثر ڪندڙ ڪردار.

ماڻهو آءُ تہ ماڻهو بنجون ڪيسين جيئڻ جناور جيان،
ٻڪريءَ جي دل ڏاريندي ڪيئن هام هڻي ٿو دلاور جيان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 133)

- **دلبند:** دل سوگهي ڪندڙ دل وڻي ڇڏيندڙ.

آءٌ اها دل ڪيئن ڏاريان جا دردن جا دربند ڪري،
صديقي پنهنجي سر تان هو تو جهڙا دلبند ڪري.

(ساٽيهہ جي ساک: 60)

- **دلبو:** ڏوڪو اٽڪل بازي، ٻيائي.

جيئن ڏين ننڍايل ٻارن کي ڪڙڪا ڀاءُ اچي،
جيئن ڪڻن دلبو ڪري ڪنهن جو جواري داءُ اچي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 150)

- **دل فگار:** دل ڏاريندڙ ٽٽل دل وارو، ستايل.

زمين تي تہ نہ ظالم ڪو ڪردگار ٿي رهي،
زماني ۾ نہ ڪو انسان دل فگار رهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 68)

- **دل نواز:** دليون ڳنڍيندڙ پيائپي پيدا ڪندڙ.

او دلنواز دوستو او جانباز ساٿيو!
اچو تہ ڪو بلو ڪريون، بلند حوصلو ڪريون!

(ڏرتيءَ جا گيت: 109)

- **ڊِلوراءِ:** راءِ گهراڻي جو بادشاهہ جنهن سنڌ کي آزادي ۾ سالميت عطا ڪئي.

سنڌ نہ گدڙن ڪاڏي آهي سنڌ نہ اهڙي ايري آهہ،
توڙي جو هيءَ سنڌ صدين کان دلوراءِ جي ننگري آهہ.

(ساٽيهہ جي ساک: 54)

- **دمائي وجڻ:** ٻاهہ کي وقت لاءِ مٽيءَ ۾ ڍڪي ڇڏڻ.

تون جي دونهيون دُکائي دمائي وئين،
تن مان آهُنِ سان ٻاهيون پيون ٻارجن.

(ڏرتيءَ جا گيت:145)

- **دمُ ڪٽڻ تي:** مرڻ، نزع، سڪرات، ساهہ نڪرڻ.

اداس اکيون ڇپر ڪٽي ٽيون انتظار ۾ رهن،
اجھو سي آئيا جي ٽا پرئين ديار ۾ رهن،
انهن جو دم ڪٽڻ تي آهہ متان اوير ٿي وڃي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 30)

- **دنگ:** پڄاڻي.

پنهنجي لڄ لعين لٽائي پاڻ نہ ڪيس ڪو سانگو ٿيو،
جھڙي ماءُ تہ تهڙو پٽ پنهين جو دنگ ۾ دانگو ٿيو.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 43)

- **دُنگ:** شراب جي شيشي جو ٻُوڄُ يا شراب جو پيگ.

دؤر هليو ۾ دنگ ڪليا ائين وارن جي سرهاڻ ڪلي،
شرم وچان جڻ لال ڪنوار جي ڇهري تي لالاڻ ڪلي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 159)

- **دنگ ٿي وڃڻ:** ٽپرس ڪائڻ، واڙو ٿي وڃڻ، عجب ۾ پوڻ.

هيءُ سڀ ٽولہ آهہ او سنڌڙي ٽيا ڏاريا جنهن ڪان دنگُ ڏِسي،
ايندڙ نسل نہ پنتي پوندو هيءُ پنهنجي مقدس جنگ ڏسي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 37)

- **دنگ ڪرڻ:** ڇيهہ ڪرڻ، چوٽي ڪرڻ، ڀرپور ڪرڻ.

ساري رات هي جشن هليو سڀ ڪنهن عيش جو دنگ ڪيو،
حد علاول ڪئي تہ چنيسر راءِ بہ ڏاڍو رنگ ڪيو.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 75)

- **دنگل ڏٽي:** فاتح، جنگ ڪٽندڙ.

ڏيل ڏاري موملون ماٽيئون ٽيئون محمل ڏٽي،
ٽور ٻند ۾ لاهہ ڦندا، هل تہ ٽيئون دنگل ڏٽي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 138)

- **دنگ نہ ديرا:** جاتي پورا ٿين، آخري موجودگي، پڄاڻي.

اُن جا پيرا، کيرا ويرا پريان ڪيئن آءُ تن سان پيرا،
درد جا جن وٽ دنگ نہ ديرا، ڪيئن پير ڪڇن تن پارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **ڏُنگيون:** دوائون، ڪک ڦَڪِيُون سُتِيُون.

انڌا اونڌا ويج اچي ويا ڏُنگيون ڏرائي بڄڪين ۾،
جنهن کي ڀِي ٿي سُتي ڏنائون اچي وبون ٿي هڏڪين ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 191)

- **ڏَوَ:** پريشانيون، باهيون، ٻارڻ، دونهان.

دل تي ديپڪ ڏَوَ ڪيا ڳائي ڪيئن ڪو ملهار هوءِ،
شل نہ ڪنهن کي ڏينهن ڏيکاري اهڙا ڏاتار هوءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 155)

- **دُوامي:** ديرپا، گهڻو وقت هلندڙ مستقل.

جو امن ۾ آزادي آ ان جو اصول ۾ احتساب بيشڪ،
اٿر ان جا دوا ۾ آهن وسيع ٿيندا شتاب بيشڪ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 487)

- **دولاب:** ڏوکو دغا، لالچ.

چئينس مون سان گڏ هوندا تابع منهنجا سڀ ارباب بہ پڻ،
ڏئينس وڃي لب ٻاگهيءَ جو ڏن، دولت جو دولاب بہ پڻ.

(ساڻيھ جي ساک: 42)

- **دونهيون:** مال کي مڇرن جي بچاءَ ڪاڻ چيٽن جو دونهون.

تون جي دونهيون ڏُکائي دمائي وئين،
تن مان آهُنِ سان باهيون وري ٻارجن پِيُون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 145)

- **دهہ:** آباد زمين، ملڪ، علائقو، تخت.

دهہ جو ڏٽي ٿيو دودو هاڻ تہ پنهنجي ننگري ناڙ تي وئي،
راڻيءَ ڀي ڪئي ساڳي رڙ چي سخي اسان جي واڙ تي وئي.

(ساڻيهہ جي ساک: 142)

- **ڌُهُرڙيون:** ڌڪٽي، چرڪ.

ائن جون اڪڙيون اجرڪ قلڙيون منهنجي بدن ۾ ايرن دهرڙيون،
هيڪل منهنجون وايون ولڙيون، او مان ڪيئن ڪنديس مونجهارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **دهل:** شادي، مَلَهہ، جنگ تي وڄندڙ چمڙيءَ جي پاسن سان پورو ڪاٺ.

اڙدڪ ڊنبڪ ڊنب ڊنب ڊنبڪ دهل تي تاهوءَ تاڏ ڪئي،
تان سان تانَ ملائي هڪدم شرنائين بہ ڪٽي آ ڊاڍ ڪئي.

(ساڻيهہ جي ساک: 69)

- **دهلي يا دهلجي وڃڻ:** ڊڄي، ڪنبي، حراسجي وڃڻ.

دانهن مان دهلي هيس، آهہَ آکيرا ڪيا،
ماڪ اُني، مُيَسِ مُني، تون نہ آئين دادلا!

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 59)

- **دهمان:** رعب، دٻدٻو، ڏاڍ.

جڏهن ڪڏهن ڀي هِنَ تي هُنَ تي ڏارين جو دهمان ٿيو،
من جي جوڏن جهد ڪيا چڙ تيزيءَ سان طوفان هليو.

(ساڻيهہ جي ساک: 54)

- **دئيت:** ڊيڊ، بي نَڪو.

ڪاريهر تي پير پئيس ڪو ڪڏندي ڪارونيار ڪري،
ديون جهڙا دئيت وني ٿي ڪاهيائين ڪيڏار ڪري.

(ڌرتيءَ جا گيت: 210)

- **ديا:** ڀاڄهہ، بخشيش، پنهنجائپ، قرب، انعام.

هي ٻولي هنن جي نہ ٻولي رهي جا،
هنن کي ديا ۾ ڌرم ڏئي چُڪي هئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 93)

- **ديار:** رهڻ جي جڳهہ، اوتارو ڳوٺ.

اداس اکيون چپر کٽي ٿيون انتظار ۾ رهن،
اجهي سي آئيا جي ٿا پرئين ديار ۾ رهن.

(ڌرتيءَ جا گيت: 30)

- **ديانت:** ايمانداري، مُنِصفي.

اسين پنهنجيءَ عزت سان گڏ ٻئي جي عزت جا بہ آهيون محافظ،
ڏئي آهہ سڀ ڪنهن اسان جي ديانت وطن زندهہ اسان جو آهہ.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 251)

- **ديپڪ:** راڳ جو هڪ قسم، چاڻون گويو مهل سان ڳائي تہ باهہ لڳيو وڃي.

دل تي ديپڪ ڌَوَ ڪيا ڳائي ڪو ڪيئن ملهار هوءِ،
شل نہ ڪنهن کي ڏينهن ڏيکاري، اهڙا ڪي ڏاتار هوءِ.

(ڌرتيءَ جا گيت: 155)

- **ديس دلارا:** ديس تان قربان ٿيندڙ.

منهنجي ڌرتي، هيءَ سندم ديس دُلارن جو وطن،
منهنجي سرويچ، سدا مور، سنگهارن جو وطن.

(ڌرتيءَ جا گيت: 75)

- **دين:** ڌرم، مذهب، مسلڪ.

ٻئي ڌريون هڪ دين مجيندڙ پوءِ بہ عزم لڙائيءَ جو،
هرڪو امن امان جو طالب پوءِ بہ اکر اوچائيءَ جو.

(ساٽيهہ جي ساک: 54)

# ڏ

- **ڏاڪ:** دٻدٻو، رعب، مشهوري.

رڻ پوميءَ ۾ رت جا راڱا ڏوڏ جي ڏاڪ ڄمائي ويا،
سانجھيءَ جيان ئي ساٿا ڪي چانڊوڪيون چمڪائي ويا.

(ساٿيھ جي ساک: 70)

- **ڏاڱا واڱا:** وکريل، پرزا پرزا، بي ترتيب.

پگھريل گھوڙا خير تہ آهي، خبر تہ ڏيو ڇا ممڻ ٿيو،
اوهان ڪئي جا ڪڙدي ان کان ڏاڱا واڱا اڱڻ ٿيو.

(ساٿيھ جي ساک: 48)

- **ڏَپو:** اَندِيو، آمد، پِرون، اُهڃاڻ.

اَسُرُ تہ آهہ پر نہ آهہ ڪنهن بہ ڪڪڙ جو دَسُ،
گمانَ، رات ورڻ جو ڏپو ٻُڌائن ٿا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 211)

- **ڏرم:** مذهب، مسلڪ، نظريو، اصول، متو.

هيءَ ٻولي انهن جي ٻولي نہ رهي جا،
هنن ڪي ديا ۾ ڏرم ڏئي چڪي هي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 93)

- **ڏريان هي ڏاريا:** اصل پرا وا، ٻڻ ٻڌياد کان ويري.

بگھڙ ڏريان ئي ڏاريا هئا، تن ايندي اهڙا وار ڪيا،
جهنگ جا اصلي جهانگي وچوڙي هڪٻئي کان جن ڏار ڪيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 195)

- **ڏريون:** جهيڙي ۾ ملوث فريق، جنگ ۾ ملوث ڌڙا.

ٻئي ڏريون هڪ دين مجيندڙ پوءِ بہ عزم لڙائيءَ جو،
هرڪو امن امان جو طالب پوءِ بہ اکر اوچائي جو.

(ساٿيھ جي ساک: 54)

- **ڏڪا ڏُوما:** رولڙا، دربدري.

سنڌڙي آهه آڌيڙن ۾، اوڙڪ ڏڪن ڏومن ۾،
اوپاري ۽ لهنواري ٿي، ڪرندي انهن ڪنن ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 325)

- **ڌم:** شور ڳوڙ، تيز وهڪري جو آواز.

دهست ڌم درياهه الا جت وير وري واسينگ جيان،
آءُ ڪيئن ميهر ساڻ ملان، مون کي مونجهه ڪيو مرٽينگ جيان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 231)

- **ڌمچر:** خلفشار، ذهني پريشاني.

هن وانگي هت هرڪر ۾ هئا، راٽي پيي تہ چنيسر پيي،
سوچيائون پئي ڇا ٿو ٿئي، هئي ماٺ وٽن تہ ڌمچر پيي.

(ساٽيهه جي ساک: 37)

- **ڌنار:** مال جو ڌڻ سنڀاليندڙ کي ڌنار چئبو آهي.

ڪين ٿي مايوس او منهنجي مٺياٽي مارئي،
سون ورني ۽ ڌنارن جي ڌياٽي مارئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 156)

- **ڌن جي ڌاڪ:** پئسي جو رعب.

رهي ٿي حسن مٿي ڌاڪ ڌن جي، ڪير ڪڇي؟
سچين بہ محبت ڪان جڻ آهه بان ڪئي!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 185)

- **ڌوپ:** ڪرڪرو پائوڊر جيڪو ٽانڊن تي خوشبودار دونهون ڪيندو آهي.

ٻاهر هڪڙي، اندر ٻي بس اهڙو ئي ٻهروپ رکيو،
اوهان جي آڌو شُوڪارا، جڻ بت اڳيان ڪنهن ڌوپ رکيو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 287)

- **ڌوڌ:** ڌوهہ، ويساه گهاتي، دغا، دولاب.

ڌارين جو ڪو ڌوڌ نہ هو نہ ڪي ازغيبي ڪا آفت

هئي،

هرڪو هو ساٿيهہ جو ساٿي سک جي هرڪا ساعت هئي.

(ساٿيهہ جي ساک: 29)

- **ڏُوڏات:** بندوقن جا آواز ست سُريُون ٻڌائڻ، ڪوڙ.

ممت جا ڏوڏات ٻڌي ٻہ ڪليا نہ ڪپاٽ چنيسر جا،

غيرت جا اهڃاڻ اِهي جي هئا انهيءَ جي همسر جا.

(ساٿيهہ جي ساک: 83)

- **ڏوڙيا لائڻ:** تيز رفتاري، دزيءَ جو طوفان.

تان ۾ تانَ ملائي هڪدم شرنابن ڪٽي ڏاڍ ڪئي،

اڏمن دل ۾ ڏوڙيا لائي واچوڙن جيان واڍ ڪئي.

(ساٿيهہ جي ساک: 69)

- **ڏوڙِيَنِ:** وسڪارن، ڏوُڏوءَ جي نڪاوَنِ.

جودا جوان ٿيا نروار ۽ ڪرٻل ڪارونيار ڪيا،

صفحون صفحن ڏي ڏوڪي آيون ڏوڙيا انڌوڪار ڪيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 162)

- **ڏوُڪي:** زوريءَ اڳتي اچڻ، زوريءَ والارڻ.

جوڌا جوان ٿيا نروار ۽ ڪرٻل ڪارونيار ڪيا،

صفحون صفحن ڏي ڏوڪي آيون ڏوڙيا انڌوڪار ڪيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 162)

- **ڏَوَندو رهڻ:** ڪروڌ ڪرڻ، آتو ڪرڻ، بار بار چوڻ.

ٻال اوستا لاءِ ئي ٻارن جيان روئندي رهين،

چنڊ ۽ تارن جي آٽڻ لاءِ ٿي ڏوندي رهين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 281)

- **ڌيان:** خيال، چت، متو اصول، توجَهہُ.

اگڻ مٿي آنگاس اُيو هو هي نيشان فقيرن جو،

سنڌڙي تنهنجا وير وسن، هو گيان، ڌيان فقيرن جو.

(ساٽيهہ جي ساک: 48)

- **ڏياڻي:** مالڪياڻي، وارث.

ڏتڙيل بہ تون، ڏوهي بہ تون،
پنهنجي هنِ جي ڏياڻي بہ تون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 81)

- **ڏياڻين جو:** مالڪن جو، وارثن جو، پنهنجن جو.

پُٽين مڪڙين تي جن پاڙيو تن ماڻيون سک نہ سڪاڻين جو،
سور مڙوئي ساهہ جو ويري ڏارين تويءِ ڏياڻين جو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 99)

- **ڏير:** آسرو، آڌر.

ماڻهو جهڙ جي ڏُپَ ۽ چانوَ تہ ماڻهو پرهہ جي هير بہ آهہ،
ماڻهو جي مانڌاڻ بہ آهہ تہ ماڻهو دل جي ڏِيرَ بہ آهہ.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 135)

# ڏ

- **ڏاڏر:** رعب، هلر هُلو.

مون ڏي تڪي ۾ امالڪ اڏري جهنگ جي جهرڪي سنگ تان ترڪي،
ڏُورئون پسندي منهنجي ڏاڏر مرنگهه، مِرون پڻ پونِ تا چِرِڪي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 93)

- **ڏاڍ ڏٽي:** زوراور، ظالم.

ڪام اندر ۾ چپ تي سوتي، حال جنين جا هٺڙا،
ڏاڍ ڏٽي سي توسان ويهي، سِينا ساهن کهڙا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 48)

- **ڏاند جو ڏيلُ:** ڏاند جو جسم يا سگهه.

ماڻهو هرچني آهي ته ماڻهو ڏاند جو ڏيل به آهه،
ماڻهو ڪڏهن ابابيل ته ڪڏهن ابرهه وارو فيل به آهه.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 135)

- **ڏاڻ:** انعام، خوش خبري، ڳُجهه جي ڳالهه، دلجاءِ.

سنڌڙي آهي سڏڪن ۾ پر چوڌاري مانڌاڻ پيلا،
ڪير ٻڌي ڪا ٻڙڪ اچي هن کي ڏئي ڪو ڏاڻ پيلا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 285)

- **ڏاهه:** خبر، ڄاڻ، ڳالهه، عقل جي دوڙ.

خبر اها وچي دودي جي دربار ۾ ماڻهن ۾ پهتي،
ڏاهه انهيءَ ڏهڪاءَ جي سيني راجن راڻن ۾ پهتي.
(ساڻيهه جي ساک: 46)

- **ڏاهه ڏنگي:** عقل جي ماريل، شعور جي ستايل.

ڪوڙ جي ڪاڪَ ۾ مومل هاڻي ناهيا ڪيئي ناهه نڳيءَ جا،
راڻو ڪاڻو لوڪ سڏيم ته به سانگ رچايم ڏاهه ڏنگيءَ جا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 122)

- **ڏتڙيل:** پنتي پيل، ناس ٿيل، عتاب هيٺ.

ڏتڙيل بہ تون اجا ڏوهي بہ تون،
پنهنجي دهہ جي ڏياٽي بہ تون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 81)

- **ڏجها ڏيڻ:** تنگ ڪرڻ، مصيبت ۾ مبتلا ڪرڻ.

اولهہ تنهنجا انگ لتاڙيا، اوپر توکي لوبو هوءِ،
لهندڙ چڙهندڙ سج ڏجها ڏئي رڻ ۾ توکي روليو هوءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 167)

- **ڏَڏِجڻ:** پتجڻ، سمجهي وڃڻ، آزمائي بيزار ٿيڻ.

ڪتن جي چتڪُتائيءَ کان نہ تو ڏڏجي سگهي ڪوئي،
چتو سپ کي ڪيو ناٽي، زمانو چا نہ تو ڄاٽي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 279)

- **ڏِي:** آسرو، سهارو، پنيرائي.

چوڏهينءَ جو چنڊ جڻ چُوچِيُون ڏئي تو چاهہ کي،
گل هٽن تا ڏنگ جن کان ڏِي ملي تو آهہ کي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 135)

- **ڏَرُ:** رعب، دبدبو، خوف.

ان جي لشڪر انت کان ٻاهر ڏاڍو جنهن جو ڏر آهي،
تڏهن بہ ان سان لڙڻ گهرو تا اها دليري سر آهي.

(ساٽيهہ جي ساک: 53)

- **ڏرا ڏنل:** اباٽڪيون، بکايل، مايوس، اوجاڳيل، ڪمزوريءَ جي نشاني.

پهاڙن جي درويشن جو آهہ تحفو جي ڪاٺڻ سان يڪدم اهو ڪم ڪرن ٿيون،
جو ٻئي هٿ ٻڪچيءَ ۾ تا پئجي وڃن ۽ اکيون ڳوهہ وانگي ڏرا ڏئي وڃن ٿيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 175)

- **ڏڪاريا:** ڏڪر وجهڻ جو ڪارڻ.

پير تي ڏئونڪو هڻو جو جنبي جنگ ڪنداسي ڏارين سان،
سائينءَ جو سُنهُن تعدي اهڙي ٿيندي هيل ڏُڪارين سان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 162)

- **ڏنجهہ:** تڪليفون، ڏکيائون.

ڏينهن ڦرندا ٿا رهن پر ڏنجهہ ساڳيا پيا ڏسون،
ڏک، ڏمر ۽ ڏنجهہ جو ڦرڪو بہ ڦرڻو آهہ يا نہ؟!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 326)

- **ڏند ڪڍڻ:** هر ويرو ڪلڻ، هٿراڏو خوشي.

هيٺن هنن کي زير ڪيوسي لاف هنيائون علاول وٽ،
ڦيڪاريءَ جيئن ڦٽڪيون هٽندي ڏند ڪڍيائون علاول وٽ.

(ساٽيهہ جي ساک: 49)

- **ڏِنگن وارو ڏانءُ:** ڏنگن ماڻهن وانگيان، ستائڻ جو طريقو.

آءُ نماڻو هاريءَ زادو، ذات جو ڪوري، نانءُ نياز،
سڀ ڪجهہ ڄاڻي ڪين ٿو ڄاڻي ڏنگن وارو ڏانءُ نياز.

(ڏرتيءَ جا گيت: 237)

- **ڏوجهرا:** ڏک، ڏولاوا، اَوَلايون.

بئنسريءَ تي بيٺ ڳائي جن دليون تي باند ڪيون،
تن حليهن جون حياتيون ڏوجهرن ڪيڪاند ڪيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **ڏوريان:** ووڙيان، جهاڳيان، پنڌ يا پيچو ڪريان.

ڳوٺ تہ منهنجو گوندرڙو،
ڏوريان ويئي ڏونگرڙو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **ڏورين:** گذارو ڪن، جلوا پسائين.

مند ورايو پاسو پڪڙيا پوپٽ ڪٽ ۽ پؤنر ڪٽي،

راتيون رهن تانداٽا ڪٽ ۾ ڏينهان ڏورن ڏئونر ڪتي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 139)

- **ڏولائو:** ٿڪ جي مار، اوجاڳا، ڀٽڪيون، رولڙا.

شينهن ڏئي ويو آزادي جهنگ جي ننڊڙن وڏڙن کي،

ڏک، ڏولائو ڪونہ رهيو، ساک پهتو ڏاڍن، جڏڙن کي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 190)

- **ڏونگر ڏرندا:** وڏو جنگاه ٿيندو، وڏو نقصان ٿيندو.

ان کي پوءِ روڪيو وڃي اڄ هن ئي ويرم ڪنهن سانگي،

جي نہ تہ ياد رکو هي روپا! هي ڏونگر ڏرندا ڪنهن سانگي.

(ساٽيهہ جي ساک: 61)

- **ڏونگرڙو:** جبل، ڏونگر لفظ جو اسم تصغير.

ڳوٺ ۾ منهنجو گوندرڙو

ڏوريان ويٺي ڏونگرڙو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **ڏهاڳ:** اهو سهاڳ جو ضد آهي. زال ۾ مڙس جي علحدگي.

تو ڏهاڳ جي ڏجهن ۾ ڪئي عمر پنهنجي پوري،

توکي صدق جي سزا ۾ پيو سور سهڻو آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 69)

- **ڏهڪاءُ:** رعب، خوف، چڙهائي.

خبر اها وڃي دودي جي دربار ۾ ماڻهن ۾ پهتي،

ڏاهہ انهيءَ ڏهڪاءَ جي سيني راڄن، راڻن ۾ پهتي.

(ساٽيهہ جي ساک: 46)

- **ڏهڪي:** ڏڄي، ڀئو کائي، خوف کائي.

مون کان ڏهڪي امالڪ اڏري جهنگ جي جهرڪي سنگ تا ترڪي،

ڏُورئون ڏسندي منهنجي ڏاڏر مرنگهہ، مرون پڙ پون تا چِرڪي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 93)

- **ڏهيسر:** ڏياوانُ، ڏهن سرن وارو دلير، بهادر.

دودي جو هي دليل تہ پل جان راج چنيسر کي چوندي،
راج کي اختيار آهہ تہ بيشڪ کنهن بہ ڏهيسر کي چوندي.

(ساڻيهہ جي ساک: 37)

- **ڏئونر:** ڪرڙ جا ميوا، پڪا.

مند ورايو پاسو پڪڙيا پوپٽ ڪئي ۽ پؤنر ڪتي،
راتيون رهن تاندڙاٽا ڪٽ ۽ ڏينهان ڏورن ڏئونر ڪتي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 139)

- **ڏئونڪو:** ہ فوت ڪاني جيڪا دهل کي لڳي آواز پيدا ڪندي آهي.

پير تي ڏئونڪو هڻي جي جنبي جنگ ڪنداسين ڌارين سان،
سائينءَ جو سُنهُن تعدي ٿيندي اهڙي هيل ڏڪارين سان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 162)

- **ڏِياتي:** نڪر جي، ڏئي کان ٿوري وڏي، تيل ۽ وَٽ وجهي ٻاربي آهي.

اٿيو چنيسر چيلهہ ٻڌي ۽ ٿيو ڌهو ڌهہ ممٽ ساڻُ،
ممٽ آڏو ائين لڳو ٿي، جڻ تہ ڏياتي پنيٽ ساڻ.

(ساڻيهہ جي ساک: 81)

- **ڏِيا وِسائڻ:** اوندهہ ٿي وڃڻ، تباهي ۽ سُڃَ ٿي وڃڻ.

چاچيءَ وٽ ويس تہ چاچي حالن کان بيحال هئي،
چي پٽ گهر جا ڏيئا وساٽا چاچهن ٿي ويو باند الا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 230)

- **ڏيب:** ڏاج، تحفو انعام.

اهو جو اونداهين ۾ ڏئي چڏي سڀ ڪنهن کي ڏيب روشنيءَ جو،
اهو جو هر عيش پنهنجو واري ڪري بلو ٻئي جي خستگيءَ جو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 475)

- **ڏيج:** انعام، بخششون، ڏانَ.

هن جي جهولي جيجل وانگي جانب تي نيپاڄ ڏئي،
هن جو سايو ساوڻ جيان تو سپ کي ڏيج ۾ ڪاڄ ڏئي.

(ساٿيهه جي ساک: 25)

- **ڏيس:** ڏيکاءُ، ٻاهريون ٻنون.

موسم جو جئين رنگ بدلجي تنهن پر منهنجو ويس،
ربيع ۾ ڪارو خريف ۾ اڇو جهڙي ڏاڙهي تهڙو ڏيس.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 94)

- **ڏيل ڏڪائڻ:** ٻيچارڻ، خوفزده ڪرڻ، ڇرڪُ ڏيڻ.

توسان ڪائي ويڌن آهي يا ڪو ڊئونگ رچايو تئي،
عشق ۾ ڦاٿو آهين يا ڪنهن مارِيءَ ڏيل ڏڪايو تئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 186)

- **ڏيل ڏيکارڻ:** مضبوطيءَ جو اظهار ڪرڻ، طاقت جو مظاهرو ڪرڻ.

ڏاڍو ڏيل تي ڏيکاريئي ڪيئن هڪڙي ڏک سان ڍر ڪئين تون،
وڻ وراٽيو تنهنجي ڪهڙي مجال اجايو چوٽو مرڪين تون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 194)

- **ڏينهن جا تارا ڏسڻا پيا:** ڏاڍيون تڪليفون سَهڻيون پيون.

بگهڙن پنهنجا ٻال ٻلايا، هرڻ کي ڳنڍا ڪڍڻا پيا،
گدڙ ڪئي جا گيند انهيءَ کي ڏينهن جا تارا ڏسڻا پيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 193)

- **ڏيهه ڏڪاريا:** ملڪ کي پڙ پانگ ڪرڻ وارا.

ٻوٿو تن جو غار تئي شل جي ويل وهايا نوڳي تي،
ڏيهه ڏڪاريا ماڳ نه ماڻن رلي وڃن شل روڳي تي.

(ساٿيهه جي ساک: 71)

# ڊ

- **ڊاڍ ڪئي:** بي سُرا آواز ڪيا.

تانَ ۾ تانَ ملائي يڪدم شرناين ڪٽي ڊاڍ ڪئي،
اڏمن دل ۾ ڏوڙيا لائي واچوڙي جيان واڍ ڪئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **ڊاءُ:** ڊپ، دهشت، خوف.

جيئن ڏين نندڙاکو ٻارن کي، ڪُڙِڪا ڊاءُ اچي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 150)

- **ڊَڊو:** گڏهہ، ٽاپر.

هيرو ٻيڙي هڪليندو پيو ڦاسي روڊ جي ڦاٽڪ تي،
ولين ڪٽي ويو هيروئن کي ڊڊي تي چاڙهي پارڪ تي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 191)

- **ڊِڄو خداءِ پئہ:** خداءِ جو خوف ڪريو ۽ ان کان ڊڄو.

چيو فقيرن ڊڄو خداءِ پئہ چو ٽا چپر ۾ چيد ڪريو،
اسان تہ ڪنهن جا ڏوهي ناهيون ڇاجي لئہ ٽا قيد ڪريو.

(ساٽيهہ جي ساک: 49)

- **ڊِنگُ ڊَهَٽُ:** وڏو منصوبو خارج ٿيڻ، پول پڌرو ٿي پوڻ.

نانءُ ’ڪالي باگ‘ کي اندس جو ڏئي ڪر سبز باغ،
ڊيم وارا نيٺ تنهنجو ڊنگ ڊهٽو آهہ يا نہ؟

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 326)

- **ڊهوبڊهہ:** آمهون سامهون، دوبدو.

اٽيو چنيسر چيلهہ ٻڌي ٿيو ڊوهو بڊهہ ممٽ ساڻ،
ممٽ آڏو ايئن لڳو ٿي ڄڻ تہ ڏياتي ينيٽ ساڻ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 81)

# ڊ

- **ڊاٽيئڙا:** ٿر جي علائقي ڊٿ جو رهاڪو.

ڏاڍا مينهن وٺا ڙي ڊاٽيئڙا،
ٿيا وڇڙيا ڪنا ڙي ڊاٽيئڙا! هيلوڪو وري آ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 37)

- **ڊارا:** قسمت ڏسڻ لاءِ يا جوئا کيڏڻ لاءِ عاج جو گهڙ ڪُنڊو ٽڪرو.

ڀاڳ ڪري ويو برمنهن اٿليا ڊارا ڊئونگ نياڳ سندا،
آس نراس ۾ متجي ويئي آيا ڏينهن ڏهاڳ سندا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 42)

- **ڊارو ڊرندو:** ڀاڳ ورندو، ڪٽو نڪرندو.

امن ۽ انصاف جون ٿيون هر گهڙيءَ مرليون وڄن،
امن ۽ انصاف جو ڊارو به ڊرٽو آهه يا نه؟

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 328)

- **ڊڊائي:** هوڏ، ڏاڍائي، پيٽ ڀرائي، آڪڙ.

وقت پوڻ تي ڏيندا هئا منهن مڙس ٿي هرڪنهن آئيءَ سان،
سَگهه نه هُئي ڪنهن سڏڙيءَ کي جو ڪري نگاهه ڊڊائيءَ سان.

(ساٽيهه جي ساک: 22)

- **ڊُرڪ:** سستي، ڊرائي.

چڙ ته خيال خمار ۾ ڪنهن جي چپ تي چميءَ جي سرڪ آئي،
هانيون ويون فولاد ٿي جن تي ٿورو اڳ هئي ڊرڪ آئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 1961)

- **ڊرڪڻ:** ڊيري ٿي ڪري پوڻ، اونگهه ڏيڻ.

ڪنهن جي اندر ۾ ته ساڃهه سان ليئو پائي چتاءِ،
ڪيئن ٽا آهُنِ جا پروانا وڃن ڊرڪِي اتي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 135)

- **ڏُنڍ ڪر:** روڪيل روئڻ، جهلڻ جي باوجود ظاهر ٿيندڙ روئڻ.

چَپ چڪن ۾ ڏنڍڪرتي ۽ ڳل تي ڳوڙهن وسڪارا،
مونجهارا ويا چانگهيل وڻ جيان ڏکيءَ کي چانگهي بابل ڙي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 166)

- **ڍوليا:** محبوب، سهڻا.

ساهہ کي ويا ائين سور وٺي جڻ چنڊ گرهڻ ڙي ڍوليا!
هاءِ اسان جي جندڙي تي وئي پنڊ پهڻ ڙي ڍوليا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 48)

- **ڍومينڊو:** ڍومهڙا ۽ جهوتون ڏيندو.

واچون ٿيڙي ائين علاول گجريءَ کي گهُورينڊو هو،
جهنگ ٻلو جڻ لاٽيءَ ۾ ٿي وست وکر ڍومينڊو هو.

(ساٽيهہ جي ساک: 74)

- **ڍئونگ رچائڻ:** هٿ نات ڪرڻ، سازش ڪرڻ.

ساري ڳالهہ ڳٽي پوءِ هن سان اهڙيءَ ريت هلڻ گهرجي،
هن جو ڍئونگ پڪڙيو آهي تنهن جو انت لهڻ گهرجي.

(ساٽيهہ جي ساک: 54)

- **ڍينگو ڍرڻ:** خاتمو ٿيڻ، تباهي ٿيڻ، ناس ٿيڻ.

ڏاڍ کي جيڪو رَسائي ٿو چڏي اُپَ تي نياز،
هاڻ ڏسڻو آهہ ڍينگو ان جو ڍرڻو آهہ يا نہ؟

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 328)

# ذ

- **ذلتون:** نيچ پڻا، ڪريل حيثيتون، تنزل، عزتِ نفس جي پائمالي.

بڻائي ويو هر لحاظ کان انت محنتون برصواب بلڪل،
هو زار شاهيءَ جي ذلتن جو ڪري ويو سدِ باب بلڪل.

**(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت:** 481)

- **ذوق:** چاهت، گهرج، پسنديدگي.

تمام عالم ۾ وصف ان جي تہ وقت ان جو ۽ وقعت ان جي،
تمام عالم ۾ زيب ان جو، ذوق ان جو ضرورت ان جي.

**(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت:** 489)

## ر

- **راتاهو:** گهات ڪرڻ، ڦرڻ، مارڻ.

تنهنجو دين اهو جو اڇي ٿو لڇن جي چاڙهين لاهين ۾،
عمل نہ آهي ڪوئي توکي، وجهندين ملڪ تباهين ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 85)

- **راڄ سوالڻ:** راڄ گهرڻ جو سوال، راڄ جي مالڪيءَ جي گهُرَ.

پونگر ٻڌ او منهنجا پيتار مان راڄ سوالڻ آهيان،
تخت ۽ بخت ڇنيسر جو ٿئي اصل اهوئي ٿي چاهيان.

(ساٽيهہ جي ساک: 30)

- **راڄوٽي:** راڄ جي راءِ مطابق.

واعدو آهہ تہ منڙي تنهنجي منشا بيشڪ مِٽي آهي،
پر هن شرط تہ راڄوٽيءَ جي ريت نہ ڪائي ڇڏٽي آهي.

(ساٽيهہ جي ساک: 30)

- **راحت:** فرحت، سڪون، ٿانيڪائي.

ننگر هن جي پٽ سدائين چنڊ چڪور جي چاهت جان،
هن لئہ هن جو پيار پنارو هيو بهشت جي راحت جان.

(ساٽيهہ جي ساک: 56)

- **رارا:** ڇوٻول، پڙهو واويلا، ذڪر.

عشق ڇا ڪيوسي ڇڙ تہ ڪئي سي چوري چاڪي جي گهر مان،
گهر گهر منجهہ پچار اسان جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ رارا هوءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 209)

- **راڙ:** جيڪا شينهن مچرجڻ تي ڪندو آهي.

درٻارين جا ڪنڌ جهڪي ويا ڪرندڙ جُهرَندڙ تاڙين جان،
مڪمل ڪيائين درٻارين کي مچريل شينهن جي راڙين جان.

(ساٽيھہ جي ساک: 162)

• **راز:** ڳُجھہ، راءِ، منشا.

تخت جو وارث ٿئي چنيسر ٻي ڪا رٿ نہ ٻجائي آھہ،
منھنجي راز ۾ ريب نہ ڪوئي مون وٽ ڪُريت نہ ڪائي آھہ.

(ساٽيھہ جي ساک: 37)

• **راس:** ٺڳجي، راضي ٿي، فيصلائتي، ٻانءِ ٻوندڙ.

راڻيءَ جي ڇا ڳالھہ ڪجي ھوءَ اصلئون ئي راڪاس رھي،
اھو تہ ماڳھين مشڪل آھہ تہ راڄ ۾ راڻي راس رھي.

(ساٽيھہ جي ساک: 39)

• **راس اچڻ:** ٺھي جُڙي اچڻ، پرچي پوڻ، جڄڻ.

نانءُ چنيسر جو جيئن آيو مجلس ڪي مونجھارو ٿيو،
راس نہ آئي راءِ اِھا نہ ڪي ان جو ڪوبہ پنارو ٿيو.

(ساٽيھہ جي ساک: 34)

• **راستبازي:** سچائي.

ھو جنگ ۾ امن ۾ بھرحال راستبازيءَ تي ھلندو رھندو،
ڌرتي ۾ مھت مسلڪ ان جو انھيءَ جي منزل ڏي وڌندو رھندو.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 484)

• **راستي:** صلح سانت، روش، لوڪ لڇا، ٻائيچارو.

ھيءَ جنگ آ عوام جي جنگ جاري آھي جا راستيءَ لئہ،
ھيءَ جنگ آھي عوام جي جنگ پنھنجي حقن جي واپسيءَ لئہ.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 482)

• **راس رکڻ:** نيڪ ناڪ رکڻ، سجاڳپ وارو بنائڻ.

آدميءَ بابت بہ ڪو ويچار ڪرڻو آھہ يا نہ؟
ڪل ٽڙيءَ ڪي ڪنھن نموني راس رکڻو آھہ يا نہ؟

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 326)

• **راڪاس:** انسان دشمن خطرناڪ جانور.

راڻيءَ جي ڇا ڳالهہ ڪجي هُوءَ اصلئون ئي راڪاس رهي،
اهو تہ ماڻهين مشڪل آهہ تہ راڄ ۾ راڻي راس رهي.

(ساڻيهہ جي ساک: 39)

- **راڱا:** ويڙنون، راتاها، مصيبتون، ظلم.

اهڙن رنگن راڱن سان ئي دوزخ اُڀجي راس ٿئي ٿو
جنهن جي باهہ جي ڇپين جي ڇر سڀ کي پنهنجو بک ڪري ٿي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 303)

- **رام رجعتن جو:** پوئتي موٽ ڪائڻ جو حامي.

رهي جي هر فرد رام رجعتن جو ارتقاتي يقين ڇاجو
هجي نہ ڪنهن وٽ علم ۾ فن عمل ۾ ٿيندو امين ڇاجو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 479)

- **رام ريجهائڻ:** قائل ڪري وٺڻ، مطمئن ڪرڻ، مقصد حاصل ڪرڻ.

ڪڇ تہ پوءِ مان هڪ ڪرو ٿي هڪڙي پر ورسايان،
زندگي مان ڪيئن تنهنجي رام کي ريجهائيان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 281)

- **رام ڪهاڻي:** اصليت، بنياد، تفصيلي ذڪر.

منصورن کان مٿي او سيد! تنهنجي رام ڪهاڻي آهي،
هرڪو مئي کان پوءِ شهيد، تو جيئري شهادت ماڻي آهي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 295)

- **راڻي شال:** برغلائي، بتال ڪري.

راڻيون جيئن شيطان چنيسر وري نہ ڪنهن کي راڻي شال،
دودي وانگي چرخو چوري تند پيو ڪو تاڻي شال.

(ساڻيهہ جي ساک: 92)

- **راوت:** مڙس ماڻهو بهادر جنگجو.

لشڪر ٿيو حيران تہ هئڙي رڻ ۾ کهڙو راوت آهہ،
جيڪو هيڏيءَ ڇاتيءَ سان اچي ڪڙڪيو بڻجي آفت آهہ.

(ساٽيھ جي ساک: 80)

- **رُتِ:** موسم.

دودو ٿيو اڳواڻ تہ، آئي رُتِ ۾ رات چنيسر جي،
ڪاريھر جيان وير وڏائين ڏنگ ٿي ذات چنيسر جي.

(ساٽيھ جي ساک: 41)

- **رتاڻ:** رتن جوت، پسارڪو وکر.

روپ ھو تنھنجو رتاڻ جيان، سکن پالي ھُئينءَ،
لَئيءَ جي شڪر جيان منئي ڪوڙاڻ کان خالي ھُئينءَ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **رت جا راڳا:** جتي رت وھي ۽ ڌرتيءَ کي رڱي ڳاڙھو ڪري ڇڏيو ھجي.

رڻ پيوميءَ ۾ رت جا راڳا، ڏوڏ جي ڏاک ڇمائي ويا،
سانجھيءَ جان ٿي ساٽا ڪيئي چاندوڪيون چمڪائي ويا.

(ساٽيھ جي ساک: 70)

- **رتي راٽي:** راٽين وارڪا ۾ رچيل.

ڇا تنھنجي لاءِ ڪندس جي تو ۾ ناھي رتي راٽي،
ماڳ نہ ملندئي ماڳھين، جي تو وٽ نہ سولي رتي راٽي.

(ساٽيھ جي ساک: 29)

- **رتيءَ جي رھاڻ:** ٿوري جھٽ جي ملاقات، رچي جس ڪيل ڪچھري.

دل کي آٿت ڏيڻ اجايو آيو وقت تا ڪنديس اُياءُ،
جنھن سان سندس رتي رھاٽيون ۽ سندس ٻاجھ سٻاجھ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 136)

- **رتيءَ ماتر:** تمام ٿورڙو نہ ڳڻڻ جيترو.

پائيندڙ جان پائڻ آيا، ڏاريا آڏر ڪانہ رھي،
آزاديءَ جي ڪابہ توقع رتيءَ ماتر ڪانہ رھي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 96)

- **رِٿَ:** راءِ، صلاح، عارضي فيصلو.

ماڳهيءَ جو ٻاٻور تہ هاڻي منهنجي صلاح اِهائي آهہ،
تخت جو وارث ٿئي چنيسر ٻي ڪا رٿ نہ ٻجائي آهہ.
(ساٿيھہ جي ساک: 37)

- **رجعت پرستي:** پٺتي موٽڻ جو شوق، تنزل پسندي، پَراڻَ پسندي.

هلو تہ رجعت پرست قوتن جي خلاف مضبوط جنگ جوٽيون،
مزدوري آ تہ ان سان هر مرحلي تي مبسوط جنگ جوٽيون.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 482)

- **رَڃهاءِ:** دئونس ڏيڻ، نہ ڀائڻ، ساڙڻ، پوئتي ڇڏڻ.

جيئن جيئن سانجهي سامهون تيئن تيئن صبح جي سڏ،
راتين ۾ نہ رَڃهاءِ، مون کي پار پڄاءِ!
(ڌرتيءَ جا گيت: 28)

- **رُڄن جو راز:** مصيبت جو قدر يا احساس.

اکين جا نور ٿا ختم ٿين قرار آسري،
رهي ٿو روح ۾ سدا رڄن جو راز ساٿيو!
(ڌرتيءَ جا گيت: 108)

- **رچي ريٽو ٿيڻ:** ڪڙهي ڪڙهي ڳاڙهو رنگ ظاهر ڪرڻ.

رچي جي هيڪر ريٽا ٿي ويا، ڪين اوٻاٽيا اوءِ وري،
ڪنڀ نہ ڪاري ڪنهن پر تنهن کي هالاريءَ جو هوءِ وري.
(ڌرتيءَ جا گيت: 125)

- **رزالت:** بي ايماني، بي مروتي.

ماڻهو هونئن تہ عظيم مگر جي مطلب جو تو يار ٿئي،
ريب رزالت روا رکي تو مرونءَ جيان مردار ٿئي.
(ساٿيھہ جي ساک: 41)

- **رزق:** اها ملڪيت جنهن مان ڪاڌخوراڪ حاصل ڪري سگهجي.

ان جي محبت منهنجو مسلڪ پنهنجو صدق اِهوئي آهہ،

پنهنجو مال متاع اهوئي پنهنجو رزق اِهوئي آهہ.
(ساٽيھہ جي ساک: 24)

- **رزلٽ آئوٽ:** (عام مروج انگريزي) نتيجو ظاهر ٿيڻ.

ڪاڳرن تي ڪارروائي جا هلي پئي ڪڏهن ڪان،
هاڻ ان جو ڪو رزلٽ آئوٽ ٿيٽو آهہ يا نہ؟
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 326)

- **رسائڻ:** پاڻي پچائڻ، سرسبز رکڻ، تيار بنائڻ، پهچائڻ.

وطن نہ آهہ شڪار ٻڏائي چڏجو هاڻ شڪارين کي،
رت ڏئي ريج رسائيندا سون رِيتِ ۾ ٻولَ جي ٻارين کي.
(ساٽيھہ جي ساک: 47)

- **رشڪ:** ريسَ، حسد، ساڙُ.

رقيب رشڪ ۾ آهي اسان جي رنديءَ تي،
حسد ۾ هوش هٽي ٿو خراب خوار ٿئي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 187)

- **رِعايتن ساڻ:** ناحقيءَ طرح، اقربا پروريءَ رستي، پنهنجا نوازائيءَ رستي.

هي زماني جون نعمتون ۾ مسرتون پڻ سڀن کي حاصل،
ٿئي نہ تقسيم زر جي بيجا رعايتن ساڻ ڪن کي حاصل.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 485)

- **رعيت:** عوام.

اسان ٿا چاهيون دودو جيڪو سنڌ جو وارث والي آهہ،
هن کان رعيت تنگ رهي ٿي، هو اهڙو تہ زوالي آهہ.
(ساٽيھہ جي ساک: 44)

- **رغبت:** چاهہ، پيار، اونَ.

هُن ۾ لڇڻ هو ڪين، نہ هن کي راڄن سان ڪا رغبت هئي،
هو هو پنهنجي عيش ۾ گم سم، هن جي اِهائي علت هئي.

(ساٽيھہ جي ساک: 57)

- **رفاقتون:** دوستيون، هم سفريون، چاڻ سڃاڻو ساٿياٽيون.

اڄو جو تاريخ جي صفحن تي صداقتن جو پيام ڏئي ٿو
محبتن جي صدا هٽي ۽ رفاقتن جو پيام ڏئي ٿو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 476)

- **رفعتن جو:** نعمتن جو مزيدارين جو حصول جو بلنديون جو.

ظهوران جو ٿي ضامن آيو مؤدتن جي علامتن جو
نہ وسعت ان جي وسيلو ٿيندي، رهي رهائيءَ جي رفعتن جو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 489)

- **رقص:** ناچ.

صبا جي رقص ۽ گلن جي رعنائن جو اظهار ٿا ڪريون اڄ،
خزان جي خطري ۽ شباب جي غم کي مات ۽ مسمار ٿا ڪريون اڄ.

(ڌرتيءَ جا گيت: 130)

- **رقيب:** ساڙيلو حاسد، مَسهو، پيار ۾ ٻئي نمبر جو اميدوار.

پري نہ ٿيو ڪوئي انهيءَ کان، جيڪو ان جي قريب آيو،
مِلي ويو خاڪ ۾ اهوئي جو ان جو ٻجي رقيب آيو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 489)

- **رُڪ رڙهڻ:** ڏکيائيءَ مان پار پوڻ لاءِ تيار هئڻ.

هوريان ڪڻ تون پير او پياري، دهڪي تي دل ڌڙڪي ٿي،
چوڌاري شاهينگ چِتا، اڄ اک اک جڻ رک رڙڪي ٿي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 287)

- **رک:** چار، خاڪ، دزي.

پئي وات واڳونءَ جيان ڪن ٿا واڄٽ اِجهو هت پيو آهہ لک ڪک جي هيئان،
جواني ۽ طاقت جو انمول ڀنڊار سانڍي رکيو آ اسان رک جي هيئان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 125)

- **رڳڙو:** اڻ ٻٽت، ڦَڏو، مونجهارو.

ڀونگر وئي ڪان ڀوءِ اچي ٽيو منهہ تي ميڙو راڄن ۾،
راڄ هلائي ڪير؟ وڏي ويو هلندي رڳڙو راڄن ۾.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 32)

- **رم جهم:** بونداباري، ٻلبن جو ٻرندڙ وسامندڙ چمڪاٽ.

مون ڪي سوچ ۾ سرت ڏئين ٿو مهر ڪري تون پاڻ پرين!
تنهنجي رم جهم راس ڪيا، سڀ ماندڙا ۾ ماڻ پرين.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 23)

- **رمز:** مفهوم، معنيٰ، مقصد، ڳجهو راز.

اسين اُتيئي آهيون سائين جتي اوهين ترسائي ويا،
رندن واري رمز اُهائي، جيئن توهان سمجهائي ويا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 237)

- **رمز پريا:** ڳُجهہ وارا، اٽڪل وارا، ڏانوَ وارا.

تنهنجو روپ سروپ جڏهن ٿو اندلٽ وارا انگ ڪيي،
منهنجي ريت پريت، تڏهن ٿي رمز پريا ڪي رنگ ڪيي.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 23)

- **رمز رلائڻ:** ڳجهہ سلڻ، سر سمجهائڻ، ڏانءُ ڏسڻ.

سنڌ نہ پنتي پوٽي آهي، سَوَلي ست سمجهائي ويو،
هرڪنهن سينو سپر ڪيو هو اهڙيءَ رمز رلائي ويو.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 54)

- **رمن:** گهمن ڦرن، پسارڪن، جلوا پسائڻ.

مند ورايو پاسو پکڙيا پويت ڪٽ ۾ يئونر ڪتي،
راتيون رمن ٽانڊاٽا ڪٽ، ڏينهان ڏورن ڏئونر ڪتي.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 139)

- **رمندا بادل:** هلندڙ ڦرندڙ ڪڪر، جن ڪي ڪتي بہ ٽڪاءُ نہ هجي.

منهنجي دنيا مرنگهہ ترشنا، تنهنجي دنيا رمندا

باادل،
مون وٽ روپ نہ ڪو ٻهروپ الا!
(ڏرتيءَ جا گيت: 34)

• **رمي وڃڻ:** هليو وڃڻ، موڪلائي وڃڻ.
ٽٽي پيو جڻ اپ مان تارو ڇٽي پيو گل ٽاريءَ مان،
رمي وئي جڻ راند مان رونق، مزو ويو ڇڏ ياريءَ مان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 166)

• **رند:** رستا، گس، نشان.
تن جا ريٽا رند ويراني، نماڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي، راڇن جي راڻي مارئي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 156)

• **رند:** فقير، شرابي، دنيا تياڳيل، صوفي رمزن جون ڄاڻو.
اسين اتيئي آهيون سائين جتي اوهين ترسائي ويا،
رندن واري رمز اها ئي جيئن توهان سمجهائي ويا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 237)

• **رند ڪرڻ:** گهاءُ ڪرڻ، ڦٽ ڪرڻ، نيشان ڪرڻ.
صدقي پنهنجي جيءَ تان دودل تو جهڙا دلبند ڪري،
تنهنجا سور سهڻ جا ناهن، ويندم روح ۾ رند ڪري.
(ساٽيهہ جي ساک: 64)

• **رنديءَ تي:** فقراهيءَ تي، پياڪيءَ تي.
رقيب رشڪ ۾ آهہ اسان جي رنديءَ تي،
حسد ۾ هوش هٽي ٿو خراب خوار ٿئي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 187)

• **رن زال:** اها عورت جنهن جو مڙس مري ويو هجي.
سئي سڳو پنهنجو پرائو ٿي ويو ڪن پل اندر،
جڻ تہ وئي لٽجي الا رن زال ڪا ڪرڳل اندر.

(ڏرتيءَ جا گيت: 151)

- **رنگ راز:** خوشيون، ڏيک ويک.

ڳمي اڇي ٽي ڪانه ڪا مصيبت جي گنج ۾،
ڦٽي ڪٽي ويا دلين جا رنگ راز ساٿيو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 109)

- **رنگ رتي:** سينگاريل، سهڻي.

رنگ رتي روپ وتي تنهنجي ڳليءَ تان،
گهور وڃان او گهور وڃان او گهور!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 63)

- **رني ڪوٽ:** جنگي قلعو جيڪو ضلعي ڄامشوري جي شهر سن جي ڀرسان آهي.

اڄ بہ روپا، رني ڪوٽ مٿبا وڃن،
اڄ بہ ڪينجهر مٿان ڪنگ رڙندا رهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 81)

- **رڻ ٻارڻ:** تتل پٽ مان ماحول کي تيار ڪرڻ، حالتن کي هٿ وٺي انتهائي خراب ڪرڻ.

جنگ ائين رڻ ٻاريو جڻ ڪي باهہ لڳي وئي جهنگل ۾،
وڙهندي جڙندي مري کپي ويا ڪونڌر ڪيئي ڪرڳل ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 163)

- **رڻ ڀومي:** جنگ جو ميدان.

رڻ ڀوميءَ ۾ رت جا راڱا ڏوڏ جي ڏاڪ ڄمائي ويا،
سانجهيءَ جان ٽي ساٽا ڪيئي چاندوڪيون چمڪائي ويا.

(ساٽيهہ جي ساک: 70)

- **رڻ ۾ رولڻ:** بي سهارو ۽ نااميد بنائڻ، بي واهو ڪري ڇڏڻ.

اولهہ تنهنجا رنگ لتاڙيا، اوپر توکي لوبو هوءِ،
لهندي چڙهندي سج ڏجها ڏئي رڻ ۾ توکي روليو

هوءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 167)

- **رواداري:** تعصب کان خالي، انسان دوستي، مذهبي انتهاپسنديءَ کان پري.

قول توڙي آداب، خُلِقُ ۽ رواداري مڙئي،
دين، دنيا ۽ شرافت ۽ وفاداري مڙئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **روا رکڻ:** جائز قرار ڏيڻ، صحيح سمجهڻ.

ماڻهو هونئن ته عظيم مگر جي مطلب جو ٿو يارُ ٿئي،
ريب، رزالت روا رکي ٿو مِرُونءَ جيان مردار ٿئي.

(ساڻيهه جي ساک: 41)

- **روايت:** رواج، رسمون، نِيتَ.

منهنجي واهت ڇا جي واهت ڪهڙي پنهنجي واهت آهه،
هرڪو پنهنجو پاڻ ئي واهي آهه اِهائي روايت آهه.

(ساڻيهه جي ساک: 29)

- **رُوپ:** منهن مهاندو.

تنهنجو روپ سروپ جڏهن ٿو انڊلٺ وارا انگ ڪڍي،
منهنجي ريت پريت تڏهن ٿي رمز پريا ڪي رنگ ڪڍي.

(ساڻيهه جي ساک: 23)

- **روپا:** دودي سومري جي تخت واري جڳهه روپاماڙيءَ جو مخفف.

روپهريءَ روپا ۾ هن جي گادي ٿي آباد رهي،
خلقت ساريءَ خوش ٿي گذاريو غمي نه ٿي ڪا ياد رهي.

(ساڻيهه جي ساک: 27)

- **روپ نِڪار:** سونهن جو ڦهلاءُ، حسن جي چٽائي يا ڪول.

جوين ائين جڻ جهڙ ۾ انار بَلي!

هيءَ ريکا هيءُ روپ نکارَ بلي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 47)

- **روپ وتي:** بهترين منهن مهانڊي واري.

رنگ رتي روپ وتي تنهنجي ڳليءَ تان،
گهور وڃان او گهور وڃان او گهورا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 37)

- **روپوش:** لڪل، ڳجهو ويس مٽايل، اڻ لڀ.

هيڏانهن هئا هي رنگ تہ هوڏانهن محل سرا خاموش هئي،
راتين ۾ هو رنگ نہ ڪوئي رونق ئي روپوش هئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 160)

- **روپهري:** چمڪندڙ بهتر روپ ۽ رنگ واري.

روپهري روپا ۾ هن جي گادي ٿي آباد رهي،
خلقت ساريءَ خوش ٿي گذاريو غمي نہ ٿي ڪا ياد رهي.

(ساٿيهہ جي ساک: 27)

- **روحانيت:** الله جي نالي واري واٽ.

معاش جي تنگ آ، تہ انسان عاشقيءَ کان بہ عاري آهي،
نہ آ روحانيت ۾ رونق، جيماديت ۾ نڪاري آهي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 484)

- **روح رمڻ:** دل اندر پسار، من ۾ موجود هئڻ.

اکين جا ٽا نور ختم ٿين قرار آسري،
رسي ٿو روح ۾ سدا رچن جو راز ساٿيو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 108)

- **روح سرڪڻ:** سڏ ٿيڻ، ساهہ سڪڻ، چاهت ٿيڻ، وٺڻ.

هونئن تہ پراهون آهي ليڪن، پوَرن پيدي، پاسي پيڙو،
روح سڄڻ جي ان رم جهم تي ڪيئن نہ سدائين سرڪڻ لڳندو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 315)

- **رودن:** روڄ، راڙو، بيچيني.

ميهوڳيءَ جان مست ٿيو ٿي روح عجيب نظارن ۾،
رودن، رڳڙو ڪونہ هيو سڀ ڪٽنب رهِيا ٿي قرارن ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **روڳي:** روڳ يا سوداءُ لڳل.

ٻوٿو تن جو غار ٿئي جن ويل وهايا نوڳي ٿي،
ڏيهہ ڏڪار يا ماڳ نہ ماڻن رلي وڃي شل روڳي ٿي.
(ساٿيهہ جي ساک: 71)

- **رؤنشو:** مزيداري، گھوٽالو چٽاپيٽي.

چنڊ اڳيان ائين چمڪ نہ جاني، رات ۾ رؤنشو ٿي پوندو،
ڪير الائي مات ٿئي، هي سڀ ڪي سئونسو ٿي پوندو.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 125)

- **رونق:** مزيداري، سونهن، ٺاهہ ٺوهہ.

معاش جي تنگ آ تہ انسان عاشقيءَ کان بہ عاري آهي،
نہ روحانيت ۾ رونق جي ماديت ۾ نڪاري آهي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 484)

- **روءِ داد:** وارداتَ، صورتحال، ڇا وهيو واپريو جي ڄاڻ.

تمنا جي تيشيءَ سان اڳتي وَڌُون ٿا،
محبت جي مقصد جي روئداد آهيون.
(ڌرتيءَ جا گيت: 139)

- **رِهائيءَ جي:** آزاديءَ جي، ڇوٽڪاري جي.

ظهور ان جو ٿي ضامن آيو مؤدتن جي علامتن جو،
تہ وسعت ان جي وسيلو ٿيندي رهي رهائيءَ جي رفعتن جو.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 489)

- **رهزن:** ڌاڙيل، وحشي.

تو رهزن دشمن کي، مان هيڏانهن گس نہ وٺايان ها،
تنهنجي هٿارئون پنهنجي هانوَ ۾ هيئن نہ ڪان هٽايان ها.
(ساٽيهہ جي ساک: 73)

- **رهندي:** رهجي ويل، پٺتي پيل، ڪُهِيَلَ.

هئہ هئہ حياتي ڪک پن جڻ پل پل پاٽيءَ تِڪَ،
رهنديءَ کي نہ رهاءِ، مون کي پار پڄاءِ.
(ڏرتيءَ جا گيت: 28)

- **ره نووردي:** تيز رفتاري.

هي ره نووردي اجنبي، هيءَ منزلون پڻ اجنبي،
اسان کي پنهنجي واٽ سان، پنهنجا حوصلا کپن.
(ڏرتيءَ جا گيت: 224)

- **روءِ ۾:** ڏسڻ ۾، وائسڻ ۾، ٻاهرئين ڏيک ويک ۾.

تنهنجي جندڙيءَ سان جياپو هو سيڻ جو جُوءِ ۾،
هئا مڙئي ڏکڙن ۽ سکڙن ۾ سرها روءِ ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **ريب:** ڏوکو نڳي، رياءُ.

تخت جو وارث ٿئي چنيسر ٻي کا رٿ نہ ٻجائي آهہ،
منهنجي راز ۾ ريب نہ ڪوئي مون وٽ ڪُريت نہ ڪائي آهہ.
(ساٽيهہ جي ساک: 137)

- **رِيتِ:** روش، رواج، ساٺ سؤڻ.

تنهنجو روَپ سروپ جڏهن ٿو انڌلٺ وارا انگ ڪري،
منهنجي ريت پريت تڏهن ٿي رمز پريا کي رنگ ڪري.
(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **ريت:** واري، ڪُڪِري، ذَري.

ماٺهو ڪيئن ٿو ڪلتون ڪائي، اک ۾ ڦاٿل ڇيت جيان،
ڪڏهين بلڪل پنجهوءَ جي پِڪَ، ڪڏهن اُڏامي ريت جيان.

(ساٽيھہ جي ساک: 75)

- **رِيت ڪُرِيت:** چڱائي مَنائي، سونهندڙ اڻ سوهندڙ.

ماڻهو اسان جي مڙهيءَ ۾ آيا ريت ڪُريت جي ڪتا ڪٽي،
اسان قلندر وانگ ڇڏياسي ڌرم ڪرم جا ڪتا ڪٽي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 228)

- **ريٽڻ:** فنا ڪرڻ، ختم ڪرڻ، هيئاهُون ڪرڻ.

هن جي حجت ڪي نہ ڪنهن بہ ريت ريٽي ٿو سگهجي،
هن جو هر ڏاڍ ڏمر ساڻ مهاڏو آهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 75)

- **ريڪا:** ڏيک، نظارو.

تنهنجي دنيا انبلٺ ريڪا، منهنجي دنيا گدلا بادل،
مون وٽ روپ نہ ڪو ٻهروپ الا!

(ڌرتيءَ جا گيت: 34)

- **ريڪان (ريڪون):** لڪيرون، نيشانَ.

ڀاڱ ڀِڙائي ڪيئن جو نرڙ تي،
ابتيون ريڪان ايري ڀِيون!

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 98)

- **رينهَن:** وڏن ويجَهن، ٿهن.

وقت اچڻ تي وارُ ڪندا، ڌاريا ڌهہ مان ڌار ڪندا،
سوڍا، راڻا تنهنجا رينهن، جيئي سنڌ، سدائين جيئي،
جيئي سنڌ!

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 309)

# ز

- **زار حالت:** اُجڙيل صورتحال، خستہ حالت.

هجي نہ اوقات تنگ ڪنهن جي، نہ زار حالت معاشري ۾،
رهي نہ حاوي امارت ۽ سلطنت جي طاقت معاشري ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 485)

- **زار شاهي:** ڪميونسٽ انقلاب کان اڳ ۾ (1917ع) روس ۾ ”زار“ بادشاهہ جي بادشاهي يعني زار شاهي هئي.

ٻٽائي ويو هر لحاظ کان انت، محنتون برصواب بلڪل،
هو زار شاهيءَ جي ذلتن جو ڪري ويو سدِباب بلڪل.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 481)

- **زائل:** ختم ڪرڻ، ڊاهڻ، صاف ڪرڻ، ميسارڻ.

حد علاول ڪئي تہ چنيسر راءِ بہ ڌاڍا رنگ ڪيا،
سچ ايرئي ٽي محفل پوري زائل جنهن سڀ زنگ ڪيا.

(ساٽيهہ جي ساک: 75)

- **زبور:** حضرت ابراهيم عليہ السلام جن تي نازل ٿيل آسماني ڪتاب.

عشق جو قلم ڪٽي، حسن جو بيان ڪجي،
ذهن جي زبور مان ڪو غزل ئي عيان ڪجي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 219)

- **زبُونُ:** خستہ، پوئتي پيل، خراب، پست.

ڳوٺ تہ منهنجو همايونُ،
هِتڙي منهنجا حال زبونُ.

(ڌرتيءَ جا گيت: 46)

- **زحمتون:** مصيبتون، ناراضگيون، ڏمر.

شعور بي ڪيف، روح بي چين زماني ۾ زحمتن

ڪان،

سڪون نابود، صبر بي سود، غم هو موجود صعبتن ڪان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 479)

- **زرپرستي:** ملڪيت يا پئسي جي پوڄا.

نہ ڪائي تفريق ذات جي ۽ نہ ڪائي تحقير شخصيت جي،

نہ زرپرستيءَ جي ڪابہ ذات نہ ريس ڪائي بہ ملڪيت جي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 488)

- **زعم:** وِلوِلو، اِرادو.

جهڪيو ٿي جو سچ، ڪوڙ آڏو انهيءَ ۾ جرئت جو جزم جاڳيو،

بريءَ اڳيان هيچ هئي جا نيڪي، ظهور جو تنهن ۾ زعم جاڳيو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 491)

- **زندان:** قيد، جيل، پابندي.

هيءَ جيئي سنڌ جي سئن هر جوان جي،

جنهن ڪان لرزان ٿي ويو زندان پي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 101)

- **زندهہ جاويد:** سدائين زندهہ رهندڙ، سدائين ياد رهندڙ، امر.

هو زنده جاويد آهہ جڳ ۾ مسلمہ آ حيثيت انهيءَ جي،

طويل تاريخ جي صفحن تي مثالي آهہ شخصيت انهيءَ جي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 482)

- **زنگ:** لوهہ کي اگهاڙو رکبو تہ ان تي ڪٽ چڙهندي، ان کي زنگ چئبو آهي. اهو ڪڏهن ڪڏهن ذهنن تي بہ چڙهندو آهي.

راٺيءَ تي جو زهر چڙهيل هو ظاهر ٿي تنهن زنگ ڪيا،

چٽيل هو ٻج جنهن جو اڳ ۾ انهيءَ سلي اڄ سنگ ڪيا.

(ساٽيهہ جي ساک: 92)

- **زنگ آلوده:** زنگيل، ڪٽيل، ڪَسيلُ، مدي خارج.

ظلم جو زنجير زنگ آلوده آهي،
بس فقط يڪمشت ڪنهن چرپر جي ڳالهہ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 216)

- **زنهار:** هرگز، گهٽي وقت تائين، امر.

موت سرتي تہ بہ ڳايون ٿا، حياتيءَ جا ترانا او زمانا!
اسين مرڻا ناهيون، مرڻا ناهيون، مرڻا ناهيون زنهار زمانا!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 161)

- **زوال:** تنزل، حيثيت گهٽجڻ، معيار کان ڪرڻ، تباهي، بربادي.

ڪماليت تي رسڻ کان اڳ ۾ زوال هڪدم ستائي ڇوٿو؟
سماج هر دم مسائي ڇوٿو وبال هڪدم ستائي ڇوٿو؟

(ڏرتيءَ جا گيت: 133)

- **زوالي:** ڪيرائيندڙ، تنزل ۽ تباهيءَ ڏي ڌڪيندڙ، زوال تي پهچائيندڙ.

اسان ٿا چاهيون تہ دودو جيڪو سنڌ جو وارث والي آهہ،
ان کان رعيت تنگ رهي ٿي هو اهڙو تہ زوالي آهہ.

(ساٽيهہ جي ساک: 44)

- **زوراور:** ضدي، طاقتور، پنهنجي هلائيندڙ.

درٻاري جي ناريلن جي هانيءَ وارا انگ قداور هئا،
درٻاري جي جنگ جا جوڌا بجليءَ وانگ زوراور هئا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 162)

- **زوڪوڪري:** وهڪري جي تيزيءَ جو آواز.

ڦريو هٽ بٽڻ تي تہ نلڪي مان زوڪوڪري پنور وانگي ڦوهارو شروع ٿيو،
ننڍين ۽ وڏن، آنَ ۽ انسان جي خصم جيتن تي مارو شروع ٿيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **زهد:** عبادت.

جهُل ۾ هوندي ڇئو ٿا تہ علم وارا آهيون،

فاسق ۽ فاجر تہ پيي جڻ زَهَدَ وارا آهيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **زهرخنده:** زهر آلوده، جنهن ۾ موت جو پيغام هجي، زهر مليل.

هي صبح زهر خنده ڇو، هي شام دلفگار ڇو؟

هي رات دردمند ڇو؟ هي وقت غم شعار ڇو؟

(ڏرتيءَ جا گيت: 104)

- **زيادتون:** بي واجبيون، حق تلفيون، جٺيون، ناانصافيون.

هيءَ تقاضا جا وقت جي عين موقعي تي ان جي ابتدا ٿي،

تڏهن تہ عالم ۾ ان جي آئي زيادتيون سڀ ويون فنا ٿي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 490)

- **زيب:** سهڻائي، جچڻ، ٺهڻ، سهڻو لڳڻ، زينت، ترتيب.

تمام عالم ۾ وصف ان جي تہ وقت ان جو ۽ وقعت ان جي،

تمام عالم ۾ زيب ان جو ۽ ذوق ان جو ضرورت ان جي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 489)

- **زير ٿيڻ:** قبضي هيٺ رهڻ، محڪوم بنجڻ.

جوپي وقت جو وِيرُ ٿي آيو، تنهن کي توسان وير ٿيو،

هيڏا هاچا تنهنجي مٿان تہ بہ تنهنجو ضمير نہ زير ٿيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **زيرڪرڻ:** شڪست ڏيڻ، قبضي ۾ ڪرڻ، فتح ڪرڻ، تابع ڪرڻ.

هيئن انهن کي زير ڪيوسي، لاف هنيائون علاول وٽ،

ڦيڪاريءَ جان ڦڙڪيون هڻندي ڏند ڪڍيائون علاول وٽ.

(ساٿيهہ جي ساک: 49)

- **زيرهجڻ:** هيٺان هجڻ، ضابطي ۾ هجڻ، ماتحت هجڻ.

بڏاءِ صياد تہ هن زماني ۾ ڪير آهي،

جو صيد هوندي بہ تو هٿان زير آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **زيست:** زندگي، حياتي.

عوام کي جنهن طفيل دنيا ۾ زيست برتر جي هئي ضرورت،
هُئي نہ هيءَ گھرج ڪنهن جي بہ مگر هيءَ اڪثر جي هئي ضرورت.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 480)

- **زين:** سنجيل، واڳ سوڌو گھوڙو.

گھر ۾ داڻو ڪين، گھوڙو زين تو رکڻو پوي،
زندگي تنهنجي ڪري چا چا نہ ڪرڻو تو پوي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 142)

# س

- **ساپيا:** حقيقت.

منهنجي ريت پريت تڏهن تي رمز پريا ڪي رنگ ڪيڍي،
سيني توڙي ساپيان ۾ پئي وندر تنهنجا ونگ ڪيڍي.

(ساٿيھ جي ساک: 23)

- **ساٿ سؤڻ:** ثقافتي طور هلندڙ وهم ۽ وِسوِسا. جن کي ڏک ۽ سک جو ذميوار سمجهيو ويندو آهي.

هوڏانهن سُرندي ساٿ ڪيا ۽ هيڏانهن ها ۾ ها تي وَئي،
ڀهڳڻ جي ڀاڀُور تي ڀهڪي محفل ڇا مان ڇا تي وئي.

(ساٿيھ جي ساک: 76)

- **ساڃهہ:** پرک، سمجهہ، عقل، شعور، سڃاڻ، قدرُ مڃوتي.

هيءَ آهي تاريخ جي تختي جنهن تي اجاگر اکرن ۾،
درج آهي ان دؤر جو حال تہ ساڃهہ هُئي ڇا سيرن ۾.

(ساٿيھ جي ساک: 26)

- **ساڌ:** ايماندار، چور جو ضد، ڀاڳيو.

هاڻ ڏاڙيلن جو وڪرو پيو لکن ۾ تو تئي،
ساڌ جي حق ۾ بہ ڪوئي واڪ لڳٽو آهہ يا نہ؟

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 328)

- **ساڏي:** کولي، توڙي، ظاهر ڪئي، عيان ڪئي.

چُڪِڙي چاڙهي وينو پاڻ پڏائي هر اپراڏي هو،
آکي باهو، حق باهو اج اسان بہ چُپڙي ساڏي هو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 288)

- **ساري ڪرڻ:** مٿيرائي حاصل ڪرڻ، ڳالهہ اڳئي ڪرڻ، فتح حاصل ڪرڻ.

سنڌڙي ڪارڻ سودائي ٿي سر ڏئي ساري ڪرٽي آهہ
سنڌڙيءَ جا سرويچ جيئن شل سنڌڙيءَ جي پت رکٽي آهہ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 83)

- **ساز:** هوندن تہ وڄائڻ وارو ساز پر هتي رس راز لاءِ ڪتب آيو آهي.

راڄ ۾ راڻا پاڻ ۾ راضي سڀ جو هڪڙو راز هيو
سڄ ۾ چنڊ جو ساٿ ائين جيئن هڪڙئي سان ساز هيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 27)

- **ساز سرود:** وڄائڻ وارو ساز ۽ ان جو آواز.

تون ئي سور سهين او سنڌڙي! تون ئي ڏارين ڏاڍين کي،
تون ئي ڏمر درياهن جي، تون ئي جهيڙو ساز سُروُد!

(ڏرتيءَ جا گيت: 73)

- **سازش:** غلط منصوبہ بندي، ڪنهن کي نقصان رسائڻ جي رِٿا.

درٻارين کي سرت نہ پئي سلطان ڪئي ڇا سازش هئي،
مظلومن جي مدد جي جيڪا هن جي دل ۾ خاهش هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 45)

- **سازش پاڻ سنواريو پئي:** اٽڪل بازي پئي تيار ٿي، منصوبہ بندي جڙي رهي هئي.

ڳهٽا پائي بغاوت جا ائين سازش پاڻُ سنواريو پئي،
چڻ تہ طوائف نهي نُڪي ۾ دريءَ مان ڪنهن ڏي نهاريو پئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 164)

- **سازگار:** مفاهمت وارو، سهڪاري، ڏانوَ وٽان، موزون.

دل نہ رهي غم سان سازگار اي دوستو!
ڪيئن بڻجي زندگي خوشگوار اي دوستو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 201)

- **ساک:** اعتماد، ناماچارُ.

سنڌڙي تنهنجي سک جي ساک بلي،
ڦُنندي نيٺ تہ پنهنجي باک، بلي!
(ڌرتيءَ جا گيت: 47)

- **ساک سنئالي:** عزت، شانُ، واڌارو.

تو سان تنهنجي سرويچن جي ساک سنوالي رهڻي آهي،
هڪڙا ويندا ۽ ٻيا ايندا جُوءِ نہ خالي رهڻي آهي.
(ساڻيهہ جي ساک: 92)

- **ساکي:** شاهد، هم خيال.

هن جي محبت جهنگ جي ساکي سڀ ڪنهن کي ميناج ڏِئي،
هن جي جهولي جيجل وانگي سڀ کي ٿي نيپاج ڏِئي.
(ساڻيهہ جي ساک: 25)

- **ساڳيون لهرون ساڳيا لوڏا:** ساڳيون مصيبتون ۽ تڪليفون.

ساوڻ آيو سور ويا تہ ٻہ تنهنجو اهوئي حال رهيو،
ساڳيون لهرون ساڳيا لوڏا ساڳيو سک جو ڪال رهيو.
(ڌرتيءَ جا گيت: 82)

- **سالار:** فوجي جوانُ، جنگي فاتح.

ٻئي پاسي هيو درياخان جو سنڌڙيءَ جو سالار هيو،
اَڙيءَ اُڏيءَ اڙٻنگهہ سدا هر حالت ۾ هالار هيو.
(ڌرتيءَ جا گيت: 157)

- **سالڪ:** اسلام جو دنوي توڙي روحاني ڄاڻو عقلمند، اڪابر.

مالڪ هڪڙيءَ ڪنڌ ۾ وينا هو ماڳهين ڇورا ٻالڪ ٿي،
جن کي ڪلمون پِي نہ اچي تن مسجد موکي سالڪ ٿي.
(ڌرتيءَ جا گيت: 191)

- **سالڪائي:** سالڪن واري، ڄاڻن ماڻهن جي پالنا هيٺ پليل.

ٿي رهين سڀ جي نظر ۾ سالڪائي، مارئي،

هاءِ جيجل مارئي، راڄن جي راڻي مارئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **سالم:** صحيح، خير آفيت سان، سڄين لڳين.

ظلم قائم نہ رهندو نہ ظالم هتي،

۽ نہ غاصب رهي سگهندو سالم هتي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 99)

- **سام:** امانت، مليل سوکڙي، حفاظت ۾ ڏنل ننگ.

ساوڻ جهڙي تنهنجي سام بلي،

صبح کان سهڻي وصل سندي شام بلي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 47)

- **سامت:** ساهہ جي موجودگي، هوش حواس سان.

فقرا هن جون ڏار وَيُون تي سسيون ڏڙن کان لحظي ۾،

ڄاوا ئي چڙ ڪين هئا، وئي سا مت تن مان لحظي ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 50)

- **سامراجي:** سرمائيداريءَ جي چوٽ کان پوءِ هڪ هٿيءَ واري صورتحال.

سامراجين جو جنازو جلد ڪيڏٽو آهہ پنهنجي ملڪ مان،

هر فساديءَ غير جا تختا ڪيو پاڙئون پٽيو بيدار ٿيو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 65)

- **سامئي:** اهو اصل لفظ آهي "ساموئي"، سمن جي صاحبيءَ ۾ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ. ٺٽي ننگر کان ڏيڍ ڪوهہ اتر طرف مڪليءَ ٽڪريءَ جي چيڙي تي هڪ ڳوٺ جتان ڪڍهن درياهہ وهندو هو. نوريءَ ڄام تماچيءَ جي تربت جي جڳهہ ساموئي ننگر.

مڪلي بہ تون منهنجي مياڻي بہ تون،

منهنجي سانگين جي سامئي بہ تون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 79)

- **سامئيڙا:** جوڳي، صوفي، سامي، خداوارا.

ويرم هڪ وينجهار وڏو هو روپا جي تر ۾ رهندو هو.
ساهيئڙن جان ساٿيهن کي ڇاڻ سڄاڻ ڏسيندو هو.
(ساٿيهہ جي ساک: 52)

- **ساميواد:** صوفياڻو نظام، وچئين قسم جو.

سماج واڏي حڪومتن جو رواج جو هاڻ عام آهي،
۽ ساميواد نظام جنهن جو اثر وسيع ۽ تمام آهي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 487)

- **سانباها:** تياريون، هلڻ هارا.

پاسيرا ٿيا پاڇا ليڪن وريا نہ واهي رڻ پٽ جا،
پوين جون ٿيون وايون ولڙيون سانباها ٿيا جي سٽ جا.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 114)

- **سانپ:** سانڀر، ياد، ڄاڻ.

جبل مٿي ڪانب، مون وٽ سورن سانپ،
او ڍولڻ مورو وينِي ڏيان.
(ڌرتيءَ جا گيت: 50)

- **سانپيون:** سمايون، سنڀالي رکون، محفوظ ڪريون.

ساوڻ مينگهہ ملهار الا پنهنجون اکڙيون آرانپيون هوءِ،
اڏمن جا آڙاهہ پلا ڪيئن سيني اندر سانپيون هوءِ.
(ڌرتيءَ جا گيت: 235)

- **سانت:** خاموشي، چپ چپات.

سڳنڌ جنهنجي سانت سان وسي رهي پئي ساهہ ۾
۽ رنگ جنهن جا پانت پانت ۾ ڪِرَن ٿا چاهہ ۾.
(ڌرتيءَ جا گيت: 30)

- **سانجهيءَ جا پاڇا مَنهَن تي:** جيئن تہ سانجهي، ڏينهن جي پڇاڙي آهي. ان ڪري اهو نااميديءَ لاءِ ڪم ايندو آهي.

اتان ڦري جو ڳوٺ ۾ آيس ڳوناٺا هئا جهوريءَ ۾،
سڀ جي منهن تي سانجهيءَ پاڇا سڀ کي سور پلاند الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 110)

- **سانڍي جان جيئڻ:** سانڍي لاءِ مشهور آهي تہ هو رنگ مٽائيندو رهندو آهي.

زندگي تو لاءِ ٿو سانڍي جيان جيئڻو پوي،
زندگي تنهنجي ڪري ڇا ڇا نہ ٿو ڪرڻو پوي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 141)

- **سانگ:** پروگرام، سبب.

تون سهڻيءَ جان سير جو سانگ آهين،
تون مومل جيان ڪاڪ سنواري آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 140)

- **سانگا:** آسرا.

پنهنجي سر جا سانگا لاهي سنڌ سلامت رکنداسين،
هن جي حب ايمان ٿو سمجهان من ساڻ صداقت رکنداسين.

(ساٽيهہ جي ساک: 40)

- **سانگ رچائڻ:** بندوبست ڪرڻ، جتن ڪرڻ، خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ.

وڏڙن قائم ڪيون ڪچهريون جهنگ کي خوب سجايو ويو،
ننڍڙن پاران ماٺهن وانگي هڪڙو سانگ رچايو ويو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 190)

- **ساٽيهہ:** وطن، ڄمڻ جي جاءِ.

جنهن مان پوبان سبق سکن پيا پرکي پيارن جي تاريخ،
مِٽڻي ناهي مور ڪڏهن ساٽيهہ سچارن جي تاريخ.

(ساٽيهہ جي ساک: 26)

- **ساٽيهہ جي ساک:** وطن جو ناماچار، وطن جو نالو، وطن جي پَتِ، وطن

جي نيڪي ۽ واڪاڻ.

سچ ۽ چند جو ساٿ جيئن ايئن هڪ ٻئي سان ساز هيو،
ايڏي هيءَ ساٽيهہ جي ساک جو سنڌ کي پاڻ تي ناز هيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 277)

- **ساٽيهي:** همر وطن، ڏيهي، هڪ ئي ملڪ جو رهاڪو.

اهڙا ساٿي اوس ملن جي ساٽيهيءَ تي ساهہ ڏين،
منهنجي دل جا دوها مون کي ور ورتا ويساهہ ڏين.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **ساهہ سيباٽا:** ساهہ ۾ سمائجي ويل، جيءَ ۾ گهر ڪري ويل.

اڄ نہ سي سانگي هئا جي ساهہ سيباٽا الا،
لوءِ لوتيءَ ۾ رهيا، باقي انڌا ڪاٽا الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 150)

- **ساهہ مٺ ۾:** مڪمل ضابطي هيٺ، خوف واريءَ حالت ۾.

هانوَ تي مگ ٿو ڏري ڪوئي تہ ٻيي چپ ٿا رهون،
ساهہ مٺ ۾ ٿو ڪري ڪوئي تہ ٻيي چپ ٿا رهون.

(ڏرتيءَ جا گيت:142)

- **سائر:** پاڻي، درياهہ.

جيتوڻيڪ هيءَ سنڌ صدين کان دلوراءِ جي ننگري آهہ،
تڏهن بہ هن جا ويري جيئن هيءَ سائر وانگي سيري آهہ.

(ساٽيهہ جي ساک: 54)

- **سائي:** رنگ جي سائي، پوک لائق ٻني، ٻار ڄڻڻ جي سگهہ رکندڙ عورت.

ويا لاهہ لاهن جا نڪري ۽ کوڙن کڏن جي يڪي سر مڏي گار ٿي وئي،
ٻني ٿي ائين جو ڄڻ سنڌ عورت ٿي سائي ۽ ٻارن جي پرمار ٿي وئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 172)

- **سايو:** پاڇو مِهرَ، پائڻ.

هن جي جھولي جيجل وانگي جانب ٿي نيپاج ڏئي،
هن جو سايو ساوڻ جيان ٿو سپ کي ڏيج ۾ ڪاج ڏئي.

(ساٽيھہ جي ساک: 25)

- **سايئہ دار:** ڇانو ڏيندڙ، ڇانو ڪندڙ پاڇو.

تپس ۾ آٽي ٿو تن من جڏهن توهان جو غم،
اوهان جو پيار ڪڪر جيان ٿو سايئہ دار ڪري.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 186)

- **سباٽي:** واهرو، مددگار، ڏکئي وقت جو ساٿي، سهڪاري.

سهٽي بہ تون، منهنجي سورٺ بہ تون،
منهنجي سوڍن جي سباٽي بہ تون.

(ڌرتيءَ جا گيت: 80)

- **سبيل:** زياده، تحفو حصو وَنڊُ.

نياز ياد رک تہ هيءَ سبيل آهہ اصول جي،
انهيءَ ۾ نہ مصلحت جا ڪي فيصلا ڪپن.

(ڌرتيءَ جا گيت: 224)

- **سيري:** سگهن ۾، طاقتورن ۾، مضبوط ماڻهن ۾.

جيتوڻيڪ هيءَ سنڌ صدين کان دلوراءِ جي ننگري آهہ،
تڏهن بہ هن جا وِيرَي جيئن هيءَ سائر وانگي سيري آهہ.

(ساٽيھہ جي ساک: 54)

- **سيرن ۾:** طاقتور، مضبوط.

هيءَ آهي تاريخ جي تختي جنهن تي اجاگر اکرن ۾،
دُرجُ آهي ان دؤر جو حال تہ ساجھہ هئي ڇا سيرن ۾.

(ساٽيھہ جي ساک: 26)

- **سيپيتا:** علم، ادب، مهذب پڻو.

انهيءَ جو مقصد اِهوئي آهي تہ جو بہ انسانُ زندگيءَ ۾،
گهري ترقي خيال پنهنجي سان نئينءَ سيپيتا جي روشنيءَ ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 487)

- **سياءُ:** ورتاءُ، نمونو هلڻ چلڻ، رَوَيو.

تنهنجو سياءُ ٿو منهنجي سجهاءُ ٿئي جي نہ تہ مون وٽ مرڪ ڪٿي؟
تون نهار جي مون تي ڪرين مان روڪيان پنهنجا لڙڪ ڪٿي.

(ساٿيهہ جي ساک: 23)

- **ستم:** ظلم، ڏاڍ، چڙهائي، راتاهو.

پنهنجي ڳالهہ نہ ڇڏبي پل ڪھڙو بہ ستم ايجاد رهي،
انت اسان جي ساري ٿيندي همت زندهہ باد رهي.

(ساٿيهہ جي ساک: 47)

- **ستم جي ڪٽار:** اهو هٿيار جيڪو ظلم ۾ ڪم اچي.

زندگيءَ جا زخم لک تہ بہ گهرڻُن ٿا گهاءُ اجان،
مانُ ٿئي ڇيهو ستم جي ڪٽار اي دوستو!

(ڌرتيءَ جا گيت: 207)

- **ستم رسيل:** ڏکويل، غمگين، مظلوم.

اڇو تہ ان سماج کي جلايون دل جي باهہ سان،
جلي سگهيو نہ آهہ جو ستم رسيل جي آهہ کان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 129)

- **ستم شعار:** جنهن ۾ ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ جي عادت هجي.

ضمير ۽ ذهن کي غلاميءَ جو قيد ڪوئي هجي نہ ڪوئي ڪائي،
ستم گريءَ ۾ ستم شعاريءَ جو حيد هجي نہ ڪوئي ڪائي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 487)

- **ستم طراز:** ظلم ڪندڙ، وحشي.

زمانو آهہ ذهن سان ستم طراز ساٿيو!
حقيقت تي وارجي ويا محاذ ساٿيو!

(ڌرتيءَ جا گيت: 109)

- **ستم ظريف:** ظالم، ڏکوئيندڙ.

اکين لڙڪ تڏهن پيي ٿا مرڪ ساڻ ملون،
ستم ظريف اڳيان ڪا تہ ساحري گهرجي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 183)

- **ستمگار:** ظلم ڪندڙ ستائيندڙ تڪليفون ڏيندڙ.

منهنجي ساٿيهہ ڏنا غير جا پرڪار سوين،
هن ڪي پنهنجن مان بہ مليا ستم گار سوين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 75)

- **ستم گر:** ستم ڪندڙ مصيبتون نازل ڪندڙ.

غربت اي ستم گرو جو عاقبت جي وارڏات،
ٿي ڪري جزا بيان، انقلاب زندهہ باد.

(ڏرتيءَ جا گيت: 223)

- **ستياناس:** پٽڙ پانگ بنائڻ.

آدم ذاد ائين نہ جڳائي جو ڪا اهڙي آس ڪجي،
بي پاڙيءَ جيان پاڻ پکيڙي هئي جي ستياناس ڪجي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **ستي:** حڪيم ڪان مرض واسطي مليل دوا.

انڌن اونڌا ويج اچي ويا دنگيون ڏاري بجڪين ۾،
جنهن ڪي پيي ٿي سُتي ڏنائون اچي ويو ٿي هڏڪين ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 191)

- **سٽ:** جهڙپ، ڌڪ، اثر.

ڍڪيا ساوڪ سارا پٽ بالوُ!
تنهنجا پور ائين جڻ پاري جي سٽ بالو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 55)

- **سٽ سمجهائڻ:** راز کولڻ، تِڪَ ڏَسڻ، صلاح ڏيڻ.

سنڌ نہ پنتي پوٺي آهي، سَوَلي سِٽ سمجهائي ويو،
هرڪنهن سينو سپر ڪيو هو اهڙي رمز

رلائي ويو.

(ساٽيهه جي ساک: 54)

- **سپ سچڙي:** سمونڊ ۾ هيرن ۽ موتين کي جنم ڏيندڙ ٻن پڙن واري سپ رهندي آهي، ان ۾ مينهن جي پاڻيءَ جو ڦڙو وڃي موتي جوڙڻ جو باعث بڻبو آهي.

عمر سڄي جي سڪندا رهن ٿا گئونچن ڪچڙن لاءِ،
اڪثريون جن جون اداس ائين آهن، سچن سچڙن لاءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 188)

- **سپ سنگهي ويو:** نانگ ڏنگي ويو، پيئڻ بلا سنگهي ماري وئي.

سانت ائين ڇڻ سپ سنگهي ويو ساري لوڪ ۽ لشڪر کي،
مُڙدن وانگي ماٺ ڪندي جيئرن بہ وساريو ڏمچر کي.

(ساٽيهه جي ساک: 89)

- **سپنو:** خواب، خيالي ڳالهہ.

منهنجي ريت پريت تڏهن ئي رمز پريا کي رنگ ڪيئي،
سپني توڙي ساپيا ۾ پئي وندر تُنهنجا ونگ ڪيئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 184)

- **سپوت:** سچار، قرباني ڏيندڙ محافظ.

وري ڪڏهن جي قوم سر تي نازل ٿي ڪو وبال رهيو،
اڄ جي سپوتن آڏو ثابت مون وارو ئي حال رهيو.

(ساٽيهه جي ساک: 65)

- **سپيءَ جيان ساٽو:** سپيءَ کي اگر مينهن جو پاڻي نہ ملندو آهي تہ پوءِ ان ۾ ڪوبہ جيءُ نہ هوندو آهي ۽ ساٽي ٿي ويندي آهي.

تون جي نهار نہ مون تي ڪرين هان مان روڪيان پنهنجا لڙڪ ڪٿي
تو بن ساهہ سپيءَ جيان ساٽو ساءُ نہ ڏئي ڪا سرڪ ڪٿي.

(ساٽيهه جي ساک: 23)

- **سجايو ويو:** سينگاريو ويو، ٺاهيو ويو، مقرر ڪيو ويو.

وڏڙن قائم ڪيون ڪچهريون، جهنگ کي خوب سجايو ويو،
ننڍڙن پاران ماڻهن وانگي هڪڙو سانگ رچايو ويو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 190)

- **سج لهي وڃڻ:** وقت جو تعين، عمر جو گذري وڃڻ، پوياڙي، پاڳ جي موٽ.

هاڻ تنهنجو سج لهي ويو، ٿي سهماٽي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي، راڄن جي راڻي مارئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **سُجهاءُ:** خوشي، سلجهاءُ، راضپو.

تنهنجو سياءُ ٿئي منهنجو سُجهاءُ ٿئي جي نہ تہ مون وٽ مرڪ ڪٿي
تون جي نهار تہ مون تي ڪرين مان روڪيان پنهنجا لڙڪ ڪٿي.

(ساڻيهہ جي ساک: 23)

- **سُجهايون:** نعمتون رد ٿيڻ، گهاريون، نااميدي.

ڪجهہ بہ رهڻو نا، تون بہ رهڻي نہ هئينءَ تہ بہ هيءَ احساس تہ گهائي ٿو گهراين ۾،
هيئن سمجهايون ڪيئن ٿيڻ کپنديون هيون سانت پهرئين پهر تنهنجي سرهاين ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 178)

- **سُجهندو:** روشني، سوجهرو، چٽائي.

آءُ انڌيرو تون سجهندو مان اوڳائي تون اجاڻ پرين،
مون کي سوچ ۾ سرت ڏئين ٿو مهر ڪري تون پاڻ پرين.

(ساڻيهہ جي ساک: 23)

- **سجهي:** گوشت جو رڌل ٽڪرو.

ڳوٺ تہ تنهنجو ڪونڙي،
سورن ساڙي ڪيم سجهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **سڄاڻ:** سوجهہ ٻوجهہ وارو ماڻهو چالاڪ، خبرچار رکندڙ.

ويرم هڪ وينجهار وڏو هو روپا جي تر ۾ رهندو هو،
ساميئڙن جيان ساٿيهن کي ڄاڻ سڄاڻ ڏسيندو هو.

(ساٿيهہ جي ساک: 52)

- **سچ جا سانگي:** سچ جا ساٿارو سچ لاءِ واجهائيندڙ.

گڏجي سڏجي راند ڪندا ها، پيچي بنجي ٻارن جيان،
سچ جا سانگي، قرب جا ڪانگي هئا سي ماڪيءَ لارن جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 183)

- **سدِ باب:** ازالو ڪامياب تبديلي، حل.

ٻڌائي ويو هر لحاظ کان انت محنتون برصواب بلڪل،
هو زار شاهيءَ جي ذلتن جو ڪري ويو سدِباب بلڪل.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 41)

- **سدورپ:** پاڳ.

ڪا سدورپ تي ڪپي ساهيءَ پٽڻ جي واسطي،
هن ندورپ جو نبيرو ڪيئن بہ ٽيڙو آهہ يا نہ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 328)

- **سڌ:** آس، سڪ.

جيئن جيئن سانجهي سامهون تيئن تيئن صبح جي سڌ،
راتين ۾ نہ رَجهاءِ، مون کي پار پڄاءِ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 28)

- **سڏارڻ:** هليو وڃڻ، گم ٿي وڃڻ، مري وڃڻ.

راز رمزون ۾ اشارا ويا گذاري ڏينهن ٿيا،
چنچلين جي چلوِلاين کي سِڏائي ڏينهن ٿيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **سڏڙيا:** جن ۾ حاصل ڪرڻ جي خواهش تہ هجي پر عمل نہ هجي، ڳالهين جا ڳهير.

مڪلي تي اڄ ڳوڙها ڳاڙي، مياٽي تي فرياد ڪري،

آهي ڪو جو سنڌڙيءَ کي اڄ سڌڙين کان آزاد ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 83)

- **سڌ ساهڻ:** عرض ڪرڻ، گهرج ٻڌائڻ.

تخت ۽ بخت چنيسر جو ٿئي اصل اهوئي چاهيان اڄ،

تو ۾ آس رکي ٿي تو تي آءٌ اها سَڌَ ساهيان اڄ.

(ساٽيهه جي ساک: 30)

- **سڌير:** تيار، بشاش، تازو توانو، هوش حواس ۾.

هن جي سار نہ جيڪو لهندو ان جو هن کي سهاءُ ڪٿي،

جو پِي ناهہ سڌير انهيءَ کي ڏيندو وقت سجهاءُ ڪٿي.

(ساٽيهه جي ساک: 57)

- **سُڌيريءَ سان:** سوچ ويچار، سڌ سماءُ، سمجهہ سان.

سڀ ڪنهن کي منهن ڏيڻ کپي اڄ پنهنجي مقابل ويريءَ سان،

ليڪن هڪڙي ڳالهہ ضرور ڪٽجي پير سڌيريءَ سان.

(ساٽيهه جي ساک: 53)

- **سَرِ:** صحيح پهي، جئي پئي، ثابت، نِشانبر.

ان جو لشڪر انت کان ٻاهر ڏاڍو ان جو ڏرُ آهي،

پوءِ بہ ان سان لڙڻ گهرو ٿا، اِها دليري سَرِ آهي.

(ساٽيهه جي ساک: 53)

- **سراب:** اڻ ڏٺل، خيالي، عذاب، ڏوڪو رڄ.

رت سان ڏرتي رڱجي ويئي ٿو پيا جسم عذابن ۾،

ڪڪڙن ۾ جڻ پيون تڪبيرون، پٽڪيا روح سرابن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 162)

- **سراڻ:** جنهن تي چاقوءَ ڇُريون تکيون ڪيون ويندِيون آهن.

مٿي ۾ ڦيري من ۾ اُماڙيون جڻ تہ سراڻ تي ڪاتي او منهنجا ڀاتي

مان تہ سينهو پئي ڳايان!

- **سِرت:** سوچ، سمجهه، ڄاڻ، هوش، ساڃهه.

آءٌ انڌيرو، سجهندو، مان اوڳائي تون ڄاڻ پرين،
مون کي سچ ۾ سرت ڏئين ٿو مهر ڪري تون پاڻ پرين.

(ساٽيهه جي ساک: 23)

- **سرتاج:** بادشاهه، جنهن جي مٿي تي تاج پاتل هجي.

مهل ڏنو مون تخت بنا ۽ تاج بنا سرتاج ڏنو
آيل تنهنجي قسمت ۾ مون تاوڻ ۽ تاريخ ڏنو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 157)

- **سِرَ تان آهو ڪٽڻ:** سر سهائڻ، سر جو نه سوچڻ، قربانيءَ لاءِ تيار.

سر تان آهو ڪٽي اظاهر اناالحق جو ڪيم،
نيٺ منصور جيان نروار سردار ٿيس.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 180)

- **سرجڻهار:** سرجيندڙ پيدا ڪندڙ جنميندڙ.

سنڌوديش جي ڌرتي سوني مٿي مٽيادار الا،
هن ڌرتيءَ تان گهور وڃان هيءَ ڌرتي سرجڻهار الا.

(ساٽيهه جي ساک: 25)

- **سر جي بازي:** موت جو فڪر نه ڪرڻ، مرڻ مارائڻ جو طئه ڪري ڇڏڻ.

هلي هِڪا هِڪ ڪرڻي آهي عزم اهو اختيار ڪبو،
سورهيه لائِن سر جي بازي سر ڌڙ ڌارئون ڌار ڪبو.

(ساٽيهه جي ساک: 63)

- **سرحدون:** حدبنديون، حصا پتيون.

عشق دل درياهه ڪئي ته سرحدن جي سرت وئي،
لوڪ لکا ڇاهي؟ اسان لا اُبالي ڙي، هو جهڙيالي ڙي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 26)

- **سرس:** زياده.

چانڊوڪيءَ ۾ ويرَ جيئن لهي چڙهي ٿي چور ٿئي،

دل ٿي چاهي تئين ڪوئي اوري اچي ۽ دوُر ٿئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **سرسرچائڻ:** ڪنهن کي خوش رکڻ، مصروف رکڻ، دل وندرائڻ.

صبح کان توکي پيو اربيلي پنيلايان،

هانوَ تي پاهڻ رکي ٿو تنهنجو سِرُ سرچائيان.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 281)

- **سرشت:** طبيعتي لاڙو، پيدائشي طور.

شريف آهي سرشت انسان جي ۽ انسان عظيم آهي،

وڏاءُ ناهي انهيءَ ۾ ڪوئي نہ فيصلو هي سقيم آهي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 480)

- **سرطان:** ناسور، ڪئنسر.

جيءَ ٿا جلندا رهن لوبانَ جيان تو واسطي،

سور ٿا وڌندا رهن سرطان جيان تو واسطي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 154)

- **سرطان:** بُرج، ياڳ جو ستارو.

عشق جو بُرج اٿئي ڪال جي ڪوٺڙي،

هت نہ سرطان يا عقرب آهي ميان.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 174)

- **سرفراز:** عزت سان، حوصلي سان، مانَ سان.

اچو تہ ڪو ٻِلو ڪريون، بلند حوصلو ڪريون،

جيئون جئين جهان ۾ ٿي سرفراز ساٿيو!

(ڌرتيءَ جا گيت: 109)

- **سرفروشي:** سر قربان ڪرڻ.

رهيا سي عشق جي محضر ۾ سرفروش اسان،

شهيد اسان، غازي اسان متان نہ مڃين.

(ڌرتيءَ جا گيت: 222)

- **سرڪنڊ:** چندن جو ٻوٽو جنهن جي ڪاٺ ۾ خوشبوءِ ٿيندي آهي.

سرڪنڊ جي سرهاڻ جان پکڙيل هن جي هر هنڌ هاڪ هئي،
خوشحالي هئي جام هتي ڪا دل نہ ڪٿي غمناڪ هئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **سرڳ:** بهشت.

اچو تہ ماڻهو ماڻهو پنهنجي اندر مان نروار ڪريون،
جنهن سان ڪئين انسان پائي سرڳ سچو سنسار ڪريون.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 134)

- **سُرندي سات ڪيا:** سرندي ساز ڪي، وڄائڻ لاءِ سينگاري تيار ڪيو ويو.

هوڏانهن سرندي سات ڪيا ۾ هيڏانهن ها ۾ ها ٿي وئي،
ڀهڳڻ جي ٻاٻور تي ڀهڪي محفل ڇا مان ڇا ٿي وئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 74)

- **سرندي ساءُ:** سرندي ساز جو مزو.

گهونگهٽ سيري گهوٽن ڪي اڄ ڏي ڪو گهاءُ تہ رنگ ٿين،
تنهنجي رس ڇڻ بادِ صبا ڪڻ سرندي ساءُ تہ رنگ ٿين.

(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **سرو:** شراب، مٿاهون علائقو جيئن اتر سنڌ.

گهري آشنائيءَ جا موقعا ٿو هرڪو، وفاداريءَ جا انداز آهن،
وچولو، سرو، لاڙ اتر هميشه سڳن پائرن جان هم آواز آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 179)

- **سرواڻ:** سٺو رهبر، لائق رهنما.

دودي گادي سينگاري، اڄ سنڌڙي کي سرواڻ مليو،
جنهن جي دليري دانائي هئي، چوٽ، اهو اڳواڻ مليو.

(ساٽيهہ جي ساک: 40)

- **سرواڻي:** ليڊري، رهبري، رهنمائي چڱ مڙسي.

جنهن جي ساک سچاري سو ئي، سرواڻيءَ جي لائق آهہ،

ٻيهر چونديس دودو ٻيشڪ اڳواٽيءَ جي لائق آهه.
(ساٽيهه جي ساک: 33)

- **سُروپ:** سنو چهرو، خوشيءَ وارو منهن.

تنهنجو روپ سروپ جڏهن ٿو انڊلٺ وارا انگ ڪيڏي،
منهنجي ريت پريت بہ تڏهين رمز پريا ڪي رنگ ڪيڏي.
(ساٽيهه جي ساک: 23)

- **سرويچ:** سر قربان ڪرڻ وارا.

منهنجي ڌرتي، هيءُ سندم ديس دلارن جو وطن،
منهنجي سرويچ سدا، مور سنگهارن جو وطن.
(ڌرتيءَ جا گيت: 75)

- **سرءُ:** اونهاري گذرندي، سياري ٿيڻ کان اڳ واري موسم.

انن جو جهوڪان سرءُ جون سوڪان آءٌ ٿي سوڪهڙي ۾ سڏ ڪان
لڳڙيون جن کي نينهن جون نوڪان، تن گهمڻ چڏيو گلزارن ۾.
(ڌرتيءَ جا گيت: 44)

- **سُري سهنج لاءِ:** سولائيءَ يا آسانيءَ لاءِ اڳتي وڌي.

اديبن جو جلسو شروع آهه هاڻ وجهو ور تہ جلدي هلي جاءِ تاڙيون،
رکي پير پنڊال ۾ جونءَ وانگي سُرِي سهنج ڪو درد جي لاءِ تاڙيون.
(ڌرتيءَ جا گيت: 177)

- **سِسِي:** دڙ جي مٿان موجود سِرُ.

جلادن کي حڪم ٿيو ۽ حڪم ٿيڻ سان لحظي ۾،
فقراهن جون ويون ڏار ٿي سسيون ڌڙن کان لحظي ۾.
(ساٽيهه جي ساک: 50)

- **سعدي:** شيخ سعدي شيرازي، ايران جو هڪ عظيم شاعر.

بگهڙ جو ٻاءُ بگهڙ ئي ٿيندو، سعدي ايئن فرمائي ٿو،
اوڙڪ ڏڻ جو واهي الله، وتايو پڻ وَرِجائي ٿو.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 99)

- **سڦرو:** فائديمند، نفي بخش.

تون ئي گوءِ کٽي وئين آخر تنهنجو سودو سڦرو،
تنهنجو رَند نہ ريتي سگهندو ڪوئي اپرو سپرو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 306)

- **سقراط:** يونان جو فيلسوف، جنهن کي سچ چوڻ تي سزا طور زهر جو پيالو پياريو ويو هو.

تون ئي منصور جو جلاد، سقراط جو قاتل اي زمانا!
تون ئي چنگيز جو حامي ۽ هلاڪوءَ کي تو هاتار بنايو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 130)

- **سقم نصيب:** اُجاڙ خزان جان، بيمار، ڪمزور.

بهار جهڙي آرزو سقم نصيب ٿيو رهي،
بهشت جهڙي زندگي الم نصيب ٿيو رهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 104)

- **سقيم:** کوٽو نُقِص وارو اڌرو غلطيءَ تي مبني.

شريف آهي سرشت انسان جي ۽ انسان عظيم آهي،
وڌاءُ ناهي انهيءَ ۾ ڪوئي، نہ فيصلو هي سقيم آهي.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 480)

- **سڪندر:** اهو بادشاهہ، جنهن سڄيءَ دنيا کي فتح ڪرڻ جو سوچيو هو.

تنهنجي عشق فقير بنائي ڪيو تونگر دنيا ۾،
شعر سندم اَقِليمُ تہ آهيان آءٌ سڪندر دنيا ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **سڪاٽين جو:** پيڙيءَ جو طرف ڦيرائڻ وارو آلو.

پُٽيون هڪڙيون جن پاڙيون تن ماٽيون سک نہ سڪاٽين جو،
سور مڙوئي ساهہ جو ويري ڏارين توڙي ڏياٽن جو.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 99)

- **سگھہ:** طاقت، قوت.

جيڏي واهر ونجهہ ۾، تيڏي منهنجي سگھہ،
لوڏن کي نہ لکاءِ، مون کي پار پڄاءِ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 28)

- **سڳڙو سورڻ:** ڳالهہ چوڻ، موقف ظاهر ڪرڻ، ڪنهن ڪم جي شروعات ڪرڻ.

راڄ هلائي ڪير وجهي ويو هلندي رڳڙو راڄن ۾،
غور نہ ٿئي ڪيئن؟ راڻيءَ جو سوريو سڳڙو راڄن ۾.

(ساڻيهہ جي ساک: 32)

- **سڳنڌ:** خوشبوءِ.

سڳنڌ جنهن جي سانت سان وسي رسي ٿي ساهہ ۾،
۽ رنگ جنهن جا پانت پانت ۾ ڪرن ٿا چاهہ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 30)

- **سلامت:** خوش، سالم، نئون بنئون، سکيو، تحفظ وارو.

هنن آ سنڌڙيءَ جي تهذيب تاريخ زندهہ رهائي، سلامت هجن شل،
نياز آهي ميلن جو شائق گهري ٿو سڀن جي ڀلائي سلامت هجن شل.

(ڏرتيءَ جا گيت: 179)

- **سلجهائي ٿو:** نبيري ٿو، مونجهاري مان ڪڍي ٿو.

ويرم بيشڪ ويرم آهي، راهہ سندي سمجهائي ٿو،
باک جيان هو آهہ ڀلارو، الجهيءَ کي سلجهائي ٿو.

(ساڻيهہ جي ساک: 52)

- **سلطان:** راڄ ڌڻي، مڙاهون، بادشاهہ، اڳواڻ.

پونگر پاڳ ۽ راڄ جو مالڪ، سنڌڙي جو سلطان هيو،
جنهن جي سائي نندي وڏي جو سکن ڀريو گذران هيو.

(ساڻيهہ جي ساک: 27)

- **سليم:** نيڪ ناڪ، سالم.

جنهن جي هئي تهذيب نرالي، صورت جنهن جي سحيم هئي،
جنهن جو تمدن هؤ تونگر، صورت جنهن جي سليم هئي.

(ساٽيھ جي ساک: 26)

- **سما جوادي:** سوشلسٽ نظام، مزدورن هيٺئين طبقي جي مطلق العناني .

اِهو ئي سو انقلاب هو، جنهن سماجوادي حڪومت آندي،
طويل تاريخ ۾ نئين دؤر جي نمودار نوبت آندي.

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 487)

- **سماءُ:** يادگيري، سارسنڀال.

هن جي سار نہ جيڪو لهندو ان جو هن کي سماءُ ڪٿي،
جو پِي ناهہ سڌير انهيءَ کي ڏيندو وقت سمجهاءُ ڪٿي.

(ساٽيھ جي ساک: 57)

- **سمو:** وقت، حالتون، ماحول، منظر.

گهٽي سمي کان جهانَ جو انتظام پنتي پيل هيو ٿي،
بغير مقصد، ذهن ءِ ضمير معاملن ۾ منجهيل هيو ٿي.

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 476)

- **سمهاٽي:** سج لٿي کان ڪلاڪ ڏيڍ بعد واري مهل.

هاءِ تنهنجو سج لهي ويو ٿي سمهاٽي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي، راڄن جي راٽي مارئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **سميجا:** هڪ ذات.

سوهڻڪاڙي سميجا،
موڪل ڪو ماٺهوئڙو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **سنبت:** تياري.

سوريءَ وانگي منظر جاڳيا مند اچي وئي مستيءَ ۾،
فطرت ٿي شاداب ائين ڄڻ عيد جي سنبت وستيءَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **سنجري:** شروع ٿيڻ، ظاهر ٿيڻ، نکار ڪري، آثار پڌائي.

هن ڌرتيءَ جي مرڪ ۾ ماڻڪ جنهن تي مست ملهار ٿين،
هن ڌرتيءَ جي سونهن تي سنجري ساهن جا سينگار ٿين.

(ساٿيهہ جي ساک: 25)

- **سنجها نموني سياهي:** سج لهڻ کان پوءِ جيئن پوءِ تيئن اوندهہ وڌندي رهندي آهي.

نظام ڪهني جي هيءَ حالت اهائي هئي غم نگاهي انهيءَ جي،
ڪڏهن وڌي ٿي، ڪڏهن گهٽي ٿي سنجها نموني سياهي انهيءَ جي.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 479)

- **سنجهو:** سج لٿي ۾ سومهڻيءَ جو وِچُ.

جيئن وسائي خانقاهن جي ڏئي کي واءُ اچي،
جيئن وِجائڻ ڪا ٽِڪُو پاڳين جو سنجهي ساءُ اچي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 150)

- **سَندر:** سهڻي.

تنهنجي دنيا سندر سپنا، منهنجي دنيا اکڙيون اوجاڳيل،
مون وٽ روپ نہ ڪو بهروپ الا!

(ڌرتيءَ جا گيت: 25)

- **سندر سپنا:** خوبصورت خواب.

تنهنجي دنيا سندر سپنا، منهنجي دنيا اکڙيون اوجاڳيل،
مون وٽ روپ نہ ڪو بهروپ الا!

(ڌرتيءَ جا گيت: 25)

- **سنڌوءَ جهرٽا هئي:** سنڌو درياهہ جي تيز وهڪري جهڙي هئي.

ٻاگهي جنهن جو حسن حليم تہ هاني سنڌوءَ جهرٽا هئي،
اکڙيون پرهہ پکيڙ سندس ۾ نگهہ نگهہ چڻ ڪرٽا هئي.

(ساڻيهہ جي ساک: 64)

- **سنڌيا:** ج

سنڌو بہ تون منهنجي سنڌيا بہ تون،
منهنجي مارن جي مارئي بہ تون.

(ڌرتيءَ جا گيت: 79)

- **سنڍ:** بنا جيءَ جي، ٻچي سگهہ بنا، پيداواري صلاحيت ختم.

ويا لاهہ لاهن جا نڪري ۾ ڪوہن ڪٽن جي يڪي سِر مٿي گار ٿي وئي
ٻني ٿي ائين جوڙ ڄڻ سنڍ عورت ٿي سائي ۾ ٻارن جي پرمار ٿي وئي

(ڌرتيءَ جا گيت: 172)

- **سُنگِ خشت:** تراشيل پٿر، سخت پٿر.

هي ميڻ جا مسيح، هي سنگ خِشت جا خدا،
نصيب جا نقيب ۽ بلند و پست جا خدا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 105)

- **سنگهار:** مارو ماڻهو.

منهنجي ڌرتي هي سندم ديس دلارن جو وطن،
منهنجي سرويچ، سدا مور، سنگهارن جو وطن.

(ڌرتيءَ جا گيت: 75)

- **سَنِمڪ:** وفادار، پلائي ڪندڙ سهڪاري.

ماڻهون تنهنجا ڏک سوين پيير هڪڙي ڏک ۾ رهندو آءُ،
نيڪي آخر نيڪي آهي، تنهن سان سنمڪ رهندو آءُ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 135)

- **سنوت ڏيڻ:** سهڪاري تيڻ، سڏي وات ڏيڻ، ساٿ ڏيڻ.

سنوت ڏيڻ ڪا ناهہ سياٽپ، ڪنهن پيي اوني سوني ڪي،
بهتر ٿئي ها جي نہ ملي موقعو اهڙي موڳي ڪي.

(ساڻيهہ جي ساک: 38)

- **سنهاٽي:** هڪ جيڏي، سرتي.

تو ۾ تلسيءَ جون سڳنديون مون سنهاڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي! راڄن جي راڻي مارئي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 146)

- **سنهجيءَ تي:** چڱائيءَ تي، سولائيءَ سان، سهوليت تي.

سڏڙيو بنجي ڪندو مصيبت، نيٺ ته ساريءَ سنڏڙيءَ تي،
ڇاٻه ڪريو هيءُ رهڻو ناهي، ڪڏهن ٻه ڪنهن جي سنهجيءَ تي.

(ساڻيهه جي ساک: 35)

- **سُنهُن:** قَسَمُ، ساکَ.

تنهنجي مٽيءَ جو سُنهُن ته ڌرتي اسان جي،
اسان جي ئي جذبن سان جئندي ئي رهندي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 146)

- **سٽائو:** سولو.

ننگر پاڻ ٻه وار ڪيو، پر پنيان جو وار اٽائو هو،
هي منهن ڏيئي نه سگهيو، هڪدم جو سگهه ۾ ڪين سٽائو هو.

(ساڻيهه جي ساک: 62)

- **سٽائو واءُ ورڻ:** ترندڙ ٻيڙي کي سامهون وارو واءُ اٽائي ۽ پنيان وارو سٽائو هوندو آهي، جيڪو سهوليت ۽ ڏکيائيءَ جي لحاظ کان سٽائو ۽ اٽائو ڪتب اچي ٿو.

وري وري ڪو واءُ سٽائو مٽيءَ کي جيئن ماڻُ ملي،
سنڌڙي آهي اوسيئڙي ۾ من ڪو درياخان ملي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 82)

- **سوائي:** اصل مقدار کان ٿورو وڌيڪ.

تنهنجي سونهن وائي جيئن جيئن تيئن تيئن نينهن نهال سندوم،
تنهنجي غم جي گهرائيءَ کان گهرو ڪين ڪمال سندوم.

(ساڻيهه جي ساک: 23)

- **سوپارو:** سوڀ ماڻيندڙ فتح ياب.

سچ ۽ سونهن جي ساک رکي ٿو هنيُون نہ هاريئي موٽ ڏئي،
آخر آئين سوڀارو ٿي، چوٽيارين کي چوٽ ڏئي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 124)

- **سودائي:** وهمي، اجايو ڳڻتي ڪندڙ بيوس، اونو رکندڙ.

سنڌڙيءَ ڪارڻ سودائي ٿي سر ڏئي ساري ڪرٽي آهہ،
سنڌڙيءَ جا سرويچ جيئن شل سنڌڙيءَ جي پت رکٽي آهہ.
(ڏرتيءَ جا گيت: 83)

- **سودو زيان:** نفعي ۽ نقصان وارو نظام.

نئون نظام اڏيو هي جهان بدلايو،
غريب ۽ امير جو سودو زيان بدلايو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 68)

- **سوڍا:** بهادرن جي ذات، راڻي ميندري جي ذات.

سهڻي بہ تون، منهنجي سورٺ بہ تون،
منهنجي سوڍن جي ساڻي بہ تون.
(ڏرتيءَ جا گيت: 80)

- **سورةُ الرحمَانُ:** قرآن پاڪ جي صورت، جنهن ۾ خداءِ تعاليٰ سندس نعمتن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انسانن جي بي شڪري ٻڌائي آهي.

صبح ڪنيون ڪرُ ڪَي ڪَيڏي سج ڏرتي تي سبحانُ بَلي،
اهڙو منظر جنهن تي شاهد سورة "الرحمان" بلي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 139)

- **سور سيڪاٽيو:** تمام گهڻو اثرانداز ٿيو بي حس ڪري ڇڏيو ٽڏو ڪري ڇڏيو.

سور سيڪاٽيو پڪو اکڙين جو پاڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي، راڄن جي راڻي مارئي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 151)

- **سورن وانگي سوگهيون واڳان:** اٿن جون مهارون ايتريون مضبوط جيترا سور، نہ ڇڄڻ جهڙيون.

اٿن جون واڳان سنهڙيون واڳيان سورن وانگي سوگهيون واڳان،
آءُ ٿي روئي راتيون جاڳان ويا ويل وهي ويچارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **سورهيائي:** بهادري.

دانائيءَ جي ديد تہ هرڪم دانائيءَ سان ڪيو وڃي،
ان جي آهر فتنو فيصل سورهيائيءَ سان ڪيو وڃي.

(ساٽيهہ جي ساک: 52)

- **سوريءَ ساٽ سياڳ ويو:** ياڳ ساٽ ڏيڻ ڇڏي ڏنو.

ڪارنهن ڪئي چنڊال چنيسر، پيلي ياڳ نياڳ ويو،
اوٽ پوي شل توتي علاول سوريءَ ساٽ سياڳ ويو.

(ساٽيهہ جي ساک: 71)

- **سوز و ساز:** دل کي وڻندڙ ماحول، وِرُونهن وندر لاءِ سازن جي محفل ٻڌڻ.

پوي ٿي ماڪ تہ تائلن جيان گل سڙن ٿا اڄ،
اڇي نہ راس ٿو ڪوئي پيي سوز و ساز ساٿيو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 107)

- **سوغات:** سوکڙي، تحفو.

سانوڻ جي برسات الا هيءَ ڪاري ڪاري رات،
سور سليم سوغات الاهيءَ ڪاري ڪاري رات.

(ڏرتيءَ جا گيت: 25)

- **سوکم:** فائديمند، سٺو.

تنهنجو غارت تي گذارو توکي سوکم تي اهو سُودُ رهيو آهہ،
دين کان دُور تڏهن پيي ٿو سڏين پاڻ کي ديندار زمانا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **سوڳنڌ:** قسم، ساک.

اسان مرڻ جا ڪينڪي آهيون، پلي ڪريو سَوَ قند ڪٺي،
”مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“ هوشوءَ جو سوڳند ڪٺي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 83)

- **سوڳوار:** ڏکويل، غمگين.

هي رات دردمند ڇو، هي وقت غم شعار ڇو،
هي لال ڪنوار ڪائنات هاءِ سوڳوار ڇو؟

(ڏرتيءَ جا گيت: 104)

- **سوڪان (سوڪون):** خشڪ سالي، پن ڇڻ

انن جون جهوڪان سرءُ جون سوڪان آءٌ تي سوڪهڙي ۾ سڏڪان،
لڳڙيون جن کي نينهن جون نوڪان، تن گهمڻ ڇڏيا گلزارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 141)

- **سوڪهڙا:** خشڪ سالي، پاٽيءَ جي اٽاٽ.

انن جون جهوڪان سرءُ جون سوڪان آءٌ تي سوڪهڙي ۾ سڏڪان،
لڳڙيون جن کي نينهن جون نوڪان، تن گهمڻ ڇڏيو گلزارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 141)

- **سومل:** مومل جي اُها ڀيڻ جيڪا ساڻس ستل ڏسي راڻو رسي هليو ويو هو.

منهنجي مومل بہ تون، منهنجي سومل بہ تون،
منهنجي راڄن جي راڻي بہ تون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 80)

- **سؤنپڻ:** ذميواري ڏيڻ، وقف ڪري ڇڏڻ، بلي ڪري ڇڏڻ.

ڪي سڪايل تي سِري تو لاءِ سؤنپيندا ويا،
ڪي پراهان ئي ۾ پنهنجو جيءُ جهوريندا ويا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 151)

- **سهٽا ٿوهہ پٽن تي:** ظاهري ڏيک ويک پر اثر غلط وارا، ڪنهن بہ ڪم جا ناهن.

سهڻا تنهنجي پٽن تي اي ڍاٽيئڙا، ولهي آهيان وطن ۾،
هيلوڪو وري آ!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 62)

- **سون ورني:** سون جي رنگ تي مائل، سونهري.

ڪين ٿي مايوس او منهنجي مٽياٽي مارئي،
سون ورني ۾ ڏنارن جي ڏياٽي مارئي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 240)

- **سونهري:** سون جي رنگ تي مائل، پر هتي ڳوٺ جو نالو.

ڳوٺ تہ تنهن جو سونهري،
اِجها ٿي نيري ٽيپهري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **سونهري:** سنڌ جي مشهور ڍنڍن مان هڪڙي ڍنڍ.

هيج ڪري ايئن نڪرن جيڏيون المست ٿي تنهنجي جهُونگر ۾،
چڻ تہ ستارا سونهريءَ تي، چڻ ڪنول قطارون ڪينجهر ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 87)

- **سونهون:** رهبر، واقف، راهہ ڏيکاريندڙ.

جبل هئي دونهون، آءٌ نہ ڪنهن جو سونهون،
او ڍلڻ مورو ويٺي ڏيانءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 50)

- **سَوِٽا ٽقڻ:** مانيءَ پچائڻ لاءِ اٽي جون ڳوهيل چاٽيون ٽقڻ.

هڪڙي ويٺي سَوِٽا ٽقي، ٻي پئي ڇيٽا پور ڪري،
ماٺهونءَ کي پيو ماٺهون کائي، ڪم نہ اهو ڪو ڍور ڪري.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 99)

- **سوهڻڪا:** سهڻا، وڻندڙ.

سوهڻڪا ڙي سميجا،

موڪل ڪو ماٺهوئڙوا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **سِهڻ:** سعيي سان، ناهي ٺُڪي.

انن سنواريون، سِهڻ سان قطارون، مارن مون ڪي لوڪ ميارون،
اکڙيون منهنجون شرم جون ماريون، من کو ماڻُ ڪري موچارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **سهاڳ:** وارث، مالڪ، مڙس، گهوٽ.

رڙيون ڪيون، روپاه رنو اوءِ سنڌڙي توءِ سهاڳ ويو،
ڪارنهن ڪئي چنڊال چنيسر پيلي باک نياڳ ويو.

(ساٽيهہ جي ساک: 71)

- **سهاڳڻ:** پرڻيل عورت.

ميندي لائي لوڏ ڪري جو هلي سهاڳڻ ڀاڳهي،
لهرن لک لباس وساريا واءَ چڏيا وڻ ڀاڳهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **سهڙيا:** اچي گڏ ٿيا، جمع ٿيا.

وقت ورائي جڻ کو پاسو ڦوڪيو ساهہ فضائن ۾،
چوڻ ڦري نروار ائين ٿي، جڻ سهڙيا ڪنگ تلائن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **سهسايو:** برداشت ڪيو، سِرتي وسايو.

ننگر وياءُ چنيسر جي وجي رسيو علاول جي در تي،
جيڪي ٿيڻو هوندو ٿيندو سهسايو هن سپ سر تي.

(ساٽيهہ جي ساک: 58)

- **سهنج:** سَوَلايون.

مندن ور ور ويس مٽائي سوڪهڙي ۾ سُهنج ڪيا،
مارن منجَهہ مَڻي بہ نہ ڪڏهين ڏور اٽاوا اهنج ڪيا.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 98)

- **سِھو:** طريقو، آسرو، حصول.

ھي گرم لڙڪ ٿڌا ساھ پنھنجي موڙي پئي،
سڙي ٿي دل تہ ٺرڻ جو سِھو ٻُڌائن ٿا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 211)

- **سھيڙي:** جمع ڪري، گڏائي، سانڍي.

ٿئي پياسي ھو الا سھيڙي سور ساھ سان،
ھلو تہ ڪا ھلان ڪريو ٿي بي نياز ساٿيو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 109)

- **سئنا:** فوج.

ڪونڌر ڪڙ ويون ڪندا ويا ئي سئنا مان ايئن سير ڪري،
گرڙ پکي جيئن ارڏائيءَ مان اڏري واءَ ۾ چير ڪري.

(ساٿيھ جي ساک: 69)

- **سئونسو:** وھم، وِسوِسو.

ٻالھ اوھان جي تڙپ اسان جي دل ۾ سئونسو توبھ جو،
جڻ تہ ستارو، جڻ تہ منارو، جڻ تہ گذارو بيوھ جو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 285)

- **سئين:** صدا، آواز، گھُرَ.

تنھنجي گيتن کي سنگيت ڏيندو رھان،
تنھنجو چارڻ ٿي ھيئن سئين ھڻندو رھان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 100)

- **سياپو:** لاڳاپو، نسبت.

قربُ اوھان جو موھ اسان جو خطرو لوڪ تماشي جو،
جڻ تہ ھندورا، جڻ ڪي چورا جڻ تہ سياپو لاشي جو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 285)

- **سياڻپ:** عقلمندي، صحيح پرھي.

سنوت ڏيڻ ڪا ناهہ سياڻپ، ڪنهن پيِ اوڻي سوڻي ڪي،
بهتر ٿئي ها جي نہ ملي ها وارو اهڙي موڳي ڪي.
(ساٽيهہ جي ساڪ: 38)

- **سيبتائي:** عقلمندي، سليقو ڏانءُ.

هيڪڙائيءَ ڪان نہ ٻاهر، هرڪو هاءِ هُوءِ ۾،
سيبتائي هئي سلامت شڪل ۾ چا خوءِ ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **سِيرَ ڪندي:** تيزيءَ سان سڌو سئون

ڪونڌر ڪڙيون ڪندا ويا ٿي سئنا مان ايئن سِيرَ ڪري،
گرڙ پکيءَ جيئن ارڏائيءَ مان اڏري واءِ ۾ چير ڪري.
(ساٽيهہ جي ساڪ: 68)

- **سيرِي:** مفت ملندڙ شيءِ.

تو وٽ پهتو چورن بدران ساڌن پنيان پيري ٿي،
توکي چاڙهي آيو آهي، سنڌ نہ ٿي ڄڻ سيري ٿي.
(ساٽيهہ جي ساڪ: 59)

- **سيڙهہ جو ڪنڊو گهر ۾ سانڍي:** اهو ان مم تي مبني آهي تہ اگر ڪنهن جي گهر ۾ سيڙهہ جو ڪنڊو هوندو آهي، ان ۾ جهيڙو ئي جهيڙو رهندو.

سيڙهہ جو ڪنڊو گهر ۾ سانڍي ٻولَ نہ ٻوليون سانتين جون،
ذات ڪپي هڪ ڪپي نہ يار نياز ڪُڏاتيون پانتين جون.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **سيڪ آيل وڻ:** ڪلراٺي ۽ سم واري زمين ۾ پوکيل وڻ کي زهريلي پاڻيءَ جو جيڪو پسلو اندران اندران زمين مان مٿي چڙهي اچي لڳندو آهي تہ وڻ خودبخود سُڪي ويندو آهي.

سيڪ آيل وڻ جي مکڙي ڄڻ ڪوماڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي راڄن جي راڻي مارئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 155)

- **سينا ساهڻ:** سامهون ٿيڻ، جهيڙو اٿڪائڻ، ڏاڍائي ڏيکارڻ.

کام اندر ۾ چپ تي سوٽي حال جنين جا هئڙا،
ڏاڍ ڏٽي سي توسان ويهي سينا ساهن کهڙا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 48)

- **سينڌ:** عورتون مٿي جي وارن کي هڪ جيترن ٻن حصن ۾ ورهائينديون آهن. ان ۾ ورهاست جي ڪري جيڪا وچان لڪير نهندي آهي ان کي "سينڌ" چئبو آهي، اها سندن لڄ ۽ قسم کڻڻ جهڙي شيءِ ﺑﻪ هوندي آهي.

تنهنجي ساهيڙين چڏي ميندي سا وري ڏينهن ٿيا،
سينڌ تان سنڌر پاڳين کي اتارئي ڏينهن ٿيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 155)

- **سينڌ ڏيڻ:** وچن يا واعدو ڪرڻ. جيئن مرد ڏاڙهيءَ تي هٿ رکي ڪندا آهن، عورتون تيئن سينڌ تي هٿ رکي ڪنديون آهن.

سينڌ ڏنئيءَ جا ساهڙ کي تنهن سينڌ جا ڪيئي سينگار ٿين،
سهٽيءَ وانگي سير تي سوار ٿي آءُ ته ٻيڙا پار ٿين.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 233)

- **سينو سپر ڪرڻ:** بهادريءَ سان منهن ڏيڻ، ڄمي وڙهڻ.

سنڌ نہ پنتي ٻوٽي آهي، سولي سٽ سمجهائي ويو،
هرڪنهن سينو سپر ڪيو هو اهڙي رمز رلائي ويو.

(ساٽيهہ جي ساک: 54)

# ش

- **شاداب:** خوشيءَ ۾، سرهائيءَ ۾، مزي ۾.

مهريءَ وانگي منظر جاڳيا مند اچي وئي مستيءَ ۾،
فطرت ئي شاداب ائين جڻ عيد جي سنبت وستيءَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **شامت:** مصيبت ۾، سزا ۾.

دل ۾ چيائين ڪو چا جاڻي آءُ چو آيس شامت ۾،
پوءِ ڪري منهن ٻاگهيءَ ڏي ۽ ان کي چيائين چاهت ۾.

(ساڻيهہ جي ساک: 69)

- **شامتِ اعمال:** ڪئي جو ڪيتو لوڙڻ، عملن جي سزا ڀوڳڻ، جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي.

غلام گردش دؤران اسان اوهان ٻئي اچ،
شڪار شامتِ اعمال تي ڪري پئي اچ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 185)

- **شاميانو:** پنڊال، تنبو ڪپڙي جي ڪوٺي، مٿان ڇت تي ڪپڙو لڳايل.

وڏي شاميانې اندر ناچ گاني جي تنتار، جهنڪار اندر سيا جان،
اٿيون پوپريون، بربلين جيان ۽ نچنديون رهيون مست المست بنجي صبا جان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 177)

- **شاهہ شجاع:** مغل بادشاهہ جنهن 1834ع ۾ سنڌ تي ڪاهہ ڪئي.

بگهڙ تہ ڪنهن سان ٻيلهہ نہ ٻيلي،
شاهہ شجاع شڪارپور پيلي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 91)

- **شاهينگ:** شاطر، دغاباز، تاڙيندڙ پرائي جهيڙي جو حصو بنجندڙ.

هوريان ڪڻ تون پير او پياري! ڌرتيءَ جي دل ڌڙڪي ٿي،

چوڏاري شاهينگ چِتا، اڄ اک اک ڄڻ رُڪُ رَڙڪي ٿي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 287)

- **شائق:** شوق رکندڙ، چاهيندڙ، عاشق.

هنن آهه سنڌڙيءَ جي تهذيب تاريخ زنده رهائي، سلامت هجن شل،
نياز آهي ميلن جو شائق، گهري ٿو سين جي پلائي، سلامت هجن شل.
(ڏرتيءَ جا گيت: 179)

- **شِتاب:** تيز، تکو، جنگ.

ارغونن ڪاڏي شڪست، هو اهڙا خوار خراب ٿيا،
پيهر هن ملڪ تي ڪاهڻ لئہ نہ تيار نہ شتاب ٿيا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 161)

- **شُجاعتون:** ڪامرانيون، بهادريون، ڏَيا.

اهوئي انداز عمل ۾ ايندي، حقيقتن کي جنم ڏئي ويو،
اهوئي اعجاز فڪر بنجي، شجاعتن کي جنم ڏئي ويو.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 486)

- **شحيم:** عالم آشڪار، پري پري تائين پکڙيل، ملڪان ملڪ مشهور.

جنهن جي هئي تهذيب نرالي، شهرت جنهن جي شحيم هئي،
جنهن جو تمدن هئو تونگر، صورت جنهن جي سليم هئي.
(ساٽيهہ جي ساک: 26)

- **شداد:** ظالم بادشاهہ

صحرائن جو سينو شدادن جي ظلم جو مسڪن آهي،
امن جي وستي ويران آهي، جنگ جو گهر گلشن آهي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 291)

- **شدتون:** زور، زبرو، تيزيءَ سان، سَقمو دباءَ جو زور.

قيادتون سڀ قديم، جن ۾ نہ هو ڪو تاثير مُدتن کان،
اٿي ۽ ايري، وڏيا ٿي جڳ ۾ فتور هر وقت شدتن کان.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 477)

- **شرم جون ماريون:** جهٽ پٽ شرمسار ٿي پوندڙ.

اٺن سنواريون سهه سين قطارون مارن مون کي لوڪ ميارون،
اڪڙيون پنهنجون شرم جون ماريون من کو ماڻ ڪري موچارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **شرنايِن:** دهلن سان گڏ وڄندڙ ساز. جيڪو ڦوڪ سان وڄايو ويندو آهي.

تانَ ۾ تان ملائي هر در شرنايِن ڪٺي ڏاڍ ڪئي،
اڏمن دل ۾ ڏوڙيا لائي واڇوڙن جيان واڏ ڪئي.

(ساٿيهه جي ساک: 69)

- **شطرنج:** راند جو قسم.

چيائون اسين خاندان آهيون. ليڪن اسان کي وڏو پيٽ جي ڪوٺ ماري،
هٺون ٿا ائين داءُ شطرنج مٿان چڙ انڌو ٿو سڄي جي، لِڪي ڳوٺ ماري

(ڏرتيءَ جا گيت: 178)

- **شطنيت:** شيطان جي ڪيل ڪاروائي، شيطاني عمل، شيطانيت.

ڪري نہ ڪوئي بہ جهنم هيءَ زندگي جنت جي آسري ۾،
هجي نہ ڪائي شطنيت ۾ محذت دخيل ڪنهن جي بہ مامري ۾.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 484)

- **شعار:** دستور، رويو، عمل جو قسم.

ارادو لڱاين جو، ڀهانو چڱاين جو،
گهٽن جو نياز اڄ ڪلهہ اهوئي شعار آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 208)

- **شقاوت:** بدبختي، نياڳ.

فسادِ زر جو، شقاوت جو شاهہ بدلايو،
دغا، دروغ جو هر داستان بدلايو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 68)

- **شمشان:** باهہ، ٻارڻ.

وستي وستي وِرُونهن کان خالي، شهر مڙئي شمشان هئا،
فصلن ۾ ٿي فاقا اپريا، وڻج سيئي ويران هئا.

- **شودائين:** حرام پائين، ٺڪون سِڪُونِ، منصوبہ بنديون.

جنهن جي شودائين ۾ شامل شينهن جا تيرهن تال هئا،
شينهن بگهڙ ۾ فرق نہ ڪوئي ساڳيا ڪڪر م ڪال هئا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 195)

- **شهامت:** بهادري.

محافظ جي تاريخ تهذيب جا، جي وڏائي رکن ٿا وجاهت وطن جي،
ادب، علم، حڪمت جا روشن صحيفا، هنن ڪان ئي آهي شهامت وطن جي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 172)

- **شهر مسافر:** ملڪ بدر، دربدر، ملڪ نيڪالي ڏنل.

ڇام ڪيو هو جنهن کي ڏمرجي شهر مسافر دريا خان،
پنهنجي اڪيلي سر تي جيڪو پاڻ هو لشڪر دريا خان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 162)

- **شهريار:** شهر جا گهڻ گهرا، شهر جي سونهن بنيل ماڻهو.

حسين ماهتاب جيان، عجيب مهر وانگ ٿيون،
زمين جي گلن جيان دلين جا شهريار ٿيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 104)

- **شهزور:** وڏي طاقتوارو، زوراوَرُ.

ٻار ٻڍي کان وندر ويئي، هرڪو آيو هورن ۾،
ڪمزورن جون دليون ٿي ڏڙڪيون، زور هيا شهزورن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 47)

- **شهمير:** وڏ گهراڻو ڇگهڙ ۾ ڳٽجندڙ ميرن ۾ مٿاهون.

صدين کان پوءِ آئي سجاڳي، جاڳي اٿيا شهمير مڙئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 46)

- **شَهَوَنگُ:** ڪوهہ جي تري ۾ ڪاٺ جو نهيل گول ڇڪرو وجهبو آهي.
جنهن کي ڇَڪُ بہ چئبو آهي ۽ شهونگ بہ چئبو آهي.

دبجي وئي دل آهن ۾ جڻ ڪوهہ اندر شهونگ،
واهون واڳونءَ وات الا، ڪاري ڪاري رات!

(ڏرتيءَ جا گيت: 40)

# ص

• **صادق:** اثر قبوليندڙ، صدق رکندڙ، چاهيندڙ، سچو.

آءٌ تہ توکي سڀ سمجهايان کنهن جو آهيان عاشق مان،
کنهن جي وفا جو وارث مان ۽ کنهن سان آهيان صادق مان.

(ساڻيهہ جي ساک: 24)

• **صبا:** صبح جي وڻندڙ هوا.

صبا جي رقص ۽ گلن جي رعناين جو اظهار ٿا ڪريون اڄ،
خزان جي خطري ۽ شام جي غم کي مات، مسمار ٿا ڪريون اڄ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 159)

• **صحرا:** رڻ پٽ، بر بيابان.

صحرائن جو سينو شدادن جي ظالمن جو مسڪن آهي،
امن جي وستي ويران آهي، جنگين جو گهر گلشن آهي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 291)

• **صحن:** آڳنڌ، اڱڻ، ايوان، ٿلهو.

ڪتابن جي دل ۾ اهو نور آهي جتان علم جو صحن روشن ٿئي ٿو،
ملي حسنِ يوسف ٿو انسانيت کي، حياتيءَ جو ايوان گلشن ٿئي ٿو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 171)

• **صحيفا:** داستان، ذڪر اذڪار، ڪتاب.

محافظ هي تاريخ تهذيب جا جي وڏائي رهن ٿا وجاهت وطن جي،
ادب، علم، حڪمت جا روشن صحيفا هنن کان ئي آهي سهاوت وطن جي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 172)

• **صداقت:** سچائي، خلوص.

ڪتابن جو سينو سبق سان ڀريل جلوه گر جن ۾ هردم هدايت رهي ٿي،
قلم جي ڪيا ڪارناما، انهن ۾ محبت جي مخفي صداقت رهي ٿي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 165)

- **صدق:** سچائي، تصديق، چاهہ، بنيادي اصولن واري.

انهيءَ جي گفتار گونجي ٿي صدق وارين سياستن ۾،
انهيءَ جي للڪار اڄ بہ ٻڌجي ٿي انقلاب بغاوتن ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 482)

- **صراب:** تضاد، واڌو گهاٽو تبديلي.

حمايت ان جي جتي بہ پهتي اُتي نئون انقلاب اسريو،
جڏهن بہ نئون انقلاب اسريو تہ قوتن جو صراب اسريو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 490)

- **صرفو:** صرف ڪرڻ، قرباني، ڪم آڻڻ.

عشق ۾ ڪيئي چڪر آهن صرف تہ سر جو صرفو ناهہ،
يار نياز تو ڇا ٿي سمجهيو عشق ڪرڻ ڪو چرچو ناهہ.

(ڌرتيءَ جا گيت: 228)

- **صعبتن ڪان:** جُنِبِڻ ڪان، بي داد ڪان، بي مزگيءَ ڪان.

شعور بي ڪيف روح بي چين زماني ۾ زحمتن ڪان،
سڪون نابود، صبر بي سود، غم هو موجود صعبتن ڪان.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 479)

- **صفون صفن ۾:** قطارون قطارن ڏانهن.

جوڌا جوان ٽيا نروار ۽ ڪرڳل ڪارونپار ڪيا،
صفون صفن ڏي ڏوڪي آيون ڌوڙين انڌوڪار ڪيا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 162)

- **صلو:** نيت جو قَلُ، ڪرٽيءَ جي پرٽي.

آدم بوءِ چئي هرڪو وينو ثابت پنهنجو صلو ڪري،
آهي ڪو جو سچ لئي ڪان پوءِ اٿي ۽ ڪو بلو ڪري.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 286)

- **صليب:** ڦاسي، سوري، دار.

روز ٿو صليب تي ٿئي رقص مسيح جو،
روز مات ڪوڙ ٿو سچ جي هٿان ڪري.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 490)

- **صنعان:** فارسي علائقي جو شاهوڪار مسلمان جيڪو عيسائڻ مائيءَ تي عاشق ٿي پيو. ان ڪري ان جي سوئرن جو ڌڻ چاريندو هو.

ماڻهو آهه نصوحو پيو تہ اهو ٿو صنعان ٿئي،
ان ڪان وڌ سو آهي جو ماڻهو مان انسان ٿئي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 133)

- **صوتي:** آوازن جي بنياد تي لفظن جا اُچار.

هيءَ ٽيليويزن آهہ ريڊئي جو نئون روپ صوتي ۽ عڪسي اشارن جو مرڪز،
ٿئي هر ولايت جو ٿو مئير هن ۾ هي آهي هزارن نظارن جو مرڪز.

(ڌرتيءَ جا گيت: 173)

- **صيد:** شڪار ٿيل، اثر انداز ٿيل، قيدي بنيل.

ضمير ۽ ذهن جي غلاميءَ جو قيد ڪوئي هجي نہ ڪاٿي،
ستمگر ۽ ستم شعاريءَ جو صيد ڪوئي هجي نہ ڪاٿي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 487)

# ض

• **ضمير فروش:** ضمير وڪڻندڙ بي ضمير.

ريب رزالت روا رکي ٿو مرون جيان مردار ٿئي،
انت ضمير فروشيءَ سان گڏ قوم سندو غدار ٿئي.

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 41)

• **ضيا:** روشني.

رهيو نہ ماضيءَ جو رنج ڪو حال جي بہ حسرت بدلجي ويئي،
مِٽي ويو اَنڌُ، ڏنڌُ سارو ضيا ۾ ظلمت بدلجي ويئي.

(**دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت:** 481)

# ط

- **طاري:** ڇانيل، حاوي ٿيل، وڪوڙي ويل.

ان ۾ الاجي ڇا هو جو جنهن ڪان هِن جو ڦِرڪو ڦرڻ لڳو
طاري ٿي وئي هن تي هيبت ڪانئر وانگي ڪنبڻ لڳو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 89)

- **طاق لڳي ويا:** حال ڪان بي حال ٿي وڃڻ، تپرس ۾ پئجي وڃڻ، سُنُ ٿي وڃڻ.

ڪيئن ٿو پائيئين جنگ اسان جي طاق لڳي ويا تنهنجن جا،
باقي ڪين بچيو ڪو هڪ ارڪان ڏٺا تو پنهنجن جا.

(ساٿيهہ جي ساک: 72)

- **طرحداري:** سڏا سنوان، ربط سان، ترتيب سان.

سمهيل ڇڻ تہ ساحل جي سيني تي خوش دل جوانيءَ جي چوڏس جي چانڊاڻ آهي،
طرحدار چشما، مزيدار گلشن، حياتي هتي پنهنجو مٽ پاڻ آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 168)

- **طرح ۽ طور:** نموني ۽ طريقي سميت.

تباهين جو طويل سيلاب طرح ۽ طور ختم ٿي ويو،
خيال هو خود پرست ۽ خود غرض جو هر غور ختم ٿي ويو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 490)

- **طُفيل:** معرفت، هٿ سان، مدد سان.

جنهن جي طفيل پروڙي آهيم مام وطن جي محبت جي،
هاڻ تہ مون وٽ تعبيداري آهي ان جي طريقت جي.

(ساٿيهہ جي ساک: 24)

- **طلسمات:** عجوبا، ڊراما خيزي، تجسس ڏياريندڙ.

ڪنهن شهيد محبت جي مضافات ۾ آهن،
بي ڪيف خيالن جي طلسمات ۾ آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 120)

- **طلوع:** ظاهر ٿيڻ، ايرڻ.

هن زمين جي جبين تي ٿيڻ لڳا طلوع،
پنهنجي ياڳ جا نيشان، انقلاب زنده باد.

(ڏرتيءَ جا گيت: 223)

- **طوائف:** بدچلن عورت، رنڊي.

گهٽا ڀائي، ائين بغاوت جا ۾ سازش ائين سنواريئون پئي،
جڻ تہ طوائف نهي نڪي ۾ دريءَ مان ڪنهن ڏانهن نهاريو پئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 184)

- **طور:** طريقو، وڙ، اصول، ڍانءُ.

ان سان جنگ ڪيائين جو هر حالت ۾ زور هيو،
آءُ مران پل وطن بچي شل، اِهوئي هن جي طور هيو.

(ساٿيه جي ساک: 53)

- **طويل:** ڊگهو، ڊگها، ڊگهي، ڊگهيون.

هي مختصر هي عارضي ڪارساز ڪجهہ نہ آهہ،
عظيم جدوجهد ۾ طويل سلسلا ڪپن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 224)

- **طويل تاريخ:** لمبي تاريخ، پراڻي تاريخ، تاريخي سلسلا.

هو زنده جاويد آهي جڳ ۾ مسلم آهي حيثيت انهيءَ جي،
طويل تاريخ جي صفحن تي مثالي آهہ شخصيت انهيءَ جي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 482)

# ظ

- **ظرف:** عزت، مانُ، ضمير.

جيڪڏهن نہ تہ قوم وٽ هر حرف جو آهي جواب،
جو اوهان جو ظرف، تهڙي ظرف جو آهي جواب.

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 70)

- **ظلمت:** اونداهي، بي شعوري طاقت جو بيجا ڏيک.

رهيو نہ ماضيءَ جو رنج ڪو حال جي بہ حسرت بدلجي ويئي،
هتي ويو انڌ ڌنڌ سارو ضِيا ۾ ظلمت بدلجي ويئي.

(**دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت:** 481)

# ع

- **عار ٿيڻ:** نٽائڻ، پاسو ڪرڻ، اجتناب ڪرڻ.

تنهنجي ٻيڙيءَ کي ڪندو غرق سڏو سير ۾ طوفان اسان جو،
عزم اِهو آهه اسان جو ان کان ڪيو ڪين ڪڏهن عار زمانا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 131)

- **عاقبت:** عزت، وقار.

عبرت اي ستمگرو جو عاقبت جي واردات،
ٿي ڪري جزا بيان، انقلاب زنده باد.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 223)

- **عامل:** عمل ڪندڙ ڪنهن اصول تي جيئڻ جو تيئڻ هلندڙ.

اڇي سگهي ٿو صفت سڄيءَ جي سموري اطوار تي پورو،
هو مارڪسي فلسفي جو عامل ۽ پنهنجي ڪردار تي پورو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 476)

- **عتاب:** غصو، مهڻو.

چيو چنيسر آءُ بهادر مون کي ٿو هيءُ عتاب ڏئين،
پاڻُ سنيپال تون مون جهڙي کي ٿو خام خطاب ڏئين.

(ساٽيهه جي ساک: 82)

- **عداوت:** دشمني، نفرت، بغض.

سڄاڻو ٿا ظالم غرض جي غلاميءَ ۾،
چوين ٿو عداوت کي ته هي پڻ پيار آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 208)

- **عدل:** انصاف، حق رَسي.

اسان کي ناهي لالچ ڪائي مطلب آهه ته عدل ٿئي،
معصومن کان حق نه کسي ڪو ظلم نه ڪنهن سان اصل ٿئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **عرفُ:** عُرفان لفظ جو مخفف، معنيٰ تہ: ڄاڻ سڃاڻ وارو متبادل.

تمام عالم ۾ عَلم ان جو ۽ عَرف ان جو تہ عزت ان جي،
تمام عالم ۾ وصف هن جي تہ وقت ان جو ۽ وقعت ان جي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 489)

- **عزم:** قوَل، محڪم ارادو.

تنهنجي ٻيڙيءَ ڪي ڪندو غرق سڌو سير ۾ طوفان اسان جو،
عزم اهو آهہ پنهنجو انهيءَ ڪان ڪيون ڪين ڪڏهين بہ عار زمانا!

(ڌرتيءَ جا گيت: 131)

- **عشرت:** موج، فراواني، خوشي، عياشي.

خدمت جي لئہ ڪڏهن بہ دولت نہ ڪر قبول،
عزت ڪي جا لٽائي سا عشرت نہ ڪر قبول.

(ڌرتيءَ جا گيت: 171)

- **عصبيت:** وڏ ننڍائيءَ جو ويڇو، گهٽ وڌ ڀائڻ واري ذهنيت.

نہ ڪو آهي ڀيد رنگ ۽ نسل جو نہ ڪا بوءِ عصبيت جي،
نہ ڪائي تفريق ذات جي، نڪا تحقير شخصيت جي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 488)

- **عصمت:** لڄ، عزت، مانُ، عورتپڻو.

غيرت، عزت، عصمت ۽ حياداري مڙئي،
جسم، ذهن، عقل ۽ ايمان خودداري مڙئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 142)

- **عُقابُ:** باز.

اسان جو عشق اُتاهون رهيو عقاب جيان،
وڏا انهيءَ تي ڪانگن ڪڏهن اثر نہ مُدا.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 178)

- **عقرب:** اهو ستارو جنهن سان پاڳ معلوم ڪندا آهن.

عشق جو برج ٽئي ڪال جي ڪونڙي،
هت نہ سرطان يا عقرب آهي ميان!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 174)

- **عقل جي دوڙ:** عقل يا سمجهہ مطابق عمل لاءِ منصوبہ بندي ڪرڻ.

آخر عقل جي دوڙ ڪيائين، پٽ ڪي چپائين فڪر نہ ڪر،
آءُ ڏيان ٿي توکي صلاح، تون ان جو ڪنهن سان ذڪر نہ ڪر.

(ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **عڪسي:** تضاد ۾ رهندڙ نظر رستي معلوم ڪرڻ، ابلاغ ڪرڻ، ڏسڻ ذريعي.

هيءَ ٽيليويزن آهي ريڊيئي جونئون روپ، صوتي ۽ عڪسي نظارن جو مرڪز،
ٿئي هر ولايت جو ٿو سير هن ۾ هيءَ آهي هزارن نظارن جو مرڪز.

(ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **علامت:** نيشاني، اهڃاڻ، سڃاڻ.

يا ڪنهن نموني بغاوت جي علامت ڪي عيان ڪندو هو
تہ آمريت جو رعب ۽ ريب ان تي هرڪا هلان ڪندو هو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 478)

- **علاول:** دهليءَ جو حڪمران علاؤالدين خلجي، جيڪو چنيسر جي چوڻ تي سنڌ تي ڪاهي آيو.

ويو چنيسر دهليءَ پهچي، مليو علاول ساڻ وڃي،
پنهنجي پيٽ جو سور سڄو هن سليو علاول ساڻ وڃي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **عِلَت:** عادت.

هَن ۾ هو لڇڻ ڪين نہ هن ڪي راڄن ساڻ رغبت هئي،
هي هو پنهنجي عيش ۾ گم، هن جي اِهائي علت هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 59)

- **عميق:** اونهو، گهرو، ڳوڙهو.

عظيم ٿيون جبل جيان وسيع شهر وانگ ٿيون،
محيط آسمان جيان، عميق بحر وانگ ٿيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 104)

- **عنابي:** ڏاڙهونءَ جي رنگ جهڙي ڳاڙهاڻ تي مائل.

تنهنجا چپ عنابي ناهن، پنهنجي نگاهه به آتي ناهه،
روح نه آهي راس ته ڪنهن کي پيار ڪرڻ جي چاتي ناهه.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 125)

- **عناد:** ساڙ، حسد، ڪينو.

ظلم جي عناد ڪان ته روح جي عذاب ڪان،
ڪنهن لڏي هتي امان، انقلاب زنده باد.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 223)

- **عنايت ڪرڻ:** مهرباني ڪرڻ، ٿورو ڪرڻ، پروَسي جو اظهارُ.

دودي پنهنجي دل سان ڪئي تلوار عنايت ننگر کي،
اتساهه وچان آسيس ڏني پڻ راج ڪٽڪ جي ڪونڏر کي.

(ساٽيهه جي ساک: 55)

- **عنبر:** سرهاڻ، عطر، خوشبوءِ.

هيانءُ ٿو ڪنهن جو سڙي جي ڪِٿِ نياز،
دوست ڪن ٿا عُود ۽ عنبر جي ڳالهه!

(ڏرتيءَ جا گيت: 216)

- **عُودُ:** اهو ٻورو جيڪو ٻرندڙ ٽانڊن مٿان ٻُرڪبو ته سرهو دونهون ڏيندو.

هيانءُ ڪنهن جو ٿو سڙي جي ڪِٿِ نياز،
دوست ڪن ٿا عود ۽ عنبر جي ڳالهه.

(ڏرتيءَ جا گيت: 216)

- **عهد ڪرڻ:** واعدو ڪرڻ، وچن ڏيڻ، ڏاڙهيءَ تي هٿ رکڻ.

هڪل پڌي هوشيار ٿيا، سڀ درٻاري للڪار ڪري،
عهد ڪيائون لڙنداسون اڄ ڏارين تي يلغار ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 70)

- **عهدنامو:** دستاويز، گڏيل فيصلو.

عهدنامو جو هيو جاري ڪيل هن قوم لاءِ،
تنهن کي سمجهيو ٿي ويو، بلڪل اٽل هن قوم لاءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 70)

- **عياري:** ڏوکيبازي، مڪاري.

ڪنهن جي عياشيءَ ۽ عياريءَ سان ٿي برباد قوم،
ڪنهن غلاميءَ تي ڪئي مجبور هيءَ آزاد قوم.

(ڏرتيءَ جا گيت: 71)

- **عياشي:** بيسود فائدو، اجايو ضايع ڪرڻ، نفس پرستي، بدڪرداري.

ڪنهن جي عياشيءَ ۽ عياريءَ سان ٿي برباد قوم،
ڪنهن غلاميءَ تي ڪئي مجبور هيءَ آزاد قوم.

(ڏرتيءَ جا گيت: 71)

- **عين موقعي تي:** بروقت، ضرورت وقت، جڏهن ان جي شدت سان گهرج هجي.

هيءَ تقاضا جا وقت جي، عين موقعي تي ان جي ابتدائي،
تڏهن ته عالم ۾ ان جي آئي، زيادتيون سڀ ويون فنا ٿي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 490)

# غ

- **غارت:** راتاهو لُٽَ، تباهہ، برباد.

تنهنجو غارت تي گذارو، توکي سوکُم ئي اهو سودو رهيو آهہ،
دين کان دُورِ تذهين بہ تون سڏين پاڻ کي ديندار زمانا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **غاصب:** چَڙهائي يا حملو ڪري ايندڙ راتاها ڏيندڙ ظالم.

غاصب جيڏو ڪرِڙو تيڏيو گيدي ٿيندو آهہ سدا،
ظاهر زور تہ دل ۾ ان کي خطرو هوندو آهہ سدا.

(ساٿيھ جي ساک: 48)

- **غافل:** غفلت ڪندڙ سست، بي شعور، ڪاهل، اڻ ڄاڻ.

ڪڏهن ڪوئي غافل ٿيندو، هيءُ ان کي بيدار ڪندو،
ورتي واڻ اوهان اڄ جيڪا، پونير سان اختيار ڪندو.

(ساٿيھ جي ساک: 37)

- **غالب:** ڇانيل، ضابطو رکندڙ حاوي.

خود غرض ڪوئي نہ ٿي سگهندو ڪڏهن غاصب هتي،
ڪ نہ رهندو آهہ هڪ مغلوب، ٻيو غالب هتي.

(ساٿيھ جي ساک: 68)

- **غبار:** ڪوهيڙو، بوج، وزن.

تون ڪنهن جي غبار ۾ لتجي وئينءَ،
تون معصوم، مظلوم، مجروح آهين!

(ڏرتيءَ جا گيت: 140)

- **غدار:** ملڪ دشمن، قوم وڪڻندڙ ڏوکو ڪندڙ.

زيب، رزالت روا رکي ٿو، مِرُونءَ جان مُردار ٿئي،
انت ضمير فروشيءَ سان گڏ قوم سندو غدار ٿئي.

(ساٿيھ جي ساک: 41)

- **غرض:** لالچ، ڪم، مفاد، احتياج، ضرورت.

پنهنجي غرض ۾ گمراهيءَ سان راڄن کي تاراج ڪندو،
ملڪ جي ٻيڙي سير تي چاڙهي ماڻهن کي محتاج ڪندو.

(ساٽيهہ جي ساک: 35)

- **غرض غلام:** مفادپرست، خواهشن جو غلام، ذاتي مفادن جو ٻيجهو.

هي نہ رهيو نہ ڪي رهڻو آهي، ڪڏهن بہ سَوَليءَ نِيتَ ۾،
غرض غلام ۾ پَرَمَتڙيو، سو ڦندُ رکي، جو فطرت ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 35)

- **غفلت شعاري:** ويسر، لاپرواهي، عدم تَوَجَهي.

محبت ۾ مليا جي زخم، سي سڀ ناسُور بنجي ويا،
خبر ناهي اڃا ڇو چاره گر غفلت شعار آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 210)

- **غلام گردش:** ضابطي هيٺ هلندڙ ڪاروهنوار.

غلام گردش دؤران اسان اوهان ٻئي اڄ،
شڪار شامتِ اعمال ئي ٿي ڪري پئي اڄ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 185)

- **غلبو:** قبضو، سَرِسِي، ڪنٽرول، ضابطو.

هٽون ٿا ائين داءُ شطرنج سندو جڻ انڌو ٿو سڄي جي لِڪِي ٻوٽ ماري،
ڪريون سڀ جي غم تي ٿا غلبو ائين جڻ ڪنڍي ڪنوار ٿي ننڊ ۾ گهوٽ ماري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 178)

- **غمزا:** ناز نخرا، ڪنڌ لوڏ، وارن کي ڪنڌ لوڏي ٺيڪ ڪرڻ.

تون سپا جو راڻو آهين، رانجهن آهين رهزن جو،
توکي ڪهڙو پتو او بابل، شهر جي اُبَتَنِ غمزن جو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 112)

- **غم شعار:** غم ڪيئن ڏجي. پوري پوري چاڻ رکندڙ، ڏکوئيندڙ ستائيندڙ.

هي صبح زهر خند ڇو؟ هي شام دلفگارَ ڇو؟
هيءَ رات دردمند ڇو؟ هي وقت غم شعار ڇو؟

(ساڃيهہ جي ساک: 104)

- **غم ناڪ:** غم ڏيندڙ، غم واري، جنهن مان ڏک رسندو هجي.

سر ڪنڌ جي سرهاڻ جيان پڪڙيل هن جي هرهنڌ هاڪ هئي،
خوشحالي هُئي جام هِتي، ڪا دل نہ ڪٿي غمناڪ هئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **غنا:** سريلو آواز، جمالياتي ذوق شوق، بي پرواهي.

اسان جي بہ عشق ۾ غم ڪرڻ سِکُ ميان!
حاصل نہ ٿيندي ڪٿان اهڙين غنا اوچتي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 206)

- **غنيم:** غدار، ظالم، ڌاريو ڪاهي ايندڙ سپهہ سالار.

جڏهن ڪوبہ غنيم اچي ڪنهن قوم جي سر تي ڪڙڪي ٿو،
دنيا کي دوکي ۾ رکندي، سڪٽيءَ ڪُنِيءَ جيان ٻڙڪي ٿو.

(ساڃيهہ جي ساک: 70)

- **غنيمت:** ڀلائي، گهٽائي، پورائو، تحفو.

ان ۾ همت، ان ۾ حقيقت ان وٽ غور ۽ غيرت آهہ،
ماڻهن ۾ مذڪور انهن جا، هن جو ساٿ بہ غنيمت آهہ.

(ساڃيهہ جي ساک: 33)

- **غور:** سوچ ويچار.

تباهين جو سيلاب طرح ۽ طور ختم ٿي ويو،
خيال خودپرست ۽ خودغرض جو هو غور ختم ٿي ويو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 490)

- **غورابي:** پاڻيءَ جي جهاز وانگيان.

دريا خان کي ممڻ مڇايا غورابي گهمسان جيان،
درياهن جيان پائيندو ويو، وڏندو ويو طوفان جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 166)

- **غيب شهود:** باطن ظاهر.

مون ۾ عالم، مون ۾ آدم، مون ۾ غيب شهود،
مون ۾ سڀ موجود.

(ڏرتيءَ جا گيت: 242)

- **غير:** ڌاريو دشمن.

آخر آيو وقت اهو جو پونگر پنهنجو پير ڇڏيو،
هن دنيا کان هن دنيا ڏي اسهيو خويش ۽ غير ڇڏي.

(ساٿيهہ جي ساک: 22)

- **غيرت:** حياءُ، عزت جو خيال، ننگن جي عصمت جو خيال.

غيرت، عزت ۽ عصمت ۽ حياداري مڙئي،
جسم، ذهن، عقل، ايمان ۽ خودداري مڙئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **غيريت:** ڌاريائپ، بيائي، اڻ پوڻ، يائپ، بي وطني.

هئي جا چڪتاڻ اوچ ۽ نيچ جي بدل تي برابريءَ ۾،
فسادي هو غيرت جو جيڪو نيست ويو تي برادريءَ ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 491)

- **غيور:** غيرتمند.

اي اٿو جوالا مکي تي، موج تي، گجگوڙ ۽ گهمسان سان،
سامراجين سان لڙو غيور ٻڄي جوش ۽ جولان سان.

(ساٿيهہ جي ساک: 66)

# ف

- **فاجر:** ڏوهاري، غليظ، گنهگار.

جهل جي هوندي بہ چئون ٿا علم وارا آهيون،
فاسق ۽ فاجر تہ پيو جڻ زهد وارا آهيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **فاسق:** ڪوڙو، منافق، مذهب ڪي ذاتي مقصدن لاءِ ڪم آڻيندڙ.

ڪنهن جي وفا جو وارث مان ٿي، ڪنهن سان آهيان صادق مان،
ان ڪان جي منهن موڙيان پنهنجو نانءُ رکايان فاسق مان.

(ساٿيهہ جي ساک: 24)

- **فاقا:** بُکون، لنگهڻ.

وستي وستي ورونهن ڪان خالي شهر مڙوئي شمشان هئا،
فصلن ۾ ٿي فاقا اسريا وٽج سيئي ويران هئا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 160)

- **فاقاڪشي:** بکون ڪاٽڻ، انتهائي تڪليف ۾ گذارڻ، انت سجائي.

مفلسي، فاقہ ڪشي، بي روزگاري سِرَ تي آهہ،
بي وسي، بيماري اندوهڪاري سر تي آهہ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **فبها:** نيڪ آ، هلڻ جوڳو آ.

هن جو ڏئونگ پڪيڙيو آهي، تنهن جو انت لهڻ گهرجي،
صلح تي فبها، جي نہ تہ آخر جنگ جي هام هڻڻ گهرجي.

(ساٿيهہ جي ساک: 54)

- **فتور:** فتنو فساد، جهيڙو جهڳڙو شيطانگيري.

قيادتون سڀ قديم جن ۾ هو تاثير مدتن ڪان،
اُٿي ۽ اُپري وڏيا ٿي جڳ ۾ فتور هر وقت شدتن ڪان.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 477)

- **فِتنون:** سازش، منصوبو، ويڙهاڻ جي سٽ سِٽ.

داناون جي ديد تہ هر ڪم دانائيءَ سان ڪيو وڃي،
ان جي آهر فتنو فيصل، سورهيائيءَ سان ڪيو وڃي.

(ساڻيهہ جي ساک: 52)

- **فراري:** ڀڄندڙ، ڳترائيندڙ، لاتعلقي ڏيکاريندڙ، تنهائي پسند، اڻ سونهائي ظاهر ڪندڙ.

ايڏا ڏک مليا آهن جو پل بہ قراري ڪين آهيون،
يار نياز تڏهن ڀي جڳ کان پاڻ فراري ڪين آهيون.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 145)

- **فراريت:** بيگانگي، لاتعلقي، بيزاري.

مجاز ۾ مبتلا هو سيڪو، حقيقتن کان فراديت هئي،
خيال ۽ خواب، غور ۽ فڪر تي مسلط قنوتيت هئي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 477)

- **فراست:** سمجهہ، عقل.

اهو جو علم ۽ علم ۾ صالح عزيز تر ۽ عظيم تر آ،
فضيلتن ۽ فراستن ۾ ذهين تر ۽ فهيم تر آ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 476)

- **فراوان:** جهجهي تعداد ۾، وڏا، ويڪرا، ڪشادا، ڊگها.

فراوان رستا ۽ رستن مٿي روشنائيءَ جي رم جهم جو مانڊاڻ آهي،
سمهيل جڙ تہ ساحل جي سيني تي خوشدل جوانيءَ جي چوڏس جي چانڊاڻ آهي

(ڌرتيءَ جا گيت: 168)

- **فراهم:** موجود، مُيَسرُ.

اِنهيءَ کان اڳ نہ هو ڪو سُجَهندو، اونداهو عالم ٿي نظر آيو،
حوصلو حال جو نہ ماضيءَ جو غم فراهم ٿي نظر آيو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 476)

- **فردا:** مستقبل، ايندڙ وقت.

جنھن کي ناھي فڪر فردا جو نہ غم ماضيءَ جو سا قوم ناھہ،
جنھن جي ناھي زندگيءَ سان ڪا محبت سو ڪوئي انسان آھہ!

(ساڻيھہ جي ساک: 66)

- **فرزانا:** عقل وارا، باشعور.

فرزانن مان فيض نہ ڪنھن کي ھرڪو پنھنجي مستيءَ ۾،
ديوانا ڪيئن دل وندرائن بيگانن جي بستيءَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 227)

- **فرزانگي:** عقلمندي: سياڻپ، ڏاھپ.

مون ستارن ڏي ڏٺو ڏرتيءَ جا گل مون کان ويا،
آءٌ ديوانو مون کي فرزانگي ماري وئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 219)

- **فروشي:** وڪرو، نيلام، کپت.

ماڻھو ھونئن تہ عظيم مگر جي مطلب جو تو يار ٿئي،
انت ضمير فروشيءَ سان گڏ قوم سندو غدار ٿئي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 421)

- **فروغ:** جِلا ڏيڻ، واڌ ويجھہ لاءِ اُڪسائڻ، اُتساھہ ڏيڻ، پروان چڙھائڻ.

ھو صبح جي سج جيان ٿي ظاھر، فروغ ڏئي ويو حقيقتن کي،
فنا ڪيائين جھالت ۽ جبر ظلم ذات جي ظلمتن کي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 490)

- **فريب:** ڏوکو.

زندگيءَ سان فريبن جون بازيون ڪري، ھر تمنا کي عاجز ٿي آزيون ڪري،
گھاڙٺو ٿو پوي ڪارسازيون ڪري، شام گھاريان پيو، صبح ساريان پيو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 283)

- **فريب جنتِ فردا:** مستقبل ۾ بھشت ملڻ جو ڏوکو.

ڪپي ٿو بهشت اڄ، اَڄ جو باب زندهہ باد،
فريب جنتِ فردا جو خواب مرده باد.

(ڏرتيءَ جا گيت: 68)

- **فريبڪاري:** ڌوڪي بازي، دغابازي.

ستم گريءَ ۽ ستم شعاريءَ جو صيد ڪوئي هجي نہ ڪاٿي،
تونگريءَ ۽ فريبڪاريءَ جو پيد ڪوئي هجي نہ ڪاٿي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 487)

- **فسادِ زر:** دولت جو جهڳڙو.

فسادِ زر جو، شقاوت جو سامان بدلايو،
دغا، دروغ جو هر داستان بدلايو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 217)

- **فسق:** نفرت، ڊئونگ، نقل، ناحق.

عشق ۽ حق بڻي قتل جي لائق، فسق ۽ ناحق آجا بڻي،
عدل اهوئي ڪن ٿا عدلئون انڌا راڄ ۾ راجا بڻي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 132)

- **فصيل:** ديوار.

هجر جي فصيل سان درد جا قدم ڪٽي،
وصال جي اميد ۾ روح ڪي جوان ڪجي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 217)

- **فضائون:** ماحول، آبهوا، سمو.

امنگ، شعر ۽ خيال اُڀاريا گهٽائون گهنگهور آيون آهن،
اميد، جوش ۽ جلال رُڀاريا فضائون چٽ چور آيون آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 134)

- **فضول:** اجايو سجايو، وقت جو زيان، ڪنهن بہ ڪم جو نہ.

ٻاگهيءَ جي ڏئي ٻانهن، چنيسر راڄ جي ٻانهن وصول ڪريو،
واعدو آهہ انهيءَ جو اهڙو بحث نہ ڪوبہ فضول ڪريو.

(ساٽيهہ جي ساک: 61)

- **فطرت:** عادت، طبيعت، رَوَش، خدائي نظام.

هيءُ نہ رهيو نہ ڪي رهڻو آهي ڪڌهن بہ سَوليءَ نيت ۾،
غرض غلام ۽ پر مٽڙيو سو ڦند رکي ٿو فطرت ۾.

(ڌرتيءَ جا گيت: 35)

- **فقراهہ:** فقير لفظ جو جمع.

سونهن اوهان جي نينهن اسان جو ساڙَ ندوريءَ دنيا جا،
چڻ تہ صحيفو چڻ تہ خليفو چڻ تہ نظارا فقراءَ جا.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 285)

- **فقراهہ لڏو:** فقيرن جو ٽولو.

قيد ڪري فقراهي لڏو وچي پيش ڪيائون علاول وٽ،
هنيئن هنن کي زير ڪيو سي، لاف هنيائون علاول وٽ.

(ساٽيهہ جي ساک: 49)

- **فڪر:** ڳڻتي، اون، فلسفو.

جنهن کي ناهي فڪر فردا جو ۽ غم ماضيءَ جو سا قوم ناهہ،
جنهن کي ناهي زندگيءَ سان ڪا محبت سو بہ ڪو انسان آهہ؟

(ساٽيهہ جي ساک: 66)

- **فڪرات:** سواءِ، اڻ پورين خواهشن جي اثر هيٺ، بيوسيءَ جو رِدعمل.

ظلم، ذلت، جبر، نفرت، خوف، خواري سِرَ تي آهہ،
درد، غم، فڪرات ۽ حسرت شعاري سِرَ تي آهہ.

(ڌرتيءَ جا گيت: 142)

- **فلان:** فلاڻو.

دهليءَ سلطان پري بازار ۾ هيءُ اعلان ڪيو،
اسان چنيسر پاڻ ۾ گڏجي فيصلو آهہ فلان ڪيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 44)

- **فلنگي:** فرنگي يعني انگريز ڏاريا.

فلنگي جي فتنا پکيڙي ويا تن جا جاري،
بدستور اهو طور آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 92)

- **فهم:** عقل، دانش، سمجهه، سنجيدو، ڄاڻو هڏ ڏوکي.

سوئي ٺئي ساٿيهه جو ساٿي جنهن وٽ فهم ۽ فڪر هجي،
پوءِ ڏاوا ڇا پورا پوندا، جن وٽ مير ۽ مڪر هجي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 39)

- **فيصل:** فيصلو ڪرڻ، حل ڪرڻ، مونجهارو دور ڪرڻ.

پاڻ ئي منصف ٿيو هن ڳالهه کي فيصل ڪريو،
خود سزا لائق اوهان ڇو ٿا پيا بل بل ڪريو.

(ساٿيهه جي ساک: 70)

- **فيل:** هاٿي.

ماڻهو هر جي ڇُني آهي، ته ماڻهو ڏاند جو ڏيل به آهه،
ماڻهو ڪڏهن ابابيل آهه ته ابرهه وارو فيل به آهه.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 135)

# ق

- **قاڙهہ:** هونئن تہ زبرو ڏَڪُ، پر هتي هڪ وَلِ جي قسم طور ڪم آيل آهي.

اک چنيءِ جا اهڃاڻ ائين جڻ پوپٽ قاڙهہ جي قلڙين تي،
هن جي هڪ هڪ ڏِيدَ اُها جنهن دام وڌا تي درڙين تي.

(ساٿيهہ جي ساک: 56)

- **قاڪون ڪرڻ:** چيرڻ قاڙڻ، وڏي حصا ناهڻ، ذرو ذري ڪان ڌار ڪرڻ.

ڪٿ تہ چوراٽيءَ مڏيءَ جيان تنهنجو وڙ بہ ونڊيو ويو،
ڪٿ وري توکي ائين قاڪون ڪري ۾ ڦنڊيو ويو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 149)

- **قاندو قانڻ:** ڳالهہ ظاهر تي پوڻ، راز عيان ٿيڻ، ڏوڪو ٽٽڻ، هٿ ناٿ ڊهڻ.

ڏارين ڏاڪ جمائي هن جو هرهڪ حيلو ڪٿي پيو،
جام ڪلر جيان ڪانہ ڪئي هئي نيٺ سو قاندو ٿتي پيو.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 163)

- **ڦتڪار:** لعنت، ملامت.

ممٿ وراٽيون ڀاڳهي ڪي جا سام امانت ابڙي جي،
توتي ٿي ڦتڪار ڪري، تو ورتي وَتِ ڪيئن مهڙي جي.

(ساٿيهہ جي ساک: 83)

- **ڦِتي ڪُٽي وڃڻ:** تباهہ حال تي وڃڻ، سَج ڏَج وڃائي ويهڻ.

ڳمي اچي تي ڪانہ ڪا مصيبتن جي گنج ۾،
ڦتي ڪٽي ويا دلين جا رنگ راز ساٿيو!

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 83)

- **ڦِرڪو ڦِرَڻُ:** رُوءِ منجڻ، نيتون بدلجڻ، سوچ ۾ تبديلي اچي وڃڻ.

ان ۾ الا جي چا هو جنهن ڪان هن جو ڦرڪو ڦرڻ لڳو،
طاري ٿي وئي هن تي هيبت، ڪانئر وانگي ڪنبڻ لڳو.

(ساٽيھہ جي ساک: 89)

- **ڦِڙتيون گھِڙتيون:** هيريون ڦيريون، گس گسان، نتائڻ.

پنهنجا ٻُڻ ۾ پنهنجون ٻالهيون، هن جي لاءِ وبال ٿيون،
نيٺ ڇيائين جڏهن سندس سڀ ڦِڙتيُون گھِڙتيون ڪمال ٿيون.

(ساٽيھہ جي ساک: 90)

- **ڦڙڦوٽ:** افراتفري، ڀَڄُ ڀَڄان.

ڏارين ۾ ڦڙڦوٽ پئي، جڻ مينهن وسي پيو ميلي ۾،
ياڱا ٿي ويا بدن انهن جا، پئجي وئي رَتُ ريلي ۾.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 165)

- **ڦڙڪي:** ڪنبي ڦڙڪائي اڏرڻ جي ڪرڻ، ڦٿڪڻ.

ٻارن جيان ٿي ٻاڪيو هو ۽ ٻوڙ جيان ٿي ٻڙڪي هوءَ،
چوزي تي جڻ حملو ٿيو ۽ ڪڪڙ جيان پئي ڦڙڪي هوءَ.

(ساٽيھہ جي ساک: 42)

- **ڦڙڪيون:** جهوتون، هيڏانهن هوڏانهن گوهيون ڪرڻ، گُس گسان ڪرڻ.

هيٺن هنن کي زير ڪيوسي، لاف هنيائون علاول وٽ،
ڦيڪاريءَ جيان ڦڙڪيون ماري ڏند ڪڍيائون علاول وٽ.

(ساٽيھہ جي ساک: 49)

- **ڦڙيون:** هيرون، ٿڏيون هوائون، بهار جون مِنيُون هوائون.

جن ڦڙين ۾ ڇيڄ ڪيڏيَئي، سي ڦري طوفانُ ٿيون،
سينڌ، سرمن جون وَسِيُون، سڄ جو وجي سامان ٿيون.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **ڦسي پوڻ:** ٽڪجي ٽنجي ڦان تي پوڻ، روئي ڏيڻ، ڇنجي پوڻ.

پٽر ڪٽيندي، دل من هٽندي ويچارا ائين ڦِسي پيا،
پانڌيئڙن جا پيرا جڻ ها چاڙهيءَ چڙهندي ڪسي پيا.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 114)

- **ڦڳڻ:** ڦوٽهڙي جي مند جو مهينو.

وري ڦگڻ ڦولاري، او ماهيا!
دل توکي سنپاري، او ماهيا!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 50)

- **ڦلاري:** گل ڦاٽيءَ تي وري، ڦولار ڪيائين.

وهي پترول جيئن ڦلاري، پوپٽ وانگي نينهن آيو
پوپٽ وانگي نينهن آيو!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **ڦُلڙِيون:** ننڍڙا گل، جيئن اڪ جا ۽ ٻير جا.

اک ڇنپ جا اهڃاڻ ائين جڻ پوپٽ ڦاڙهہ جي ڦلڙين تي،
هن جي هڪ هڪ ديد اها جنهن دام وڌا ڦي درڙين تي.

(ساٽيهہ جي ساک: 56)

- **ڦَندُ:** دغا، ٻيائي، هٽ ناٽ، منافقي.

هي تہ رهيو نہ ڪي رهڻو آهي، ڪڏهن بہ سَوَليءَ نيت ۾،
غرض غلام ۾ پرمتڙيو سو ڦند رکي ٿو فطرت ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 35)

- **ڦُنداري:** مٺي ڪري، اُياري.

اٿن جون قطارون ابابيل بنجي، ارهہ ڪي ڦنداري هليون هِير وانگي،
هي گوڏن تي گهنگهرو هي ٻانيون ٻچين ۾ قلم ڇم ڇما ڇم لٽن مير وانگي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 174)

- **ڦُنڊَڻُ:** ورهائڻ، خيرات ڪري ڇڏڻ، مفت ۾ ڏئي ڇڏڻ.

ڪٿ تہ چوراٽيءَ مڏيءَ جيان تنهنجو وڙُ ونڊيو ويو،
ڪٿ وري توکي ائين ڦاڪون ڪري ڦنڊيو ويو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 114)

- **ڦورا ڦولڻ:** عيب ثواب ظاهر ڪرڻ، عيب ڏسي وٺڻ، مونجهارا سلجهائڻ، جاڪوڙ ڪرڻ.

حسن جي ٻُولا اٿئي تہ ڦهريان پنهنجو اندر ٻول هلي،
تنهن ڪان پوءِ پلي تون ڪنهن ٻئي پاسي ڦورا ڦول هلي.

(دل ۾ دل ڏرتيءَ جا گيت: 324)

- **ڦُونڊِ ۾ پرجڻ:** آڪڙ ڪرڻ، فخر ڪرڻ، پنهنجي وڏائيءَ جو اڻ سونهندڙ اظهار ڪرڻ.

ڦونڊ ۾ پرجي ڪهاڙيءَ چيو او وڻڙا! ڇا ٿو سمجهين تون،
ڏاڍو ڏيل ٿي ڏيکاريئي ڪيئن هڪڙي ڌڪ سان ڀِرڪئين تون.

(دل ۾ دل ڏرتيءَ جا گيت: 127)

- **ڦوهہ جواني:** جُوانيءَ جي اوج، پوري پوري جواني، وهيءَ جو پور.

ڦوهہ جواني جڻ تہ جهڙالي جهڙ ڦڙ جيان جنسار سنديس،
چپڙا ڄڻ تہ چنار جون مکڙيون، اکڙيون نينهن نکار سنديس.

(ساٽيهہ جي ساک: 56)

- **ڦيڙهو:** ڊِڳُ.

هاٿي جيئرو لک جو مئي کان پوءِ پلي ٽئي لکن جو
ماڻهو جي مٽ ڇا ٿيندو، جو ڦيڙهو آهي ڪکن جو.

- **ڦيڪاري:** لُومڙي.

هيئن هنن کي زير ڪيوسي، لاف هنيائون علاول وٽ،
ڦيڪاريءَ جيان ڦڙڪيون ماري ڏند ڪڍيائون علاول وٽ.

(ساٽيهہ جي ساک: 49)

- **ڦينگڙيون:** ڦولهڙيون، سيهڙجي لِڏِ.

هي گوريون جي خرگوشن جي ڦينگڻين جيان اوهان پائرن کي ڏسڻ ۾ اچن ٿيون
پهاڙجي درويش جو تحفو آهي جي ڪائڻ سان يڪدم اهي ڪم ڪري وڃن ٿيون

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 175)

# ق

- **قابض:** قبضو ڪندڙ غاصب، سيهوني عزائم رکندڙ والار ڪندڙ.

رهي نہ قابض تي ڪو غاصب، شريف افراد جي حقن تي،
هجي نہ ڪا ڏاڪ مفت خورن جي پورهيتن جي محنتن تي.

(دل ءِ دل ڏرتيءَ جا گيت: 483)

- **قباحت:** بي سُرائي، بُڇڙائي، بيڪاري، نفرت لائق.

زندگي ڪا قباحت قبولي نہ ٿي،
پاڻ کي سونهن سان مطلب آهي ميان.

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **قدر:** طور طريقا، ماڻ، ماپا، معيار.

اسان تنهنجي قدرن تي ايمان آٽي،
انهن کي سدائين زندهہ رکندا رهياسي.

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 139)

- **قديم:** جهونو، اڳين وقتن کان هلندڙ مسلسل.

قيادتون سڀ قديم، جن ۾ نہ هو ڪو تاثير مدتن کان،
اُٿي ءِ اُڀري وَڏيا تي جڳ ۾ فتور هر وقت شدتن کان.

(دل ءِ دل ڏرتيءَ جا گيت: 477)

- **قرنيءَ جا گل:** ول جو هڪ قسم، ان جا گل.

ڳيروُ جن جو جسم ائين جڻ لسڙا پٽر او ساريءَ ۾،
ڳيرو جن جي وهي ائين جڻ قرنيءَ جا گل ٻاريءَ ۾.

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 158)

- **قصو ڪوتهہ:** ڳالهہ ڪُتائٽي، آخرڪار، ٿوري ۾ بيان ڪرڻ تہ.

قصو ڪوتهہ! هرٽيءَ کي جو هڪ ڏينهن ستايو تاس اڇي،

ڏوڙي ڏوڙي پهتي پياسي جهنگ جي ڏوري پاسي اچي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 184)

- **قضا:** قسمت، تقدير، خدا طرفان، ڪڏهن ڪڏهن، قسمتي طور.

اٿيون پوپريون بربلين جيان ۽ نچنديون هيون مست الست بنجي صبا جيان،
اڪيون پيون عجب ۾ دليون پيون غضب ۾ ويا ويل سڀ ڪنهن تي وهندا قضا جا.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 177)

- **قضاني:** اتفاق سان، ڪنهن وقت، اوچتو.

هٿ جن جا هيئن، سي نااهل ٿا ماڳين رسن،
ڪنهن قضاني اهل دل جو وارو به ورڻو آهه يا نه؟
(دل ۽ دل ڌرتيءَ جا گيت: 328)

- **قنڌاري:** افغانستان ملڪ جي شهر قندار جا.

جوين تنهنجو جيئن سدائين، چڙ ته قنڌاري ڏاڙهون:
منهنجا ماڻهوا مان ته سنيهو پئي ڳايان!
(دل ۽ دل ڌرتيءَ جا گيت: 36)

- **قنوطيت:** نااميدي، بيزاري، بيگانگي.

مجاز ۾ مبتلا هو سيڪو، حقيقتن کان فراريت هئي،
خيال ۽ خواب، غور ۽ فڪر تي مسلط قنوطيت هئي.
(دل ۽ دل ڌرتيءَ جا گيت: 477)

- **قُوس وقزَحَ:** تير ڪمان، اندلٺ.

خيال شاعر جو آهه قوس و قزح ۾، ۽ هر شعر جڙ ڪو ملهارُ آهي،
هتي به هرڪنهن جي زندگي تيئن عجيب تر ۽ سدا بهار آهي.
(دل ۽ دل ڌرتيءَ جا گيت: 489)

- **قيادت:** اڳواٽي، رهبري.

هتي مساوات ۽ اخوت جي نظامت رهڻي آهي،
جو اصول اسلام جو، تنهن جي قيادت رهڻي آهي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 69)

# ڪ

- **ڪاٺڪو:** ڏاڙيل، لوڙائُو هاڙُون، ڦورو، راتاهو ڏيندڙ.

جيئن وسائي خانقاهن جي ڏئي ڪي واءُ اچي،
جيئن وجائي ڪاٺڪو ياڳين جو سنجهي ۾ ساءُ اچي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 150)

- **ڪاڄ:** خوشيون، شاديون، ڏڻَ وار ملهائڻ.

هِنَ جي جهولي جيجل وانگي جانب تي نيپاج ڏئي،
هن جو سايو سانوڻ جيان ٿو سڀ ڪي ڏيج ۾ ڪاڄ ڏئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **ڪارزار:** جنگ جو ميدان.

هي مقصد، هي عارضي ڪارزار ڪجهہ نہ آ،
عظيم جدوجهد ۾ طويل سلسلا ڪپن.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 204)

- **ڪارساز:** ڪم ڪندڙ، مشڪل آسان ڪندڙ.

ڏسي هي حال زار، آدمين جا منهن لهي ويا،
ائين نراس ٿيا تمام ڪار ساز ساٿيو!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 109)

- **ڪارسازيون:** ڪم ڪرڻ واريون، مقصدن جي حصول واريون.

زندگيءَ سان فريبن جون بازيون ڪري، هر تمنا ڪي عاجز ٿي آزيون ڪري،
گهاڙٿو ٿو پوي ڪارسازيون ڪري، شام گهاريان پيو، صبح ساريان پيو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 283)

- **ڪارنامو:** وڏو ڪم، اهم ڪم، نہ ٿيڻ جوڳو ٿيل ڪم.

چو ٿيو زير و زبر سو عهدنامون ساٿيو!
ڪيئن توهان ڪان ٿي چڪو هي ڪارنامو رهبرؤ!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 70)

- **ڪارڻ:** سبب، واسطي، لاءِ.

ڪٺيءَ وانگي ڪنهن جي ڪارڻ، آڏيءَ آئي لاتيون لنوندي،
سڀ ڪجهه ٻاهي، ويئو گيت لڪان!

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 131)

- **ڪاريءَ تي پير:** جوکي ۾، نقصان ۾، موت جي منهن ۾.

دعا گهرو دل جي سوجهري جي ته سٽائي ٿئي،
اکين سڄي جو ته هتي ڪاريءَ تي پير آهي!

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 204)

- **ڪاريهر ءِ ڪيهر ٻنجي:** شينهن ءِ ڪاريهر نانگ جيان رعب ءِ خوفائتي شڪل ۾.

دهشت ڏم درياهه اندر جيئن، تيئن جوڏن جا جولانَ هئا،
ڪاريهر ءِ ڪيهر ٻنجي اُٿلي پيا انسان ميان!

(ساٽيهه جي ساک: 69)

- **ڪاريءَ وارا ڪک:** ڪجهه به باقي نه رهڻ، کيل ختم، سڄ ٿي سڄ.

هيج ڪري ءِ هن وڏا تي سڀ ڪي ٻارن وانگي ٻک الا!
ڪن پل ۾ ات ڏسڻ ۾ آيا ڪاريءَ وارا ڪک الا!

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 167)

- **ڪاشي:** هندن جي پُوڄا جو مرڪز.

تون تخليق جو نور، عبادت لائق،
تون ڪعبو، تون ڪاشي، تون يزدان جي دل!

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 140)

- **ڪاڪ ڪاٽي مارئي:** پنهنجي ملڪ ۾ ڪاٽياري، ديس اندر عيبدار.

هيءَ هچارن ڪان ٿي ويئي ڪاڪ ڪاٽي مارئي!
هاءِ جيجل مارئي، راڄن جي راٽي مارئي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **ڪال:** ڪوٽ، ڏڪر، اڻ هوند.

ڪيڏي تہ لال ڪنوار هُئينءَ، اڄ بيوه جيان بي حال ابوءِ،
جيجل تنهنجي جهول ڪي جس پر دل وارن جو ٿيو ڪال ابوءِ!

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 82)

- **ڪالي باگ:** سنڌوندي.

نانءَ ڪالي باگ، ڪي 'اندس' جو ڏئي ڪر سبز باغ،
ڏيم وارو نيٺ تنهنجو ڏئونگ ڏهٽو آهہ يا نہ؟

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 326)

- **ڪامران:** فتح مند، ڪامياب، ضابطو رکندڙ سرفراز.

هو پنهنجي تحريڪ ۾ رهي ڪامران ۽ ڪامياب بلڪل،
بنائي ويو هر لحاظ سان انت محنتون برصواب بلڪل.

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 481)

- **ڪانُ:** تير.

ڪاريهر ۽ ڪيهر بنجي اٿلي پيا انسان ميان!
وجڙين ۽ واسينگن وانگي ڪڙڪي پيڙا ڪاتي الا!

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **ڪانپ:** اوڪڙو ويهي گوڏن ۾ پنن ڪي اجرڪ سان ٻڌي ويهڻ ڪي ڪانپ چئبو آهي.

جبل مٿي ڪانپ، مون وٽ سورن سانپ،
او ڏولڻ مورو ويني ڏيان!

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 50)

- **ڪانڊڻ:** ڪوٺ ڏيڻ، دعوت ڪرڻ.

گهڙي پلڪ سجر سکن ڪي دل جي اندر سانڍيون ٿا،
ورنہ اهائي گهڙي اُيا ٿي پاروٿا ڏک ڪانڍيون ٿا.

(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 140)

- **ڪانگ رڙڻ:** سچ تي وجهڻ، انسانن جي رهڻ ڪان زور ٿي ويل ماحول.

ڪالهہ جن ٽاڪن تي سارنگ جي وسڻ جا ويس ها،
اڄ انهن ۾ ڪانگ ٽا رڙندا وتن، تون لک لهين!

(ڏرتيءَ جا گيت: 78)

- **ڪانوائِيءَ تي ٽنگيل ٽانوَ:** سفر جي جتي ۾ پاڻيءَ جا دلا مٿي ٽنگي ڪٽي هلبا هئا تہ جيئن جاءِ نہ والارين ۽ وقت ضرورت پاڻيءَ پيڻ جي ڪم اچن.

ڪانوائيءَ ۾ دِلا ٽنگيل جيئن پاڻ بہ ٽيئن بن ٿاهن ۾،
بگهڙ، شڪاري آمهون سامهون ڪنهن سان پيچجي ٿاهن ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 141)

- **ڪانئر:** گيدي، ڊيڄُو ياڙيو.

تون اهڙيءَ ريت وَٺي چا سگهندين گادي دودي ڪان،
دم جهل، پاڻ سنيال ڏڪين ڪيئن، ڪانئر! پهرئين لوڏي ڪان.

(ساٽيهہ جي ساک: 62)

- **ڪانگي قرب جا:** محبتون چاهيندڙ قرب جو ڳولائو.

گڏجي سڏجي راند ڪندا هئا پيچي بنجي ٻارن جيان،
سچ جا سانگي، قرب جا ڪانگي هئا سي ماڪيءَ لارن جيان!

(ڏرتيءَ جا گيت: 183)

- **ڪاڻِ:** ڪَسُ، ڪوتي.

مون ڪي هاڻ يقين ٿيو تون مون ڪي ڌاري سمجهين ٿو،
منهنجي ڳالهہ لڳئي ٿي ڳوري ڪاڻ ڪساري سمجهين ٿو.

(ساٽيهہ جي ساک: 30)

- **ڪاوش:** ڪوشش، جستجو جدوجهد.

درٻارين ڪي خبر نہ پئي سلطان ڪئي جا سازش هئي،
تنهن جو ڪوبہ سوال نہ هو ٻيءَ لالچ لئہ هيءَ ڪاوش هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 45)

- **ڪاهيو:** هلان ڪئي، راتاها هنيا، جنگ لاءِ چڙهائي ڪئي.

مظلومن جي مدد ڪيون ٿا، ظالم نہ آهيون وڏندا هلو،
راهي خدا ٿا ڪرها ڪاهيون، سينا ساهيون وڏندا هلو.

(ساٽيھہ جي ساک: 70)

- **ڪٿا:** بيان، ذڪر، تفصيل.

ماڻهو اسان جي مڙهيءَ ۾ آيا رِيت ڪُرِيت جي ڪٿا ڪٿي،
اسان قلندر وانگ چڏيا سي ڏرم ڪرم جا ڪٿا ڪٿي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 208)

- **ڪٿيلَ ڪردار:** طئي شده ماڻهو.

خير ۽ شر جي ساک ۽ سانگي لاءِ ڪٿيل ڪردار مڙئي،
پنهنجي پنهنجي پر ۾ ٿيا ٿي پرڪا جي لئہ تيار مڙئي.

(ساٽيھہ جي ساک: 68)

- **ڪٽار:** تلوار.

ننگر ڪي ات غيرت آئي ڪيڍي ڪٽار ڪرارو ٿيو
تنگ جي آهي جنگ اسان جي، صلح نہ پنهنجو چارو ٿيو.

(ساٽيھہ جي ساک: 62)

- **ڪٽڪ:** انبوهہ، جٿا، مجموعا.

اُتساهہ وچان آسيس ڏني پڻ راج ڪٽڪ جي ڪونڏر ڪي،
توتي آهي ننگ اسان جو پَرتِي پارت ننگر ڪي.

(ساٽيھہ جي ساک: 55)

- **ڪٽوريون:** ننڍڙيون پياليون.

اکڙيون ڪٽوريون، مٽان سرمي جي ڪاني،
چِڏي ميڙو مٽل هتان هلڻو ٿئي جاني.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 97)

- **ڪٺي:** گڏ، جمع، وصال.

ڏاڍا مينهن وُٺا ڙي ڍاٽيئڙا!
ٽيڙا وچڙيا سپ ڪنا، ڙي ڍاٽيئڙا! هيلو ڪو وري آ!
(ڏرتيءَ جا گيت: 37)

- **ڪپاٽ کُلَڻُ:** ذهن تڪاٽي لڳي وڃڻ، تعجب ڪائڻ، راز کلي پوڻ.

ممٽ جا ڏوڏات ٻُڏي بہ کليا نہ ڪپاٽ چنيسر جا.
غيرت جا اهڃاڻ اِهي جي هٿا انهيءَ جي همسر جا.
(ساٽيھ جي ساک: 83)

- **ڪُپَتِ:** دغا، ويساھ گهاتي، بدنَيتي.

پوءِ ڪري واويل تہ هئہ هئہ منهنجي اهڙي نيت نہ هئي،
پنهنجن لئہ مون ڪيو ٽي سپ ڪجھ، مون کي ڪا بي ڪپت نہ هئي.
(ساٽيھ جي ساک: 77)

- **ڪُپَتِيُون:** گهٽ وڏايون، بي مَرُوتون.

اچو تہ مهر محبت سان سپ تلخيون، تُرِشيُون دور ڪريون،
اهڙيءَ ريت مروت سان پڻ ڪپتيون چڪنا چور ڪريون.
(دل ءِ ڏرتيءَ جا گيت: 324)

- **ڪُچارَنِ:** ڪوڙن، پاڙين.

ابڙي سامر سنياري دودي راند رٺي جهونجهارن جيان،
مڙٽو ناهي وڙهٽو آهي، هنٽو ناهي ڪُچارن جيان.
(ساٽيھ جي ساک: 67)

- **ڪچ تي ڪر موڙڻ:** عياشي ڪرڻ.

ڪنهن جو روح رباب تہ ڪنهن بي نرت ۾ پاڻ اڙايا پئي،
ڪن ٽي ڪچ تي ڪر موڙيا، ڪن جنهور جيءَ ۾ جڙايا پئي.
(ساٽيھ جي ساک: 74)

- **ڪُڌا:** بخيل، ڪنجُوس، ڪانئر، بوڪڙو، غليظ، اجايو ٻين جو سک مِٽائيندڙ.

اڄ بہ سُڄَھڻِ ٿا ڏيھہ ۾ سيئي، ڪنڌ ڪڏن جو پَڄي؛
تاسرڙو ٿو وڄي!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 90)

- **ڪُڏاڪَمَ:** اڻ سُوهندڙ عمل، ظلم، زيادتون، راتاها.

رهي نہ باقي ڪا بوءِ انهن جي، نہ ڪوئي ظاهر نشان انهن جو،
متان وري سلسلو شروع ٿي وڃي انهن جي ڪڏن ڪمن جو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 482)

- **ڪِرِپ:** ٻُچان، خوف لڳڻ.

هير نہ مون کي پاڻ ۽ پوي ٿي، ماڪ نہ مون کي راس اچي ٿي،
رنگن هوندي بيرنگ اُفُ! پاڻ کي پاڻ ڪِرِپ ٿئي ٿي.

- **ڪِرتِ:** ڪم ڪار، منصب، ڌنڌو.

انهيءَ کان نيڪي اصل نہ پڄندي اِهڙي آس اَجائي آهي،
ڪوڙ جنين جي ڪِرتِ انهن ۾ کهڙي يارَ! سچائي آهي.

(ساٽيھہ جي ساک: 31)

- **ڪِردگار:** وس وارو، جو چاهي سو ڪري سگهندڙ خداءِ.

هن زمين تي ڪونہ ظالم تي ڪردگار رهي،
زماني ۾ نہ ڪو انسان دل فگار رهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 68)

- **ڪَرڙو:** رعبدار، ظالم، هيسائيندڙ.

غاصب جيڏو ڪرڙو تيڏو گيدي ٿيندو آهہ سدا،
ظاهر زور تہ دل ۾ ان کي خطرو هوندو آهہ سدا.

(ساٽيھہ جي ساک: 48)

- **ڪَرَڪَڙَڪِڻُ:** ڌانهون پوڻ، هانبارو، هڪلون، ڪوڪون.

انت اچي وئي مهل اُها، جا مهل ٿئي ٿي محشر جي،
ڪُڏڻ لڳي ٿي جنهن ۾ ڪنارءِ ڪڙڪي ٿي ڪَرَ ڪونڌر جي.

(ساٽيھ جي ساڪ: 69)

- **ڪُرڪڻ:** چڙڻ، پڇڻ، اعتراض واري، ڪِرِ ڪِرِ ڪري.

مون تي ڪُرِڪي ڪِير ۽ ڪانءُ،
اوڙو منهنجو نانءُ!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 93)

- **ڪرڳل اندر:** ڪافي ۾، ميڙ ۾، سفر ۾.

سُئي سڳو پنهنجو پرائو ٿي ويو ڪن پل اندر،
جڻ تہ وئي لُٽجي الا رن زال ڪا ڪرڳل اندر.

(ڌرتيءَ جا گيت: 151)

- **ڪرڳل ڪارونيار:** جنگ، جهيڙو، اندوهڪاري.

پير تي ڌئونڪو لڳو تہ سڀ ڪنهن هٿ ۾ ڪٽي هٿيار ڪيا،
جوڌا جوان ٿيا نروار، ڪرڳل ڪارونيار ڪيا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 162)

- **ڪرم ۾ لکيل:** قسمت ۾ لکيل.

هن ايندي ئي آداب سان آکيو مون کي اڳئين دکَيلُ هيو،
جام چيو چا هي بہ دريا خان ڪرم اندر ڪو لکيل هيو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 164)

- **ڪرٽا:** سج جا پهريان شعاع.

هن جي مُنهن تي مرڪ ائين جڻ ماڪ ۽ ڪرٽا مکڙين تي،
اک چنپ جا اهڃاڻ ائين جڻ پوپٽ ڦاڙهہ جي ڦلڙين تي.

(ساٽيھ جي ساڪ: 56)

- **ڪروڌ:** ڏچو، بيزاري، پَٽَ، ڪوهہ.

پنهنجي ڪروڌ ۾ پاڻ کي ڳارين، مارين پنهنجي پائُن کي،
پنهنجي ۾ ئي پورو آهين، تارين ڪيئن بلائن کي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 117)

- **ڪرها ڪاهيو:** اٺ پلاڻيون، جنگ جي تياري ڪريو.

مظلومن جي مدد ڪريون ٿا، ظالم ناهيون وڏي هلو،
راهي خداءِ ٿا ڪرهل ڪاهيون، سينا ساهيون وڏي هلو.

(ساٽيھ جي ساک: 70)

- **ڪُريتِ:** ڪني روش، گندو ورتاءُ، ڏوڪو جُٺِ، منافقي.

آءٌ ڪنديس ڪيئن ڪريت پلا جي مون سان ڪونہ ڪريت ڪندو،
پيارو گهرندس تنهن کي بيشڪ، جيڪو پاڻ بہ پريت ڪندو.

(ساٽيھ جي ساک: 29)

- **ڪڙ تي:** ڪناري تي، ديھ جي دَنگ تي.

ڪاهيو آئين انهن کي ڪڙ تي جن جي بڻ ۾ ڦير هيو،
حرام حلال جي ڪاتي، هرڪو ڪونہ ڏِنئي ڪو ڪير هيو.

(ساٽيھ جي ساک: 77)

- **ڪڙدي:** چڙهائي، اڳرائي، حملي آور ٿيڻ.

پگهريل گهوڙا خير تہ آهي خبر ڏيو ڇا ممڻ ٿيو
اوهان ڪئي جا ڪڙدي تنهن کان ڏاڱا واڱا اڳڻ ٿيو.

(ساٽيھ جي ساک: 48)

- **ڪڙڪي:** مٿان ڪرڻ، حملو آور ٿيڻ.

چوزي تي جڻ حملو ٿيو ۽ ڪڪڙِ جيان پئي ڦڙڪي هوءَ،
دودي سان گڏ پونگر کان پيي پار وڃي ٿي ڪڙڪي هوءَ.

(ساٽيھ جي ساک: 42)

- **ڪڙم سان:** ڪٽنب سان، نسل سان، گهرائيءَ سان.

حرام حلال جي ڪاتي هرڪو نہ ڏئي تہ ڪوئي ڪير هئو
توکي پنهنجي ڪڙم سان ڪانئر، واسينگن وارو وير هئو.

(ساٽيھ جي ساک: 77)

- **ڪُزاتيون:** ڪِنيون ذاتيون، گهٽيا نسل.

سيڙهہ جو ڪنڌو گهر ۾ سانڊي ٻول نہ ٻوليون سانتين جون،
ذات ڪپي هڪ، ڪپي نہ يار نياز ڳُڏاتيون پانتين جون.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **ڪَساري:** هلڪي ڪڙي.

مون ڪي هاڻ يقين ٿيو تون مون ڪي ڏاري سمجهين ٿو
منهنجي ڳالهہ لڳئي تي ڳوري ڪاڻ ڪساري سمجهين ٿو.
(ساٽيهہ جي ساک: 30)

- **ڪسب:** ڌنڌو پورهيو ڪم، عمل، ڪرت.

ماٺهوئڙا توساڻ پيٽي ناهي، تنهنجو ڪسب ڪمال بلي،
گهڙيءَ ۾ تولو گهڙيءَ ۾ ماسو هر ڪا بات بحال بلي.
(ساٽيهہ جي ساک: 75)

- **ڪسران (ڪَسَرَ يا ٿُهہَ مان):** سارين جا ٿَهہُ يا پلال، پر هتي ان جي معنيٰ آهي سموريون ڳسرون يا فائدا واپس ڪرڻ.

اهڙي تي جو ڪڌهن نہ تي چڻ،
ساريون ڪسران نڪري وِيون.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 98)

- **ڪُسَڻَ ڪي ڪانڌ:** موت ڪي دعوت.

ڪن جو هنيانءُ حياتيءَ سان، ڪن تي ڪسڻ ڪي ڪانڌ ڪئي،
سوپ ۽ هار نصيبن تي، سو ڪنهن بہ نہ سِرَ جي سانڌ ڪئي.
(ساٽيهہ جي ساک: 86)

- **ڪشالا ڪڍڻ:** تڪليفون سهڻ، مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ، جُهُدَ پِتڙُ.

اسان ڪشالا ڪڍي اڇي هت پهتا آهيون جنهن سانگي،
ان کي پورو ڪيو وجي اڄ، هن ئي ويرم، ڪنهن سانگي.
(ساٽيهہ جي ساک: 61)

- **ڪعبو:** مسلمانن جي عبادت جو مرڪز.

تون تخليق جو نور عبادت لائق،
تون ڪعبو، تون ڪاشي، تون يزدان جي دل.

(ڏرتيءَ جا گيت: 140)

- **ڪڪر ڪارونڀار:** گھاٽو وسڻ جهڙو جهڙ.

عهد ڪيائون لڙندا سڀ اڄ ڏارين تي يلغار ڪري،
انت انهن ائين ڪيو جيئن ڪڪر ڪارونڀار ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 162)

- **ڪڪرم:** ڪڌو ڪم، غلط ڪرتوت، شرمائيندڙ عمل، گناهه.

مڙس نہ ڪڌهن بہ سام ڇڏيندا، اهڙو ڪڪرم ڪين ڪندا،
ڌرم جنين جو آهي ديانت، سي هيئن اڌرم ڪين ڪندا.

(ساٽيهہ جي ساک: 85)

- **ڪڪرم ڪال:** پرڪار، ڏمر، ڏوجهرا، ڏُڪاريل ورتاءُ.

هن جي شوداين ۾ شامل شينهن جا تيرنهن تال هئا،
شينهن بگھڙ ۾ فرق نہ ڪوئي ساڳيا ڪڪرم ڪال هئا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 195)

- **ڪڪر موڙيا ڪر:** ڪڪرن اسان طرف اچڻ شروع ڪيو مينهن وسڻ جو آسرو ٿيو.

ڪڪر موڙيا ڪر، الا ڪڪر موڙيا ڪر،
پور پڪيئڙن پر، الا پور پڪيڙن پر!

(ڏرتيءَ جا گيت: 40)

- **ڪڪرين جي ڪرهه:** اوٺ، اُمارو، چڙهٽي، ڳاٽيتي ڪان مٿي، اوپار.

ڪڪريون جن جي ڪرهہ ائين جڻ پرهہ وَهِيءَ جا انگ ڪٽي،
ڪنور جيان پئي پئونر پرايا، رم جهم رم جهم رنگ ڪٽي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

- **ڪڪ ڪرڻ:** تنگ ڪرڻ، بيزار ڪرڻ.

موت سندو آ سر تي سايو جنهن کان جياپو دنگ آهي،
ڪڪ ٿي هن ڪيڪاند کان جوٽي پاڻ جهول سان جنگ آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 186)

- **ڪک پن ٿيڻ:** ٽڙي پکڙي وڃڻ، الڳ الڳ ٿي وڃڻ، ورهائجي وڃڻ، غائب ٿي وڃڻ.

پکي ويو جڙ آکيري مان، آکيرو ويو ڪک پن ٿي،
پٽر لڳا جڙ ٻيرين ۾ وئي تاري تاري پن پن ٿي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 164)

- **ڪَل ٽِڙيو:** چريو بي عقل، بتال، جنهن کي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ايندي هجي.

آدميءَ بابت بہ ڪو ويچار ڪرڻو آهہ يا نہ؟
ڪل ٽڙئي کي ڪنهن نموني راس ڪرڻو آهہ يا نہ؟

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 326)

- **ڪلٽيون کائڻ:** آڏو ابتو ٿيڻ، اُلٽِ پُلَٽِ ٿيڻ، ور وڪڙ کائڻ، ڦٽڪڻ.

ماڻهو ڪيئن ٿي ڪلٽيون کاڌيون اک ۾ ڦاٿل ڇيت جيان،
ڪڏهن تہ بلڪل پنجهوءَ جي پڪَ، ڪڏهن اڏامي ريت جيان.

(ساٽيهہ جي ساک: 75)

- **ڪلر جان نہ ڪرڻ:** تڪڙ ۾ سموري پرپاسي کي قابو ڪري وٺڻ، تڪڙي واڙ، ڪابہ سر هلٽي نہ ڪرڻ.

ڏارين ڏاک ڄمائي هن جو هرهڪ جيالو ڪٽي پيو،
ڄام ڪلر جيان ڪان ڪئي هئي، نيٺ سو پاندو ڦٽي پيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 164)

- **ڪلنپر:** آڏر آسرو، نديءَ ڪنارو، ڪوٽ جو ڪنارو جوءِ، تمام سَگهو ماڻهو.

هن دنيا کان، هُن دنيا ڏي اسهيو خويش ۽ غير ڇڏي،

موت ٿو زوريءَ ماڳ چڙائي جي نہ تہ ڪلنيئر ڪير چڙي.

(ساٿيهہ جي ساک: 32)

- **ڪلور ڪرڻ:** اڻ سوهندڙ رويا روا رکڻ، ويڙن ڪرڻ، هاچا ڪرڻ، ستائڻ.

مائي ڪروڙ مان لولي ڏيندي پٽ پاراتو ٻار ڪي ڏئي ٿي،
پيءُ جي غيرت جاڳي پئي ٿي، جيڪا انت ڪلور ڪري ٿي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 302)

- **ڪمال:** وڏو اعزاز، چيهہ، چوٽي، تمام اوچو.

تنهنجو حسن بہ حسن آهي، پر هن جو پيو ڪو جمال هيو،
جنهن جي هڪ اعجاز تان صدقي ساري جڳ جو ڪمال هيو.

(ساٿيهہ جي ساک: 24)

- **ڪماليت:** عروج، مٿي پرواز، مٿاهون رُتبو، معياري.

ڪماليت تي رسڻ کان اڳ ۾، زوال هڪدم ستائي چو ٿو،
سماج هردم مُسائي چو ٿو، وبال هڪدم ستائي چو ٿو؟

(ڏرتيءَ جا گيت: 133)

- **ڪم تر:** گهٽتائيءَ وارو، گهٽ معيار وارو.

منهنجو مطلب آهہ تہ آخر ڇا ٿو چاهين نينگر تون،
آءُ ٿو وِسَهان پنهنجي وڏن کان ڪم تر ناهين نينگر تون.

(ساٿيهہ جي ساک: 89)

- **ڪم ترين:** گهٽ درجي جا، پست حاليءَ وارا، اڻ سوهندڙ.

انهن جي آئي، عوام جي ڪم ترين قسمت بدلجي ويئي،
رهيو نہ ماضيءَ جو رنج ڪوئي، حال جي حيثيت بدلجي ويئي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 481)

- **ڪمرڪ:** هرڪ، ململ، ڪپڙي جو قسم.

جنهن جو جوبن آهي اڄ ڪلهہ اوج تي ادرڪ جيان،
جن جا چهرا ڏين ڏکائي نٿين ڪمرڪ جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 155)

- **کهنو:** پراڻو جهونو آڳاٽو.

نظام کُهَني جي ڪَئي هيءَ حالت، اُهائي ڪئي ڪم نگاهيءَ اوهان جي،
ڪڏهن وڌ ٿئي تي ڪڏهن گهٽ ٿئي سنجها نموني سياهي اوهان جي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 479)

- **کمهلي بانگ، ڪُڪَڙَ جيان:** ڪُڪُڙُ حسب معمل ڪن مقرر وقتن تي بانگ ڏيندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن هو انهن وقتن بجاءِ اگر بانگ ڏئي ويهندو آهي تہ ان کي نياڳو سمجهيو ويندو آهي.

ڏس جنهن جي ڇهري تي چمڪو چوڙَ آهر سٽيو لڳي ڪَڏَهِٽن جهَٽُ بگهڙڻ جيان،
هي جاون ۾ ۽ مالڪ ڪڳين ۾ ويچارو وري بانگ ڏئي گهر ڪُمهلن ڪڪڙن جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 175)

- **ڪُنَبن ۾:** ڪڏن، ڪوڻ، ڪاهين ۾، اوېڙهيءَ جاءِ تي.

سڏڙيو آهي آڏيڙن ۾، اوڙڪ ڏِڪَن ڏوُمن ۾،
اوپارو ۽ لنهنوارو ٿي ڪرندو آخر ڪنبن ۾.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 325)

- **ڪنڊا ڪيڏا پوندا:** پوڳٽو پوندو، مصيبت برداشت ڪرڻي پوندي.

بگهڙ پنهنجا پال پلايا، هرڻ کي ڪنڊا ڪيڏا پيا،
گدڙ ڪئي جا گيند، انهيءَ کي ڏينهن جا تارا ڏسڻا پيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 91)

- **ڪُنِ ڪرڻ:** ڌوبين ۽ رنگسازن جي ٻنيءَ کي "ڪُنبُ" بہ چئبو آهي تہ "ڪُنِ" بہ چئبو آهي.

ڌوئيءَ جي ڪُنِ وانگ ڪريو جو ڪڏهن نہ ڪنهن جو خيري ٿئي،
چٽنگ نہ اُپري، هيو انهيءَ مان ڪوئلو جيڪو ڪير ٿيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 83)

- **ڪنگال:** ڏتڙيل.

او الا اڄ تنهنجي قسمت جو وطن ڪنگال آهه،
تنهنجي دامن ۾ جياپو ٿي پيو جنجال آهه.

(ڏرتيءَ جا گيت: 78)

- **ڪنگڻ:** ٻانهن ۾ چوڙين وانگي پائجندڙ ڳهه.

گهگهري سان جو گهير تي آئي ڪنگڻ ڪاري ٻاگهي،
پاٽيءَ ان جا پير چميا، چي جيءَ جياري، ٻاگهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **ڪُنَنِ:** درياهه جي تيز ڦيريدار وهڪ مان جڙندڙ پاٽيءَ جا سوراخ.

دودي جي للڪار ته ڪاهيو ڪنن جيان ڪڙڪاٽ ڪري،
وارو ٿئي ائين ويرين تي جيئن ڪنڪ سڄو ڪيهاٽ ڪري.

(ساٽيهه جي ساک: 70)

- **ڪنور رام:** سنڌ جو هڪ بهترين ڳائڻو جيڪو مليل پئسا غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. ڪيس رڪ اسٽيشن تي قتل ڪيو ويو هو.

ماٺهو دودو درياخان ته ماٺهو ڪولهي ڀي ۽ هوشو ڀي،
ماٺهو ئي مخدوم بلاول ته ڀڳت ڪنور ۽ هيمون ڀي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 135)

- **ڪٽڇي:** ڪويل نما پکي، جنهن جو خاص قسم جو آواز مينهن وسڻ جو اهڃاڻ سمجهيو ويندو آهي.

ڪٽڇيءَ وانگي آڏيءَ آئي، لاتيون لنوي ڪنهن جي سانگي،
سڀ ڪجهه ٻاهي وينو گيت لکان!

(ڌرتيءَ جا گيت: 31)

- **ڪوٺاري:** اُها ٻرندڙ ڪُڏڙي، جنهن ۾ سون کي پگهاري، ڳاري صاف ڪيو ويندو آهي.

ڳيرو جن جو روپ ائين جڻ سونُ پگهاريل ڪوٺاريءَ ۾،
ڳيرو جن جو جسم ائين جڻ لَسِڙا پٿرَ اوساريءَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 158)

- **ڪُوچ ڪرڻ:** روانو ٿي وڃڻ.

ڪوچ ڪيو سلطان ۽ لشڪر مڪڙن جيان روپاهہ مٿي،
ابتيون سبتيون گوهيون ڏيندڙ لغڙن جيان روپاهہ مٿي.

(ساٽيهہ جي ساک: 46)

- **ڪورُ آ:** انڌو آهي، اڪيون ٻُوٽُ آهي، شبخور آهي.

ڍور جيان ئي گذر ڪري ٿو عقل کان بلڪل ڪور آهي،
مفت جي مال تي مارو هن جو هونئن تہ هي ڪم چور آهي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 311)

- **ڪوڙو واءُ تہ ڪوڙي وڏائي:** جڙتو آڪڙ نيٺ خطا کائي، اجائي وڏائيءَ جو برو نتيجو اَوَسِ بہ نڪرڻو آهي.

جهڙي چالي تهڙي پني، گرڙ جو ٻوٽو گار ٿيو
ڪوڙو واءُ تہ ڪوڙي وڏائي، خانبهادر خوار ٿيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 191)

- **ڪوڙهي:** ڪوڙهہ جي بيماريءَ ۾ ورتل، ڪِنِي، ڏَپاري، ٻُڇان لائق.

سنڌڙي آهي پنڪين ۾، ڪنهن وَتِي پياري پوڙهي ڪي،
پنهنجا ٻيي ٿا پري ٻيڄن جڳ ڇڏي وڃي جيئن ڪوڙهي ڪي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 325)

- **ڪولهي:** هونئن تہ هندن جي ذات ۽ نسل، پر هتي سنڌ جي سورمي روپلي ڪولهيءَ بابت آهي.

ماٺهو دودو درياخان تہ ماٺهو ڪولهي ٻيي ۽ هوشو ٻيي،
ماٺهو ئي مخدوم بلاول، ٻيڳت ڪنور ۽ هيمو ٻيي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 135)

- **ڪوماٽيون:** سُڪَڻَ ڏانهن مائل ٿيون، مُرجهائجڻ لڳيون.

ڪل جون مکڙيون ڪوماٽيون ۽ پتر جا گل ويا،
چيٽ جا چانڊول اُڏامي ويا، اڪن جا ڦل ويا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 151)

- **ڪونڌر:** رهنما، بادشاهہ، شهيد ٿيندڙ بهادر، وارث والي.

اُتساهہ وچان آسيس ڏني پڻ راج ڪٽڪ جي ڪونڌر کي،
توتي آهي ننگ اسان جو پرتي پارت ننگر کي.

(ساٿيهہ جي ساک: 55)

- **ڪوهہ قاف:** روس جا سياهتنگ وارا برفاني جابلو علائقا.

تنهنجون ساهيڙيون پٽن تي هون انهيءَ اوصاف ۾،
جڻ تہ گوپيون مندرن ۾، جڻ پريون ڪوهہ قاف ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **ڪوهل:** نرم ۽ نازڪ، نفيس.

ننگر ويندي ويل سنپاريو پنهنجي ڪومل ڪوئل کي،
جيڪر منهنڙو ڏيکاريان هان من جو مومل ڪوئل کي.

(ساٿيهہ جي ساک: 56)

- **ڪوهياري:** بلاول ٺاٺ جي سنڌي راڳڻي، جيڪا ڀٽائيءَ صاحب جي ايجاد ڪيل وچي ٿي.

ڳالهائڻ ائين جڻ ڪوهياريءَ جي پُورَ ۾ وَچِتَر ويٺا هئي،
اکڙيون پرهہ پکيڙ سندس ۽ نگهہ نگهہ جڻ ڪرٽا هئي.

(ساٿيهہ جي ساک: 64)

- **ڪوهياري ڪوڪ:** جبل مان ڪيل دانهن، جبل ۾ سسئيءَ جي موجودگي.

پُورن جي پاتال مان نڪري، مورُ اچي ويو مستيءَ ۾،
ڪوهياريءَ ڪوڪار تي هَرڪي هيجَ وِڏا هُن هستيءَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

- **ڪوهيري:** ڏند، لُڙاٺُ.

صبح جي تڙڪي تي ڪوهيري جو انڌوڪار آهہ،
شام جي پاڇي ۾ اونداهيءَ جو ڪارونيار آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 137)

- **ڪوئلو:** سڙيل ڪاٺين مان ٺهندڙ سخت اڱر.

ڏوٻيءَ جي ڪن وانگ ڪريو جو ڪڏهن نہ ڪنهن جو خيري ٿيو.
چٽنگ نہ اپري وري انهيءَ مان، ڪوئلو جيڪو ڪيري ٿيو.

(ساٿيھ جي ساک: 83)

- **ڪُويسر:** چاڻُو ڪم وارو ڏاهو داناءُ.

جنهن وٿ آهي چاڻ سموري بيشڪ بد ۾ بهتر جي،
ناهي ان جي دانائيءَ سان پيٽي ڪنهن بہ ڪويسر جي.

(ساٿيھ جي ساک: 36)

- **ڪويل:** هونئن جهنگ جو پکي، پر هتي ننگر سومري جي زال جو نالو آهي.

ننگر ويندي ويل سنيِاريو پنهنجي ڪومل ڪويل کي،
جيڪر منهنڙو ڏيکاريان هان من جي مومل ڪويل کي.

(ساٿيھ جي ساک: 56)

- **ڪهرام:** روج راڙو مارڌاڙ راتاهو جنگ جدل.

ڪوٽن ۾ ڪهرام مچي ويو ڏيهہ سان ڏاڍا ڏمر ٿيا،
مينڌيون ٿيون ماتام ۾ ميريون مِهرِين جا پڙ پڌر ٿيا.

(ساٿيھ جي ساک: 87)

- **ڪهل پوڻ:** ڪهڪاءُ ٿيڻ، حياءُ ٿيڻ، راضي ٿيڻ، احساس پوڻ.

اونيئڙا، اڙي او اونيئڙا هو منهنجي وِندرَ وَئي وٽڪارن ۾،
جهل واڳ تہ ڪي واڪا ڪريان الا، من ڪا ڪهل پوي پروارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **ڪئونتلَ:** گهوڙا شاهي سواري، جنگ ۾ استعمال ٿيندڙ چڙهيءَ جا جانور.

ڪن ٿي بازو ٻِچيءَ ڪان لاٿا، ڪن ٿي ڏڙئون سِرَ ڏار ڪيا،
موت جي ڪئونتل ڪُڏي ٿي چاتين تي هٽڪار ڪيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 163)

- **ڪِيتو لوڙڻ:** عتاب هيٺ هئڻ، قدرتي طور تي پلاند ٿيڻ، عيوَض ۾ لوڙڻ.

تو جي ڏارين ساڻ ملي ۽ پال پلايا پنهنجن سان،
تنهن جا ڪيتا لوڙين وينو جُٽ ڦِٽ طعنن طنڪن سان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 87)

- **ڪيچ:** شهر جو نالو گهٽائي، جهجهائي، وسعت، واڌ، ٿورا، احسان.

هن ڪي ڪيئي گهاوَ رسيا تہ بہ هيءَ نہ رهي ڪنهن گهاتي ۾،
هن جا ڪيچ ۽ قرب ڪڪر جيان هرڪو مست جياپي ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 26)

- **ڪيڏارو:** ڏک جو راڳ، جنگي ڪلام.

توبن پنهنجي پيار جي بستي سجي سجي پڙ پانگ پرين،
آڏيءَ مانجهيءَ چپن تي آهن آهُنِ جا ڪي سانگ پرين.

- **ڪيري ٿئي:** چار ٿي وڃڻ، ڪم ڪان نڪري وڃڻ.

ڏوبيءَ جي ڪُن وانگر ڪريو جو ڪڏهن نہ غمن جو خيري ٿيو،
چٽنگ نہ اپري وري انهيءَ مان ڪوئلو جيڪو ڪيري ٿيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 83)

- **ڪِيسُ:** ظلم، بيداد، حق تلفي، مارڌاڙ.

تنهنجي دامن ۾ جياپو ٿي پيو جنجال آهہ،
ڪِيسَ ٿيا تو ۾ گهٽا، ميري مندي، تون لک لهين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 78)

- **ڪيڪاند:** پريشان، مصيبت ۾، ڪک، ڏچي ۾، بيزار.

بابل منهنجي ملڪ ۾ منهنجا ماروئڙا ڪيڪاند الا،
آءُ ڪيئن سارا سور وساري ڪريان ڪيٽيءَ راند الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 110)

- **ڪين جا ڪنا:** ناڪاري، جن مان ڪا بہ اُميد رکي نہ سگهجي.

بگهڙ هئا جڻ ڪين جا ڪُنا پڌرا ٿيا پرڪارن مان،

اڻين ٽي ڪُتبا ڪرندا ويا، جيئن ڇٽي پوي ڇَڪهُ ٽارين مان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 197)

- **ڪِيهاٽ:** رڙيون، داهون، ٻاڪارون.

دودي جي للڪار تہ ڪاهيو ڪنن جيان ڪڙڪاٽ ڪري،

وارو ٽٽي اڻين ويريُنِ تي جيئن ڪنڪ سچو ڪيهاٽ ڪري.

(ساٽيهہ جي ساک: 70)

# ڪ

- **ڪاڄ ڪيھہ ٿيڻ:** ڪاڏي ڪان نراس ٿيڻ، ڪاڏو ڪائڻ لائق نہ رھڻ.

نيڻ مارن جا الا روئي ٿڪا تو ڪان سواءِ،
ڪاڄ پيا ڪيھہ وھہ ٿيا پيرون پڪا تو ڪان سواءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 155)

- **ڪام:** ڪامڻ، پچڻ، پچرڻ، سڙڻ، دئونس.

ڪام اندر ۾ چپ تي سوٽي حال جھين جا ھئڙا،
ڏاڍٽي! سي توسان ويھي سنيا ساھن ڪھڙا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 48)

- **ڪاٽي:** ھارائي، شڪست ڏيئي.

زمانو ٿو ڇڪي تاٽي، زمانو ڇا نہ ٿو ڄاٽي؟
ڪٿيو ھن ڪان نہ ڪنھن ڪاٽي، زمانو ڇا نہ ٿو ڄاٽي؟

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 278)

- **ڪاھي:** اونھي ڪڏ، گھرو گھاءُ، قاٿُ.

سوچي سمجھي ڪٽجاڻ پير ۾ بچجاڻ ھرھڪ ڪاھيءَ ڪان،
توکي ھوشيار آھي رھڻو بدوءَ بگھڙ جي تباھيءَ ڪان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 189)

- **ڪاھي ڪوٽڻ:** ڏڪار ٻُچان، نقصانن جا سانباھا، ڪڏون ڪوٽيل.

ڪنھن لئہ تو وٽ جيءَ ۾ جايون، ڪنھن لئہ ڪوٽيل ڪاھيون،
ڇا اھو ڪتراڳ تہ سڀ ڪجھہ باب ٻٽڻ ڙي ڍوليا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 48)

- **ڪَٻي سَڄي:** درياھہ جي ڪٻي توڙي سڄي پاسي، يعني پوريءَ سنڌ ۾.

پيينگ تي وئي ڪٻي سڄي،
ٿاسڙو ٿو وڄي!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 92)

- **ڪتا ڪٽڻ:** تهس نهس ڪري ڇڏڻ، ناسُ ڪري ڇڏڻ.

ماڻهو اسان جي مڙهيءَ ۾ آيا ريت ڪُريت جي ڪتا ڪٽي،
اسان قلندر وانگ ڇڏياسي ڏرم ڪرم جا ڪتا ڪٽي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 228)

- **ڪتراڳ:** جهيڙو، ڦڏو.

ڪنهن لئہ تو وٽ جيءَ ۾ جايون، ڪنهن لئہ ڪوٽيل ڪاهيون،
ڇا اهو ڪتراڳ تہ سڀ ڪجهہ باب بٽڻ ڙي ڍوليا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 48)

- **ڪپر:** بلا جو قسم.

منهنجو ملڪ ملير الا پوءِ مارئي وئي تہ ملير ويو،
اَهُو سَهُو ڪرڻ لڳا اڄ ڪپرن وانگ کهاند، الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 110)

- **ڪڏا ڪوٻا:** هيٺ مٿاهين، ناهموار، بي ترتيب.

هليو هو تہ ڏرتيءَ جي بيبڊول ڏڙن مان بدلجي سنوت ساڻ هموار ٿي وئي،
ويا لاهہ لاهن جا نڪري ۾ ڪوبن ڪڏن جي يڪي سر مڏي گار ٿي وئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 172)

- **ڪَرِڙي:** شهر جو نالو، سنڌ جي اتر ۾ آهي، جتي شاهہ شجاع ظلم ڪيا هئا.

شاهہ شجاع شڪارپور پيلي،
ڪرڙيءَ ۾ اڄا ائيلي ائيلي!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 91)

- **ڪڙڪ پوڻ:** خبر پوڻ، لڪل ڳالهہ کلڻ.

ڪڙڪ پئي جو جام فيروز کي اٿلي ڇپائين گهوڙاڙي!
گوڏن تي هٿ هٽندي هٽندي روڄ وڏائين گهوڙاڙي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 163)

- **ڪِسي پَوَڻ:** ڪسڪي پوڻ، ٿڙڪي پوڻ، ترڪي پوڻ، آٿڙجي پوڻ.

پٽر ڪُٽيندي دل من هٽندي ويچارا ائين ڦُسي پَيا،
پانڌيئڙن جا پيرا جڻ ڪا چاڙهي چڙهندي ڪسي پيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 114)

- **ڪٻگي هٽڻ:** ڇياڙي هٽڻ، بڪ بڪ ڪرڻ.

تڏهن تہ ڏارين ڏوڏ پرين جي آهي ٻَنڌِ ٻَڳي سائين،
هاڻ تہ وينا خان هٽن تا گدڙن واري ڪٻگي، سائين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 51)

- **ڪُلِ جا سم سم:** راز کلي پئہ، ڳُجهہَ عيان ٿي پئي.

هرڪو ڪل جا سم سم چَئي ٿو مشڪل کي آسان ڪري،
اِها ڪرامت آهہ تہ ڇو ٻي ڪرت وڃي انسان ڪري.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **ڪمن:** اُپرَن، نپجَنِ، جمن.

لعنت اهڙين لوٽين تي جي سنڌي ماءُ مان جمن،
شال نہ اهڙيون مائون سنڌي تنهنجي ڪُکِ ۾ ڪمن.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 301)

- **ڪنپ نہ ڪاري:** انهن کي ٻيءَ جو ڪنپُ بہ ڦِٽائي نہ سگهندو.

ڪنپ نہ ڪاري ڪنهن پر تنهن کي هالاريءَ جو هوءِ وري،
لهٽي ناهي لالي ان جي توڙي ڏوبي ڏوءِ وري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 125)

- **ڪنپين جيان ڦُٽي پَوَڻُ:** اوچتو گهڻيئي تعداد ۾ ظاهر ٿي پوڻ.

جي نوجوان حسرتون ڪنپين جيان ڪٽڻ پيون،
جي نوبهار الفتون گلن جيان ٽٽڻ پيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 108)

- **ڪنڌا ڪٽڻ:** ٻتال ڪرڻ، جُٺِ ڪرڻ، ٻي راهہ رَوي سيڪارڻ.

جيئي شل ساڻيهہ الا، جنهن ڪيون سايون سپ ڪنهن جون،

جيڪو هن جون ڪنڌيون ڪٽندو ٻيڙيون ترنديون ڪيئن تنهن جون؟.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **ڪنڊ ڪير ٿيڻ:** ريجهي پرچي هڪ ٿي وڃڻ، ڪوبہ سَنڌو سيڙهو نہ رهڻ.

جن اوطاقن ۾ هئا ڪنڊ ڪير ڏاڏاٽا ڪڏهن،
جن گلابن ۾ ٽڙيا ٿي رات ٽانڊاٽا ڪڏهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 156)

- **ڪنگهڻ ٻہ نہ:** ڪابہ لفٽ نہ ڏيڻ، اڻ واقفيت ڄاڻائڻ. اوپرائپ جو اظهار.

ڪيا واعدا جنهن هئا جيئري جنت پَسائڻ جا،
اهو ڪنگهي ٻہ نہ ٿو هاڻي، زمانو ڇا نہ ٿو ڄاڻي؟

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 79)

- **ڪنهِنبي چٽڪو:** خاص نهيل چٽن واري گندي، جنهن کي ڪنهنبو چٽبو آهي. ان جو ڏيک.

ڳاڙهي ڪنهنبي چٽڪو او ماهيا،
مون کي ماري تنهنجو الڪو او ماهيا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 50)

- **ڪوٽ ڪرڻ:** ڪَسُ لائڻ، ڏوڪو ڪرڻ، ويساگهاتي ڪرڻ.

عشق ۾ ناهي ڪابہ مڪياري، عشق ٿو سودو چوٽ ڪري،
عشق تہ سونَ جيان نج پر ڪي هرجائي ويا ڪوٽ ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 236)

- **کهاند:** اُچاٽ، ڇُرتِ، ڪئونس.

منهنجو ملڪ ملير الا پر مارئي وئي ۽ ملير وَيو
اَهُو سَهُو هن ڪرڻ لڳا اڄ ڪپرن وانگ، کهاند الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 110)

- **کهندو:** ڪئونس ڪندڙ اڳرائي ڪندڙ بيجائي ڪندڙ.

ظاهر زور تہ دل ۾ ان کي خطرو رهندو آهہ سدا،

ان جي ڪري هو هروڀرو پيو سڀ سان ڪهندو آهہ سدا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 48)

- **ڪيج:** خوشيون، نينگ ٽپا، مَستي.

ٻيرو جن جي جوت ايئن جڻ گج ۾ ٽانڪيل ڪاوا هو،
ٻيرو جن جا ڪيج ائين جڻ جهانجهہ مٿي ڪي جاوا هو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 159)

- **ڪيڏ:** چالاڪي، اٽڪل، ڊئونگ.

مڙئي منافق ڳولي ڦولي ساٿ انهن جو وٺڻ لڳا،
”گهر ڪا ڀيدي لنڪا ڍائي“ ڪيڏ انهيءَ سان وڙهڻ لڳا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 166)

- **ڪيرا ويرا:** بي هوش، بي ٽُڪا.

ائن جا پيرا ڪيرا ويرا، آءٌ پريان ڪيئن تن سان پيرا،
درد جا جن وٽ دنگ نہ ديرا، ڪيئن پير ڪجن تن پارن ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **ڪير ڪٽورا:** ڪير سان ڀريل ٿانوَ.

سينڌ سنواري ساهيڙيءَ جو ڪِلي نهاريو ٻاگهي،
ڪيرا ٿي تن ڪير ڪٽورو پٽ تي هاريو ٻاگهي.
ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **ڪيرو ٿيڻ:** لڙڪڙائڻ، نشي واريءَ حالت ۾، تازو ننڊ مان اٿيل.

سينڌ سنواري ساهيڙيءَ جو ڪلي نهاريو ٻاگهي،
ڪيرو ٿي تن ڪير ڪٽورو پٽ تي هاريو ٻاگهي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **ڪيرول:** جهنگلي ٻير.

تنهنجي ڪيرولين جي منڙي لست، پستن ڪان پلي،
غير جي گيندي ڪان وڏ تنهنجو ٻُڪَنُ تون لڪ لهين.
(ڏرتيءَ جا گيت: 74)

# گ

- **گاڄ:** گجڻ، ڪڪرن جو آواز.

ڪڪرن ڪئي گاڄ، ڪڪرن ڪئي گاڄ،
توسان منهنجو ڪاڄ، توسان منهنجو ڪاڄ.

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 40)

- **گام ڪٽي:** وک وڌائي.

اڀري آيون گام ڪٽي، اڀري آيون گام ڪٽي،
منهنجي سنڌ جون سوڍيون راٺيون مارئي واري هام هٽي.

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 102)

- **گَتَ:** عادت، روش، مرضي، وَڙُ وَجَهُه.

سنڌڙي تنهنجو نانءُ چگو پر غدارن جي گت بڇڙي،
توکي جيڪي ٽِڪو لڳائن تن مارين جي مت بڇڙي.

(**ساٿيهه جي ساک:** 41)

- **گَجُ:** عورتن جو چولو جيڪو هڪ خاص قسم جي برت سان پريل ۽ ڪاون جڙيل هوندو آهي.

ڀيرو جن جي ڳالهه ائين جڻ گيان مان جاڳيل ڀاوا هوءِ،
ڀيرو جن جي جوت ائين جڻ گج ۾ ٽانڪيل ڪاوا هوءِ.

(**ڏرتيءَ جا گيت:** 159)

- **گُجَرَنِ (گُجَرَ جو جمع):** ذات گُجَرَ وارن.

هڪڙي ٿاهيون ٿاهه ته هاٽي ويڙهه ڪجي ڪا اکرن ۾،
ٻاگهيءَ عيوض ٻانهن ڪا ٻي اُماٽي چڏجي گجرن ۾.

(**ساٿيهه جي ساک:** 66)

- **گجگوڙ:** شينهن جو آواز، گرجدار آواز.

ڪُڏَرَ لڳي ٿي جنهن ۾ ڪتار ۽ ڪڙڪي ٿي ڪَرَ ڪونڌر جي،

هڪلون هيبتناڪ ائين گجگوڙ هجي جيئن گينور جي.

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **گجميل:** جهارا, اُڏار, سونهن جا روپ, گلن جي جهول ۾ خوشبوءِ.

ڪڏهن تہ پنهنجو روپ هو رم جهم, گلن جيان گجميل هئا,

هاڻ تہ ائين جڻ ڪين هيون ڪجهہ, خوابن جا سپ ڪيل هئا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 231)

- **گدڙن ڪاڌي:** هرڪنهن جي آڏو آڻ مڃيندڙ, پاڙيَن پُٽنِ کان ڀڄندڙ.

سنڌ نہ گدڙن ڪاڌي آهي, سنڌ نہ اهڙي اپري آهہ,

توڙي جو سنڌ صدين کان دِلوراءِ جي ننگري آهہ.

(ساٽيهہ جي ساک: 54)

- **گردش:** ڦيرو, وقت جي تقاضا.

وقت سدائين گردش ۾ ٿو گهاري ڪوهہ جي گرٽي جيان,

پنهنجي ان تي ديد سدائين ڏرٽي آهہ سچ جي ڪرٽي جيان.

(ساٽيهہ جي ساک: 37)

- **گرد گرد:** ڏيميون, ڏنڌليون, مڌم, اڻ چٽيون.

چو سرخ سرخ رنگتون زرد زرد ٿي وڃن,

چو تابناڪ صورتون گرد گرد ٿي وڃن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 108)

- **گردي:** وٺ وٺان, زور زبردستي.

ساک انهيءَ ۾ ساري سٺ سان وينو هو جو ڪرهو ٿي,

هيڏي گردي تڏهن بہ گينور هانءُ نہ لاٿو ارهو ٿي.

(ساٽيهہ جي ساک: 78)

- **گرِنو:** اهو ڪاٺ جو ٿهيل گول جنهن تي گهڙو رکبو آهي, ان کي گرِمَ بہ چئبو آهي.

ماٺهو گرَنو دلي جي, ان کي نوڙي ٻڌي ۾ گهوڙو ڪر,

لانگ ورائي چڙهينس نہ ڪجهندو، ٽورو پئسو ڪوڙو ڪر.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 134)

- **گرٽي جيان:** ڦرندڙ ڦيٽي جيان، ڦرٽيءَ وانگيان، ڪُپيءَ جيان.

وقت سدائين گردش ۾ ٿو گهاري کوهہ جي گِرٽي جيان،
پنهنجي ان تي ديد سدائين آهہ ڏرتي سج جي ڪرٽي جيان.

(ساٽيهہ جي ساک: 57)

- **گُڙِيو پئي:** جهڙ جي گرجدار گجگوڙ جيان ڳالهائي رهيو هو.

منهن ۾ مانُ نہ مراد جو ياڱو لڳو ٿي ڪاري چور جيان،
هيڏانهن ننگر ڳاٺ اوچي سان گڙيو پئي گهنگهور جيان.

(ساٽيهہ جي ساک: 59)

- **گفتار:** ڳالهہ ٻولهہ.

ڪويل چڙ ڪو ڪنول جو گل هئي، ڪوئل جيان گفتار سنديس،
ڦوهہ جواني چڙ تہ جهڙيالي جُهڙُ ڦُڙُ جيان جنسار سنديس.

(ساٽيهہ جي ساک: 56)

- **گگدام:** بي زبانا، نہ ڪچندڙ.

آءٌ سجاڻا شينهن اهو جو گگدامن تي وار ڪري،
حرام هلال نہ ڄاڻي جيڪو سڀ تي وينو مار ڪري.

(ساٽيهہ جي ساک: 85)

- **گُلِتَر:** گل جهڙي سهڻي عورت.

آءٌ چنيسر، چيو علاول، گُلتر جو انداز تہ جانچ،
هن جي حسن ۾ آهن ڪيڏا انگل ۾ اعجاز تہ جانچ.

(ساٽيهہ جي ساک: 74)

- **گل ۾ گوهر:** سهڻي، گلن ۾ سهڻن پٿرن جهڙي.

هن جي جواني چاهي جيڪا گل ۾ گوهر ڳالهہ تہ ٻڌ،
هن جي جواني انتر منتر جادو جنتر ڳالهہ تہ ٻڌ.

(ساٽيهہ جي ساک: 72)

• **گنج ۾:** مجموعن ۾، گهڻن جي گڏ ٿيڻ واريءَ حالت ۾، ڳاٽيتي ڪان گهٽيءَ حالت ۾.

ڪجي اچي ٿي ڪانہ ڪا مصيبت جي گنج ۾،
ڦٽي ڪٽي ويا، دلين ۾ رنگ راز ساٿيو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 109)

• **گنوائي:** وڃائي، ضايع ڪري، قربانُ ڪري.

تنهنجون اکڙيون آرس هاٽيون جن ۾ ڪيپ جوانيءَ جا،
جيڏيون تولئہ جان گنوائي مُنجن چِلا مهمانيءَ جا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 113)

• **گُڻُ نہ اهو:** عادت، خاصيت، ورتاءُ.

ٻاگهي پٽي ات پڏتر ۾ چٽي قصو ڪيئن ڪوتاهہ ڪجي،
ياٺن هوندي پيڻ ٻڌي پگ گڻ نہ اِهو بيگاهہ ڪجي.

(ساٽيهہ جي ساک: 37)

• **گوارا:** قبول، موزون، وڻندڙ.

ڪنهن بہ غيرتمند کي ناهہ گوارا هيءُ غلاميءَ جو جيئڻ،
ذلتن جي زندگيءَ کان آهہ بهتر مرد ميدان تي مرڻ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 65)

• **گوپيون:** پوڄارڻيون.

تنهنجون ساهيڙيون پٽن تي هون انهيءَ اوصاف ۾،
جڻ تہ گوپيون مندرن ۾، جڻ پريون ڪوهہ قاف ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

• **گوتم:** ٻڌ ڌرم جو باني ۽ اوتار.

تون سقراط جو ذهن، منصور جو دم،
تون گوتم جو گيانُ ۽ تون قرآن جي دل.

(ڏرتيءَ جا گيت: 140)

- **گود جهليا:** اولاد نہ ٿيڻ جي صورت ۾ ٻين کان وٺي پاليل ٻار.

هن جا قرب ۾ ڪيچ ڪڪر جيان هرڪو مست جياپي ۾،
پيٽ ڄڻيان کي گود جهليا پيا پلجن هن جي پاڇي ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **گود ۾:** جهول ۾، ڀاڪر ۾، ڳر لڳائڻ، سنڀال هيٺ.

سانگ ساٿي کين ٿين، وندر لئہ وقلي رهيس،
گود ۾ گوندر نپائي تانگهہ ۾ اهلي رهيس.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 59)

- **گورک ڏنڊو:** بيڪار ڪم، اجائي مرڳ.

ماڻهو تنهنجا ماڻ سوين پر اهڙو هلڪو ٽيڏو ناهہ،
ڪوڙ جي خاطر ڪِنَ ڪرڻ جو گورک ڏنڏو ڪرڻو ناهہ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 135)

- **گوري:** نوجوان ڇوڪري.

گوري! تنهنجا انڊلٺ جهڙا رنگ، بلي!
ويچارن تي وجهي ڇڏيا ٺئي ونگ، بلي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 47)

- **گوندر:** ڏک، سور، صدمو، ڳِڻتيون.

آءُ اڳي ئي ڇورو ڇنو، ٻيو گوندر جي گيهاند الا،
آءُ ڪيئن سارا سور وساري ڪريان ڪٿيءَ راند الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 110)

- **گوندرڙو:** سور، ڏک، ڳوٺ جو نالو.

ڳوٺ تہ منهنجو گوندرڙو،
ڏوريان ويٺي ڏونگرڙو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **گوهيون:** هيڏانهن هوڏانهن جُهوتُون، گُس گُسان، نتائڻ.

ڪوچ ڪيو سلطان ۾ لشڪر مڪڙي جيان روپاهہ مٿي،
ابتيون سبتيون گوهيون ڏيندي لغڙن جيان روپاهہ مٿي.
(ساٽيهہ جي ساڪ: 46)

- **گوءِ:** پيٽ، ٻوڙ پچائڻ، راند.

هو ميدان درياهہ وانگي چلي ائين ٿو لڳي جڻ تہ طوفان آيو،
ڪٿي گوءِ تي ڏمر ڪٿي راند تي رش، متا گوڙ هردل ڪي جولان آيو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 171)

- **گوئن تي وڃڻ:** گم ٿي وڃڻ، لڪي وڃڻ، غائب ٿي وڃڻ، پڄي وڃڻ، کِسڪي وڃڻ.

درياخان پڇاڻي ڪئي ۾ جام ويو ائين گوئن ٿي،
پکي ويو جڻ آکيري مان آکيرو ويو ڪک پن ٿي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 166)

- **گمراهي:** راهہ ڀليل، غلط، ٻتال.

پنهنجي غرض ۾ گمراهيءَ سان راڄن کي تاراج ڪندو،
ملڪ جي ٻيڙي سير تي چاڙهي ماڻهن کي محتاج ڪندو.
(ساٽيهہ جي ساڪ: 35)

- **گهرو ملال:** گهڻو ڏک، شديد ارمان، تمام گهڻو پڇتاءُ.

سوال چپ تي اچي تہ ڪوئي خيال هڪدم ستائي ڇوٿو،
خوشيءَ جو پاسو وٺي تہ گهرو ملال هڪدم ستائي ڇوٿو.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 134)

- **گِيانُ:** ٻول، چَوٽي، ذِڪرُ، خيالُ.

اگڻ مٿي آنگاس اپو هي هو نيشانُ فقيرن جو،
سنڌڙي تنهنجا ولر وسن، اهو گيان ڏيان فقيرن جو.
(ساٽيهہ جي ساڪ: 48)

- **گيدي:** ياڙي، سست، ڊيڄو.

غاصب جيڏو ڪوڙو تيڏو گيدي ٽيندو آهہ سدا،
ظاهر زور تہ دل ۾ ان کي خطرو هوندو آهہ سدا.

(ساٽيهہ جي ساک: 48)

• **گيند:** مڪر، ڌوڪو ٻچاپڙائي، دغا.

بگهڙ تہ پنهنجا پال پلايا، هرڻ کي ڪندا ڪيٽا پيا،
گدڙ ڪئي جا گيند انهيءَ کي ڏينهن جا تارا ڏسٽا پيا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 184)

• **گيندو:** گل جو هڪ قسم.

تنهنجي ڪيرولين جي منڙي لست پِستَن ڪان پلي،
غير جي گيندي ڪان وڌ تنهنجو ٻُڪَنُ، تون لک لهين!

(ڏرتيءَ جا گيت: 76)

• **گينور:** شينهن.

ڪڏڻ لڳي ٽي جنهن ۾ ڪتار ۽ ڪڙڪي ٽي ڪر ڪونڌر جي،
هڪلون هيبتناڪ ائين، گجگوڙ هجي جيئن گينور جي.

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

• **گيهاند:** گهڻو وقت هلڻ، ٻيگهہ ڪرڻ، يڪو رهي پوڻ، دير تائين رهڻ، ڄتي ڪوريءَ واري ٻيگهہ ڪرڻ.

آءُ اڳيئي چورو چنو ٻيو گوندر جي گيهاند الا،
آءُ ڪيئن سارا سور وساري ڪريان ڪبٽيءَ راند الا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 110)

# ڳ

- **ڳاٽ اُڀي سان:** مرڪندڙ منهن سان، فخر سان، مِريادا سان، مانَ پريو.

منهن ۾ مٽيا نہ مراد جو پاڳو لڳو تي ڪاري چور جيان،
ڏانهن ننگر ڳاٽ اُڀي سان گُڙيو پئي گهنگهور جيان.

(ساٽيھ جي ساک: 59)

- **ڳاڏي:** نار وهائڻ لاءِ ڍورڪي هڪلڻ لاءِ نهيل تختي.

چانڊاڻن ۾ مانڊاڻن سان سينگاريل ويراندا هئا،
ڳاڏيءَ تي ڪي ڳڀرو وينل مٽيادار مُهاندا هئا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 158)

- **ڳاڻ ڳڻ:** مختصر، آڱرين تي ڳڻڻ جيترا، ٿورڙا.

وقت اچڻ تي مشڪل سان، منهن اڳ ۾ ڏيندو پاڻ آهيان،
’جيءُ دودي ڪي، جي اوهان ڪي‘، اها ڳڻيندو ڳاڻ آهيان.

(ساٽيھ جي ساک: 36)

- **ڳاهُن ۾:** سگهڙ پنهنجي ڳالھ جن سگهڙائپ جي صنفن ۾ پيش ڪندا آهن، ڳاهہ انهن مان هڪ آهي.

هن سان جن جون سپوت پچارون، تن جون ڳالهيون ڳاهُنِ ۾،
سر ڏئي ۽ تي ويا سنمک هن سان عشق راهن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 25)

- **ڳڀرو:** وَهيءَ چڙهيل نوجوان.

چانڊاڻن ۾ مانڊاڻن سان سينگاريل وراندا هئا،
ڳاڏيءَ ڳاڏيءَ تي ڳڀرو وينل مٽيادار مهاندا هئا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 158)

- **ڳتا ڳولڻ:** پچڻ جا گهَٽَ تاڙڻ، سهوليت واريون جايون تاڙڻ.

دهليءَ جو سلطان اڳيئي سنڌ جا ڳتا ڳولي پيو،

تنهنجو ساٿ هو ڏيندو بيشڪ منهنجو اندرپولي پيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 42)

- **ڳچ ڳارڻ:** روئي روئي رچ پرڻ، تمام گهڻو روئڻ.

ٻاريا جبل تي جوڳين مچ، ماهيا!
لڏي آءُ تہ ڪي ڳاڙيون ڳچ، ماهيا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 53)

- **ڳچ ڳرڻ:** ڳاٽ ڀرجي اچڻ، روئڻ تي دل چوڻ، روئڻ هارڪو ٿيڻ.

گهلي ٿي هير جي تہ مڪڙين جا ڳچ ڳرن ٿا اچ،
اچي ٿي بوءِ جي تہ بربلن جا ڇهہ ڇجن ٿا اچ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 107)

- **ڳراٽيون:** ڀاڪر پائڻ، ڀانئڻ، پيار ڪرڻ.

تنهنجون ڳالهيون، ڳراٽيون تہ وسارڻ جون ناهن،
منهہ توڙي من ۾ اچا پيون ٿيون سارجن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 145)

- **ڳڙِڪائڻ:** ڪائي وجڻ، ڳهي وجڻ، ڪٽي وجڻ، ڦُري وجڻ.

ڏاريا تنهنجي دال نہ ڳرندي ڇو ٿو خلق ڪلائي وجي،
سنڌ تہ ڪوئي حلوو ناهي جو تون ڳيت ڏئي ڳڙڪائي وجي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 87)

- **ڳڙو:** مينهن وسڻ دوران ننڍڙا برف جا بلور ڪرڻ.

تيرن جو ائين وسڪار جيئن ڪو ڳڙي جو ڪڙڪو ڌرتيءَ تي،
تيرن جو تڪرار ايئن جڻ وج ڪري ڪنهن وستيءَ تي.

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **ڳل ميچ:** ڳَل لِڳي، ڀاڪرن پائڻ سان، پيار ڪرڻ سان.

ڏس تہ توکي ڪيئن ٿو ڳل ميچ سان پرڇائيان،
زندگيءَ مان ڪيئن تنهنجي رام ڪي ريجهائيان؟!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 289)

- **ڳنڀير:** مايوس، ڏکيو سوچ ۾ ٻڏل، سنجيدو.

ڪڏهن ائين پيي ٿيندو آهي، دودي ٿي ڳنڀير چيو،
مهل اچي ٿي مردن تي ڪو غم نہ ڪريو مهمير ٿيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 51)

- **ڳڻ:** ٿورو، احسان، خيال ڪرڻ، چوندڻ، نشانبر ڪرڻ.

ٿيندي نيٺ اُهائي جيڪا مرضي هوندي يارن جي،
ليڪن منهنجو عرض ٻڌو ڳڻ ڳوت ڪيو دودي پارن جي.

(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **ڳُڻِن:** ٿورن، احسانن، مهربانين.

اتي علاول سرهو ٿيو ۽ داد ڏنائين ننگر کي،
ڳڻن پريون سڀ ڳالهيون هن جون بيشڪ ڏات ڏهيسر کي.

(ساٽيهہ جي ساک: 61)

- **ڳڻڻ:** ديک پال ڪرڻ، خيال ڪرڻ، سوچ ويچار ڪرڻ، احساس ڪرڻ.

توڙي مون کي چير ڏئي تہ بہ هوندم ان سان چاهہ سدا،
ڪڏهن تہ منهنجي ڳالهہ ڳڻيندو، اتم اِهو وبساهہ سدا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 25)

- **ڳوت:** راءِ ڏيڻ، تجويز ڪرڻ، پيش ڪرڻ.

ٿيندي نيٺ اُهائي جيڪا مرضي هوندي يارن جي،
ليڪن منهنجو عرض ٻڌو ڳڻ ڳوت ڪيو دودي پارن جي.

(ساٽيهہ جي ساک: 33)

- **ڳوٺ:** شطرنج جي راند ۾ ڪم ايندڙ مهرا.

چپائون اسين خاندان آهيون ليڪن اسان کي وڏو پيٽ جي کوٽِ ماري،
هٽون ٽا ائين داءُ شطرنج ۾ جڙ انڌو ٿو سڀي جي لڪي ڳوٺ ماري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 178)

- **ڳوٺ ڳُڻ ڳائڻ پيا:** ڏيهان ڏيهہ مشهوري، ملڪان ملڪ ساراهہ.

تون پکي ۾ پدمڻي ۽ لوءِ ۾ لالي هُئينءَ،

تنهنجا ٻڪڙ ٻڪايا ٿي ٻوٽن بوٽ ۾ بالي هُئينءَ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **ٻوڙها جن جا ڳيچ:** خوشيون دکن ۾ تبديل ٿي وڃڻ.

ٻوڙها جن جا ڳيچ اهي ڪيئن مرڪ جا ماڻڪ ماڻن هوءِ،
چاتيون جن جون چيهه چلي ويا، تند اُهي ڪيئن تاڻن هوءِ.

(ساٽيهہ جي ساک: 71)

- **ٻوهہ:** هڪ ساهوارو جانور، شڪل ۾ ڪرڙيءَ جهڙو پر قد بت ۾ واڳون جي سال واري ٻچي جيترو.

پهاڙيءواري درويش جوتحفو آ، هن جي ڪاڻ سان يڪدم اهوڪم ڪرن ٿيون،
جو ٻئي هٿ ڳچيءَ ۾ تا پئجي وڃن ۽ اکيون ٻوهہ وانگر ڏرا ڏئي ڦرن ٿيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 175)

- **ڳهر:** ننڊ، نشو، ننڊاکڙائي، نيم بي هوشي.

ستا جي يار، مَهيءَ وِلوڙ تي بہ نہ اٿيا،
اٿيا تہ هوش کان ٻاهر، لٽن گهر تہ صدا.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 177)

- **ڳهل:** ڳهر، سستي.

ناز ويا نَوَ ورنين مان ۽ ڳيرو وينا ڳهل چڙي،
چڻ تہ رُسي ويو ڪاڪ ڪان راٽو مومل پنڪي محل چڙي.

(ساٽيهہ جي ساک: 80)

- **ڳهلو:** سادو سودو، ابوجهہ، بي وقوف، معصوم.

هرڻ کلي چيو هئي ڙي چبرا صدقو تنهنجي ڏاڙهيءَ تان،
آءُ سو ماٺو ناهيان جو ٿيان ڳهلو تنهنجي ڳياڙيءَ تان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 198)

- **ڳهٽو:** ڳهہ، ڳائڻ، ڳالهہ ڳٽيندڙ سوچ ويچار وارو.

گهٽي جيڪا ڳالهہ ڳٽي هي، سا تہ نہ ليکي لهٽي تي،
جهڙي ڪرٽي تهڙي، پرٽي کهڙي ڪرٽي پرٽي تي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 286)

# گھ

- **گھات:** مارڻ، ختم ڪرڻ، راتاهو ڏيڻ.

ڪاريهر جيان وير وڏائين ڏنگ تي ذات چنيسر جي،
گھات ڏِسي گھمسان ڪرڻ لئہ هلي تي گھات چنيسر جي.

(ساٽيھہ جي ساک: 41)

- **گھاٽ:** لنگھہ، پتڻ، اچڻ وڃڻ جون جايون.

ڪاريهر جيان وير وڏائين ڏنگ تي ذات چنيسر جي،
گھاٽ ڏسي گھمسان ڪرڻ لئہ هلي تي گھات چنيسر جي.

(ساٽيھہ جي ساک: 41)

- **گھاٽي:** ڳُوڙهي ڳُتيلَ، ڳَسُ، ٽوٽ.

هن کي ڪيئي گھاوَ رسيا تہ بہ هيءَ نہ رهي ڪنهن گھاٽي ۾،
هن جا ڪيچ ۽ قرب ڪڪر جيان هرڪو مست جياپن ۾.

(ساٽيھہ جي ساک: 25)

- **گھاري:** گذاري، پورا ڪري، وٽي.

تنهنجي ڪارڻ اسان بہ پنهنجي عمر ڇڏي ائين گھاري،
ٿئي نہ محبت مات، الاهيءَ ڪاري ڪاري رات!

(ڏرتيءَ جا گيت: 25)

- **گھاگھر:** پاڻي رکڻ جو ٺڪر جو ٿانءُ.

گھگھري گھير تي گھاگھر گھرڪ، بلي!
ڇوري تنهنجا ننڍ ۾ ڇرڪ، بلي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 47)

- **گھاءُ:** زخم.

هي منهن ڏيئي نہ سگھيو هڪدم جو سگھہ ۾ ڪين سٽائو هو،
ڪِريو بہ ڪَرِڻ سان پُورو ٿي ويو گھوٽ جو گھاءُ گھٽائو هو.

(ساٽيھہ جي ساک: 62)

- **گهائِيءَ ۾:** آوَرَ ۾، قبضي ۾، وَجَهہ ۾، عتاب ۾.

انسانن جا حال ڏسو ڪيئن آيا غير جي گهائيءَ ۾،
پنهنجو پاڻ وڃائي ويٺا هردم آهن هائيءَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **گهٽائون:** گهاٽو جهڙ.

امنگ: شعر ۾ خيال اُپارن گهٽائون گهنگهور آيون آهن،
اميد: جوش ۾ جلال اپاريا فضائون ڇِٽَ چور آيون آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 34)

- **گهٽ گهٽ جا:** هنڌ هنڌ جا، گس گس جا.

رعب اوهان جا ريب اسان جو رنج روساما جهٽ جهٽ جا،
جڻ تہ قطارون، جڻ تہ مهارون جڻ تہ مهاڏا گهٽ گهٽ جا.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 285)

- **گهِرڪَ:** ڪسڪڻ، هيٺ رڙهي اچڻ.

گهگهرَي گهير تي گهاگهر گهرڪ، بلي،
چوري تنهنجا ننڍ ۾ چرڪ، بلي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 47)

- **گهر ڪا ڀيدي لنڪا ڍائي:** گهر جي جاڻ وارو ماڻهو ڦاسائيندڙ.

مڙئي منافق ڳولي ڦولي ساٿ انهن جو وٺڻ لڳا،
گهر ڪا ڀيدي لنڪا ڍائي، ڪيڏ انهيءَ سان وڙهڻ لڳا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 166)

- **گهڙيءَ سنڌو گهڙيال:** تمام ٿوري وقت ۾، چوٽ تي پڇي وڃڻ، جلديءَ ۾.

گهڙيءَ سنڌو گهڙيال تي ڇا تي گلزاريون ڪيون لک، الا،
ڪيچ ڪري ڪل، وڏا ٿي سپ ڪي ٻارن وانگي ٻک، الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 167)

- **گهگهري سان:** پريل سهڻي عورتاڻي چولي سان.

گهگهري سان جو گيهر تي آئي ڪنگڻ واري ٻاگهي،
پاڻيءَ ان جا پير چميا چي جيءَ پياري ٻاگهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **گهِلَ:** ٿوري وقت جي ننڊ جو جهٽڪو.

گُهلي هيرَ تہ آئي گهِلَ، بالو!
اسان پنڪيءَ ۾ پڙهيا نينهن نفل، بالو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 46)

- **گهمسان:** فساد، جنگ، راتاهو.

ڪاريهر جيان وير وڏائين ڏنگ تي ڏات چنيسر جي،
گهات ڏسي گهمسان ڪرڻ لئہ هلي تي گهات چنيسر جي.

(ساٽيهہ جي ساک: 41)

- **گهن گهور:** ڳُتيل ڪڪر، گهاٽو جهڙ، وسڻ جهڙو جهڙ.

منهن ۾ مٽيان نہ مراد جو پاڻو لڳو تي ڪاري چُورَ جيان،
هوڏانهن ننگر ڳاٽ اوچي سان گڙيو پٽي گهن گهور جيان.

(ساٽيهہ جي ساک: 59)

- **گهٽائو:** اونهو، زوردار.

هي منهن ڏيئي نہ سگهيو جو سگهہ ۾ ڪين سٽائو هو،
ڪريو ڪرڻ سان پورو ٿي ويو گهوٽ جو گهاءُ گهٽائو هو.

(ساٽيهہ جي ساک: 62)

- **گهور وڃان:** صدقي ٿيان، قربان ٿيان.

رنگ رتي روپ وتي تنهنجي ڳليءَ تان،
گهور وڃان، او گهور وڃان، او گهور.

(ڏرتيءَ جا گيت: 38)

- **گهوڙا زين سان:** لغام سان تيار ٿيل گهوڙا.

تو سان مهري جنهن جي موهه ۾ ڪيئي گهوڙا زينَ ٿيا،
تنهنجيءَ ڪُڪِ ۾ ڪانَ هنيان جن اوڙڪ سي پِي ڪينَ ٿيا.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 142)

- **گهونگهٽ:** برقعو رَئي جو منهن تي ڏنل ڍڪ.

گهونگهٽ سوري گهوٽن کي اچ ڏي ڪو گهاءُ تہ رنگ ٽين،
تنهنجي رس جڻ بادِ صبا ڪڻ سُرندي ساءُ تہ رنگ ٽين.

(ساٽيهہ جي ساک: 74)

- **گهير:** ڦيرو، چوگرد ويڪرائي.

گهگهري گهير تي گهاگهر گهرڪ بلي!
چوري تنهنجا ننڍ ۾ چِرڪ، بلي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 47)

- **گهير تي آئي:** پاٽيءَ پرڻ واريءَ جڳهہ تي آئي.

گهگهري سان جو گهير تي آئي ڪنگڻ واري ٻاگهي!
پاٽيءَ ان جا پير چميا چي جيءُ پياري ٻاگهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 43)

- **گهيرناه:** رستو ئي ناهي، چارو ئي ناهي.

هتي بهار ٿا جلن، گلن جي سرن ڏي خير ناهہ،
خزان جو آهہ دائرو، سڳنڌ لاءِ گهير ناهہ.

(ڌرتيءَ جا گيت: 107)

- **گهيڙ:** پاٽيءَ ۾ گهڙڻ جي جاءِ.

گنگهري سان جو گهيڙ تي آئي ڪنگڻ واري ٻاگهي!
پاٽيءَ ان جا پير چميا چي جيءُ پياري ٻاگهي!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 68)

# ل

- **لات منات:** وڏن ماڻهن جي حويلين جي ڪوٽن ۽ ڪنگرن سان.

تنهنجو عشق هميشه باغي هر جابر جي ذات اڳيان،
تنهنجو ڪنڌ جهڪڻ جو ناهي ڪنهن ٻي لات منات اڳيان.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 284)

- **لاٽيون:** خوبصورت ٻوليون.

لاٽيون لَنوَندي، سڀ ڪجهہ باهي، وينو گيت لکان:
وينو گيت لکان

(ڌرتيءَ جا گيت: 31)

- **لاحول:** ”لاحول والله اِلا“ توبهہ ڪرڻ، بچاءُ ڪرڻ، پرهيز ڪرڻ.

دنيا لاءِ ”نعوذ“ پڙهون يا پاڻ مٿان ”لاحول“ پڙهون،
اڄ تہ ويهي ويچاريون اڄ ڪنهن تي ڪهڙا ٻول پڙهون.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 29)

- **لاڏا:** سهرا، مرد مٿير، مڙس ماڻهو جن وٽ هروقت لاڏ ڪوڏ هجي.

لڙ ۾ لانجهاتي لاڏا، لوڏ ناهي لانوَ ۾!
وڀ جا وَرڙاٽ ناهي، وَڏَ پَوَنِ ٿا هانوَ ۾!

(ڌرتيءَ جا گيت: 154)

- **لاري لڳڻ:** آڌر آسري تي هلڻ، پنيان هلڻ، انحصار ڪرڻ.

پنهنجي پريت ڪنول جيان اُجري، جنهن ڪي نہ ڪوئي مير لڳي،
جن جا ناتا جُهڙ جا پاڇا، تن جي لاري ڪير لڳي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 230)

- **لاس:** گهٽتائي، هيٺائي.

نئين ٿهيءَ جا نَوَن امنگن ساڻ اڇي ٿي راس هئي،
بيداري هُئي بلي انهن جي جنهن ۾ نہ ڪائي لاس هئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 198)

- **لاف هڻڻ:** ڊاڙ ٻٽاڪ هڻڻ، اجايو شوبازي ڪرڻ، پاڻ پڏائڻ.

قيد ڪري فقراهي لڏو وجي پيش ڪيائون علاول وٽ،
هيئن هنن کي زير ڪيو سي، لاف هنيائون علاول وٽ.

(ساٽيهه جي ساک: 49)

- **لاڳ وڻائڻ:** پاسو وٺڻ، ها ۾ ها ملائڻ، هم خيالي ظاهر ڪرڻ، صحيح قرار ڏيڻ.

ابڙي آخر لاڳ وڻائي، پنهنجو پاڻ الاهي توهار،
ممٺ مرڪي اڳتي وڌيو چي پائو هاڻ الاهي توهار.

(ساٽيهه جي ساک: 79)

- **لاکيڻي جي لوءِ لتاڙي:** جيڪي لک لهندڙ هجن تن جي جُوءِ تي ڪاهي اچڻ.

لاکيڻن جي لوءِ لتاڙي، وِڌو ڏَچَئيءَ ڏهڪاءُ اچي،
هاءِ چنيسر ڏوڙ پَوَئي تو ڪيئن کُهايو ياءُ اچي.

(ساٽيهه جي ساک: 71)

- **لال ڪتياڻي:** ڪتياڻي پکي جيڪو سياري جي آمد جي نيشاني هوندو آهي.

تاروئڙا تلاءُ تي پنيان لال ڪتياڻيون،
توريءَ وسُونئن وڻن ۾ نہ ڪي روح رهاڻيون.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 97)

- **لال لاکيا:** لکن جي قيمت جهڙا موتيءَ جا داڻا.

لوءِ لونئي ۾ رهيا باقي انڌا ڪاڻا، الا،
ڪوڏ جي ملهہ ٿا وڪامن لال لاکيڻا، الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 150)

- **لالي:** ڳاڙهي ڪنوار

تون پکي ۾ پدمڻي ۽ لوءِ ۾ لالي هُئينءَ،

تنهنجا ڳڙ ڳايا تي ڳوڻن بود ۾ بالي هُئين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **لام:** تاري، چوٽي، شطرنج جو داءُ.

چيائون اسين خاندان آهيون ليڪن اسان کي وڏو پيٽ جي کوٽ ماري،
هٽن تا ائين لام شطرنج ۾ جڙ، انڌو ٿو سڄي جي لڪي ڳوٺ ماري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 178)

- **لانجها:** ڏٻرا، ڪمزور، مايوس، نِٻَلَ.

لڙ ۾ ويا لانجها تي لاڏا، لوڏ ناهي لانوَ ۾،
وپ جا ورڙات آهن، وَڏَ پون تا هانوَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **لانگڙ لاهہ:** شاخن جهڙين پاڙن وارا ٽُڏا، بي سُرا لاهہ.

ماٺهو پورا متي ڪنهڻ ۾، ڪيراتي مان وار ڪيڍي،
هرڪو لانگڙ لاهہ تي وڻ جا ڏار منجهان پيو ڏار ڪيڍي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 288)

- **لانوَ جي لوڏ:** شاديءَ مهل جيڪا گهوٽ ۽ ڪنوار کي لانو جي ڏُوڻ ۽ لوڏ ڏبي آهي.

لڙ ۾ ويا لانجها تي لاڏا، لوڏ ناهي لانوَ ۾،
وپ جا ورڙات آهن، وَڏَ پون تا هانوَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 134)

- **لاهہ:** وڻن جون ٿلهيون ۽ ڊگهيون پاڙون وڻن ڪپڻ کان پوءِ ڏرتيءَ مان کوٽي ٻاهر ڪيڍيون آهن.

هليو جو تہ بي ڊول ڏرتيءَ دڙن مان بدلجي پسنوت ساڻ هموار تي وئي،
ويا لاهہ لاهن جا نڪري ۽ کوٻن ڪڏن جي يڪي سر مڏي گار تي وئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 172)

- **لاهي پاهي بيهڻ:** بنا ڪنهن شرم حياءَ جي، بنا رک ڪاءَ جي، بنا جهل

پل جي.

بانڪن جي بيگار ائين جڻ واندن جي وانگار هئي،
لاهي پاهي چوٽ چڙهي اڄ دهليءَ جي سرڪار هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **لاءُ بالي:** جيڪو پنهنجي مرضي هلائي، جنهن کي ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ هجي.

عشق دل درياهہ ڪئي تہ سرحدن جي سُرتِ وئي،
لوڪ لڪا ڇاهي؟ اسان لاءُ بالي ڙي، اوجُهڙيالي ڙي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 26)

- **لايا سجايا:** محنت صاب پوڻ، اجورو صحيح پهي ملڻ.

انهيءَ جي آس رکي اسان هيءُ سارو سانگ رچايو آهہ،
هاڻ تہ پنهنجي ساري آهي سارو سانگ سجايو آهہ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 72)

- **لب:** ڪنارو، لالچ، چُوس، چپ.

ڏيئنس وچي لب ٻاگهيءَ جو ڏن، دولت جو دولاب بہ پڙ،
ڇئينس تہ مون گڏ هوندا تابع منهنجا سڀ ارباب بہ پڙ.

(ساٽيهہ جي ساک: 42)

- **لِچَ ڳنڍڻ:** نسل ملائڻ، ڳانڍاپو ظاهر ڪرڻ، ساڳئي نسل مان هئڻ جو چوڻ.

پر غلامي راس آئي جنهن سان لِچَ ڳنڍڻي پيم،
ريس پنهنجو پاڻ تي آئي ٿي اهڙي ماڻ تان منٽي پيم.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 308)

- **لچڻ:** عادتون، گڻ، اخلاق، آداب، خاصيتون.

هِنَ ۾ لچڻ هو ڪين، نہ هن کي راڄن سان ڪا رغبت هُئي،
هِي هو پنهنجي عيش ۾ گم سم هن جي اِهائي علت هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 59)

- **لحظي ۾:** گهڙيءَ ۾، جهٽ پلڪ ۾، ٿوري وقت اندر.

جلادن کي حڪم ٿيو ۽ حڪم ٿيڻ سان لحظي ۾،
فقراهن جون وِيون ڏار ٿي سسيون دڙن کان لحظي ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 50)

- **لڏڙو:** پاٽيءَ جو جانور تقريباً ننڍيءَ ٻليءَ جيڏو مڇيءَ تي گذارو ڪندڙ.

پاٽيءَ ۾ جيئن لڏڙو تيئن تي ڦريو علاول لشڪر ۾،
هرهڪ کي دلجاءَ ڏئي تي چڙيائين انهيءَ منتر ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 68)

- **لرزِي:** ڏجي، ڀري ڀجي، ڏکي، خوف کائي، ٿاروڪري.

هي جيئي سنڌ سئين هر جوان جي،
جنهن کان لرزي ٿي ديوار زندان جي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 101)

- **لَڙَ:** دير، وقت گذرڻ تي.

لڙ ۾ ويا لانجها ٿي لاڏا لوڏ ناهي لانوَ ۾،
وِيَ جا ورڙاٽ آهن وَڏَ پَوَن ٿا هانوَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **لکا نہ پوڻ:** کوٽ محسوس نہ ٿيڻ، خبرئي نہ پوڻ، ڪابہ تڪليف محسوس نہ ڪرڻ.

ڪا لکائي نہ ٿي پئي تہ ڪنهن اهنج هوندي بہ،
تنهنجون اِڇايون ڪي ارهيون هيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 145)

- **لکاءِ:** محسوس ڪراءِ، ڏجڻ، ڦٽ کائڻ، اثر قبول ڪرڻ.

جيڏي واهر وٽجهہ ۾، تيڏي تنهنجي سگهہ،
لوڏن کي نہ لکاءِ، مون کي پار پُڄاءِ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 28)

- **لڪائِين:** ڏيکارين، محسوس ڪرائين.

ڪيئن دوستيءَ جي سانگي ٿو دشمني لڪائين،
سمجهون ٿا ڪيڏ تنهنجي سرڪار ياد رکجانءِ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 203)

- **للڪار ڪري:** ساهي، هوڏي، هُوڪاري.

هڪل ٻڌي هوشيار ٿيا سڀ درٻاري للڪار ڪري،
عهد ڪيائون لڙندا سڀ اڄ ڏارين تي يلغار ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 162)

- **لنگهڻ ڪڍڻ:** ٻُکون ڪاٽڻ.

پورهيو نہ ٿيو جڻ بيگر ٿي جا لنگهڻ ڪڍي ۾ وهي چُڪا،
پسي ڪارڻ پنهنجو رت ست ٻاڙي ٻاهہ ٻُهي چڪا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 115)

- **لنؤُ:** عشق، صحبت، پيار، انگ.

سنڌڙي جنهن جي لنؤ ۾ لوري آهہ سدائين جندڙيءَ سان،
ثابت قدم ٿي رهڻو آهي آخر مادر منڙيءَ سان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 34)

- **لَنوَندي:** مئيون ٻوليون ڪندي، پکيءَ جي ٻولڻ کي لنوڻ چئبو آهي.

لاتيون لنوندي سڀ ڪجهہ باهي وينو گيت لڪان،
وينو گيت لڪان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 31)

- **لوبان:** پسارڪو وکر، جيڪو ٽانڊن تي وجهبو تہ خوشبوءِ ظاهر ڪندو آهي ۾ پاڻي چار ٿي ويندو آهي.

جيءَ ٿا جلندا رهن لوبان جيان تو واسطي،
سور ٿا وڌندا اچن سرطان جيان تو واسطي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **لوٽئي:** ياڙيءَ، ڪهين نہ ڪم جي، ڦٽ لعنت لائق.

لوڪ لوٽئي ۾ رهيا انڌا ۽ ڪاڻا الا،
ڪوڙ جي ملهہ ٿا وڪامن لال لاڪيٽا الا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 150)

- **لوچڻ:** ڪوشش ڪرڻ، جستجو ڪرڻ، سانباها ڪرڻ.

جنهن جي ڪارڻ چنڊ ڳٽيندي لڇان پڇان ۽ لوچيان ٿي،
سو جي سامهون آيو تہ ان کي ڇا چونديس ائين سوچيان
ٿي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 234)

- **لوڌ:** ڳُتن جي گهٽائي کي لوڌ چئبو آهي، ڪاوڙ مان ماڻهن لاءِ هي لفظ استعمال ڪبو آهي. مجموعو ڪٽڪ، انبوهہ، گهٽا، لشڪر.

لشڪر جي هيءَ لوڌ اچي روپاهہ جي پاس ۾ پهتي،
خبر اِها وڃي دودي جي دربار ۽ ماڻهن ۾ پهتي.

(ساٽيهہ جي ساک: 46)

- **لوري:** سِڪَ، حُبَ، ياد، سار، مائرون ٻار کي ننڊ ڪرائڻ لاءِ پڙڪاريندیون آهن، ان مِٺ آواز کي 'لوري' چئبو.

سنڌڙي جنهن جي لونءَ ۽ لوري آهہ سدائين جندڙيءَ سان،
ثابت قدم ٿي رهڻو آهي آخر مادر منڙيءَ سان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 34)

- **لوڪ لڪا:** ماڻهو ڪلائڻ، ماڻهو ڇا چوندا، ماڻهن ۾ چئوبول.

عشق دل درياهہ ڪئي تہ سرحدن جي سُرتِ وئي،
لوڪ لڪا ڇاهي؟ اسان لاءُ بالي ڙي، هو جهڙيالي ڙي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 26)

- **لوليون:** ماءُ جون ٻار کي ننڊ ڪرائڻ لاءِ ڳايل لوريون، ننڊيون مانيون.

درج آهي ان دؤر جو حال تہ ساڃهہ هئي ڇا سيرن ۾،
جن جون لوليون اڄ بہ ڏين ٿيون مائر ٻار کي ڇپرن ۾.

(ساڻيھ جي ساک: 26)

- **لوڻ ڪُڏڻو:** ضايع ٿيڻ، ڏسڻ ۾ پلو پر اصل ۾ ڪجھ نہ، جنھن سان چڳائي ڪري سو مَندو ٿي پوي.

او ڏرتي! او لوڪ ڏياٽي! تنھنجو لوڻ نہ ڪُڏِڻو آھ،
جيڪو تولئہ کڏ ڪوتي سو پاڻ ئي ان ۾ پوڻو آھ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **لُوھ:** ٻوڙ تڪڙو وڃڻ، وِڪارڻُ.

لوھ اُھائي گدڙ ٻڪي جيئن ماڪيءَ ماناري تي،
فڪر فقيرن کي جاڳيو جي منڪر آيا ماري تي.

(ساڻيھ جي ساک: 48)

- **لوءِ:** ديس، وطن، ملڪ، جوءِ، اباڻا ڪک.

تون پکي ۾ پدمٽي ۽ لوءِ ۾ لالي ھُئينءَ،
تنھنجا ڳڻ ڳايا تي ڳوٺن بود ۾ بالي ھئينءَ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **لوئڻ:** خوار خراب ڪرڻ، گندو ڪرڻ، بدنام ڪرڻ.

اولھ تنھنجا انگ لتاڙيا، اوپر توکي لويو ھوءِ،
لھندي چڙھندي سج ڏجھا ڏئي رڻ ۾ توکي روليو ھوءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 167)

- **لھرين لک لباس چِڏيا:** پاڻيءَ ۾ ھوائن ۽ وھندڙين جي ڪري اٿندڙ لھرين پنھنجا رنگ روپ چڏي ڏنا.

ميندي لائي روپ ڪري جو ھلي سھاڳڻ ٻاگھي،
لھرين لک لباس چِڏيا، واوَ چِڏيا وَڻَ، ٻاگھي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 43)

- **لھي چڙھي:** ھيٺ مٿي ٿي.

چانڊوڪي تي وير جئين لھي چڙھي اُتي چور ٿئي،
دل تي چاھي ائين ڪوئي اوري اچي ۽ ڏور ٿئي.

(ڏرتيءَ جا گيت:27)

- **لئباز:** لئي رکندڙ شوشا وارو، چمڪدار، ڏيک ويک وارو.

پري پري کان ٿو ديدار جون دعوتون ڏئي،
هو ڪوڏن ۾ ڪاوِن جو لئباز چهرو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 169)

- **لَئُوٽا هٽندڙ:** هيڏانهن هوڏانهن جهاتيون پائيندڙ.

ابتيون سبتيون گوهيون ڏيندڙ لغڙن جيان روپاهه متي،
وڏندو آيو لئوٽا هٽندو بگهڙ جيان روپاهه متي.

(ساٽيهه جي ساک: 46)

- **لئيق تر:** انتهائي ويجهڙائي رکندڙ موزونُ.

فضيلتن ۾، فراستن ۾، ذهين تر ۽ فهيم تر آ،
خود اعتماد ۽ خلوص مند، لئيق تر ۽ نديم تر آ.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 476)

- **لَئيءَ جي شَڪَر جيان:** جهنگ جي وڻ لَئِيءَ جي ماکيءَ جيان.

روپ هو تنهنجو رتانڻ جيان سکن جي پالي هُئينءَ،
لئيءَ جي شڪر جيان متي، ڪوڙاڻ کان خالي هُئِينءَ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **ليک:** قسمت جو لکيو، قسمت وانگي.

دل ٿي چاهي تہ سڀ بند ٽوڙي رهان، پنهنجي تقدير جي واڳ موڙي رهان،
ڪيستائين پلا ليک لوڙي رهان، شام گهاريان پيو، صبح ساريان پيو!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 284)

- **ليڪوُن:** جوئن جا ٻچا.

کلي وات کِلَ ڪئون بنا در درين جي جڻ پردن تي فلمن جون ماڙيون لڳي ويون،
هنياڻون جهمرائين ڪيڏ جڻ تہ جاڻِن جي جُنبن مان ليکون ڪراڙيون لڳي ويون.

ڏرتيءَ جا گيت: 178)

- **ليئم:** نماڻو معصوم، اشراف، وڏگهراڻو ٻڍيائتو.

هاءِ چنيسر! واءِ چنيسر! ننگ وڃائي نانگو ٿيو،
پنهنجي لڄ لئيم وڃائي، پاڻ نه ڪيس ڪو سانگو ٿيو.

(**ساڻيهه جي ساک:** 43)

# م

- **مات:** شڪست، ختم، ڪريل صورتحال ۾ پڳل.

تنهنجي ڪارڻ اسان به پنهنجي عمر ڇڏي ائين گهاري،
ٿي نه محبت مات، الا_ ڪاري ڪاري رات!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 40)

- **ماتا:** ماءُ، پوڄڻ جي مورتي.

تيرٿ به تون، منهنجا تڪيا به تون،
منهنجي مڪتي ۾ ماتا به تون!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 81)

- **ماٺار بنايو:** بي اثر بڻائي ڇڏيو ڪنهن به ڪم جو نه ڇڏيو.

توئي مهديءَ جي ڪردار کي مشڪوڪ ۾ ماٺار بنايو
توئي دجال جي درجي کي ڪيو هيج مان حاصل او زمانا!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **ماٺ جي مُهرَ چپن تي:** ڪجهڻ پچڻ بند، خاموشي اختيار ڪرڻ.

نينهن ته خود ئي آهه نياپو ڏک سک ٿو نروار ڪري،
ماٺ جي مهر چپن تي آهه ته اک ئي سڀ اظهار ڪري.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 234)

- **مانيٽا:** صبر ۾ رهندڙ ڪنهن سان به نه ڳُجندڙ.

ڪوڏ جي ملهه ٿا وڪامن لال لاکيٽا، الا،
رت جا ڏُکَ ٿا پرن وينجهار مانيٽا، الا.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 150)

- **ماديت:** اهو اصل ۾ هينگل جو فلسفو آهي، جنهن مطابق روحانيت بنهه ڪونه آهي، هي تبديليون مادو پيو آڻي يعني اهو روحانيت جو ضد آهي.

معاش جي تنگ آهي، انسان عشق کان به عاري آهي،

نہ آهي رومانيت ۾ رونق، جي ماديت ۾ نڪاري آهي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 484)

- **مارڪس:** جرمنيءَ جي ٽراءِ ڳوٺ ۾ جنم وٺندڙ ڪميونسٽ نظريي جو خالق، جنهن ان نظريي بابت ”داس ڪئپيٽل“ ڪتاب لکي پڌرو ڪيو.

رهي نہ مشڪل ٽي ڪابہ مشڪل جو حل تدبير ۾ اچي ويو.
جو خواب هو مارڪس ۽ اينگلس جو سو تعبير ۾ اچي ويو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 486)

- **ماڪ:** صبح سوير گلن ٻوٽن ۽ ڪکن پنن تي پيل پاڻي ڦڙا.

هن جي منهن تي مرڪ ائين ڄڻ ماڪ ۽ ڪرٽا مکڙين تي،
اک ڇنڀ جا اهڃاڻ ائين ڄڻ پوپٽ ڦاڙهہ جي ڦلڙين تي.

(ساٽيهہ جي ساک: 56)

- **ماڪيءَ جو مانارو:** ماڪيءَ جي مکن جي رهڻ جي جاءِ، جنهن ۾ ماڪيءَ جو رس بہ هوندو آهي.

لُوهہ اُها ئي گدڙ ڊڪي جيئن ماڪيءَ ماناري تي،
فڪر فقيرن ڪي جاڳايو، جي منڪر آيا ماري تي.

(ساٽيهہ جي ساک: 48)

- **ماڳ:** وطن، ڏيهہ، رهڻ جو هنڌ، پنهنجي جاءِ، مڪان، تڪيو.

هِنَ دنيا مان هُن دنيا ڏي، اسهيو خويش ۽ غير ڇڏي،
موت ٿو زوريءَ ماڳ ڇڏائي ، جي نہ تہ ڪلنيِر ڪير ڇڏي.

(ساٽيهہ جي ساک: 32)

- **مالِ غنيمت:** جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ فتح ٿيل ملڪ جي ملڪيت.

لشڪر هي لوپ تہ ايندو مالِ غنيمت پنهنجي هَٿِ،
آس علاول جي تہ اجها ٿي موهجي مورت پنهنجي هٿ.

(ساٽيهہ جي ساک: 46)

- **مام:** ڳُجُهہ، لِڪُ، راز.

جنهن جي طفيل پروڙڻ آهيم مام وطن جي محبت جي،
هاڻ تہ مون وٽ تعبيداري آهي ان جي طريقت جي.
(ساٽيهہ جي ساک: 24)

- **مامرا:** مسئلا، ڏنڏا ڪنڏا.

موهہ تنهنجو هو تن مامرن ۾ ساڻ جن ۾،
گهڙي پيي تو گهاري نہ وجهندي چڏي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 143)

- **مانارو:** ماکيءَ جي رهڻ جو هنڌ. جنهن ۾ ٻچا بہ ڪندي آهي تہ رس بہ ڪندي آهي.

گهات وڏو گهاوَ مونجهہ مانارا ڪيا،
سيج سجي، ننڊ ڏني تون تہ آئين دادلا.
(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 59)

- **مانجهہ:** صبح جي وقت ڳائجندڙ راڳڻي، جيڪا ڪلياڻ ٺاٺ جي آهي.

جهونگاريو ٿي ننگر هرهڪ ٻول ائين سرهائيءَ جو
ڍول فقير ٿي مانجهہ ۾ ڳايو جڻ تہ ڪلام پنائيءَ جو.
(ساٽيهہ جي ساک: 50)

- **مانجهي:** بهادر، جَنگجو، مقابلي جو ڏانءُ رکندڙ.

توتي مانجهين متارن جو سايو رهي،
توتي ڪنهن جي اوچائي نہ ڪوئي سهي.
(ڌرتيءَ جا گيت: 80)

- **مانجهيئڙو:** مانجهيءَ جو اسم تصغير، نياپو آڻي ڏيندڙ مرد مٿير، جنگجو بهادر.

سو هٽڪاري سميجا، موڪل ڪو مانجهيئڙو!
(ڌرتيءَ جا گيت: 45)

- **ماند:** ڏانواڏول، پريشان.

ڪالهہ ويس جو ماسي گهر ماسيءَ ويٺي سُورَ پِٽيا،
ان مهانگو پرين سهانگا، مِريادا تي ماند الا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 110)

- **ماندا:** پريشان، سڪايل، هُرڪرُ ۾ رهندڙ، انتظار ۾ گذاريندڙ.

رات سنواري پاڻُ سهاڳڻ وانگ چٽي چانڊاڻ ڪئي،
هڪبئي سان ٽيا وچڙيل ويجها، ماندن روح رهاڻ ڪئي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 139)

- **ماند ڪرڻ:** گهٽائڻ، ٿَڌي ڪرڻ، جَهڪي ڪرڻ.

ڪوئلنِ سان جن ڪيڏي ليڪا تي نَوَٽڻ راند ڪئي،
سينڌ ۾ ڪوهياري ڳائيندي تي اڻ تڻ ماند ڪئي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت:)

- **ماندڻ:** نظارا، سوجهرا، مزيداريون.

راتڙين تي رنگ لاتا، ڏينهن هئا ماندڻ جا،
چونءَ پچونءَ ۾ ڇهڇٽا هئا قرب جي ڇڪتاڻ جا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 151)

- **مانڊاٽا:** نظارا، سوجهرا، مزيداريون.

مون کي سوچ ۾ سرت ڏئين ٿو مهر ڪري تون پاڻ پرين،
تنهنجي رم جهم راس ڪيا سپ مانڊاٽا ۾ ماڻ پرين.

(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **ماڻ:** ماپا، ڪڏون ڪوپا، ڊورا.

مون کي سوچ ۾ سرت ڏئين ٿو مهر ڪري تون پاڻ پرين،
تنهنجيءَ رم جهم راس ڪيا سپ مانڊاٽا ۾ ماڻ پرين!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت:)

- **ماڻڪ:** موتيءَ جو هڪ قسم، موتيءَ جو ٻيو نالو.

هن ڏرتيءَ جي مرڪ ۾ ماڻڪ، جنهن تي مست ملهار ٽين،

هن ڏرتيءَ جي سونهن جي سنجري، ساهن جا سينگار ٿين.

(ساٿيهہ جي ساک: 25)

- **ماهتاب:** چنڊ.

محيط آسمان جيان، وسيع شهر وانگر ٿيون،
حسين ماهتاب جيان، عجيب مهر وانگر ٿيون.

(ڌرتيءَ جا گيت: 104)

- **مباح:** جائز، لائق ڪرڻ.

بيڙي سير مان نڪري ويندي اهڙي جي صلاح ڪجي،
اهوئي چئي جيئن قدم ڪجي تيئن پوءِ بي مهم مباح ڪجي.

(ساٿيهہ جي ساک: 52)

- **مت:** عقل، سوچ ويچار، شرم و حيا، سمجهہ، ڄاڻ.

سنڌڙي تنهنجو نانءُ چڱو پر غدارن جي گت بڇڙي،
توتي جيڪي ٽڪو لڳائن، تن مارين جي مت بڇڙي.

(ساٿيهہ جي ساک: 41)

- **متارا:** هونئن تہ طاقتور پر هتي اُهي ڪلاسيڪل ڪردار، جيڪي موڪي وٿان شراب پيئڻ ڪري مري ويا هئا.

توتي مانجهين متارن جو سايو رهي،
توتي ڪنهن جي اُچائي نہ ڪوئي سهي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 80)

- **متاع:** ملڪيت، پونجي، ورثو.

ان جي حجت منهنجو مسلڪ، پنهنجو صدق اهو ئي آهہ،
منهنجو مال متاع اهو ئي، منهنجو رزق اِهو ئي آهہ.

(ساٿيهہ جي ساک: 24)

- **متين:** پختو مضبوط.

حسين چهرا نقاب پائي جو بيقراريءَ ۾ ٿا گذارن،

متين مشتاق نيڻ چائي ڇو انتظاريءَ ۾ ٿا گذارين.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 260)

- **متيون منجهائڻ:** وايون بتال ڪرڻ، وائيسر خطا ڪرڻ، واتڙو بنائڻ.

ان ڪان اڳ ۾ متيون منجهائي تڪڙ ۾ ٻائيتال ڪرين،
بهتر آهه ته دل کولي تون مون سان سارو احوال ڪرين.

(ڌرتيءَ جا گيت: 186)

- **مٿي جو موڙ:** عزت جو مُوَجِبُ، مان ڪٽيندڙ.

ماڻهوءَ جا سَوَ پيدي پڳ جو ور ته مٿي جو موڙ به آهه،
ماڻهو منهن تي مرڪ به آهه ته ماڻهو منهن تي ڇوڙ به آهه.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 135)

- **مٿير:** مٿيرو، تخت ڏٽي، مٿاهينءَ حيثيت وارو، سهڻي شخصيت ۽ لڇڻن وارو.

راج لڳي ويو سنبت ڪي جيئن سارو ڪم تيار ڪجي،
ڪري مٿير چنيسر ڪي ۽ هلڪو دل جو بار ڪجي.

(ساٽيهه جي ساک: 38)

- **مٿياڻي:** سڳ سياپي ۾ ايندڙ ڏاڏاڻ يا ناناڻ جي ڪٽنب منجهان.

ڪين ٿي مايوس منهنجي او مٿياڻي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي، راڄن جي راڻي مارئي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 156)

- **مثالي شخصيت:** مشهور ماڻهو، جيڪو پنهنجي فن ۽ فڪر ۾ پنهنجو مَٽ پاڻ هجي.

هو زندهه جاويد آهي جڳ ۾، مسلمه حيثيت آهي اُنهيءَ جي،
طويل تاريخ جي صفحن تي، مثالي شخصيت آهي انهيءَ جي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 482)

- **مجال:** وس جي ڳالهه، ممڪن ڳالهه.

گهڙيءَ ۾ تولو، گهڙيءَ ۾ ماسو، هرڪا بات بحال بلي،
ڪير جو توکي آٿ تان لاهي، ڪنهن جي ناهہ مجال بلي.

(ساٽيهہ جي ساک: 75)

- **مجال:** حيثيت، حجت، پيٽي.

توسان ٻيلي ٽيڙ جي ڪيئن مان هاڙهيءَ واري هام هڻان،
مون کي ناهہ مجال ملوڪ، جو توسان اهڙي هام هڻان.

(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **مجاور**: سيوا ڪندڙ، سنڀال ڪندڙ.

روپ اوهان جو رنگ اسان جو طعنا مسهُو ماڻهن جا،
ڇڻ تہ مجاور، ڇڻ تہ حديرو ڇڻ تہ سڪل گل ڏاڙهن جا.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 285)

- **مجرب**: اثرانداز ٿيندڙ، تجربن مان حاصل ڪيل، شفا ڪندڙ.

هي گوريون هي حب سليماني جيڪي مجرب اڪيچار مرضن تي آهن،
ٿئي دم جو بيمار بيدم انهن کان ۾ ماڻين سي جنت جي هڏڪين ۾ آهن.

(ڌرتيءَ جا گيت: 125)

- **مجرم**: ڏوهي، جرم ڪندڙ.

ڏوهہ ڪيو جنهن هُن سان تنهن تي نازل نيٺ هچا ٿيندي،
هن جو مجرم، قوم جو مجرم، اوکي ان جي سزا ٿيندي!

(ساٽيهہ جي ساک: 40)

- **مجروح:** زخمي، ستايل، جرح جو شڪار ٿيل.

آدميت کي ڪيو مجروح ڪنهن هن ملڪ ۾؟
ديندارِيءَ کي ڪيو بي روح ڪنهن هن ملڪ ۾؟

(ڌرتيءَ جا گيت: 71)

- **مجلس:** ادارو، جُوري، چڱن جي گڏجاڻي.

مجلس ڪئي تدبير تہ ننگر دانشمند دلاور آهہ،

دودي پاران ڪري وڪالت، ان تي سڀ جو باور آهہ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 479)

- **محاذ**: مهاڏو اٽڪاءُ، ميدانِ جنگ، مقابلي جو داءُ، پليٽ فارم.

ضرورت آهہ تہ ان سان هر مرحلي تي مبسوط جنگ جوٽيون،
سين ڪي هڪ محاذ تي گڏ ڪري ۽ مخلوط جنگ جوٽيون.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 482)

- **محال**: مشڪل، ڏکيو، ناممڪن، نہ ٿيڻ جوڳو.

پنهنجي ڳڻ ڳوت ۽ پنهنجون ڳالهيون هن جي لاءِ وبال هيون،
نيٺ چيائين جڏهن سندس سڀ ڦڙتيون، گڙتيون محال ٿيون.

(ساٽيهہ جي ساک: 90)

- **محبوس**: قبضي هيٺ، ضابطي ۾، قيد، غلام.

گلن جي خوشبوءِ جيان رهي فڪر، فن ٿي آزاد هن زمين تي،
هجي نہ محبوس حسن، ٿئي علم، عشق آباد هن زمين تي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 485)

- **محدود**: اڪيلو تنها، سوڙهو.

مون ۾ مظهر، منظر ميلا، تون تنهائيءَ ۾ محدود،
مون ۾ تون موجود!

(ڌرتيءَ جا گيت: 292)

- **محذت**: بي عزتي، عزتِ نفس جي پائمالي.

ڪري نہ هيءَ زندگي ڪوئي بہ جهنم، جنت جي آسري ۾،
هجي نہ ڪا شيطنت، محذت، دخيل ڪنهن جي بہ مامري ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 482)

- **محضر**: جنهن جي حاضري پرٽي آهي، محبوب، حاضريءَ ۾.

رهياسون عشق جي محضر ۾ سرفروش اسان،
شهيد اسان ۽ غازي اسان، متان نہ مڃي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 222)

- **محڪوم:** حڪم هيٺ، قبضي هيٺ، تسلط هيٺ.

هيرا جن جي ملڪيت هئي سي ڏڪيا بڪيا مظلوم هئا،
ڏاريا ملڪ جا مالڪ تہ هي ويچارا محڪوم هئا.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 290)

- **محل سراءِ:** حويلي، بادشاهہ جي رهڻ جي جڳهہ.

هيڏانهن هئا هيءُ رنگ تہ هوڏانهن محل سرا خاموش هئي،
راتين ۾ هو رنگ نہ ڪوئي، رونق ئي روپوش هئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 160)

- **محمل:** پردو، اڪيلي ويهڻ جي جاءِ، حويلي، ويڙهجي سيڙهجي ويهڻ.

اڄ تہ ڪاهيون ڪاڪ تي اي مينڌرا منزل ڏٽي!
ڏيل ڏاري موملون ماٽيون تيئون محمل ڏٽي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 138)

- **محيط:** گهيري ۾ آڻيندڙ والاري ويندڙ.

محيط آسمان جان، وسيع شهر وانگر ٿيون،
حسين ماهتاب جان، عجيب مهر وانگر ٿيون.

(ڌرتيءَ جا گيت: 104)

- **مختيار:** وس وارو، جيئن چاهي تيئن ڪري سگهندڙ جنهن جي مٿان ٻيو ڪوبہ حڪم ڪرڻ وارو نہ هجي.

سهوليتن ڪان ٿئي نہ محروم ڪوبہ خوددار زندگيءَ ۾،
زيادتن ۾ هجي نہ مختيار ڪوبہ خونخوار زندگيءَ ۾.

(ڌرتيءَ جا گيت: 434)

- **مخدوم بلاول:** اهو مخدوم بلاول جنهن ميران محمد جونپوريءَ جا پيڙا ٻوڙائي پوئتي موٽائي ڇڏيو هو. ڪيس ملن فتويٰ ڏئي گهاڻي ۾ پيڙايو هو.

ماڻهون دودو ماڻهو درياخان، ماڻهون ڪولهي هوشو پيي،
ماڻهون مخدوم بلاول، پڳٽ ڪنور تہ هيمو پيي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 135)

- **مخفي:** لڪل، راز ۾، ڳُجهو.

قلم جي ڪيا ڪارناما انهن ۾ محبت جي مخفي صداقت رهي ٿي،
خلوص آهہ ان ۾ گل جي خوشبوءِ وانگي وفا جي هنن ۾ حڪايت رهي ٿي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 171)

- **مخلوط:** عارضي، خاص مقصدن جي حصول تائين.

ضرورت آهہ تہ ان سان هر مرحلي تي مبسوت جنگ جوٽيون،
سپن ڪي هڪ محاذ تي گڏ ڪري ۽ مخلوط جنگ جوٽيون.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 482)

- **مدام:** سدائين، گهڻي وقت کان، اصل کان.

غريب انسان بيڪسيءَ کان هِيو ٿي احساس ڪمتريءَ ۾،
غلام ۽ خوار آدمي هو مدام پستيءَ ۽ ابتريءَ ۾.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 477)

- **مدايون:** برايون، بغض، گهٽتايون، بدڪرداريون.

توئي دجال جي در کي هيج مان حاصل ڪيو اي زمانا،
مصلحت تنهنجي مداين جي رهي آهي مددگار اي زمانا!
(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **مدبر:** قابل، اڪابر، تدبر وارو، صبر تحمل وارو، سنجيدو.

هو علم جو عقل جو، دانش جو ابرِنيسان عظيم لينن،
هو فلسفي، هو مدبر ۽ برک سياستدان عظيم لينن.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 480)

- **مُدتون:** گهڻي وقت جا، جهونا، پراڻا، سانير کان ٻاهر.

قيادتون سڀ قديم جن ۾ نہ هو ڪو تاثير مدتن کان،
اٿي ۽ ايري وڏيا ٿي، جڳ ۾ فتور هر وقت شدتن کان.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 477)

- **مدعا:** پچاڻي، منشا.

ڪا عشق جي علامت، ڪا حسن جي شهادت،

هيءَ مدعا اسان جي هر بار ياد رکجانءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **مدفن**: دفن ٿيڻ جي جڳهه، قبر، مقام.

موت جي دامن آزاديءَ جي ديوانن جو مدفن آهي،
حق طلبيءَ جي مشل جبر جي طوفانن ۾ روشن آهي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 291)

- **مڏي:** رهڻ جي جاءِ، بينڪ، تڪيو، بُڻُ بڻياد.

هليو هر تہ بيبدول ڌرتي دڙن مان بدلجي سنوت ساڻ هموار ٿي وئي،
ويا لاهہ لاهن جا نڪري ۽ کوہن کڏن جي يڪي سر مڏي گار ٿي وئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 172)

- **مذڪور:** ذڪر اذڪار، ڪنهن جي باري ۾ چڱن جذبن جو اظهارجڻ.

ان ۾ همت، ان ۾ حيبت، ان وٽ غور ۽ غيرت آهہ،
ماڻهن ۾ مذڪور انهيءَ جا، هن جو ساٿ غنيمت آهہ.

(ساٿيهہ جي ساک: 33)

- **مراد جو پاڳو**: مانُ، مريادا، مهر، ڀاڳ.

منهن ۾ مٽيان نہ مراد جو پاڳو لڳو ٿي ڪاري چور جيان،
هوڏانهن ننگر ڳاٽ اوچي سان گڙيو پٽي گهنگهور جيان.

(ساٿيهہ جي ساک: 59)

- **مردان جو ماڻ**: مقصدن جي حصول جو ماپو يا اندازو.

انهيءَ عالم ۾ سرخ سج پنهنجي آب ۽ تاب ساڻ اڀريو
رهيو ٿي اتهاس منتظر جنهين جو سو مرادن جو ماڻ اڀريو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 480)

- **مردار**: حرام، جنهن جي جيءَ ۾ ساهہ نہ هجي، مري چڪل، ڪائڻ لائق نہ.

ماڻهون هونئن تہ عظيم مگر جي مطلب جو ٿو يارُ ٿئي،
ريب، رزالت روا رکي ٿو، مِرُنءَ جيان مردار ٿئي.

(ساٿيهہ جي ساک: 41)

- **مرڪ**: هلڪي ڪِلَ، ڪلڻ ڏانهن مائل چپن جي چرپر.

هن ڏرتيءَ جي مرڪ ۾ ماڻڪ جنهن تي مستُ ملهار ٿين،
هن ڏرتيءَ جي سونهن جي سنجري، ساهن جا سينگار ٿين.

(ساٿيهہ جي ساک: 71)

- **مرڪ جا ماڻڪ ماڻڻ**: خوشيون حاصل ٿيڻ، خوشحالي ماڻڻ.

ڳوڙها جن جا ڳيچ اُهي ڪيئن مرڪ جا ماڻڪ ماڻين هوءِ،
ڇاتيون جن جون ڇيهہ ڇِلهي ويا، تندا هي ڪيئن تاڻين هوءُ

(ساٿيهہ جي ساک: 71)

- **مرگهٽ**: ڏچي ۾، قانون جي جڪڙ ۾.

هرڪنهن ڪي هئي نفسا نفسي، ويل وهيا تي جهٽ پٽ ۾،
جنهن بہ ٿي دانهيو جنهن بہ ٿي باهيو، آيو ٿي سو مرگهٽ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 160)

- **مرم**: لڄ، شرم، مان، مرجات.

موملون تنهنجون مرم واريون انهيءَ انداز سان،
جڻ تہ ڪونجن جون قطارون جڻ تہ ڪي سُرَ ساز سان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 77)

- **مرم جون ماريون**: حجابن هاڻيون، لڄ ۾ نڍال، شرميليون.

اٿن سنواريون، مِهہ سان قطارون، مارن مون ڪي لوڪ ميارون،
اکڙيون منهنجون مرم جون ماريون، مَن ڪو مان ڪرين موچارن ۾.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 69)

- **مرٽينگ**: مرڻ جهڙي، جيئڻ جي باقي پنتي اميد گهٽ هجي.

دهشت دم درياهہ الا، جت وير وري واسينگ جيان،
آءُ ڪيئن ميهر ساڻ ملان، مون کي مونجهہ ڪيو مرٽينگ ميان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 230)

- **مرهون منت**: بدولت، پيداوار، اُن ڪري جُڙيل، انهيءَ لاءِ.

انهيءَ جون خاصيتون نراليون جي، پنهنجي هيئت ۾ نعمت آهن،
سيئي ترقي پسند قومون، انهيءَ جون مرهون منت آهن.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 481)

- **مريادا**: مان مرجات، شرم و حيا.

تو ۾ مريادا جون مُرليون تو ۾ سُرندا ساءَ جا،
تو ۾ وِندُرَ جي ولايت شهر آئو پاءَ جا.
(ڌرتيءَ جا گيت: 78)

- **مڙهي**: جوڳين ۽ سامين جي رهڻ جي جڳهه.

ماڻهون اسان جي مڙهيءَ ۾ آيا ريت ڪُريت جي ڪتا ڪٽي،
اسان قلندر وانگ ڇڏيا سي ڌرم ڪرم جا ڪتا ڪٽي.
(ڌرتيءَ جا گيت: 228)

- **مُزرو**: انصاف، ڪارنامو ڪمال، شابس.

باقي ڳين بچيو ڪو هڪ ارڪان ڏنا تو پنهنجن جا،
هليا ويا سڀ موت جي منهن ۾ مُزِرا آهن منهنجن جا.
(ساڻيهه جي ساک: 72)

- **مساڳ**: ڏندن جي صفائي ڪرڻ ۽ ڏندن ۽ چپن کي ڳاڙهو ڪندڙ ڇوڏو.

ملي مساڳ جو هلڻ لڳي ڪا اجرڪ پائي ٻاگهي،
وات مٿي ڪي راوت وينا اکيون وِڇائي ٻاگهي.
(ساڻيهه جي ساک: 43)

- **مساڻ**: هندو ڌرم وارن جا لاش ساڙڻ جون جڳهون.

رج ٻٽي روپا جي رونق، ڏند ڪيڍيا ڏهڪار هتي،
مارو ملڪ مساڻ ٿيو بس جنگ ٿي پاڳيدار هتي.
(ساڻيهه جي ساک: 87)

- **مساويانه**: هڪجهڙائيءَ وارو.

مساويانه عدالت، حساب زنده باد،
هَوَسَ ۽ ظلم جو خانو خراب زنده باد.
(ڌرتيءَ جا گيت: 67)

- **مسائي**: ڏيڇاري، مايوس ڪري، ٻي همت بنائي.

كماليت تي رسڻ كان اڳ ۾ زوال هڪدم ستائي ٿو ٿو،
سماج هردم مُسائي ٿو ٿو وبال هڪدم ستائي ٿو ٿو .

(ڏرتيءَ جا گيت: 33)

- **مُسايل**: دفن ٿيل، ختم ٿيل، ٻُوساٽيل.

ننگر راڄ جو رهبر هو ۽ رهزن ان جو چنيسر هو،
هڪ جو ضمير هو زندهہ ٻئي جو مئل مُسايلُ اندر هو.

(ساٿيهہ جي ساک: 60)

- **مسبوت**: تياريءَ سان، مڪمل ارادي سان، ڇاٽو.

هلو رجعت پرست طاقت خلاف مضبوط جنگ جوٽيون،
ضرورت آهہ تہ ان سان هر مرحلي تي مسبوت جنگ جوٽيون.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 482)

- **مستڪ ٽيڪڻ**: سجدو ڪرڻ، مٿو پيرن تي ڏرڻ، عاجزي ڪرڻ.

آءُ اُتاهون آهيان اُپ كان، پنهنجي ليكي سوچي ٿو
جڏهن ڏسي ٿو پٿر جا بت، تن وٽ مستڪ ٽيڪي ٿو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 310)

- **مستقيم**: سڌي سنئين، ڇِٽي، صاف سُٿري.

عمل ۽ قول جو تضاد، مقصدن جو موت آهہ،
سراط مستقيم لاءِ صاف مسئلا ڪپن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 224)

- **مسرت**: خوشي، سرهائي.

اٿو اٿو تہ بغاوت ڪريون او مظلومو، وڌو وڌو تہ حڪومت ڪريون او محڪومو،
هلو هلو تہ محبت ڪريون او معصومو، کلو کلو تہ مسرت ڪريون او مغمومو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 66)

- **مَسَڪِنُ**: رهڻ جي جڳهہ، ٽاڪ.

صحرائن جو سينو شدادن جي ظلمن جو مسڪن آهي،

امن جي ڌرتي ويران آهي، جنگين جو گهر گلشن آهي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 291)

- **مسلط**: جنهن ۾ تسلط هجي، ڇاڻيل، قبضو ڪندڙ.

مجاز ۾ مبتلا هو سڀ ڪو، حقيقت کان فراريت هئي،
خيال ۽ خواب، غور ۽ فڪر تي مسلط قنوطيت هئي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 477)

- **مسلڪ**: اصول، متو، عقيدو، ايمان، مذهبي فقه.

مان آهيان مشتاق وطن جو، منهنجو عشق اِهوئي آهه،
ان جي محبت منهنجو مسلڪ، پنهنجو صدق اِهوئي آهه.

(ساٽيهه جي ساک: 24)

- **مُسَلِمُ**: مڃيل، پڪٽڻ جوڳو، اثرانداز ٿيندڙ.

هو زنده جاويد آه جڳ ۾ مسلمه آهه حيثيت انهيءَ جي،
طويل تاريخ جي صفحن تي مثالي آهه شخصيت انهيءَ جي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 481)

- **مسمار**: نابود، تهس نهس، ختم.

جيڪي بنجي شير وطن جي ويرين کي للڪار ڪندا،
ڪيرائيندا قيد جا ڪوٽ مَندَنِ کي مسمار ڪندا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 97)

- **مُسَڻُ**: گوٿنات، نتائڻ، سوچ ويچار ڪرڻ.

ڇي هيءَ ويل مسڻ جي ناهي، منهن ڏيندا سين مارين کي،
وطن نہ آهہ شڪار، ڀڏائي ڇڏيو هاڻ شڪارين کي.

(ساٽيهه جي ساک: 47)

- **مَسَهُو ماٺهو**: جن ۾ سهپ گهٽ هجي، اڻ سَهائيءَ وارا، حاسد.

روپ اوهان جو، رنگ اسان جو، طعنا مسهو ماٺهن جا،
ڇڻ تہ مجاور، ڇڻ تہ حديرو، ڇڻ تہ سڪل گل ڏاڙهن جا.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 285)

- **مسيح:** حضرت عيسيٰ عليه السلام.

ماڻهوءَ کي مسيح ڏنو ٿي پٿر سو اڄ کڻون هلي،
پهريان پنهنجو مٿو ڦاڙي، پوءِ ٻين کي هڻون هلي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 289)

- **مَسِيَمِ:** نتيجو پيداوار ماحاصل.

وڏاءُ ناهي انهيءَ ۾ ڪوئي نہ فيصلو هيءُ سقيم آهي،
مگر هي ماحول ان جي مقسوم جو سدائين مسيم آهي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 480)

- **مشق پچائڻ:** بار بار دهرائڻ، روان ٿي وڃڻ، تجربو حاصل ڪري وڃڻ.

ٻنهي ڀُڙن جي وچ ۾ پاڻ ئي ثابت ٿي ديکاءِ هلي،
يار نياز اها ٿل سَوَلي، تون ٻي مشق پچاءِ هلي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 288)

- **مشڪوڪ:** شڪ وارو منجهيل، وهمي.

توئي مهديءَ جي ڪردار کي مشڪوڪ ۾ مانار بنايو،
تو ئي دجال جي درجي کي ڪيو هيچ مان حاصل او زمانا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **مصلحت:** رک رکاءُ، زماني دستي، حق کان ٿورو هٽي ڪري، رَکُ رکاءُ ڪري.

توئي دجال جي درجي کي ڪيو هيچ مان حاصل او زمانا،
مصلحت تنهنجي سدائين رهي آهہ مددگار او زمانا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **مضافات:** پس گردائي، اوسي پاسي، ويجهڙائيءَ ۾.

يادن جا جزيرا جي خرابات ۾ آهن،
ڪنهن شهرِ محبت جي مضافات ۾ آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 120)

- **مظلومو:** جن تي ظلم ٿيو هجي، ڏاڍ جو نشانو بنيل، بيگناهہ راتاهن هيٺ

آيل.

اٿو اٿو تہ بغاوت ڪريون اي مظلومو وڏو وڏو حڪومت ڪريون اي محڪومو
هلو هلو تہ محبت ڪريون او معصومو ڪلو ڪلو تہ مسرت ڪريون اي مغمومو
(ڏرتيءَ جا گيت: 68)

- **مظهر**: ظاهر ظهور، ڏسي سگهڻ جهڙو.

مون ۾ مظهر، منظر ميلا، تون تنهائيءَ ۾ محدود!
مون ۾ تون موجود!
(ڏرتيءَ جا گيت: 242)

- **معاش**: روزگار جو ذريعو جيا پي لاءِ ضرورتون مهيا ڪندڙ، ڪاروبار.

معاش جي تنگ آ تہ انسان عاشقيءَ کان بہ عاري آهي،
نہ آهي روحانيت ۾ رونق، جي ماديت ۾ نڪاري آهي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 485)

- **معاوِنُ**: مددگار، رهبر، ڏسيندڙ صلاحڪار.

فنا ڪيائين جهالت ۽ جبر ظلم ذات جي ظلمتن کي،
بقا ۾ آندائين امن عالم ڪري معاون محبتن کي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 490)

- **معصوم شاهہ جو منارو**: سکر ۾ ٺهيل هڪ منارو جيڪو معصوم شاهہ ٺهرايو هو.

ماٺهو معصوم شاهہ جو منارو چائنن شاهہ پٽائيءَ جي،
شاهہ پٽائي جنهن وٽ ويندي جاڳي آس گدائيءَ جي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 135)

- **معصومو**: بيگناهہ، ابوجهہ، سِڌا سادا انسان.

اٿو اٿو تہ بغاوت ڪريون او مظلومو وڏو وڏو تہ حڪومت ڪريون او محڪمو
هلو هلو تہ محبت ڪريون او معصومو ڪلو ڪلو تہ مسرت ڪريون او مغمومو
(ڏرتيءَ جا گيت: 66)

- **معمار**: ٺاهيندڙ عمارت ساز جوڙيندڙ اڏيندڙ.

توکي ريتي نئين انسان کي نئين دؤر جو معمار ڪنداسي،
تو بنايو جو جهنم اتي آباد اسان گلزار ڪنداسي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 131)

- **مغلوب**: جنهن مٿان ڪو غالب پئجي ويو هجي، اثر هيٺ اچي ويل، غلام.

خود غرض نہ ٿي سگهندو ڪڏهن غاصب هتي،
۽ نہ رهڻو آهہ مغلوب، ٻيو غالب هتي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 69)

- **مغمومو**: غمگينو اهي جن کي غمن ۾ مبتلا ڪيو ويو هجي.

اٿو اٿو بغاوت ڪريون او مظلومو، وڌو وڌو تہ حڪومت ڪريون او محڪومو
هلو هلو تہ محبت ڪريون او معصومو، کلو کلو تہ مسرت ڪريون او مغمومو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 66)

- **مفت خور**: ٻئي جي ڪئيءَ ڪمائيءَ تي پلجندڙ ۽ نڪما، ٻين جي حقن کي هڙپ ڪندڙ.

رهي نہ قابض ٿي ڪو بہ غاصب شريف افراد جي حقن تي،
هجي نہ ڪا ڏاڪ مفت خورن جي، پورهيتن جي محنتن تي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 483)

- **مفلسي**: غربت، بي سهاري، بي پهچي، سڃائي.

مفلسي، فاقاڪشي، بي روزگاري سر تي آهہ،
بي وسي، بيماري ۽ اندوهڪاري سر تي آهہ.
(ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **مقابل**: آمهون سامهون، مقابلي ۾ آيل، جهيڙي ۾ جنبيل.

سڀ ڪنهن کي منهن ڏيڻ کپي اڄ پنهنجي مقابل ويريءَ سان،
ليڪن هڪڙي ڳالهہ ضروري کٽجي پيير سُڌيريءَ سان.
(ساٿيهہ جي ساک: 53)

- **مقتل**: قتل گاهہ، ڦاسيءَ گهاٽ.

سدا خطا جي بہ مقتل کي حاضري گهرجي،
خيال يار جي ڪا پاسخاطري گهرجي.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 187)

- **مقدس**: پاڪ پوتر، پوڄڻ لائق، عزت ۽ مانَ وارو، تقدس وارو.

هي سڀ تولئہ آهي سنڌڙي ڌاريا ٽيا سڀ دنگ ڏسي،
ايندڙ نسل نہ پوئتي پوندو، هيءَ پنهنجي مقدس جنگ ڏسي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 87)

- **مقسوم**: قسم وارو، نموني وانگيان.

وڏاءُ ناهي انهيءَ ۾ ڪوئي نہ فيصلو هي ڪو سقيم آهي،
مگر هي ماحول ان جي مقسوم جو سدائين قسيم آهي.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 480)

- **مقصد ۽ مقصود**: منزل جي ڳولا، مقصد لاءِ جدوجهد.

مان ئي ناز، نياز بہ مان ئي، مان ئي مقصد ۽ مقصود،
مون ۾ تون موجود!

(ڌرتيءَ جا گيت: 242)

- **مڪاري**: مڪر و فريب ڪاري، ڊرامي بازي، ڏيک ويک.

ڪنهن ڪيو مذهب جي نالي ملڪ کي تا راج آهہ،
ڪنهن جي مڪاريءَ سبب هيءَ قوم ٿي محتاج آهہ.

(ڌرتيءَ جا گيت: 71)

- **مڪتي**: ڇوٽڪارو، آجائي.

تيرٿ بہ تون، منهنجا تڪيا بہ تون،
منهنجي مڪتي بہ، ماتا بہ تون.

(ڌرتيءَ جا گيت: 81)

- **مڪر**: دوکو، فريب، هٿ ناٺ، بهانو ٻهروپ.

سوئي ٿئي ساٿيهہ جو ساٿي جنهن وٽ فهم ۽ فڪر هجي،
پوءِ ڏاوا ڇا پُورا پَوَندا جن وٽ مير ۽ مڪر هجي.

(ساٿيهہ جي ساک: 39)

- **مڪري وڃڻ**: ڦري وڃڻ، کسڪي وڃڻ، جان ڇڏائي وڃڻ.

دل جي ڳالهہ هندائي دل سان، مونجهارن مان نڪري ويو،
جن ويچارن واٽ تي روڪيس، تن سڀن کان مڪري ويو.

(ساٽيهہ جي ساک: 58)

- **مڪڙيون**: بيڙيون.

پتيون مڪڙيون جن پاڙيو تن ماٽيو سک نہ سڪاٽن جو،
سور مڙوئي ساهہ جو ويري، ڏارين توءِ ڏياٽن جو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 99)

- **مڪلي**: ٺٽي جو تاريخي مقام.

مڪلي بہ تون، منهنجي مياڻي بہ تون،
منهنجي سانگين جي سامئي بہ تون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 79)

- **مڪو مچڻ**: پاڳ ڪلڻ، سرسي ٿيڻ، وارو ورڻ، فتح ٿيڻ.

رکي پير پنڊال ۾ جونءَ وانگي سُري سهنج ڪو داد جي لاءِ تاڙيون،
ڏسون ڪير ٿو اڄ ڪٽي گوءِ ڪنهن جو مچي ٿو مڪو عام جي لاءِ تاڙيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 177)

- **مُڪيون**: گذريون، پُنيوُن.

ڏک ۾ ڏمر جي رات نہ مُڪي،
ڪيئي باڪان مڪجي ويون.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 99)

- **مُڪياري**: اهو سودو جيڪو اڳتي نہ وڃڻ جي صورت ۾ ٺٽي سگهڻ جوڳو هجي.

ڳوٺ تہ تنهنجو مٺياري،
پيار نہ سودو مڪياري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **ملال**: رنج، ڏک، سور، افسوس، صدمو.

ٺئي نہ تقسيم زر جي بيجا رعايتن سان ڪن ڪي حاصل،

هجي نہ ڪو حزن، ملال ۾ نہ ڪوئي بہ گهاتو گهٽن ڪي حاصل.
(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 485)

- **ملڪ گيري**: ملڪ فتح ڪرڻ جو جنون، ملڪن مٿان قبضو ڪرڻ جي منشا.

هوس ملڪ گيريءَ جو آزاد بندن جي بي غم حياتين ڪي برهم ڪندو هو،
تڏهن ڪو دلاور بغاوت ڪو بربريت جي هلچل ڪي بيبرم ڪندو هو.
(ڌرتيءَ جا گيت: 171)

- **ملنگهہ**: مست الست فقير، چريو عاشق.

تنهنجون مانيٽيون ادائون ايئن پيون انداز ڏين،
جڻ تہ قلندر جي ملنگن ڪي ٿا سپنا راز ڏين.
(ڌرتيءَ جا گيت: 150)

- **ملوڪ**: سٺو، مٿاهون، چڱهڙ، چڱو مڙس، وڏيءَ حيثيت، مان ۾ معيار وارو.

تو سان ٻيلي ٿيڻ جي ڪيئن مان هاڙهيءَ واري هام هڻا،
مون ڪي ناهہ مجال ملوڪ جو توسان اهڙي هام هڻا.
(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **ملهار**: اهي بادل جيڪي هلڪي ڦوهار ڪيو ماحول خوشتر ڪيو وڃن.

هن ڌرتيءَ جي مرڪ ۾ ماڻڪ، جنهن تي مست ملهار ٿين،
هن ڌرتيءَ جي سونهن جي سنجري، ساهن جا سينگار ٿين.
(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **مليح**: موتيءَ جو هڪ قسم، چمڪدار.

ڀاڳهي جنهن جي مرڪ مليح تہ پيشاني پڪراج هئي،
جنهن جي هيج همير جي آڏو قسمت ڀي محتاج هئي.
(ساٽيهہ جي ساک: 63)

- **مماتي**: مري وڃڻ کان بعد جي حياتي، ايندڙ دنيا.

هي آهي ميزائيل جنهن جي ڏسڻ سان ڏڪي ٿي وڃي آدميت جي ڇاتي،
خدائيءَ جو دشمن، تباهيءَ جو پيڪر، مماتيءَ جي شڪل ۾ مصيبت جي ڇاتي.
(ڌرتيءَ جا گيت: 173)

- **ممڙي**: ”مم“ جانور جو اسم تصغير.

توتي ٿي ڦڻڪار ڪري تو ورتي وٽ ڪيئن ممڙي جي،
تنهنجا عضوا چٽي وڏا جنهن، تو ۾ عادت ٻهڙي جي.

(ساٽيهہ جي ساک: 83)

- **مُمڻ**: ماحول ۾ تغير پيدا ڪرڻ، جهيڙو شروع ڪرڻ.

درياخان ڪي ممڻ مچايا، غورابيءَ گهمسان جيان،
درياهن جان پائيندو ويو، وڏندو ويو طوفان جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 166)

- **مُنافرت**: نفرت سان، منافقيءَ سان.

ڪيو وجي ٿو منافرت سان انهيءَ جي حقن کي مات ڇا لئہ،
رهي ٿي عزت عيوض هَوَس جي فقط سندس لاءِ مات ڇا لئہ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 485)

- **منتر**: جادو.

هرڪنهن کي دل جاءِ ڏئي ٿي منديائي ان منتر ۾،
آءُ سپن کي اڏي ڇڏيندس متان پوي ڪو ٻُڏترَ ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 65)

- **منتظر**: انتظار ۾، اوسيئڙي ۾.

انهيءَ عالم ۾ سرخ سج پنهنجي آب ۽ تاب سان اُڀريو،
رهيو ئي اتهاس منتظر جهين جو سو مرادن جو ماڻ ايريو.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 481)

- **مُنجَهہ**: پتو ڪورو، خبرچار، چاڻَ ڏيڻ، ڏَسُ ڏيڻ، سلجهاءُ ڪرڻ، مونجهہ، مونجهارو.

مندن ور ور ويس متائي سوڪهڙي ۾ سهنج ڪيا،
مارن منجهہ متي نہ ڪڏهن ٻيي ڏور اٽاوا اهنج ڪيا.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 99)

- **مند جي وٿَ**: ڪا منداڻي شيءِ ڪاڻجي تہ ان کي مند جي وَٿَ چئبو آهي.

ماڻهوءَ جي دل مند جي وٿ جيئن، سيني کي جا سيبائي ٿي،
پوءِ بہ ڏائڻ بنجي چو هيءَ ڏيهن کي ڏهڪائي ٿي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 142)

- **مُندَ فِڪري**: خاموشي، مونجهارو.

مايوسيءَ ۾ مند فڪريءَ کان ڪابہ سڻائي مشڪل ٿئي،
آخر هرڪو ماٺ تي وينو مجلس ويئي مهمل ٿي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 195)

- **منڊياٺي**: مَنڊُ هٽندڙ ڊارو هٽندڙ.

هرهڪ کي دلجاءِ ڏئي ٿي منڊياٺي ان منتر ۾،
آءُ سين کي اڏي ڇڏيندس متان پوي ڪو ٻڏتر ۾.
(ساٽيهہ جي ساک: 65)

- **منڊيو ويو**: مَنڊ هنيون ويو.

توکي هرهڪ دؤر ۾ بيوس ڪري منڊيو ويو،
ماڳ تي پهچڻ کان اڳ ئي راهہ ۾ رنڊيو ويو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 149)

- **منشا**: مرضي، راضپو، خيال، راءِ.

واعدو آهہ تہ منڙي تنهنجي منشا بيشڪ مڃٽي آهي،
پر هيءُ شرط تہ راڄُوٽيءَ جي ريت نہ ڪائي ڇڏٽي آهي.
(ساٽيهہ جي ساک: 30)

- **منشور**: لاحئہ عمل، ڪم جو دستاويز ترتيب.

اونداهي عالم ۾ سچ جيان بي نقاب ٿي انقلاب آيو،
جديد منشور جو مفصل ڪتاب ٿي انقلاب آيو.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 486)

- **منصب**: ڪاروبار، وهنوار، ذميواري.

نيازمند مڙئي بي نياز، يار نياز،

انهيءَ کي عشق جي منزل ۾ خاطري گهرجي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 184)

- **منصف**: انصاف ڪندڙ.

پاڻ ئي منصف ٿيو هن ڳالهه کي فيصل ڪريو

خود سزا لائق اوهان ڇو ٿا پيا بل بل ڪريو.

(ڌرتيءَ جا گيت: 70)

- **منصوبو**: رٿا، جوڙجڪ، ترتيب، پروگرام، طور طريقو.

رهي ائين هي راز لڪل جڻ موتين جي مُٺِ دبليءَ ۾،

جي نہ تہ سارو منصوبو اڇي ويندو افليءَ ڊفليءَ ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 43)

- **منظر**: نظارا.

مون ۾ منظر، مظهر، ميلا، تون تنهائيءَ ۾ محدود،

مون ۾ تون موجود!

(ڌرتيءَ جا گيت: 242)

- **منفعت**: عاقبت، سهوليت، گهرج جو پورائو حق جي سلاميت.

بحال آ برابري سڀ جي لاءِ، هر منفعت رهي ٿي،

معاش جي ڪابہ نہ آهي مشڪل نہ اقتصادي دقت رهي ٿي.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 488)

- **منڪر**: انڪار ڪندڙ.

لُوهہَ اُهائِي گدڙ سندي جيئن ماڪيءَ ماناري تي،

ذڪر فقيرن کي جاڳايو ڇي منڪر آيا ماري تي.

(ساٽيهہ جي ساک: 48)

- **منهن تي هيڊ هارجڻ**: شرمسار ڪرڻ، شڪي ڪرڻ ، گهٽتائي ڪرڻ.

ڪالهہ جن ٿي ڪر ڪنيا اڄ ڪنڌ تن جا پيا پڇي،

پنهنجي ڪٿي ٿي تن جي منهن تي هيڏ هاري آ وئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 219)

- **منهندار**: بادشاهہ، منصب دار، راڄ ڌڻي، اڳواڻ، ليڊر.

تخت جو وارث آهہ چنيسر، ٿيندو ڪيئن حقدار ڀيو،

آءُ نہ مڃيندس راڄ ڪيو جي راڄن جو منهندار ڀيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 32)

- **مٽيادار**: موتين سان ڀريل، حسين، لائق، ماڻ مرجات وارو.

سنڌ ديس جي سوني ڌرتي مٽي مٽيادار الا،

هن ڌرتيءَ تان گهور وڃان هيءَ ڌرتي سرجڻهار الا.

(ساٽيهہ جي ساک: 75)

- **مٽيان**: موتي، رونق، سونهن سوڀيا، سهڻو ورن.

منهن ۾ مٽيان نہ مراد جو ياڳو لڳو ٿي ڪاري چور جيان،

هوڏانهن ننگر ڳاٺ اوچي سان گڙيو پٽي گهنگهور جيان.

(ساٽيهہ جي ساک: 59)

- **موتمار مامرا**: اهي مسئلا جيڪي حل ٿيڻ بجاءِ موت جيان ماريندڙ هجن، ڏکيا مسئلا.

اڇو تہ ظلم لاءِ بغاوتن جي ابتدا ڪريون،

اڇو تہ موتمار مامرن جي انتها ڪريون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 105)

- **موجن وانگ مٿاهين**: درياءَ جي تيز وهڪري ڪري موجون يا ويرون مٿاهيون ٿي ايندي پاڻيءَ ۾ ختم ٿي وينديون آهن.

دنيا جي درياهہ ۾ ٿيندين موجن وانگ مٿاهين تون،

پنهنجي ڪاڻ نہ جي آهين تون، جڳ جي ڪارڻ آهين تون.

(ساٽيهہ جي ساک: 29)

- **موچارن ۾**: چڱن، چوکن ۽ عزت وارن ۾.

اٺن سواريون، سهسين قطارون مارن مون کي لوک ميارون،

اکڙيون منهن جون شرم جون ماريون، من کو ماڻ ڪري موچارن ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **مُورُ**: لڳايل رقم، سيڙايل پئسو بلڪل.

ڏوڏ ۾ ڏاڙو ڏنڏو هن جو ارڏائيءَ ۾ چُورُ ائين،
سُود پنيان تو سنڙيو سارو ڇڏي اُڏائي مور ائين.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 310)

- **موسوم**: شامل، هڪجهڙا ٿيل، گڏ.

شدت کان انسان جتي حيوانن سان موسوم هئا،
پنهنجي محنت هوندي هرهڪ نعمت کان محروم هئا.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 290)

- **موعظت**: نصيحت.

تضاد ڪوئي نہ جنهن جي قول ۾ تو اچي ڪنهن بہ مصلحت کان،
اصول ۾ جو اجهل ڏسي نہ تو ڪنهن بہ موعظت کان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 475)

- **موکي**: ڪلاسيڪل ڪردار جيڪا شراب جون ٺنيون پچائيندي هئي، جنهن جو شراب پي متارا مري ويا.

موکي بہ تون، منهنجي نوري بہ تون،
منهنجي جيڏين جي جيجل بہ تون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 80)

- **موڳو**: منجهيل، بيوقوف، واتڙو.

سنوت ڏيڍ کا ناهہ سياٽپ ڪنهن پيي اوني سوني کي،
بهتر ٿئي ها جي نہ ملي ها وارو آهڙي موڳي کي.

(ساٿيهہ جي ساک: 38)

- **مومل**: ڪلاسيڪل ڪردار، جيڪا ڪاڪ جي رهاڪو هئي، راڻي سان عشق هوس.

مومل بہ تون، منهنجي سومل بہ تون،
منهنجي راڄن جي راڻي بہ تون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 80)

- **موهہ**: چاهہ، وڻت، محبت، لاڙو.

موهہ تنهنجو هو تن مامرن ساڻ جن ۾،
گهڙي پي تو گهاري نہ وجهندي چڏي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 143)

- **موهہ جي مورت**: تمام سهڻي، محبت ڪرڻ جهڙي.

پونگر جي ٻن راڻين مان، هڪ راڻي موهہ جي مورت هئي،
جنهن سان پنهنجي پيارن ڪان وڌ هن جي ميٺ محبت هئي.

(ساڻيهہ جي ساک: 28)

- **موئدتن سان**: سٺي ورتاءَ سان، پيار سان، بهتر روئي سان، محبت سان.

زمين تي جنتون اپايون وچن محبتن ۽ محنتن سان،
زمين تي جنتون اپايون وچن، وفا ۽ موئدتن سان.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 486)

- **موئرو**: مينهن يا ڍڳيءَ جو ڦر مرندو آهي تہ ان جي کل ۾ ٻُهہ پري نقلي ڦر ٺاهبو آهي، ان کي موئرو چوندا آهن.

هلي هلي موئرو، موئرو ڙي موئرو،
بلي بلي موئرو!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 95)

- **مُهابي**: واسطي، ان جي صدقي، ان جي پت رکڻ لاءِ.

تو مهابي هئا مزي ۾ مامرا مهراڻ جا،
ناچَ تي سُڳنڌين ڪيا ۽ گيت هئا چانداڻ جا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 151)

- **مهابي پَري مُرڪَ**: ڪنهن ٻئي پاران مليل خوشي.

هي گوڏن تي گهنگهرو، هي ڳانيون ڳچيءَ ۾ قدم ڇم ڇما ڇم لُڏَن مير وانگي،
مهابي پري مرڪ جن جي جتن جي، جهلي واڳ جي ٽا چڙهن سِيرَ وانگي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 176)

- **مهاڏو**: مقابلو، جهيڙو.

سوچيائين ڪا انڊ اٽاري ڏجي، مهاڏو ڪونڌر سان،
پنهنجو مطلب ڦيري گيري ڳالهہ ڪيائين اوڳر سان.

(ساٽيهہ جي ساک: 61)

- **مهاڙُ**: ٽُڪَ، سُرُ سواد، ترتيب.

اڇو تہ بنجون ديوانا ڪو عقل هجي نہ مهاڙ هجي،
ڏُرا هن جا ڏُکيون اڳتي پلي تہ اڳيان پهاڙ هجي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 141)

- **مهاڳ**: آڳو مهاڙو، آمهون سامهون ايندڙ سلجهاءُ.

بگاڙيل جا بہ آ صورت، مهاڳ ان جو بڻايون ٿا،
منجهايل آ راهہ جيڪا، وچاڳ ان جو بڻايون ٿا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 132)

- **مهانڊا**: وَصَفَ، اُهڃاڻَ، خدوخال، نمونا، ڳڻ ڳوت جهڙا.

جيئن وسن جهڙا رهن السيءَ جا گل ڦل گاهہ ۾،
تيئن مهانڊا تنهنجا سانڍيل هئا سِپن جي ساهہ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **مهت**: بيشڪ، سهي پهي، عزت آبرو سوپ، ڇاٽُون.

پنهنجي مسلڪ تي جيئڻ مهت، انهيءَ ساڻ مرڻ مرم ٿا پانيُون،
دوستي دارورسن سان پيي رکي دنگ ڪرڻ ڏرم ٿا ڇاٽون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 120)

- **مهت**: ڇوٽڪارو، فتح جي گهڙي، موقعو.

ڇي هيءُ سرڙو صدقو ٿيندو جيئن ٿي جانب هڪل ڏني،
دشمن جا دربند ٿي ويندا، ياڳ جي ڪائي مهل ڏني.

(ساٽيهہ جي ساک: 76)

- **مهدي**: امام مهدي جنهن لاءِ چيل آهي تہ آخر ۾ اچي اسلام جي اصلاح ۾

ڦهلاءُ ڪندو.

توئي مهديءَ جي ڪردار کي مشڪوڪ ۾ ماٺار بڻايو،
توئي دجال جي درجي کي ڪيو هيچ مان حاصل او زمانا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 13)

- **مهراڻين تي مارو**: سنڌ جي ماڻهن مٿان ڏمر.

منهن ڏئي اڳتي وڏڙو آهي هارڻ نہ ڪو ويچارو ٿئي،
باز پوي جيئن جهرڪين ۾ تيئن مهراڻين تي مارو ٿئي.

(ساڻيهہ جي ساک: 70)

- **مَهَري**: چڙهيءَ جو اُٿ.

مهريءَ وانگي منظر جاڳيا مند اچي وئي مستيءَ ۾،
فطرت ٿي شاداب ايئن جڻ عيد جي سنبت وستيءَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **مِهَري**: مِهرَ ڀَرمي، مهربان، شفقت واري، قربدار.

ماڙيءَ تان ڪنهن مهريءَ مڙي عشق جو آدرياءُ ڪيو،
ناحق تي ٻہ جوانيون گهوريون غيرت پاڻيءَ پاءُ ڪيو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 132)

- **مهل جو مانجهي**: وقت تي واهر ڪرڻ وارو.

هن کي ڇڏڻو ناهي هرگز پوۓ متان ارمان ٿئي،
مهل جو مانجهي آهہ اِهوئي جنهن وٽ مهل جو مانُ ٿئي.

(ساڻيهہ جي ساک: 57)

- **مهل ڏڻي**: ڏکئي وقت جو مددگار، مصيبت مان جان ڇڏائيندڙ.

درياهن جو هاڻءُ ٿو ڦاٽي ڏرتيءَ جي دل ڌڙڪي ٿي،
موٽ مسافر مهل ڏڻي! اڄ اک تو لئہ ڦڙڪي ٿي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 290)

- **مهل ڪرڻ**: همت ڪري مدد ڪرڻ، بهتري چاهڻ وارو عمل ڪرڻ.

واهڙ پنهنجي وهيءَ جيان پيارو، توسان وند واهڻ جي،

تون جي مهر ڪرين او مانجهي مُند ائين ساوڻ جي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 112)

- **مهم**: چڙهائي، تياري، مقابلو.

ٻيڙي سِيرَ مان نڪري پوندي اهڙو جي ڪو ملاح ڪجي،

اهو چئي جيئن قدم کڄي، تيئن پوءِ ٻي مهم مباح ڪجي.

(ساڃيهہ جي ساک: 52)

- **مهم سَرِ ٿيڻ**: جدوجهد ڪامياب ٿيڻ، لايو سجايو ٿيڻ.

مور ڇيو سپ ٽيڪ مگر هيءَ مهم تہ ائين سر ٿيڻي ناهہ،

جيسين ساٿ نہ ڏيندا سيئي تيسين مصيبت ٽرڻي ناهہ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 186)

- **مهمل**: پوئتي ڪرڻ، هٽائڻ، وري پيهر ڪرڻ، وِٿي وِجهڻ.

مايوسيءَ ۽ مند فڪريءَ ڪان ڪابہ سٽائي مشڪل ٿي،

آخر هرڪو ماٺ ٿي وينو مجلس ويئي مهمل ٿي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

- **مهمير**: وڏا سهپ وارا، دانشمند، بهادر.

ڪڏهن ائين پيي ٿيندو آهي، دودي ٿي ڳنڀير ڇيو،

مهل اچي ٿي مردن تي ڪو غم نہ ڪريو مهمير ٿيو.

(ساڃيهہ جي ساک: 51)

- **مهيلڙو**: مَهيءَ ولوڙ گوڙ شور.

سُتا جي يار، مهيلڙي تي بہ نہ اٿيا،

اٿيا تہ هوش ڪان ٻاهر، لٿن ڳهر نہ مدا.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 177)

- **مئڪدي جو بت**: شراب خاني جو ساقي.

مئڪدي ڪي ڪريان ٿو ياد ڇڏي ڏيو مون ڪي،

مئڪدي جي بت لا تو هٿ تہ بيدار ٿيس.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 180)

- **مياٽي**: انگريزن سان سنڌين جي جنگ جي جڳهه، جتي هوشوءَ جي جڳ مشهور نعري جنم ورتو تہ ”مرويسون، مرويسون سنڌ نہ ڏيسون“.

جنهن جي مڪلي ساهه سيباٽي، لا هو جمالو
جنهن ۾ مورن جهڙي مياٽي، لا هو جمالو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 87)

- **مير**: ٻيائي، ڪينو بغض.

سوئي ٽئي ساٿيهه جو ساٿي جنهن وٽ فهم ۾ فڪر هجي،
پوءِ ڊاوا ڇا پُورا پوندا، جن وٽ مير ۾ مڪر هجي.

(ساٿيهه جي ساک: 39)

- **ميزائيل**: اهو جنگ هٿيار جيڪو تمام پري رٿيل نشاني تي مار ڪري.

هي آهي ميزائل جنهن جي ڏسڻ سان ڏڪي ٿي وڃي آدميت جي ڇاتي،
خدائيءَ جو دشمن تباهيءَ جو بيڪر، مماتيءَ جي شڪل ۾ مصيبت جي ڇاتي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **ميل**: ملاقاتيون، گڏجاٽيون، رهاٽيون، هيڪاند ٿيڻ.

اوسيئڙي آڙاهن ۾ اسان ڪي ٽُنهنجي تاس رَهي،
پنهنجو ميل محال تڏهن پيي وري ملڻ جي آس رهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 229)

- **ميڻ جا مسيح**: هٿراڌو رهنما، جُڙتُو رسول.

هي ميڻ جا مسيح ۽ سنگِ خشت جا خدا،
نصيب جا نقيب ۽ بلند و پست جا خدا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 105)

# ن

- **نابري:** انڪار، ضد، نهڪر.

اوهان جو ضد ته زماني سان منهن ڏيڻ واجب،
اسان جو هٺ ته جيئڻ کان ئي نابري گهرجي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 183)

- **نادر:** بادشاهه جو نالو جنهن سنڌ مٿان 1740ع ۾ هلان ڪئي هئي.

ڪالهه جي آيا نادر ڪيئي،
سجهن تا ڏيهه ۾ سيئي،
ڪنڌ ڪُٽن جو پڃي.
تاسرڙو ٿو وڃي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 90)

- **نار:** ٻاهه، عورت.

هي گذر جنهن جو غم طرح ڏيندو رهي، آدمي نُورَ مان نار ٿيندو رهي،
ڪير هي روپ بهروپ سهندو رهي، شام گهاريان پيو صبح ساريان پيو.

(ساٽيهه جي ساک: 283)

- **ناڙُ:** سچ، پوين پساهن ۾ نِستي.

دهه جو ڏٽي ٿيو دودو، هاٽي پنهنجي ننگري ناڙ تي وئي،
راٽيءَ پي ڪئي ساڳي رڙ چي سچي اسان جي واڙ تي وئي.

(ساٽيهه جي ساک: 42)

- **نازل:** برپا ٿيڻ، مٿان کان اچڻ.

ديد وڏي جنهن دشمن هن ۾، ان جي ديد فنا ٿيندي،
ڏوهه ڪيو جنهن هن سان، تنهن تي نازل نيٺ هچا ٿيندي.

(ساٽيهه جي ساک: 40)

- **ناسون هڻندڙ:** اجايو هيڏي هوڏي نهاريندڙ، اوسو پاسو جانچيندڙ.

متان هجي ڪو تاڙ ۾، پنهنجي جوڪن تي جاڪوڙ ڪئي،
اوسي پاسي ناسون هٽنديءَ، هر هر تي تَنِ ٻوڙ ڪئي.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 48)

- **ناشاد:** غمگين، اُجڙيل، بي مزي.

دودي جو سوڳنڌ تہ ٿيندو ڪين ڪڏهن ناشاد وطن،
دودي جي دستور سان رهندو، خوشحال ۽ آزاد وطن.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 40)

- **ناڪئو:** ٻيڙي هلائيندڙ، ميربحر، ٻيڙياتو.

عالم جي سگهہ سگهڙي توڙي تڏهن بہ هن ڪان تار نہ هئي،
پر ارمان جو هُن ناڪئي جي ٻيڙي هتڙي پار نہ هئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 183)

- **نالي تي هجڻ:** زال ٿيڻ لاءِ طئي ٿيل عورت.

سونيءَ قليءَ تي سايون ڳاڙهيون ٽِڪان تي،
تنهنجي نالي تي آهيان، تڏهن توڪان لڪان ٿي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 97)

- **ناهرننگا:** چراغ صفت ماڻهن جو ظاهر ٿيڻ.

هاڻ تہ ٿيا سڀ ناهر ننگا پڌرا جي پرڪارن ۾،
ويري آخر ويري آهن، پرچن ڪيئن سي پيارن ۾.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 63)

- **نبرڻ:** گذرڻ، ليڪو چوڪو ٿي وڃڻ، موڪلائي وڃڻ، رهجي وڃڻ.

جڏهن بہ تنهنجي ياد اچي ٿي ڏاڍي اوکي نبري ٿي،
ماڪ جيان ٿا ڳوڙها ڳاڙيون، ميڻ جيان دل پگهري ٿي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 229)

- **نَبُودِ:** نہ هئڻ، مٽجي وڃڻ، جڻ تہ هُئي ئي ڪانہ.

شباب تي آئي هر تمنا تہ عمر ٿي پئي سياڳ واري،

نراڙ تان وئي لڪير گم ٿي، نبود وانگي نياڳ واري.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 491)

- **نبيرو:** فيصلو حل، چينارو.

اِتي چيو ڪن شور مچائي هيئن نبيرو ٿيٺو ناهہ،
ڀاڳيءَ ساڻ صلاح ڪريون ڪا، جي نہ تہ ٻوٽو ٻرٽو ناهہ.

(ساٽيهہ جي ساک: 36)

- **نتهڻ اُس:** تمام تيز شدت واري اُس تتي، ڏامر ٽَتي.

هرڪنهن جو هتي هانءُ سڙي ٿو، نتهڻ اُس جي آويءَ ۾،
ڪوسو واءُ تہ ڪو سپ واري ڪا جهٽ ڪنهن کي نرڻ نہ ڏيندي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 300)

- **نپائٽيون:** پالٽيون، وڏائٽيون ويجهائٽيون.

جي زندگيءَ جون حسرتون نپائٽيون هيون هتي،
اهي ائين سجهي ٿو جڻ وڃائٽيون هيون هتي.

(ساٽيهہ جي ساک: 30)

- **نج:** صاف، اصل، جنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪا ملاوٽ ٿيل نہ هجي.

عشق ۾ ناهي ڪابہ مڪياري، عشق ٿو سودو چوٽ ڪري،
عشق تہ سون جيان نج، پرڪي هرجائي ويا کوٽ ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 236)

- **نڇاور:** قربان، گهور.

هي سانگي جي پنهنجن پروان جي ڏک تي،
پنهنجي خوشي ٻيي نڇاور ڪندا ها.

(ڏرتيءَ جا گيت: 92)

- **نحس:** نياڳو ڏڪاريل.

آئيني مان حسن سنڌءِ، مون ان ۾ عشق جو عڪس ڏٺو،
تو سان الفت ڀاڳ سڀاڳ تہ نفرت کي مون نحس ڏٺو.

(دل ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **ندا:** سَڏُ، پُڪار، درد پري دانهن.

هي ندا آئي ڪٿان روڪيو انهيءَ آواز کي،
جنهن اچي ٽيڙيو ائين چَڙِي سوچ جي انداز کي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 138)

- **نِدورپ:** نياڳ.

ڪا سروپ تي ڪپي ساهيءَ پٽڻ جي واسطي،
هن ندورپ جو نبيرو ڪيئن بہ ٽيٽو آهہ يا نہ؟

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 328)

- **نديم تر:** انتهائي پيارو، دلي دوست، حال ڀائي.

فضيلتن ۽ فراستن ۾ ذهين تر ۽ فهيم تر آ،
خود اعتماد ۽ خلوص مند لئيق تر ۽ نديم تر آ.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 476)

- **نرت:** جُوهرَ، محنت، نظر.

هوڏانهن نرت نغارن تي پڙ نعرن جي پرمار هئي،
بانڪن جي بيگار ائين، چڙ واندن جي وانگار هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

- **نرڙ تي هٿ رکندي:** نهارڻ جو انداز تہ جيئن پري پري ڏسي سگهجي.

نرڙ تي هٿڙا رکندي تنهنجي راهہ تڪيندي ورهہ ٽيام،
هانوَ کي آٿت ڏيندي، ٽڏڙا ساهہ پريندي ورهہ ٽيام.

(ساٽيهہ جي ساک: 32)

- **نرهہ:** نراس، خالي، بي دخل، نہ حاصل ڪري سگهندڙ.

ٿئي ٿو هر ماڳ تي نرهہ قدرتي وسيلن کان آدمي ڇو،
رهي ٿو مجبور حالتن کان نراس ٿي غم سان آدمي ڇو؟

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 484)

- **نزاد:** نام نيشان، عمل دخل، موجودات.

مزاج ۾ ۽ معاشري ۾ هجي نہ هرگز تضاد باقي،
ڪٿي بہ بي اعتدالين جو رهي نہ بلڪل نزاد باقي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 485)

- **نسبت:** تعلق، لاڳاپو واسطو.

دنيا جو ڏيک ويک ڏسي هرڪجي نہ وج،
معنيٰ هجي نہ جنهن ۾ سا سنبت نہ ڪر قبول.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 171)

- **نسبيون:** ڪنن ۾ پائڻ جو ڳهہ.

سونو تہ پاٽي پيلي چانديءَ جون نسبيون،
سورن ۾ سوريان ويني لڙڪن جون تسبيون.

(دل ڌرتيءَ جا گيت: 96)

- **نَسُوئو:** جنهن تي ڪنهن بہ ڳالهہ جو فوري اثر نہ ٿئي.

ماڻهو آهہ نسوئو پيو تہ اُهوئي ٿو صنعان ٿئي،
ان ڪان وڌ سو آهي جيڪو ماڻهو مان انسان ٿئي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 133)

- **نشانبر:** ظاهر ظهور، چِٽو پِٽو پري ڪان پڌرو عيان.

تنهنجيءَ ٽور تان بادل گهور پرين!
تنهنجا نيڻ نشانبر ڪارا چور پرين!

(ڌرتيءَ جا گيت: 56)

- **نُصرت:** ڪاميابي، ڪامراني.

اجاري چڙي جنهن زماني جي سيني تي همت ڪري فتح ۽ نصرت جي ريکا،
مري جن مٽائي بني نوع انسان جي هٿ سان غلاميءَ جي ذلت جي ريکا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 171)

- **نظام:** سرشتو حڪومت هلائڻ جو طريقو انتظامي ترتيب.

ملڪ جو واهي پٽ ۾ پورو، پيير منجهہ عوام نہ هو

مست هو پنهنجي حال ۾ هرڪو بدحاليءَ ۾ نظام نہ هو.

(ساٽيھہ جي ساک: 27)

- **نظرباز:** نظرن کي پاڻ ڏانهن متوجهہ ڪندڙ خيال ڇڪائيندڙ نظارا.

نظرِباز قالين جهين تي، رنگارنگ ڪاريگريءَ جا ڪرشما ڪنديل،
اُڏا هڪ پکي ۾ اجايل هرڻ جهنگ، جهر، جبل جن ۾ چشما ڪنديل.

(ڏرتيءَ جا گيت: 170)

- **نظرثاني:** اها تبديلي جيڪا ان شيءِ کي اڳي کان وڌيڪ چڱو بنائي.

اج وري ان عهدنامي تي نظرثاني ڪريو،
هر سياسي ڪارنامي تي نظرثاني ڪريو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 70)

- **نعمت:** تحفو سوکڙي، پلائي، سِڪي سِڪي ۾ مليل شيءِ.

نہ آهي روحانيت ۾ رونق جي، ماديت ۾ نڪاري آهي،
پري نہ جا پيٽ ڪنهن بُکئي جو تہ اهڙي نعمت هچاري آهي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 435)

- **نعوذ:** 'نعوذ باالله'، توبهہ، بيزاري، تارو ڪرڻ.

دنيا لاءِ نعوذ پڙهون ٿا، پاڻ مٿان لاحول پڙهون،
آءُ تہ ويهي وِيچارِيُون اج، ڪنهن تي ڪهڙا ٻول پڙهون.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 129)

- **نغارو:** جنگ بِگِلُ، جنگي ساز.

هوڏانهن نرت نغارن تي پڻ نعرن جي پرمار هئي،
بانڪن جي بيگار ائين جڻ واندن جي ونگار هئي.

(ساٽيھہ جي ساک: 69)

- **نقل:** دهراءُ، بلڪل ان جيان، جيئن جو تيئن، اصل جي اَهل.

معصومن کان حق نہ کسي ڪو ظلم نہ تن سان اصل ٿئي،
'پاڙو نبين کي پي پيارو' عمل ۾ ان جو نقل ٿئي.

( ساٽيھہ جي ساک: 44)

- **نقيب:** ڍڪ، پردا، لڄ رکندڙ، آڻيندڙ سردار، بانسَري.

ميڻ جا مسيح ۾ هي سنگ خشت جا خدا،
نصيب جا نقيب ۾ بلند و پست جا خدا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 104)

- **نڪاري:** اڻ هوند، دروازا بند، گهٽ موجودات، ڪنهن بہ ڪم جو نہ.

معاش جي تنگ آ تہ انسان عاشقيءَ کان بہ عاري آهي،
نہ آهي روحانيت ۾ رونق، جي ماديت ۾ نڪاري آهي.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 485)

- **نگهہ نگهہ جڻ ڪرٽا:** سج جي ڪرٽن جهڙي چِٽي ۾ روشن نهار.

اکڙيون پرهہ پکير سندس ۾ نگهہ نگهہ جڻ ڪرٽا هئي،
ڳالهيون ائين جڻ ڪوهياريءَ جي پُورَ ۾ وچتر ويٺا هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 64)

- **نمودار:** ظاهر ظهور، عوامي طور ۾ سطح تي ظاهر.

اهوئي سو انقلاب هو، جنهن سماجوادي حڪومت آندي،
طويل تاريخ جي نئين دؤر جي، نمودار نوبت آندي.

(دل ۾ ڌرتيءَ جا گيت: 487)

- **ننڊايلن:** ننڊ ستلن.

جيئن ڏين ننڊايلن ٻارن کي ڪڙڪا ڏاءُ اچي،
جيئن ڪٽن دلبو ڪري ڪنهن جو جواري داءُ اچي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 150)

- **ننگ توتي:** آسرو، ڀروسو، مالڪيءَ جو حق.

اُتساهہ وچان آسيس ڏني پڻ راج ڪٽڪ جي ڪونڌر کي،
توتي آهي ننگ اسان جو پرتي پارت ننگر کي.

(ساٽيهہ جي ساک: 55)

- **ننگر:** هي بہ چنيسر جو پٽ هو، جيڪو دودي سان گڏجي علاءُ الدين سان وڙهندي شهيد ٿي ويو.

منهنجي ٻاگهي ٻه تون، منهنجي تاري ٻه تون،
منهنجي ننگر جي ڪويل ٻه تون.
(ڏرتيءَ جا گيت: 80)

- **نوبت:** صورتحال، تبديليءَ واري ڳالهه.

اهوئي سو انقلاب هو جنهن سماجوادي حڪومت آندي،
طويل تاريخ جي نئين دور جي نمودار نوبت آندي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 487)

- **نوبهار الفتون:** نئين آيل بهار ۾ جيئن گل ٻوٽا ڦوٽهڙو ڪندا آهن، تيئن محبت ڪي ٻه موٽ ايندي آهي.

هي نوجوان حسرتون ڪنيين جيان ڪڙن پيون،
هي نوبهار الفتون گلن جيان ٽڙن پيون.
(ڏرتيءَ جا گيت: 108)

- **نوري:** اُها ڪينجهر ڄائي مهاڻي جو نالو جنهن تي وقت جو بادشاهه ڄام تماچي مفتون ٿي پيو هو.

موکي ٻه تون، منهنجي نوري ٻه تون،
منهنجي جيڏين جي جيجل ٻه تون.
(ڏرتيءَ جا گيت: 80)

- **نوشا نوش:** شراب ۾ ٽُنُ.

راتين ۾ هو رنگ نه ڪوئي، رونق ئي روپوش هئي،
هرڪنهن کي هئي چَپَ تي سوٽي ٻاهر نوشا نوش هئي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 160)

- **نوع:** نمونو مزاج.

نه آ نيڪيءَ جو نوع مخصوص ڪنهن ٻه هڪ آدميءَ جي نالي،
نظام ساري ۾ نه آهه ڪا سوچ سرت بيهودگيءَ جي نالي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 488)

- **نوڪان** (**نوڪون**): ڏنگ، چهنبيارن اوزارن سان چُڀَ، سوئا ٽنبجڻ.

انُن جون جهوڪان، سرءُ جون سوڪان آءُ ٿي سوڪهڙي ۾ سُڏِڪان،
لڳڙيون جن ڪي نينهن جون نوڪان، تن گهمڻ ڇڏيو گلزارن ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **نهال**: جوان، تازو توانو وڌندڙ زور وٺندڙ.

تنهنجي سونهن سوائي جيئن جيئن، تيئن تيئن نيهن نهال سندوم،
تنهنجي غم جي گهوائيءَ ڪان، گهرو ڪيف ڪمال سندوم.
(ساڻيهہ جي ساک: 23)

- **نهان ڪرڻ**: بيان ڪرڻ، اعلان ڪرڻ، ظاهر ڪرڻ.

حاضري پرين پيا اهل دل خلوص مان،
دل جي بارگاهہ ۾ راز ڪيئن نهان ڪجي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 217)

- **نهائين**: آوي، باهہ جا ڏڙهہ، ٽانڊن جا انبار.

اکين گهم اندر اُلا، چڙ تہ ڦڙين ۾ نهائين!
او منهنجا سائين! مان تہ سنيهو پئي ڳايان!
(ڏرتيءَ جا گيت: 36)

- **نئوورني**: نوجوان، ننڍي نيٽي، نئون روپ ڪري، روپ نکاري.

بولو پائي جو نئووُرني، ٻنيءَ تي آئي ٻاگهي،
اکڙين جرڪي تارن وانگي نند ڦٽائي ٻاگهي.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 68)

- **نيارو**: انوکو نئون نڪور، مختلف، بي مثل.

هرهنڌ سونهن سوائي سائين، هرهنڌ نينهن نيارو آهہ،
ڇا ٻہ هجي پر پنهنجي ڪارڻ، تنهنجو پيار پنارو آهہ.
(ڌرتيءَ جا گيت: 229)

- **نياءُ**: انصاف، صلح سانت، سٺو ماحول.

ڦِريان پنهنجو مٿو ڦاڙي، پوءِ ٻين کي هٽون هلي،
اهڙيءَ ريت نياءُ ڪري، انياءَ جا ڪنڊا ڪٽون هلي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 289)

- **نيت:** خيال، ارادو، رايو.

پوءِ ڪري واويل تہ هئہ هئہ منهنجي اهڙي نيت نہ هئي،
پنهنجي لئہ مون ڪيو ٿي سڀ ڪجهہ، مون کي ڪا ٻي ڪُپَتِ نہ هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 77)

- **نيپاج:** پالنا، سنڀال، تاتڻ.

هن جي محبت جهنگ جي ساڪي سڀ ڪنهن کي ميناج ڏئي،
هن جي جهولي جيجل وانگي، جانب تي نيپاج ڏئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **نير وهائڻ:** زارو قطار روئڻ، روج راڙو ڪرڻ.

پينر پنهنجي پائن لئہ آسيس ايلاهون ڪرڻ لڳيون،
نياڻيون پنهنجا نيڻ ڪٽي ۽ نير وهائي روئڻ لڳيون.

(ساٽيهہ جي ساک: 47)

- **نيري ٽپهري:** جڏهن ٽپهري ٽيڻ واري هوندي آهي تہ ان کي نيري ٽپهري چئبو.

ڳوٺ تہ تنهنجو سونهري،
اِجها ٿي نيري ٽپهري!

(ڌرتيءَ جا گيت: 45)

- **نيست ٿي وڃڻ:** نابود ٿي وڃڻ، ختم ٿيڻ جهڙي حالت کي پهچي وڃڻ.

هتي جا چڪتاڻ اوچ ۽ نيچ جي بدل ٿي برابريءَ ۾،
فساد هو غيريت جو سو نيست ٿي ويو برادريءَ ۾.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 491)

- **نيلوفر جا گل:** ڪنول جا گل.

نيلوفر جا ننگا گل هئا، جڙ تہ نوازيل جل تل ۾،
روحن سان هئي راند انهن جي ائين چمڪ جڙ پايل ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 159)

- **نيم آزاد:** نالي ماتر آزادي، اڌوگابري آزادي، غلاميءَ نما آزادي.

ڪي نيم آزاد هئا تہ ڪن ڪي غلام رهڻو پيو ٿي جڳ ۾،
متان ڪو بيدار ٿئي ان جو اُپاءُ ڪرڻو پيو ٿي جڳ ۾.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 478)

- **نينهن نفل:** نينهن رستي خدا جا شڪرانا ادا ڪرڻ.

گهُلي هير تہ آئي گهِلَ بالو!
اسان پنڪيءَ ۾ پڙهيا نينهن نفل بالو!
(ڌرتيءَ جا گيت: 52)

- **نينهن نڪار:** پيار جو اظهار ڪندڙ.

ڦوهہ جواني جڙ تہ جهڙيالي، جهڙ ڦڙ جيان جنسار سنديس،
چپڙا جڙ تہ چنار جون مکڙيون، اکڙيون نينهن نڪار سنديس.
(ساٽيهہ جي ساک: 56)

- **نينهن نويل:** تازو لڳل عشق، نئون نينهن لڳوس.

چٽا رنگ رابيلان دا،
مرڪي گهندڙا لڳاون ڪيها نينهن نويلان دا!
(ڌرتيءَ جا گيت: 57)

- **نيهي:** هم وطن، ڏيهي، ديسي.

آديسي! تون امر الا توڪي ناتو نيهي سنڌڙيءَ سان،
تون سائين! تون ساٿ ڏٽي! هن جيهي تيهي سنڌڙيءَ سان.
(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 291)

# و

• **وات گلاب:** بهتر بول ٻڌڻ تي ڏنل وراڻي.

تنهنجو وات گلاب چيو ڪنهن، واهه جي ڳالهه ٻڌائي اٿئي،
اهائي آهي ڳالهه ڳڻڻ جي، ڪولي جا سمجهائي اٿئي.

(ساٽيهه جي ساڪ: 33)

• **واچوڙي جيان:** تيزءِ گول دائري ۾ گهلندڙ هوا جيان.

تانَ ۾ تانَ ملائي هڪدم شرناين ڪٽي ڊاڍ ڪئي،
اڏمن دل ۾ ڏوڙيا لائي واچوڙن جيان واڏ ڪئي.

(ساٽيهه جي ساڪ: 69)

• **واڏ ڪئي:** وڏيا، گهٽا تي پيا.

تانَ ۾ تان ملائي هڪدم شرناين ڪٽي ڊاڍ ڪئي،
اڏمن دل ۾ ڏوڙيا لائي واچوڙن جيان واڏ ڪئي.

(ساٽيهه جي ساڪ: 69)

• **واڍو:** ڊڪڻ جيڪو ڪاٺ جو ڪم ڪندو آهي، وڍ ڏيندڙ.

ڪٽي ڪهاڙو چڙهي ويو ڪو واڍو اُن جي لاءِ مٿي،
وڻ جو ڏار وڍي ۽ اُن ڪي اڇلايائين راهه مٿي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 194)

• **وار:** نشانو ڪرڻ، حملو ڪرڻ، ڏڪ هڻڻ.

پنهنجي ديد انهيءَ تي ڏرٽي آهي سج جي ڪرٽي جيان،
موقعو ملندي ان تي ٽٽي جيئن وار اچانڪ جهرٽي جيان.

(ساٽيهه جي ساڪ: 57)

• **وارث:** ورثي جو مالڪ، تسلسل جو ڏٽي.

ڪنهن جي وفا جو وارث مان ئي، ڪنهن سان آهيان صادق مان،
ان ڪان جي منهن موڙيان پنهنجو نانءُ رکايان فاسق مان.

(ساٽيهه جي ساڪ: 29)

• **وارد:** داخل، موجود، آيل، پهتل.

تفاوت باغبان، صياد ۾ رکجي تہ ڪيئن رکجي،
گلستان ۾ جڏهن وارد، خزان جهڙو بهار آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 210)

• **وارو ٿئي:** حملو ٿئي، ڪڙڪي پئي.

دودوي جي للڪار تہ ڪاهيو ڪنن جيان ڪڙڪات ڪري،
وارو ٿئي ائين ويرين تي جيئن ڪنڪ سڄو ڪيهات ڪري.

(ساٽيهہ جي ساک: 70)

• **وار وڃائڻ:** ڏک ٽارڻ، گسائي وڃڻ، بچاءُ ڪري وڃڻ.

ان ڪان اڳي جو هرڻ چوري، ڪجهہ شينهن ڏنو ٽپ جهٽ پٽ ۾،
هرڻ هيو هوشيار سو ان پيي، وار وڃايو هڪ سَٽَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 184)

• **واري ٿو:** قربان ڪري ٿو، گهوري گهمائي ٿو.

ڪيس ٻڏائج دودو توکي ياٺن وانگي ساري ٿو،
ليڪن پنهنجي ملڪ جي خاطر دودو سڀ ڪجهہ واري ٿو.

(ساٽيهہ جي ساک: 57)

• **واڙ:** حويلي، رهڻ جي جاءِ، عالم پناهہ، مال رهڻ جو ماڳ.

دهہ جو ڏٽي ٽيو دودو هاڻ تہ پنهنجي ننگري ناڙ تي وئي،
راٽيءَ پيي ڪئي ساڳي رڙ چئي سج اسان جي واڙ تي وئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 42)

• **واسينگن:** نانگن جو قسم.

ڪاريهر ۽ ڪيهر بنجي اٿلي پيا انسان ميان،
وڄڙين ۽ واسينگن وانگي تبر، ترارين، ڪان ميان!

(ساٽيهہ جي ساک: 69)

• **واسينگن وارو وير:** ڪاريهہ نانگ جو ساٿي ڪو مارينڊو آهي تہ پيو

ساٿي ان جو وير وٺندو آهي.

حرام حلال جي ڪاتي هرڪو نہ ڏٺئي تہ ڪو ڪير هئو،
توکي پنهنجي ڪٽم سان ڪانئر واسينگن وارو وير هئو.

(ساٽيهہ جي ساک: 77)

- **واعظِ شهر:** شهر جو عالمُ، بزرگ، مولوي.

واعظ شهر نصيحت سان ڏکوبو تہ وجي،
مئي پِريل رند جي آڏر جو طلبگار ٿيس.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 180)

- **واڪا ڪرڻ:** داهون، ڪوڪون، رڙيون، ڏاڍيان سڏ ڪرڻ.

اونيئڙا! ڙڃي، اونيئڙا! هو، منهنجي وندر وئي وٽڪارن ۾،
جهل واڳ تہ مان واڪا ڪريان، من ڪا ڪهل پوي پروارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **واڪ ڏيڻ:** وڪرو ڪرڻ، کپائي ڇڏڻ، پڙهو ڏيڻ.

ڏوهہ ڇا ٻين کي ڏجي، پنهنجن ئي ڪئي، ڪو شڪ نہ آهہ،
اڄ بہ توتي واڪ ٿا ڏيندا رهن، تون لک لهين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 78)

- **واڪ لڳڻ:** مُلهہ يا قيمت ڪٿجڻ، مانُ ملڻ.

هاڻ ڏاڙيلن جو وڪرو پيي لکن ۾ ٿو ٿئي،
ساڌ جي حق ۾ بہ ڪوئي واڪُ لڳٽو آ نہ؟

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 328)

- **واڪاٽيون:** ساراهون، بيان هيٺ آٽيون، مثال طور پيش ڪيون.

سر ڏئي ٿي ويا سنمک ڪيئي هن سان عشق جي راهن ۾،
دودي جهڙا مرد مٿير جي واڪاٽيون پيا واهن ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **واڳان (واڳون):** مهارون.

اٺن جون واڳان سنهڙيون واڳان سورن وانگي سوگهيون واڳان،
آءُ ٿي روئي راتيون جاڳان ويا ويل وهي ويچارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **واڳ جهلڻ:** مهار ڪان وٺي اُٺ کي بيهارڻ.

اونيئڙا ڙيي اونيئڙا هو منهنجي وندروئي وٽڪارن ۾،
جهل واڳ تہ ڪي واڪا ڪريان من ڪهل پوي پر وارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **واڳ ڌڻي:** مالڪ، وهٽن وارو، شاهوڪار، مالوند.

تنهنجا هٿ اونيئڙن جيان ٿي رهيا واڳن- ڌڻي،
تنهنجي در پانڌي هئا سڀ، تون هُئين آڳن ڌڻي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **واڳ ورائڻ:** موٽ کائڻ، قصد ڪرڻ، منهن ڪرڻ، اوڏانهن وڃڻ.

پنهنجي منزل ڏانهن ورائي واڳ وري هن همت سان،
ساڳئي جوش ۽ جذبي آهر آڳاهون ٿيو جرعت سان.

(ساٽيھ جي ساک: 58)

- **واڳونءَ واتِ:** پاڻيءَ جو خطرناڪ جانور، جنهن جي وات ۾ آيل شڪار بچي نہ سگهندو آهي.

ديجي وئي دل آهُنِ ۾ جڻ کوھ اندر شھ ونگ،
واهون واڳونءَ وات الا، ڪاري ڪاري رات!

(ڏرتيءَ جا گيت: 25)

- **واندن:** نِڪمن، جن کي ڪوبہ ڪم ڪار ڪرڻو نہ هوندو آهي.

هوڏانهن نرت نغارن کي پڻ نعرن جي پرمار هئي،
بانڪن جي بيگار ائين جڻ واندن جي وانگار هئي.

(ساٽيھ جي ساک: 69)

- **وانگار:** وڏيرو ڪو ذاتي ڪم هارين ڪان مفت ۾ ڪرائيندو آهي، ان کي وانگار چئبو آهي.

هي جوڳي هي نوڳي وار ڪيو وتن سادڙن کي ڦُريندا ڪئا مار وانگي،

ڪٿي آهہ قسمت جي چڪر جو چارو تہ ڪٿ بخت جو ڏيج وانگار وانگي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 176)

- **وانگِ واهي:** بلڪل اهڙيءَ طرح چوڪي ڏيندڙ.

باطل جوتي رهيو آ، شيطان وانگ واهي، انسان سر الاهي!
(ڏرتيءَ جا گيت: 244)

- **واويل:** هاءِ گهوڙا، پڇتاءُ.

پوءِ ڪري واويل تہ هئہ هئہ منهنجي اهڙي نيت نہ هئي،
پنهنجي لئہ مون ڪيو تي سڀ ڪجهہ مون ڪي ڪا ٻي ڪُپَتِ نہ هئي.
(ساٽيهہ جي ساک: 77)

- **واهہ:** رستا، چارا، وسنديون، وسُونءَ، ڪاج، اوطاقون.

سر ڏئي تي ويا سنمک ڪيئي هن سان عشق جي راهن ۾،
دودي جهڙا مرد متير جي واڪاٽيون پيا واهن ۾.
(ساٽيهہ جي ساک: 25)

- **واهہ:** آڌر، آسرو، ڏيہ، سهارو.

منهنجي واهہ نہ واهر ڪائي، جڻ تہ هچاري آهيان،
تنهنجي واهت تي واجهايان مهڻن ماري آهيان.
(ساٽيهہ جي ساک: 28)

- **واهت:** چوڪيداري، نظرداري، اک ۾ رکڻ.

منهنجي واهت ڇاجي واهت؟ ڪهڙي واهت آهہ؟
هرڪو پنهنجو پاڻ ئي واهي آهہ، اهائي روايت آهہ.
(ساٽيهہ جي ساک: 29)

- **واهر:** همت، مدد، ساٿ، سنڀال.

جيڏي واهر ونجهہ ۾ تيڏي تنهنجي سگهہ،
لوڏن کي نہ لڪاءِ! مون کي پار پڄاءِ!
(ڏرتيءَ جا گيت: 28)

• **واهر ۾:** مدد ۾, پٺڀرائيءَ ۾, ساهس ڏيڻ ۾.

جنهن بہ شهادت ماڻي آهي پنهنجي وطن جي واهر ۾،
امر اهوئي رهجي ويندو باطن توڙي ظاهر ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 83)

• **واهہ ڪئي:** رستو ڏسيو مونجهہ سلجهائي, مشڪل آسان ڪيو.

مونجهارو ٿيو آهي پيدا رولي ۾ جنهن راهہ ڪئي،
ويرم پنهنجي سمجهہ سجهائي ويچارن مان واهہ ڪئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 52)

• **واهڻ ۾:** ڳونڙي ۾.

ٽانڊاڻي جيان آس الا ٽمڪي دل جي واهڻ ۾،
اڏمن اڻ ترڻ لاتي ائين باهہ لڳي جڻ باهڻ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

• **واهي:** چوڪيدار, تحفظ ڪندڙ سارسنڀال ۾ رکندڙ.

پاسيرا ٿيا پاڇا ليڪن وريا نہ واهي رڻ پٽ جا،
پوين جون ٿيون وايون ولڙيون سانباها ٿيا پٽ ست جا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 114)

• **واهيرا ڪرڻ:** گهَرَ ڪرڻ, آرام ڪرڻ, ماڳن تي موٽي اچڻ.

پاڙُ چو مون کان پليئي، وهمن بہ واهيرا ڪيا،
لُڙڪ ڪِليا، مرڪ رُني، تون نہ آئين دادلا!

(دل ڏرتيءَ جا گيت: 59)

• **واءَ چِڏيا وڻ:** جيڪي لازمي گڏ هوندا آهن, سي بہ الڳ ٿي ويا.

ميندي لائي لوڏ ڪري جو هلي سهاڳڻ ٻاگهي،
لهرين لک لباس چِڏيا ۽ واءَ چِڏيا وڻ ٻاگهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 49)

• **واءُ سواءُ:** حال احوال, جاچ جوچ, ماحول جو مزاج.

تو سوا او سيبتي آهي سڄن جو واءُ سُواءُ،

پيو ڏُڪر تي ويو بڪن جو ۽ اجن جو واءُ سواءُ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **وائن:** هوائن، جهولن.

منهنجي آيل جي وڏندڙ واڙي،

واڙي ته وائن ساڙي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 138)

- **وائي بادي:** بيماري جنهن ۾ لڱن جو سور، گئس، آڪارا ايندا آهن.

سڀ جي وات ۾ وجهندا ويا جي ڪائو مڪئيءَ جي ڍوڍن سان،

وائيءَ باديءَ لاءِ اٽوَ اڪسير هي پُست جي ڏوڏن سان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 191)

- **وايون:** خيال، سمجهه، سوچ.

اٺن جون اڪڙيون، اجرڪ ڦلڙيون، منهنجي اندر ۾ ايرن دُرڙيون،

هيڪل منهنجون وايون وِلڙيون، او مان ڪيئن ڪنديس مونجهارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **وبال:** بار، ڏچو عذاب.

ڪماليت تي رسڻ ڪان اڳ ۾ زوال هڪدم ستائي ڇو ٿو؟

سماج هردم مسائي ڇوٿو وبال هڪدم ستائي ڇو ٿو؟

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 133)

- **وپ:** بڪ، سور، سوداءُ.

لڙ ۾ ويا لانجها تي لاڏا لوڏ ناهي لانوَ ۾،

وپ جا ورڙاٽ آهن، وڍ وجهن ٿا هانوَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **وت:** طاقت، قوت.

ڦالي ڦولي بادمخولي منهنجو وت بس ڪپڙو ڪاني،

تڏهن به اجگر آهيان آءٌ، اوڙو منهنجو نانءُ!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 93)

- **وتايو:** هي هڪ ڪلاسيڪل فقير تن انسان جو نالو آهي، جيڪو چرچي چرچي ۾ ڪرو سچ چئي ويندو هو. هن جي نالي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ قبر مقام آهي.

ڪٿي آ قسمت جي چڪر جو چارو تہ ڪٿ بخت جو ڏيج وانگار وانگي،
خيالي پلائن جي ڪانهي ڪمي هت وتائي جي پاڙي سِري يار وانگي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 176)

- **وٿُون:** شيون، ڪمائتيون ڳالهيون، اڻ لڀ شيون.

وندر جون سڀ وٿون الاڙي، پنهنجي وس مان نڪري وِيُون.

(دل ڏرتيءَ جا گيت: 98)

- **وُٺا:** وسيا، برسيا.

ڏاڍا مينهن وُٺاڙي ڍاٿيئڙا!
وچڙيا ٿيا ڪناڙي، ڍاٿيئڙا! هيلو ڪو وري آ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 37)

- **وجاهت:** شان شوڪت، عزت، معيار.

هي ماضيءَ جا استاد آئيندو ٿي رهندا مقدس امانت وطن جي،
محافظ هي تاريخ، تهذيب جا جي وڏائي رهن ٿا وجاهت وطن جي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 171)

- **وجڙين:** بادلن جي ٽڪرجڻ سان نڪرندڙ شعاءَ جيڪي مينهن پوڻ جا آثار سمجهيا ويندا آهن.

ڪاريهر ۾ ڪيهر بنجي اٿلي پيا انسان ميان،
وجڙين ۾ واسينگن وانگي تبر، تراريون، ڪان ميان.

(ساٽيهہ ساک: 69)

- **وڃائٽيون:** ضايع ڪرڻيون، انهن تان هٿ ڪڻڻو پوي.

جي زندگيءَ جون حسرتون نپاٽيون هُيون هتي،

اهي ائين سمجهي ٿو جڻ وڃائڻيون هيون هتي.

(ساڻيهہ جي ساک: 30)

- **وچتروٽيا هئي:** ڪوهياري سر وڃائيندي ان جي چوٽ جي وچ تي هو.

اکڙيون پرهہ پکيڙ سندس ۽ نگهہ نگهہ جڻ ڪرٽا هئي،
ڳالهيون ائين جڻ ڪوهياريءَ جي پور ۾ وچتروٽيا هئي.

(ساڻيهہ جي ساک: 64)

- **وچاگ:** چِٽو ڪرڻ، سلجهائڻ، نبيرو ڪرڻ، سڌوسئون ۽ عام فهم بنائڻ.

بگاڙيل آهہ جا بہ صورت ماڳ ان جو بڻايون ٿا،
منجهايل آهہ راهہ جيڪا وچاڳ ان جو بڻايون ٿا.

(ڌرتيءَ جا گيت: 132)

- **وحشت سان:** ظلم سان، انسانيت کان ڪريل حيثيت سان، جانور جيان.

تنهنجي حياتي ڪيئن ٿي گذري آزاديءَ ۾ هشمت سان،
آءٌ ٿي آهيان جو ٿو گهاريان يار غلامي وحشت سان.

(ڌرتيءَ جا گيت: 188)

- **وڌندڙ واڙي:** آل اولاد ۾ اضافو ٿيڻ.

منهنجي آيل جي وڌندڙ واڙي، واڙي تہ وائن ساڙي!
الا مان مٿي اُگهاڙي!

(ڌرتيءَ جا گيت: 64)

- **وَڏِوَر:** وڏي ۾ وڏي، پَهَريني.

ٻاگهي وڏور ڏيءَ اسان جي اصلي حاڪم پونگر جي،
جنهن وٽ آهي جاڻ سموري بيشڪ بد ۽ بهتر جي.

(ساڻيهہ جي ساک: 34)

- **وڍ پَوَنِ ٿا هانوَ ۾:** دل ۾ درد جاڳي اٿن ٿا، من ايزائجي ٿو.

لڙ ۾ ويا لانجها ٿي لاڏا، لوڏ ناهي لانوَ ۾،
وِيَ جا ورڙات آهن، وڍ پَوَنِ ٿا هانوَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **ورثو:** نسلي حق، ڪٽنبي جائداد.

انهيءَ جي طفيل ئي انسانيت جي ورثي ۾ جلال آيو،
انهيءَ جي طفيل ۾ انسانيت جي ورثي ۾ جمال آيو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 486)

- **وراثت:** ورثو وارثي، مالڪاڻا حق.

هتي تنگ ناموس تي آهه فدا مرد، عورت سدائين،
هلي آهي غيرت تي سڀ ڪي وراثت وطن زنده باد.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 277)

- **ورجائڻ:** دهرائڻ، اڳي ڪيل ڳالهه وري ڪرڻ.

بگهڙ جا وياءَ بگهڙ ئي ٿيندا، سعدي هيئن فرمائي ٿو،
اوڙڪ ڏڻ رِيءَ واهي جي، ايئن وتايو ورجائي ٿو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **ورد:** ڳالهه وات ۾، هر وقت ذڪر ڪرڻ، اڪثر و بيش ياد رکڻ.

اسان جو آواز وقت جو ورد اسان هي وهنوار ٿا ڪريون اج،
ڦٽي وئي آهه پرهه نئين جا انهيءَ جا سينگار ٿا ڪريون اج.

(ڏرتيءَ جا گيت: 132)

- **وُرود:** ذڪر.

تنهنجي منزل عرش اتاهين، منهنجو دل منجهه ورود،
مون ۾ سڀ موجود!

(ڏرتيءَ جا گيت: 242)

- **وردُ ورود:** ذڪر اذڪار، يادگيريون، ثنا ساراهه.

آءٌ نه چاڻا ٻولي ٻي، آءٌ نه ڄاڻ ورد ورود،
ذڪر ڪريان ٿو سنڌڙيءَ جو پڙهان ٿو ان تي لک درود.

(ڏرتيءَ جا گيت: 72)

- **ورڙات:** ولهوڻا، وٺ وڪڙ، گهوماٽا، جهيرَ.

لڙ ۾ ويا لانجهائي لاڏا، لوڏ ناهي لانوَ ۾،

ويل جا ورڙات آهن، وَڏَ پون ٿا هانوَ ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 154)

- **ورسائيان:** ڍايان، خوشحال ڪيان، بنائي ڇڏيان، فائدو ڏيان.

ڪُڇُ تہ پوءِ مان هڪ ڪرو ٿي، هڪڙي ٻِر ورسائيان،
زندگي مان ڪيئن تنهنجي رام ڪي ريجهائيان.
(دل ڏرتيءَ جا گيت: 281)

- **ورلي:** ڪڏهن ڪڏهن، قسمت سانگي.

ماڻهو جو ماڻهو سهڻا ٻانهن لوڏي ملن ٿا،
ويندا ويڇڙي جو هيڪر وري ورلي ملن ٿا.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 97)

- **وَرَ وِجهڻ:** وڪڙ ڏيڻ، سلوار نيڪ ڪرڻ، تڪڙ ۾ هلڻ جي تياري ڪرڻ.

اديبن جي محفل شروع آهہ هاڻي وجهو ور تہ جلدي هلي جاءِ تاڙيون،
رکي پيير پنڊال ۾ جونءِ وانگي سُري سهنج ڪو داد جي لاءِ تاڙيون.
(ڏرتيءَ جا گيت: 177)

- **ورونهہ:** وندر، مصروفيت، خوشيءَ واري حالت.

وَسُونءَ ورونهن ٿي چوڌاري،
پوپٽ وانگي نينهن آيوا!
(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **ورهائي آهي:** فرق ڪونهي، الڳ ناهن.

دودو ڪير تہ چنيسر ڪير هنن تہ ڪانہ ورهائي آهي،
ڳالهہ مڙوئي ساڳي ٿيندي پائن ۾ نہ جدائي آهي.
(ساٽيهہ جي ساک: 36)

- **وِرهہ وات نهارڻ:** پرينءَ جي سنيار جون تڪليفون ۽ سور.

نرڙ تي هَٿُ رکي جڏهن ٿو ورهہ ۾ وات نهارين تون،
اوسيئڙي جا ماريل ڪيئي پل ۾ پرين ٿو جيارين تون.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 318)

- **ورهہ وراڪا:** ڏکن جي ولوڙ، سورن جا حملا.

مور پکيڙي پريت پرڻ ۾ چيچ وڏا جڻ چورين جيان،
واءَ ڏنا تي ورهہ وراڪا بود ۾ آيل پورين جيان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

- **وري:** موٽي، واپس آئي، موٽائي ڏني وئي.

ڏسن جنهن جي چهري تي چمڪو چون آهہ سٽيو لڳي ڪِڏ هٽن جهَٽُ بگهڙ جان،
هي جاون ۾ مالڪ، ڪِڄين ۾ ويچارو وري ٻانگ ڏئي گهر ڪُمهلي ڪڪڙ جان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 173)

- **وڙ:** روايت، عادت، ٿورو، احسان، قرب.

ڳاڙهو پير حضور تي پر ماهيا!
لائي توڙ نباهڻ اصلؤن پنهنجو وڙ ماهيا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 56)

- **وستار:** بيان ڪرڻ، ذڪر ڪرڻ، تفصيلي ٻڌائڻ.

منجهايل آهہ راهہ جيڪا وچاڳ ان جو ٻڌايون ٿا،
خوشيءَ ۾ اميد جي سهاري عجيب وستار ٿا ڪريون اڄ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 134)

- **وست وکر:** پسارڪو وکر، طب ۾ ڪم ايندڙ ڪارگر شيءِ.

واڇون ٽيڙي ائين علاول گجريءَ کي گهوريندو رهيو،
جهنگ ٻلو جڻ لاٽيءَ مان تي وست وکر ڊوميندو رهيو.

(ساٽيهہ جي ساک: 74)

- **وستي:** ماڳ، مڪان، ڏيهہ، وطن.

هن وستيءَ ۾ وسونءَ انهيءَ جي جنهن جي دل درياهہ جيان،
هجي سيا ۾ سوپارو جو روپهريءَ هن روپاہ جيان.

(ساٽيهہ جي ساک: 39)

- **وسن جهڙا:** سهڻا، وڻندڙ، خوبصورت، پيلا.

جيئن وسن جهڙا رهن اِلسِيءَ جا گل ڦل گاهہ ۾،

تيئن مهاندا تنهنجا سانديل هئا سِين جي ساهہ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **وسندي:** جتي انسان رهندا هجن، وَسُونءَ، سرسبز شاداب.

سيج مٿي يا سوريءَ تي ۽ وسنديءَ يا ويرانيءَ ۾،
سچ جي سونهن، وِرونهن اسان جي دنيا جي بتخاني ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 231)

- **وِسوڙل:** بتال ٿيل، وڃائي ويٺل، اُپاٽيڪون، آسروند.

تنهنجي چانگن جون چڙيون ائين ٿيون پيون آواز ڏين،
جڻ وسوڙل کي خلائن مان ڪي يادون ساز ڏين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 156)

- **وسهان:** اعتبار ڪريان، سمجهان، پڪ ڪيان، وسان آٽيان.

منهنجو مطلب آهہ تہ آخر ڇا ٿو چاهين نينگر تون؟
آءٌ ٿو سمجهان پنهنجي وڏن کان ڪمتر ناهين نينگر تون.

(ساٽيهہ جي ساک: 89)

- **وسُونءَ:** آبادي، وسندي، اها جڳهہ جتي ماڻهو ۽ سندن ماحول موجود هجي.

پيار جي منڙي هير گهلي، ڪِڙيون مرادن جون مکڙيون،
هيج وسايون وستيون الا، جرڪيون ماڻڪ جيان اکڙيون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **وسيع تر:** تمام گهڻي انداز ۾، ڪشادو، گهڻي کان گهڻو تقريباً سمورو.

عوام جي اجتماعي قوت عوام جي لاءِ وقف آهي،
وسيع تر علم، فن، حڪمت عوام جي لاءِ وقف آهي.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 488)

- **وصول:** حاصل ڪرڻ.

جي ائين آهہ صلح ٿيو پوءِ هڪڙو شرط قبول ڪيو،
ٻاگهيءَ جي ڏئي ٻانهن چنيسر راءِ جي ٻانهن قبول ڪيو.

(ساٽيھہ جي ساک: 61)

- **وقلڻ:** غلط سلط ڳالهائڻ، بي مهلو ڳالهائڻ، نشي جي حالت ۾ بيجاءِ ڳالهائڻ.

سانگ ساٿي ڪين ٿئين، وندر لئہ وقلي رهيس،
گود ۾ گوندر نپائي تانگھہ ۾ اهلي رهيس.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 59)

- **وقعت:** اهميت، مان، ضرورت.

تمام عالم ۾ علم ان جو عرف ان جو تہ عزت ان جي،
تمام عالم ۾ وصف ان جي تہ وقت ان جو وقعت ان جي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 489)

- **وقف ٿيل:** مقرر ٿيل، بلي ٿيل، فقط انهن لاءِ مخصوص.

عوام جي اجتمائي قوت عوام لاءِ وقف آهي،
وسيع تر علم، فن، حڪمت عوام لاءِ وقف آهي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 488)

- **وکا پڌرا ڪرڻ:** کول ڪرڻ، ڳُجھہ ظاهر ڪرڻ، عيب اُگھاڙڻ.

سياٽپ ۽ چريائپ جو انهيءَ تي ئي مدار آهي،
وکا پڌرا ڪيا داٽي، زمانو ڇا نہ ٿو چاٽي!!

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 280)

- **وکر:** ڪارگر شيءِ، پسار ۽ طبع ۾ ڪم ايندڙ شيءِ.

اسان جي ساک جا جيڪي هئا سي شاهد،
اسان سنپاري سگھياسي اهي وکر نہ مدا.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 178)

- **وِگھڙيون:** قطارون، ڳتيل، تولا، جُهمتا، ولر.

هليون تترن وگھڙيون او ماهيا!
اُپيون توڏي اکڙيون او ماهيا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 51)

- **ولَرَ وسن:** عوام بشاش هجي، گهٽي ڪان گهٽا خوش هجن.

اڱڻ مٿي آنگاس اپو هي هو نيشان فقيرن جو.
سنڌڙي تنهنجا ولر وسن هو گيان ڏيان فقيرن جو.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 48)

- **ولڙيون:** بتال، هڪ جاءِ تي نہ ٽڪندڙ ڪيريون ويريون. منجهيل.

ائن جون اکڙيون اجرڪ ڦلڙيون، منهنجي اندر ۾ اپريون ڏڙريون،
هيڪل منهنجون وايون ولڙيون، او مان ڪيئن ڪنديس مونجهارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **ولهہ:** سردي، شديد سيءُ.

ولهہ تي وڻ جيئن ڪنڌ جهڪائي گم سم گهڙيون گذاري،
تنهنجي ڪارڻ اسان بہ پنهنجي عمر ڇڏي ائين گهاري.
ٿي نہ محبت مات! الا، ڪاري ڪاري رات!

(ڏرتيءَ جا گيت: 25)

- **وِلَهو:** بيواهو ڪري ويو، خالي ڪري ويو، بي يارو مددگار ڪري ويو.

ياڱا تي پيو ياءُ جي پيٽ ۾ ويرين جي وٺ ساڻ ابول!
ساٿ سجيءَ کي ولهو ڪري ويو آڳن جو اڳواڻ ابول!

(ساٽيهہ جي ساڪ: 71)

- **وِلهي:** ڦريل عورت، اها عورت جنهن کي پنهنجا بہ ڇڏي ويا هجن.

ڳوٺ بہ تنهنجو پريان لوڙ،
ولهيءَ واڪا ووءِ ڙي ووءِ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **وِندر:** ورونهن، ريجهہ، جنهن سان وقت سنو بسر ٿئي.

پيا پارا اکن تي ڙي ڏاٽيئڙا!
ڪانهي وندر وڻن تي ڙي ڏاٽيئڙا! هيلوڪو وري آ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 37)

- **ونگ:** اهو رسو جنهن سان مال جا پوبان پير ٻڌي ۽ ان کي ڏُهِبو آهي.

چو سِرَ جي چال چلن تا، چؤواٽي تي چنگ ڪٽي،
بڻ ۾ خرابي آهي پائو ونگي چڏيو منهن ونگ هٽي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 235)

- **ونگ ڪرڻ:** سوگهو ڪرڻ، پاڻ ڏي ڇڪڻ، گرفتار ڪرڻ.

منهنجي ريت پريت تڏهن ٿي رمز پريا ڪي رنگ ڪيي،
سَپَني توڙي ساپيان ۾ پئي وندر تنهنجي ونگ ڪيي.

(ساٿيھ جي ساک: 23)

- **ونگ وجهي:** قابو ڪري ڇڏڻ، سوگهو ڪري ڇڏڻ، عشق ۾ مبتلا.

گوري تنهنجا اندلٺ جهڙا رنگ بلي!
ويچارن تي وجهي ڇڏيا تو ونگ بلي!

(ڏرتيءَ جا گيت: 47)

- **وني:** عورت، اک.

جنهن کان توکي گهاءُ رسيو سو کولي سور سمجهاءِ تہ تون،
ونيءَ وراڻيون ان کان اڳ ڪو واعدو پي ورجاءِ تہ تون.

(ساٿيھ جي ساک: 30)

- **وٽراھ:** اهو رستو جنهن جي ٻنهين ڪنارن سان وڻ پوکيل هجن.

تون پواڙيءَ گل جيان پئي ٿي لڳين وٽراھ ۾،
ڇمڪٽيءَ گل جي ڇڳن جيان ٿي نهين هر گاھ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 152)

- **وٽڪار:** وٽن جو جُهڳٽو، وڻ جي وچ مان رستو.

اونيئڙا ڙي اونيئڙا هو منهنجي وندر وئي وٽڪارن ۾،
جهل واڳ تہ ڪي واڪا ڪريان من ڪا ڪهل پوي ٻَروارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **وؤڙ:** پُڇاڳاڇا، جانچ جُونچ، ڏس پتو.

لشڪر مان ڪن گهوڙيسوارن ٻاهر نڪري وؤڙ ڪئي،

متان هجي ڪو تاڙ ۾ پنهنجي، جوڪن تي جاڪوڙ ڪئي.

(ساٽيهہ جي ساڪ: 38)

- **ووءِ ڙيءِ ووءِ:** دانهون جيڪي توڙي جو فقط آوازن جي صورت ۾ آهن، پر انهن ۾ لفظ نہ هوندي بہ جڻ تہ اهي ويندڙ ڪردار ڏسجن ٿا پيا. انهن جي ڳولا، انهن ڏانهن اشارا ڪري پڻ دانهون ڪري رهيا آهن، اڏمن جو بي زبان اظاهر جو قسم.

ڳوٺ تہ تنهنجو پريان لوءِ،
ولهيءَ واڪا ووءِ ڙي، ووءِ!

(ڏرتيءَ جا گيت: 45)

- **وِهُہ:** زهر، زهر جو اثر رکندڙ ماريندڙ ڳالهہ يا منظر.

نيڻ مارن جا الا روئي ٿڪا توڪان سواءِ،
ڪاڄ پيا ڪهہ، وِهہ ٿيا پيرون پڪا توڪان سواءِ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 155)

- **وهٽ:** اهي جانور جن تي چڙهي سفر ڪجي.

هي آهن مشينون جي ماڻهو جي هر ڪم ۾ ماڻهن جيان ئي مددگار آهن،
جتي سست رفتار وهٽن جا هڏ گم اتي هي سدا برق رفتار آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 171)

- **وهواند:** ويجهڙائي.

حسن ڪي هاجت آهي هن جي، واهہ پيو وهواند ڪري،
عشق ٿو اوڪي راند ڪري!

(ڏرتيءَ جا گيت: 241)

- **وهِي:** جواني، جوڀن.

وهي پَتَر- جيئن ڦولاري، پوپٽ وانگي نينهن آيو،
پوپٽ وانگي نينهن آيو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **ويا ڇڏي وندر ڪي ويلا:** ورونهن ۾ خوشين ڪي وئي ڪيئي وقت گذري

ويا آهن.

ويا چڙهي وندر کي ويلا ٿي ويا روحڙا اداس،
ماءُ کان وڇڙي ٿين ٿا جيئن کي ٻچڙا اداس.

(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **وياڪل:** ويڳاڻو مايوس.

درياءُ خان اڇي ويو ليڪن، درياءُ خان وياڪل هو،
هن ايندي سان ٿي ائين آکيو تہ مون کي اڳيئي ڪَلِيَلَ هو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 161)

- **وياءُ:** اولاد، نسل جو تسلسل.

بگهڙ جو وياءُ بگهڙ ئي ٿيندو، سعدي ائين فرمائي ٿو،
اوڙڪ ڏڻ ريءَ واهيءَ، ائين وتايو ورجائي ٿو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **ويچار:** سوداءُ، اجايون ۽ بي بنياد سوچون، اٿ سنا.

اٿن جون واڳان سهٽيون واڳان، سورن وانگي سوگهيون واڳان،
آءُ ٿي روئي راتيون جاڳان، ويا ويل وهي ويچارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **ويچارو ٿي:** مايوس ٿي يا مظلوم بڻجي.

ڏارين جي ڏوڪار تہ سرتي آئي آهي وارو ٿئي،
منهن ڏئي اڳتي وڌڻو آهي، هاڻ نہ ڪو ويچارو ٿئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 70)

- **ويڇا وجهڻ:** وٿيون وجهڻ، رُسڻ، جُدايون ڪرڻ.

ڪيهي اربعا خطا ٿي ڙي ڍاٽيئڙا!!
چاڪئون ويڇا وِڌا ٿي ڙي ڍاٽيئڙا! هيلو ڪو وري آ!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 62)

- **وِيرَ:** سمنڊ جي مٿي تي اُڀرندڙ چولي.

چاندوڪيءَ تي وير جيئن لهي چڙهي ۽ چوڙ ٿئي،

دل تي چاهي تئين ڪوئي اوري اچي ۽ ڏور ٿئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 27)

- **وِيرُ:** حفاظت ڪندڙ بچائيندڙ قرباني ڏيندڙ.

سنڌڙي تنهنجا وير جيئن، تون شاد رهين آباد رهين،
شال اچن سي ڏينهن جڏهن تون جنجل کان آزاد رهين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 80)

- **ويراڳ:** وڇوڙو، سڪ، چاهنا، جدائيءَ ڪري ٿيندڙ غم.

واهڻ وارا ڇوڪرا توکي وندر جو ويراڳ ڇو؟
شهر ۾ ويندين ڪڪ تي پوندين، ڇوندين ڪيم ڪتراڳ ڇو؟

(ڏرتيءَ جا گيت: 112)

- **ويرم:** نالو.

آءُ ڇوان ٿو اوهان مچيو جي وير جو ساڻ صلاح ڪجي،
ٻيڙو سير مان نڪري ويندو اهڙو جي ڪو ملاح ڪجي.

(ساٽيهه جي ساک: 52)

- **ويري:** دشمن، ڪاهي ايندڙ پلاند ڪندڙ.

سڀ ڪنهن کي اڄ منهن ڏيڻ کپي اڄ پنهنجي مقابل ويريءَ سان،
ليڪن هڪڙي ڳالهه ضروري ڪٺجي پير سُڏيريءَ سان.

(ساٽيهه جي ساک: 53)

- **ويرين تي:** دشمنن تي، مدِمقابل ٿيندڙن تي.

دودي جي للڪار تہ ڪاهيو ڪنن جيان ڪڙڪات ڪري،
وارو ٿئي ائين ويرين تي جيئن ڪنڪ سجو کيهات ڪري.

(ساٽيهه جي ساک: 70)

- **ويڙهاند ڪرڻ:** جهيڙو ڪرڻ.

هن سان پٽي ناهہ پجڻ جي ڪيئن نا ويا ها ڪامياب ويڙهاند ڪري،
عشق ٿو اوکي راند ڪري!

(ڏرتيءَ جا گيت: 204)

- **ويساند ڪرڻ:** ساهي پٽڻ، گهاري وجهڻ، وساري ويهڻ، وٿي وجهڻ.

يار نياز ٿي ويل وڃڻ جي، ويهہ نہ تون ويساند ڪري،
عشق ٿو اوڪي راند ڪري!

(ڏرتيءَ جا گيت: 24)

- **ويساهہ:** اعتبار، يقين، پڪ، آسرو.

توڙي مون ڪي چير ڏئي تہ بہ مون ڪي ان سان چاهہ سدا،
ڪڏهن تہ منهنجي ڳالهہ ڳڙيندو اٿم اِهي ويساهہ سدا.

(ساٽيهہ جي ساک: 29)

- **ويل ۾ آڻڻ:** مصيبت ۾ مبتلا ڪري ڇڏڻ.

اڀل ڏئين ٿو ڪجهہ اوڙي اندر جنهن اوٿڙي ڪي پيي،
اُهو ٿو ويل ۾ آڻي! زمانو ڇا نہ ٿو ڄاڻي؟!

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 280)

- **ويل وهايا:** ظلم ڪيا، ڏچا ڪيا، مصيبتون ڪيون.

ٻوٿو تن جو گار ٿئي، جن ويل وهايا نوڳي تي،
ڏيهہ ڏاڪاريا ماڳ نہ ماڻن، رُلي وڃن شل روڳي تي.

(ساٽيهہ جي ساک: 79)

- **ويل وهڻ:** ظلم ٿيڻ، ڏک اچڻ، صدما پهچڻ.

ائن جون واڳان سنهڙيون واڳان، سورن وانگي سوگهيون واڳان،
آءُ ٿي روئي راتيون جاڳان، ويا ويل وهي وِيچارن ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 44)

- **وينجهار:** هيرن، موتين، لالن ۽ جواهرن جا پارکؤ.

ڪوڏجي ملهہ ٿا وڪامن لال لاڪيٽا الا!
رت جا ڍڪ ٿا پَرنِ وينجهار مانيٽا، الا!

(ڏرتيءَ جا گيت: 150)

# هہ

• **هات:** چِلوِلائيءَ ۽ پيار سان ابهم ٻار جي منهن ۾ نهاري ائين ڪيو آهي، جيئن ڪِلي.

درد اهو جو حسن جي هات جي هرڪا جوت پَسائي ٿو
جوت اُها جا جوش ٿي خلقي، جوش جو هوش اُپائي ٿو.

(ساٽيهہ جي ساک: 24)

• **هاتار:** مصنوعي ڊاڪٽر، چراغ، سفاڪ، ڏوڪيباز ٻهروپيو.

تون منصور جو جلاد ۽ سقراط جو قاتل اي زمانا!
تون چنگيز جو حامي ۽ هلاڪوءَ کي تو هاتار بنايو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

• **هاٺي:** هڏڪاٺ، جسماني جوڙجڪ، بدني ساخت.

ٻاگهي جنهن جو حسن حليم ۽ هاٺي سنڌوءَ جهرٽا هئي،
اڪڙيون پرهہ پکيڙ سندس ۽ نگهہ نگهہ جڻ ڪرٽا هئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 64)

• **هاج:** ڪم، ڪِرتِ، عمل.

هن کي حاڪم ڪيئن ڪجي، هي هلندي اهڙي هاج ڪندو،
پنهنجي غرض ۽ گمراهيءَ سان راڄن کي تاراج ڪندو.

(ساٽيهہ جي ساک: 35)

• **هاچا:** ظلم، تباهيون، مصيبتون.

تبرن جو تڪرار ائين جڻ وڄ ڪري ڪنهن وستيءَ تي،
ڪڙڪي پئي ٿي ڪتار ائين جڻ موت جا هاچا هستيءَ تي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 69)

• **هاچا هٽڻ:** راتاها هڻڻ، ڦرلٽ ۽ تباهي ڪرڻ، جنگيون جوٽڻ.

عمريون گذريون هاچا هٽندي کهڙا ڦاڙها مارياسي،

اچو تہ هاڻي ماڻهو چاريون، ڏور گهڻيئي چارياسي.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 104)

- **هاڃيڪار:** نقصانڪار، هاڃو ڪندڙ.

ماڻهو هونئن تہ اصيل مگر جي ملڪ جو هاڃيڪار ٿئي،

ان جهڙو ڪو ظالم ناهي، سچ ڪان جنهن کي عار ٿئي.

(ساٽيهہ جي ساک: 41)

- **هاري مان:** جنگ جي هاريل صورتحال مان.

درياءَ خان دلاور دلبر هليو وِيو ائين هاريءَ مان،

ٿٽي پيو جڻ اپ مان تارو ڇڏي پيو گل تاريءَ مان.

(ڏرتيءَ جا گيت: 166)

- **هاڙهي:** راند جي ٽيم جو ليڊر ۽ ان جا ميمبر پيڇي سڏبا آهن.

تو وٽ سڀ ڪجهہ، مون وٽ ڪي بہ نہ، ڪين ۾ کهڙي هام هڻان؟

توسان ٻيلهہ ٽيڻ واري ڪيئن هاڙهيءَ واري هام هڻان.

(ساٽيهہ جي ساک: 23)

- **هاڪ:** ساراهہ، ناماچار، نيڪي، واڪاڻ.

سر ڪنڌ جي سرهاڻ جيان پکڙيل، هر هنڌ هن جي هاڪ هئي،

خوشحالي هئي جام هتي عادل نہ ڪٿي غمناڪ هئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **هالار:** جبل، اهو شهر جتان جا رنگساز مشهور هئا.

اڙي اُڏيءَ اڙٻنگ سدا، هرحالت ۾ هالار هيو،

مهمن جو منهندار، دلير ۽ ايرن جي آڌار هيو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **هالاري:** ان شهر جي رنگسازن جي ڏنل ان مضبوط توين رنگ کي شهر نالي ڪري هالاريءَ جو رنگ ڪوٺبو هو.

ڪُنيُ نہ ڪاري ڪنهن پر تنهن کي هالاريءَ جو هوءِ وري،

لھڻي ناھي لالي ان جي توڙي ڏوبي ڌوءِ وري.
(ڏرتيءَ جا گيت: 125)

- **ھام:** ڊاڙ ہڻڻ، ھوڏ تي چڙھي بيھڻ، للڪارڻ.

اڄ جو ٿيندو، ان جي رھندي ساک سڀان جي ھن جڳ ۾،
ھام ھجي سا جنھن ۾ نہ ٿئي ڪا ڳالھ ھتان جي ھن جڳ ۾.
(ساٿيھ جي ساک: 39)

- **ھام ھڻڻ:** راضي ٿيڻ، قبول ڪرڻ.

ھن جو ڍئونگ پڪيڙيو آھي، ان جو انت ٿيڻ گھرجي،
صلح تہ جي ھا، جي نہ تہ آخر جنگ جي ھام ھڻڻ گھرجي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 58)

- **ھام ھڻي:** اعلان ڪري، چئلينج ڏئي، ھُوڪاري.

اُيري آيون گام ڪٽي، ايري آيون گام ڪٽي،
منھنجي سنڌ جون سوڍيون راٺيون مارئيءَ واري ھام ھٽي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 102)

- **ھاندا:** راڳ رنگ، راڳ محل، راڳ جي محفل.

ڳانڌيءَ ڳانڌيءَ ڳيرُو ويٺل مٽيادار مھاندا ھا،
اڳڻ مٿان آباد ائين جيئن سنگ سنواريل ھاندا ھا.
(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

- **ھانوَ تي پاھڻ رکڻ:** پاڻ تي جبر ڪرڻ، زوريءَ مسيءَ.

صبح ڪان اربيلي توکي ٿو پيو ڀنيلائيان،
ھانوَ تي پاھڻ رکي ٿو تنھنجو سِر سَرِچائيان.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 281)

- **ھانوَ تي مڱ ڏرڻ:** پلاند ڪرڻ، بدلو وٺڻ.

پنھنجي قسمت پاڻ بدلائڻ گھري ٿي قوم اڄ،
ھانوَ اوھان جي تي اڄھو ھيئن مڱ ڏري ٿي قوم اڄ.
(ڏرتيءَ جا گيت: 71)

- **هانوَ کي آٿت ڏيڻ:** دل کي آسرو ڏيڻ، من کي ڏڍ ڏيڻ.

هانوَ کي آٿت ڏيندي، ٿڏڙا ساھ پريندي ورھ ٿيام اڏما ٿا ڪهرام مچائن وڻ ٽڻ پئي ٿي تند تٽي، آءُ ٿي گهاريان چنڊ ڳٽي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 32)

- **هانوَ کي ڪائڻ اچي:** دل ڏکوئي، ستائي، طبيعت خلاف رويو اختيار ڪري.

وسُوئن وئي ويران ٿي وِيڙو پيچن جو واءُ سُواءُ،
هانوَ کي ڪائڻ اچي ٿو هي رُڄن جو واءُ سواءُ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **هانءُ ڇڄڻ:** اُڪنڊ جي شدت واري ڪيفيت، دل ٽٽڻ جهڙو منظر.

مسرتن جا هانوَ ٿا ڇڄن بهار آسري،
مصيبتن جا بار ٿا پون پيار آسري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 108)

- **هانءُ لاهڻ:** سست ٿي پوڻ، پاڙيو ٿي پوڻ، نااميد ٿيڻ.

اجهو صبح آيو اجها ٿي سٽائي،
متان هانءُ لاهين تہ متجي وئين.

(ڏرتيءَ جا گيت: 140)

- **هانءُ هُرڻ:** ياد پوڻ، دل گهُرڻُ.

ڪڪر ۾ ٿي چانوَ الا ڪڪر ۾ ٿي چانوَ
هيڪل هُرن هانوَ الا، هيڪل هرن هانوَ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 40)

- **ها هاڪار:** تنبيهہ، خبردار ڪرڻ، هڪل ڪري چوڻ.

ٻيلاٽيءَ مان ٻوٽ ڪيڏي هن هرڻ کي هاها ڪار ڪئي،
تو چو ايندي اجري ڍوري ميري او مُرِدار ڪئي؟

(ڏرتيءَ جا گيت: 184)

- **هاءِ هُو:** گهٽن ۾، عام رواجي طور، ماحول ۾.

هيڪڙائيءَ کان نه ٻاهر هو ڪو ها ءِ هُوءِ ۾،
سيبتائي هئي سلامت شڪل ۾ چا خوءِ ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **هائي:** آوي، تپش، ڏچو مصيبت.

پنهنجو پاڻ وڃائي وينا هردم آهن هائيءَ ۾،
دولهه درياءَ خان جا پوبان اچي ويا جيئن آئيءَ ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

- **هٻڪيو آهيان:** ڳالهه ڪرڻ ۾ جيڪا رنڊڪ پيدا ٿيندي آه سا هٻڪ آهي.

دنيا ايڏا ڏنپ ڏنا جو سورن ۾ سپ سرت هلي وئي،
يارن ڪي ٻي يارُ چورڻُ کان ڪيئي پيرا هٻڪيو آهيان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 213)

- **هٿ راڏو:** هٿ جو نهيل، نقل ٿيل.

هٿ راڏي ماحول ۾ هرڪو عزت ڪري هٿراڏي هُوءِ،
ڇُڪِڙي چاڙهيو وينو پاڻ پڏائي هر اپراڏي هُوءِ.
(دل ڏرتيءَ جا گيت: 288)

- **هَڄي:** سڙي، پڇي، ڪاهي، جُهري، ڏڪوئجي.

تاسرڙو ٿو وڄي، تاسرڙو ٿو وڄي،
هينئڙو منهنجو هڄي، تاسرڙو ٿو وڄي.
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 90)

- **هچا:** پِٽَ، غضب، اوڻي، مظلوم جي آهَه.

هچا پوي تن هوڏين جن اوندهه آندي اگڻ مٿي،
سڏڙيا ٿي جي سِڙهه سنباهن پهچڻ سانگي پٽڻ مَٿي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 71)

- **هچارو:** هچايون ڪندڙ ظلم ۾ ڏاڍ ڪندڙ جيئڻ جنجال ڪندڙ.

تنهنجو هيٺن جي مٿان حڪم تہ ڏاڍن جي اڳيان سجدو رهيو آهہ،
تون سچارن تي هچارو، تنهنجو ڪوڙن سان سڱو رشتو رهيو آهہ.

(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **هچائن هيئن:** پٿيلَ، پاراتي هيٺ آيل.

هن ڪي پانءِ نہ تنهائي، نہ ڪي مون ڪي جدائي راس الا،
هاءِ حياتي هچائن هيئن شال نہ ڪنهن ڪي ماءُ ڄڻي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 32)

**هِڏڪين تي هئڻ:** سڪرات يا نزع جي حالت ۾ هئڻ.

ٿئي بيمار بيدم هنن کان ۽ ماڻين سي جنت جي هڏڪين تي آهن،
هي گوريون، هي حَبَ سليماني جي مجرب اڪيچار مرضن تي آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 175)

- **هڏ گُمُ:** هلي نہ سگهڻ، مري پوڻ، ڪرڻ کان ڳرو ڪم سمجهڻ.

هي آهن مشينون جي ماڻهو جي هر ڪم ۾ ماڻهن جيان ئي مددگار آهن،
جتي سست رفتار وهٽن جا هڏ گم اتي هيو سدا برق رفتار آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 172)

- **هرجائي:** بي وفا، ڏوڪيباز، دغا ڏيڻ وارو.

عشق ۾ ناهي ڪابہ مڪياري، عشق ٿو سودو چوٽ ڪري،
عشق تہ سون جيان نج پر هرجائي ويا هن کوٽ ڪري.

(ڏرتيءَ جا گيت: 236)

- **هَرَ جي چُني:** گهوبو هر ۾ هيٺان لوهہ جو پرزو چوٽياري هئڻ ڪرڻ کان زمين ۾ هيٺ وڃڻ ۾ مدد ڪندو آهي ان کي "چنِي" يا "گهوبو" چئبو آهي.

ماڻهو هر جي چُني آهہ تہ ماڻهو ڏاند جو ڏيل بہ آهہ،
ماڻهو ڪڏهن ابابيل آهہ تہ ابرهہ واري فيل بہ آهہ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 135)

**هُرڪُرُ:** اڻ تڻ، آنڌ مانڌ، بي آرامي، مونجهارو.

هُن وانگي هُتِ هرڪر ۾ هئا راڻي پيي تہ چنيسر پيي،
سوچيائون پئي چا ٿو ٿئي هئي ماٺ وٺن تہ ڏمچر پيي.

(ساٽيهہ جي ساک: 37)

**هِرڪي:** ريس ڪري، پسند ڪري، متاثر ٿي.

پورن جي پاتال مان نڪري مور اچي ويو مستيءَ ۾،
ڪوهياري ڪُوڪار تي هرڪي هيج وڏا هل هستيءَ ۾.

(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

**هروپرو:** اجايو سجايو بنا ڪنهن جواز جي، بيسود.

ظاهر زورِ تہ دل ۾ ان کي خطرو هوندو آهہ سدا،
ان جي ڪري هو هروپرو پيو سپ سان کهندو آهہ سدا.

(ساٽيهہ جي ساک: 48)

**هُري:** ڪُکي، پوسر جي، ياد پوي، رت سان گڏ دور ڪري.

ڪکر ۾ ٿي چانوَ الا، ڪکر ۾ ٿي چانوَ
هيکل هُري هانءُ، الا، هيکل هري هانءُ، مور ٿو ٿلي!

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 65)

- **هَزِيمَتُون:** جُنيُن جو عزت جي پائماليءَ جو گهٽتائيءَ جو.

نہ آهہ طبقن جي ڪابہ ڇڪتاڻ نہ امڪان پستين جو،
ٿئي نہ ٿو ڪو سوال يا سبب ئي پيدا هَزِيمَتُنِ جو.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 488)

- **هستي:** نالو ڳٽائڻ جهڙو، ڇڱو مڙس، زنده انسان، زندگي.

تبرن جو ڏڪ آهہ ائين جڻ وڄ ڪري ڪنهن وستيءَ تي،
ڪڙڪي پڻ ڪتار ائين جيئن موتُ جا هاجا هستيءَ تي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 69)

**هشمت:** رعب، طاقت، ڏيا، خودداري، بهادري.

ساڳي جوش ۾ جذبي آهر آڳاهون ٿيو جرعت سان،
پنهنجي حريف کي ڏيکاري جيئن پنهنجو منهن ڪنهن هشمت سان.
(ڏرتيءَ جا گيت: 59)

**هُشِ ۾ خوش:** نتائڻ، متاڇري ڳالهه ڪري راضي ڪرڻ.

هرڪو پنهنجو لاش ڪٺي ٿو پاڻ رلائي رستن تي،
تڏهن بہ ماڻهو هش ۾ خوش آ، ميار نہ آهي مستن تي!
(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 126)

**هِڪا هِڪَ ڪرڻ:** فيصلو طئي ڪرڻ، نتيجہ خيز مقابلو ڪرڻ.

هلي هِڪا هڪ ڪرڻي آهي عزم اهو اختيار ڪريو،
سورهہ لائن سِرَ جي بازي، سر ڏارئون دار ڪريو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 63)

- **هڪل بڌڻ:** لڙائيءَ جو ڄاڻ، خطري کان آگاهي، بچاءَ لاءِ اڳواٽ خبردار ڪرڻ.

هڪل بڌي هوشيار ٿيا سڀ درٻاري للڪار ڪري،
عهد ڪيائون لڙنداسون اج ڏارين تي يلغار ڪري.
(ڏرتيءَ جا گيت: 102)

- **هڪل ڏيڻ:** واهر طلبڻ، مدد گهرڻ.

اوڙي پاڙي راڄ هئا جي، ابڙي کي تن اپل ڏني،
ڇي هيءُ سرڙو صدقي ٿيندو جڏهن بہ جانب هڪل ڏني.
(ڏرتيءَ جا گيت: 76)

- **هڪل ڪرڻ:** زوردار نموني سان دريافت ڪرڻ، ڪڙڪيدار آواز سان پڇڻ، واهر لاءِ سڏ ڪرڻ.

هڪل ڪئي همراهن هڪدم ڪير آهيو ڪيئن اچڻ ٿيو،
پگهريل گهوڙا خير تہ آهي، خبر تہ ڏيو ڇا ممڻ ٿيو.
(ساٿيهہ جي ساک: 48)

- **هڪلون:** ڏاڍيان ڏڙڪا ڏيڻ، وارو وارو ڪرڻ، داٻا ڏيڻ، همٿائڻ.

ڪڏڻ لڳي ٿي جنهن ڪنار ۾ ڪڙڪي ٿي ڪر ڪونڌر جي،
هڪلون هيبتناڪ ائين، گجگوڙ مچي جيئن گينور جي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 65)

- **هڪيا تڪيا:** تهيل تُڪِيَلَ، اڳيئي تيار، هميشه تيار، موجود، مُيَسِرُ.

جيڪي ڄميا، جيڪي ٿميا هڪيا تڪيا سڀ،
سيئي پالي، سيئي تاتي اجيا بڪيا سڀ.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 313)

**هِلَ:** سرڻ جو قسم، ٻِجهہ.

اجها وڃ تان اڏاٽي هِلَ بالو!
اسان مرنداسين، نہ مرندي دل بالو!

(ڏرتيءَ جا گيت: 53)

**هُلَ:** گوڙ بکيڙو، ڇهڇٽو، ٻگائڻ وڄائڻ، شور ڪرڻ.

روح راتاهن ۾ آيا رونقن جا هُلَ ويا،
ڇيهہ پيا ڇاتين اندر دلڙين ڪان وسري ٻُل ويا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 151)

- **هلان ڪرڻ:** ڪاهہ ڪرڻ، راتاها ڏيڻ، چوٽ ڪرڻ، ڪڙڪي پوڻ.

ٿڪي پياسون هوالا سور سهيڙي ساهہ سان،
هلو تہ ڪا هلان ڪريون ٿي بي نياز ساٿيو.

(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 109)

- **هلاڪو:** وقت جو ظالم بادشاهہ جيڪو سنڌ ۾ ظلم جي علامت بنيل آهي.

تون ئي منصور جو جلاد ۽ سقراط جو قاتل اي زمانا!
تون ئي چنگيز جو حامي ۽ توئي هلاڪوءَ کي هاتار بنايو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 130)

- **هلچل:** جدوجهد، بندوبست، تدارڪ جو سعيو، تحريڪ هلائڻ.

ارچڻ آهي، اوکي آهي، اوکي جي لئہ کو تہ اُپاءُ ڪرڻ گهرجي،
هرڪنهن شاهيءُ هاڃا آهن، هلچل ڪا تہ هلڻ گهرجي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 189)

- **هلم هلا:** جوش جذبي جو اظهار، خوشيون ۽ ناچ

هيج ڪئي آهہ هلم هلا مَستي وئي آ غالب ٿي،
اڇو تہ جُنبي ۽ عيش ملهايون غاصب ويا سڀ غائب ٿي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 100)

**هُلَ هُلائي:** واءِ واءِ ٿي وڃڻ، ڳالهہ مان ڳالهوڙو نهي پوڻ، افواهہ اٿڻ.

هاءِ پيي وئي، هُوءِ پيي وئي، هُل هُلاٽي مارئي،
هاءِ جيجل مارئي، راڄن جي راڻي مارئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 153)

- **همايونُ:** نياز همايونيءَ شاعر جو ڳوٺ، جنهن جي نالي سان پنهنجو نالو گڏي ادب ۾ ڪم آڻيندو رهيو.

ڳوٺ تہ منهنجو همايون،
هتڙي منهنجا حال زبون.

(ڏرتيءَ جا گيت: 46)

- **همراز:** هڪڙي خيال وارو، خيال جي آهنگي رکندڙ، سور ۾ ڳجهہ ٻڌائڻ لائق.

هتي جي بہ پنهنجا پراوا اچن ٿا، سي هڪ ٻئي جا ساٿي ۽ همراز آهن،
گهري آشنائيءَ جا موقعا ٿو هرڪو، وفادار ياريءَ جا انداز آهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 179)

**همرچو:** خوشيءَ جو لوڪ گيت، فصل لهڻ جي خوشيءَ ۾ هاري سنگ هٿن ۾ کڻي ڳائيندا آهن.

ڪنور جيان پٽي پنور پرايا رم جهم رم جهم رنگ کڻي،
مور ايئن جيئن ڳائي همرچو هاري هٿ ۾ سنگ کڻي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

- **همسر:** هڪجهڙو، مد مقابل، سامهون ڳالهائيندڙ.

غيرت جا اهڃاڻ اهي جي هئا انهيءَ جي همسر جا،
ليڪن گيديءَ ڪين هنداَيا دل سان قؤل ڪويسر جا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 83)

- **هم ڪنار:** شامل، گڏ، ساٿ ۾.

بهار ۾ جيئن حياتي انسان جي مسرت سان همڪنار آهه،
خيال شاعر جو آهه قوس وقزح ۽ هر شعر چڻ ملهار آهه.

(دل ۽ ڏرتيءَ جا گيت: 489)

**هموار:** سنوت ۾ هڪ ڪري، مڪمل طور تي هڪ جهڙي.

هليو هر تہ بيڏول ڏرتي دڙن مان بدلجي سنوت ساڻ هموار ٿي وئي،
ويا لاهہ لاهن جا نڪري ۽ ڪوہن ڪڏن جي يڪي سر مڏي گار ٿي وئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 172)

**هندورا:** پينگها، سمهڻ لاءِ ٺهيل خاص قسم جون لوڏون.

جن هندورن ۾ ٿي جهُوليا لال لاڪيٽا ڪڏهن،
جن آڱنڌن ۾ هئا موجن جا مانڊاٽا ڪڏهن.

(ڏرتيءَ جا گيت: 156)

**هنڊايا:** سوچ ويچار هيٺ آندا، عمل لائق سمجهيا، اندازا لڳايا.

غيرت جا اهڃاڻ اهي جي هئا انهيءَ جي همسر جا،
ليڪن گيديءَ ڪين هنڊايا دل سان قؤل ڪوِيسرِ جا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 83)

**هنگلاج:** هيءَ هندن جي پوڄاپاٺ جي جڳهہ سنڌ بلوچستان جي سرحد وٽ اهي، جنهن تي 19 شعبان مهيني تي پانڌيئڙا ويندا آهن.

مڪلي منهنجي جيجل مڪلي، تو ۾ مون هنگلاج ڏٺو،
محل ڏٺو مون تخت بنا ۽ تاج بِنا سرتاج ڏٺو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 157)

**هٽڪار:** گھوڙي جو آواز.

هيڏانهن هي ويچار تہ هوڏانهن ڏارين جي دربار هئي،
بحث هئا بِسِيارَ ائين جڻ گھوڙن جي هٽڪار هئي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 68)

**هوت:** ذات، پرين، پر هتي وفادار طور ڪم آيل آهي.

اڳ ۾ ڪري ۽ اجاڙ ڪريون خود پنهنجي ديس جي گلشن کي،
سدا وسي شل سنڌ تو سمجهيو ڇا هتان جي هوتن کي.

(ساٽيهہ جي ساک: 58)

**هوڏ هينا هين ٿيڻ:** آڪڙ جهڪي ٿيڻ، ٿارو ڪرڻ.

سانجهيءَ جان تي ساٽا ڪي ئي چاندوڪيون چمڪائي ويا،
ڪن جي هوڏ نہ هيناهين ٿي، اونداهيون ڦهلائي ويا.

(ڏرتيءَ جا گيت: 69)

**هوڏِيُن:** هوڏ ڪري ايندڙن، مغرورن، ڪاهي ايندڙن، مهاڏو اٽڪائيندڙن.

هوڏِيُن جو هي پهريون هاڃو جنهن جو بَکُ فقراءَ ٿيا،
انهن کان علاوه هنن کان ٻيا پِي ابتا ڪم بيگاهہ ٿيا.

(ساٽيهہ جي ساک: 50)

**هورن ۾:** دل هولن ۾، شش و پنج ۾، وهمن ۽ وسوسن ۾.

ٻار ٻڍي کان وندر ويئي هرڪو آيو هورن ۾،
ڪمزورن جون دليون ٿي ڏڙڪيون، زور هئا شهزورن ۾.

(ساٽيهہ جي ساک: 47)

**هوڙهيالي:** جذباتي، ابهرائي، اَڙٻَنگهائي.

والد وانگي آءُ انهيءَ جو اُهائي منهنجي عزت آهہ،
ڪيو جو هن جو نانءُ وٺي ڪنهن هوڙهيالي کي همت آهہ.

(ساٽيهہ جي ساک: 40)

**هَوَس:** لالچ، زنا، بي ايماني.

مساوا نہ عدالت، حساب زنده باد،
هوس ۾ ظلم جو، خانو خراب زنده باد.
(ڏرتيءَ جا گيت: 67)

**هوس پرست:** زاني، بدڪردار، ٻين جا حق تڪيندڙ، گندا، لالچي.
دراز دستي هي آمريت جي مات مردار ڪرڻي آهي،
هوس پرستن جي هر برائي ۾ غرض گم غار ڪرڻ آهي.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 482)

**هوس جو حاڪم:** لوڀ لالچ وارو، بدڪردار.
غلام ۾ خوار آدمي هو مدام پستيءَ ۾ ابتريءَ ۾،
مگر رهيو ٿي خاص طبقو هوس جو حاڪم ٿي برتريءَ ۾.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 477)

**هوند:** شاهوڪاري، جيڪر.
ڪڪر ۾ ٿي بوند، الا ڪڪر ۾ ٿي بوند،
تون بہ هجين ها هوند، الا تون بہ هجين هان هوند!
(ڏرتيءَ جا گيت: 40)

**هِئڙا تِهڙا:** گهٽ وڌ ڳالهائڻ، گارگند ڪرڻ، چَنبُوتجي پوڻ.
حرام هلال نہ ڄاڻي جيڪو سڀ تي ويٺي مار ڪري،
هل ڙي علاول هئڙا تهڙا مون کي ٿو سمجهين ٻار ڪري.
(ڏرتيءَ جا گيت: 85)

**هئيت:** بناوتي سخت، بناوتي نمونو اثر مطابق، جوڙجڪ ۾.
اُجاريائين اشتراڪيت کي، اصول جنهن جا غنيمت آهن،
انهيءَ جون خاصيتون نراليون جي، پنهنجي هئيت ۾ نعمت آهن.
(دل ۾ ڏرتيءَ جا گيت: 481)

**هئين سان هنڊائڻ:** دل من پچڻ، سوچ ويچار لائق سمجهڻ، قبول ڪرڻ.
دل جي ڳالهہ هئين سان هنڊائي مونجهارن مان نڪري ويو،

جن ويچارن واٺ ٿي روڪيس تن سيني ڪان مڪري ويو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 58)

**هيبتناڪ:** ڊيڄارڻ جهڙو، خوفائتو.

ڪڏڻ لڳي ٿي جنهن ۾ ڪنارءِ ڪڙڪي ٿي ڪر ڪونڌر جي،
هڪلون هيبتناڪ ائين گجگوڙ مچي جيئن گينور جي.
(ڏرتيءَ جا گيت: 65)

**هيجان:** حراس، جذبو، خار، ڪاوڙ، رعب تاب.

سڙهہ وانگي ٿي سِرَ ڦڙڪيا، پئي شور وڏيا گهمسان متو،
ڪونڌر ڪسندي ڪين مڙيا ٿي ويتر پئي هيجانُ متو.
(ڏرتيءَ جا گيت: 86)

**هيج ڪٺان سي آٽين هُوءِ:** اُهي خوشيون ڪٺان آٽي سگهندا؟

ڇاتيون جن جون ڇيهہ ڇلهي ويا، تند اُهي ڪيئي تاٽن هُوءِ،
سورن جن جو ساءُ وڃايو هيج ڪٺان سي آٽن هُوءِ.
(ڏرتيءَ جا گيت: 70)

**هيج ۾:** خوشين ۾، راضپي ۾، توانائيءَ ۾.

تنهنجي غم جي گهرائيءَ کان گهرو ڪيف ڪمال سندوم،
تنهنجي هيج مهابي آهي چوڏس چوڻ خيال سندوم.
(ساٽيهہ جي ساک: 23)

**هيج وِجهڻ:** خوشيون ڪرڻ، فرنو ٽيڻ، بود ۾ پرجي وجڻ.

پورن جي پاتال مان نڪري مور اڇي ويو مستيءَ ۾،
ڪوهياريءَ ڪوڪار تي هرڪي هيج وڌا هُلُ هستيءَ ۾.
(ڏرتيءَ جا گيت: 185)

**هيچ:** گهٽيا، ڪم ظرف، ڪِريَلُ، بداخلاق.

دودي جي جنهن سِري وڃائي، وائي نہ سا دهراءِ وري،
شينهن جي آڏو هيچ هرڻ، تون پنهنجي سمجهہ سُجهاءِ وري.
(ڏرتيءَ جا گيت: 85)

**هيسائي وِيو هَستيءَ کي:** بهادرن کي بہ ڏيڇاري وجڻ.

چوڌاري هئي سانت ائين جڻ ويا وکوڙي وستين کي،
رعب ۽ ريب علاول رکندي هيسائي ويو هستين کي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 78)

**هيس ڪرڻ:** پَڄ ڏُک ڪرڻ، چاهڻ، حاصلات جي تمنا ڪرڻ.

سچ کان لوڪ لنوائي ٿو ۽ ڪوڙ پنيان ٿو هيس ڪري،
نيڪيءَ عيوض بَديءَ تي هرڪوئي هڪ ٻئي سان ٿو ريس ڪري.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 289)

**هيڪاري:** اجا بہ وڌيڪ، اڳي کان بہ گهڻو وڌيڪ.

چاندوڪيءَ تي وِيرَ جيئن لهي چڙهي تي چُور ٿئي،
دل تي چاهي تئين ڪوئي اوري اچي ۽ دُور ٿئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 28)

**هيڪاند:** گڏيل سڏيل، ڪٺي، هڪ هنڌ، هڪ جاءِ تي.

ماسڙ ويو هو هر تي، نانو ڪوهہ تي، مامو ڪائيءَ تي،
ڏاڏو پُنگ تي ڏاند ورائڻ، هيو نہ ڪو هيڪاند الا.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 130)

**هيڪاندو ٿيڻ:** ميلاپ وارو ٿيڻ. گڏ هئڻ.

هرڪو آهي هرجائي، ڪو هيڪاندو ٿئي تہ بہ ڪيئن ٿئي،
تون نڱ مون کي، مان توکي، بس هرڪا ڳالهہ ٿي ائين ٿئي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 126)

**هيڪل:** اڪيلي سِر، توکان سواءِ.

ڪڪر ۾ ٿي چانوَ الا، ڪڪرَ ۾ ٿي چانوَ
هيڪل هُرَنِ هانوَ الا، هيڪل هُرنِ هانوَ!

(ڌرتيءَ جا گيت: 40)

**هيمون ڪالاڻي:** انگريزن کان آزادي وٺڻ واري جدوجهد ۾ بغاوت

ڪندي، ريل جون پٽڙيون اکيليندي پڪڙجي پيو ۽ ڦاسيءَ جي سزا مليس.

ماڻهو دودو، درياخان بہ، ماڻهو ڪولهي ڀِي ۽ هوشو ڀِي،
ماڻهو ٿي مخدوم بلاول، ماڻهو ڀڳت ڪنور ۽ هيمون ڀِي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 135)

**هِيئا:** بهاريون، خوشيون.

ساٿ نہ تنهنجو رهيو تہ ڇاجي هيج تہ ڇا جا هِيئا،
آس نہ ڪائي هجي تہ ڇو ڪنهن در در پايون لِيئا!

(ڌرتيءَ جا گيت: 48)

# ي

**ياس:** حسرت، ملال، بيوسي، ڏُئونس.

ياس کان ٿين نيڻ آلا، غم کان دل بيڪل هجي،
آس ٻڌجي لاش، اڏمن جي مٿس ڳهل گهل هجي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 38)

**ياسيت:** نااُميدي، بيزاري، ڪجهه به نه ٿي سگهڻ واري ڪيفيت.

خيال ۽ خواب، فڪر ۽ غور تي مسلط قنوطيت هئي،
اميد جو ترورو نه هو ڪو محيط هر طرف ياسيت هئي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 477)

**ياوري:** مدد، سهڪار.

اماسي رات اڪيلائي ۽ اداس گهڙيون،
او درد جاڳ! جو تنهنجي ٿي ياوري گهرجي.

(دل ۽ ڌرتيءَ جا گيت: 183)

**يزدان:** خدا.

تون تخليق جو نور، عبادت لائق،
تون ڪعبو، تون ڪاشي، تون يزدان جي دل!

(ڌرتيءَ جا گيت: 140)

**يڪمشت:** ڪنا، گڏ ٿيل، هڪ ٿيل، ٻڌيءَ ۾ يڪراءِ.

ظلم جو زنجير زنگ آلوده آهه،
بس فقط يڪمشت ڪنهن چرپر جي ڳالهه!

(ڌرتيءَ جا گيت: 216)

**يڪي سر:** هڪ ئي وقت، بلڪل جڙ کان، مڪمل طور تي، هيڪلائيءَ سان.

هليو هر ته بيڊول ڌرتيءَ دڙن مان بدلجي سنوت ساڻ هموار ٿي وئي،
ويا لاهه لاهن جا نڪري ۽ کوٻن کڏن جي يڪي سر مَڏي گار ٿي وئي.

(ڌرتيءَ جا گيت: 131)

**يگانو:** منفرد، دلبر، بهادر، پاڙ وهيڙو من موجي.

اهو يگانو جو قيد مان دار کي صدا ڏئي،
خدا انهيءَ سان، انهيءَ جو شَرُ بہ خير آهي.

(ڏرتيءَ جا گيت: 104)

**يلغار:** چڙهائي، جنگ، راتاهو، ٻانهن جي ٻل جو مظاهرو.

توکي طاقت تي يقين آهہ تہ يلغار تي ايمانُ اسان جو،
تو ڏنو ناهہ اجا تائين جگر قاڙ ڪو جُولان اسان جو.

(ڏرتيءَ جا گيت: 131)